10

2010

# سارنگا



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ايڊيٽوريل بورڊ:
شوڪت حسين شورو
جامي چانڊيو
سردار شاهه
اڪبر لغاري
علي دوست عاجز
منظور ميراڻي

# سارنگا

ايڊيٽر (اعزازي):
**اسحاق سميجو**

پاران ايم. ايڇ. پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.



# اَول اَول


| | | |
|---|---|---|
| • ڪجلا سَر | اداريو | 7 |
| • يادگيريون | | |
| جهَڪيون جهَڪيون يادگيريون _ 7 | عبدالقادر جوڻيجو | 9 |
| • نوبل ليڪچر: 2008ع | | |
| حيرتن جي جهنگ ۾ | لِي ڪِليزيو/ڪلال | 29 |
| • تخيل | | |
| • سردار شاهہ | | 46 |
| • پروفائيل | | |
| هڪ آمر جي ڪهاڻي | رشيارڊ ڪاپوشنسڪي/گوبند مينگهواڙ | 58 |
| • آتم ڪٿا | | |
| وهي ڪاتي جو اڻونجاهون پنو | لڇمڻ ڪومل | 67 |

**• پارت ياترا**

جئپور لٽريچر فيسٽيول | شوڪت حسين شورو | 78

**• چيٽ باڪس**

**تخليقي آرٽ زنده رهندو گهڙيل شيءِ تڪبندي آهي**

نامور ليکڪ ممتاز بخاريءَ سان انٽرنيٽ چيٽ | نياز نديم | 92

**• شاعري** | 98

ادل سومرو، علي دوست عاجز، ماڻڪ ملاح، شاهد حميد، رضا بخاري

**• خاڪو**

نڊائين گورڊيمير | پال ٽيرو/عبدالقادر جوڻيجو | 104

**• ڪٿا**

زندگيءَ جي راهن تي ڪيفي سان گڏ گڏ | شوڪت ڪيفي/منوج ڪمار | 117

**• اڀياس**

تيرٿ بسنت: هڪ اتهاسڪار طور | هيرو ٺڪر | 142

امداد حسيني: سنڌيءَ جو البيلو شاعر | ولي رام ولڀ | 155

رنگ رتي آڪاس جو شاعر | خليل ڪنيار | 160

**• نوٽ بڪ جا ورق**

ـ هر ماڻهو پنهنجو منفرد دوزخ آهي | آدرش | 163

**• مان ڇو ٿو لکان؟**

مان لکان ٿو ان ڪري ته مان جيئرو آهيان... | زيب سنڌي | 174

**• پرڏيهي ڪهاڻيون**

ڏاند گاڏي | صباح الدين عالي/عائشه الاهي | 178

خدا حافظ | شريمتي سانيا/جهانگير عباسي | 184

**• ڪهاڻيون**

اڇوت | نصير ڪنير | 200

باسڪٽ | قاضي اياز مهيسر | 206

**• نظم** | 209

حليم باغي، خليل ڪنيار، حاجي ساند، آڪاش عامر، حبدار سولنگي،
ارشاد لغاري، زبير سومرو، فراق هاليپوٽو

● غزل 217

مظهر لغاري، محسن ڪڪڙائي، رخسانه "پريت" چنڙ، نور محمد سومرو روبينه ابڙو فياض چنڊ ڪليري، ابرار ابڙو بادل، اشرف پلي، ذوالفقار گاڏهي، جاني اسحاق ملاح، شمشير سيلرو جعفر جاني، مشتاق گبول، نور چنو.

● ٽريبوٽ

غلام رباني آگري جو وچوڙو — ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو 225

● بڪ شيلف 227

- زندگيءَ جي وارتا

ساقي فاروقيءَ جي آپ بيتي عرف پاپ بيتي — منظور ملاح

- ڳهر

پنهنجي نالي وانگر نرالو ناول — مير حسن آريسر

- سدائين سفر ۾

اديبن سان سفر جو دلچسپ داستان — علي حسين

- جت نه پکيءَ پير، تت تِمڪي باهڙي — منظور ملاح

- ڪئمپس ڪجراريون — عبدالواحد سومرو



نامور نوجوان آرٽسٽ اي. آر. آزاد جو تخيل

## مهاڳ نويسن ۽ مقالي نگارن جي خدمت ۾

گذريل وڏي عرصي کان ونئي شاعرن متان چڱا لطيفا پئي ٺهيا آهن. ڪين توڪن ۽ طنزن جو 'شرف' بہ عام جام بخشيو ويندو رهيو آهي. ڪو چوي تہ "سنڌ ۾ چاليهہ هزار شاعر آهن." ڪو ڳالهائيندو تہ "لٺ هڻ تہ شاعر ڪي تي لڳي." ڪٿان آواز بڌڻ ۾ ايندو تہ "مشاعرن ۾ وڃو تہ ايترا شاعر ڏسبا، جيترريون ڳُڙ تي مکيون." جيتوڻيڪ ٿلهي ليکي سنڌي ادب جي زوال جو ماتم مختلف موقعن تي سيني افسانوي ۽ غير افسانوي صنفن جي حوالي سان پيو پڌبو آهي، پر الائي **قديم** هجڻ ڪري، الائي **جديد** هجڻ ڪري، گهڻو ماتم شاعريءَ ۽ شاعرن جي حوالي سان ئي ٿيندي نظر آيو آهي. اهي ماڻهو جيڪي ادبي محفلن يا نجي ڪچهرين ۾ شاعريءَ سان ٿيندڙ ڪربلا جا نوحا پڙهندي ٻڌبا آهن، سي وري جڏهن ڪنهن مجموعي جي مهاڳ يا ڪنهن ڪتاب جي مهورت تي ڳالهائيندي ڏسبا، تہ اهو طئي ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو تہ سائينءَ ڪي قصيدي گوئيءَ جو '**ڪمالِ فن ايوارڊ**' ملڻ گهرجي يا مرثيہ گوئيءَ تي '**حسنِ ڪارڪردگي**'؟

جيڪڏهن واقعي بہ اها حقيقت هجي، ۽ سنڌ شاعريءَ ۾ ئي ڪٺي ايڏي پاڻ پري هجي، تہ سچي ڳالهہ اها آهي تہ اها ڀاڳ جي ڳالهہ سمجهجي ها۔ پر حقيقت ڪجهہ ان جي عين ابتڙ آهي. جو تہ جيڪو ڪجهہ شاعريءَ جي نالي ۾ لکجي، ٻڌجي ۽ پڙهجي رهيو آهي، سو سڀ شاعري سڌڻ خود شاعريءَ سان انياءَ ٿيندو. اياز جي لفظن ۾ جي شاعري روح کي گرمائڻ جو ڪم نٿي ڪري، ڏسندڙ جي نگاهہ کي ڪجهہ نئون پسائڻ ۾ ناڪام ٿي وڃي، ٻوليءَ جي سطح تي تخليقي ۽ معنوي استعمال جو لطف نٿو حاصل ٿئي، حواس ڪو لطيف ۽ جمالياتي حظ ماڻڻ ۾ ناڪام رهن ٿا، سِٽ پڙهندڙ جي ذهن تي ڪو اڻ مٽ ۽ اثرائتو نقش نٿي ڇڏي، تخيل پنهنجي ڪرشمي سازيءَ سان خيال جي ڪا اڻ ڏٺل ڪائنات نٿو پيدا ڪري ۽ سٽ ۾ لفظ ساهہ کڻندي محسوس نہ ٿا ٿين، تہ اها شاعري ڪيئن چئبي؟ شاعري فقط (ايم ڪمل جي لفظن ۾) لفظن جي راند ڪي تہ نٿو چئي سگهجي. هڪڙي زماني ۾ اڌ پڙهيل ماڻهو ڪنهن شاعر جو مذاق اڏائيندا هئا، تہ چوندا هئا: "سگهڙ آهي!". جيتوڻيڪ سگهڙ ٿيڻ بہ هر ڪنهن جي نصيب ۾ ڪٿي! سگهڙ وٽ جيڪا ٻولي آهي، زندگيءَ جو گهرو مشاهدو ۽ ادراڪ آهي، ٻوليءَ ۽ ان جي سموري ورثي سان نسلن کان ونئي لاڳاپي وارو جيڪو جيئڻ مرڻ جو رشتو آهي، لفظ کي اٺ ۽ گهوڙي وانگر نچائڻ ۽ ڪڏائڻ جو جيڪو هنر ۽ ڪاريگري آهي، سا ڪيترن

شاعرن کي حاصل آهي؟! سگهڙ تي سڄو الزام اهو هئو تہ وٽس رڳو ڪاريگري ئي ڪاريگري آهي، گهرو خيال ۽ فڪر ڪونهي- پهرين تہ اها ڳالهہ سيني سگهڙن سان منسوب ڪرڻ زيادتي برابر آهي، پر ٻئي طرف اڄ جي **شاعر** سڏجندڙ هڪ وڏيءَ خلق وٽ، ڇا اها سگهڙي ڪاريگري بہ آهي؟ اسان وٽ هر قسم جي ڇسي، سطحي ۽ منظوم مشڪريءَ کي شاعريءَ جو سرٽيفڪيٽ با آساني حاصل ٿيو وڃي، جو مهاڳ نويسن ۽ ٻن سٽن ۾ ڪتابن جي اندرين ۽ ٻاهرين پوشن تي راءِ لکي ڏيندڙ 'اسٽامپ وينڊر' يا 'اوٿ ڪمشنر' نما ليکڪ سڳورا دڪان کوليو ويٺا آهن- ۽ هاڻ تہ نثري نظم جي مهربانيءَ سان اها مشڪري منظوم ڪرڻ جي بہ ضرورت باقي نہ رهي آهي-

بهرحال اصل سوال شاعرن جي خوش فهمين ۽ غلط فهمين جو قطعي نہ آهي، سوال انهن ڌرين جي ڳولا ۽ نشاندهيءَ جو آهي، جيڪي ان سموريءَ خراب صورتحال پيدا ڪرڻ ۾ شاعرن کان بہ ٻہ هٿ اڳتي نڪتل آهن ۽ جن **بظاهر شاعرن** ۽ نالي ماتر ليکڪن کي بہ ايترو تہ خراب ڪري ڇڏيو آهي، جو اهي ڪا صحيح ۽ مناسب تنقيدي راءِ بہ ٻڌڻ لاءِ تيار نٿا ڏسجن. پروفيشنل مهاڳ نويسن ۽ ڪوڙيءَ ساراهہ وسيلي ڪتابن جي مهورتن جا موقعا سينگاريندڙ مقالي نگار مصيبتن تخليق کي تنقيدي معيارن تي پرکڻ ۽ ان کي تقابلي ۽ تاريخي پسمنظر ۾ ڏسڻ واري روش ئي پيدا ٿيڻ ناهي ڏني، نتيجي ۾ اپياسن، مقالن، تبصرن ۽ جائزن جي نالي ۾ ڪوڙ در ڪوڙ ۽ ساراهہ در ساراهہ جو سمان اوڄ تي پهتل ملندو. ان صورت ۾ اعليٰ ۽ وڏي معيار جو ادب پيدا ٿيڻ جي توقع اسان جي معصوم خواهش ۽ خوش فهميءَ تي ٻڌل سادگي نہ چئجي، تہ ڇا چئجي؟

اسان جي خيال ۾، هاڻ انهن سيني ڌرين کان بہ پڇاڻي ۽ سندن گهيراءَ جو رواج پوڻ کپي، جيڪي ڪوڙ جا ڪوٽ ٻڌي، اتساهڻ جي نالي ۾، ادبي قدرن ۽ معيارن کي لوٽڻ ۾ رڌل آهن. ڪوڙي ۽ استدلال کان خالي ساراهہ جي هوا گذريل هڪ ٻن نسلن کي جهڙيءَ ريت ترڻ کان اڳ ڇاٽڻ جو ڪم ڪيو آهي، تنهن مان سکڻ جي سخت ضرورت آهي. هاڻ اياز، شيام، استاد، امداد، شمشير ۽ ٻين جا جاءِ نشين ٿاهڻ ۽ سندن گاديون ورهائڻ وارو ڪاروبار بند ٿيڻ گهرجي. ماڻهن کي ڇڏجي تہ اهي پنهنجي پورهئي ۽ ڪم سان جاءِ پيدا ڪن ۽ پوءِ پلي تہ پنهنجن سينئرس کان بہ اڳتي وڃن. گهٽي ۽ حد کان وڌيڪ ساراهہ، جيڪا سطحي وڏاءَ تي ٻڌل هجي، هڪڙي غير علمي ۽ غير تخليقي روش آهي، جنهن سان ماڻهو ٻوڙڻ جو ئي ڪم ڪري سگهجي ٿو- ۽ ان ٻُڏيءَ جا تہ ٻيڙا بہ ناهن ٿيڻا!

**_اسحاق سميجو**



# جَهڪيون جهڪيون يادگيريون _ 7

عبدالقادر جوڻيجو

**وري بہ**

هڪ دور، هڪ وڏو نالو هڪ اديب ۽ صحافي، نوجوان اديبن جو پروموٽر گراهم گرين.

هڪ مونجهارو، نئين دور جو اديب ادب جي صنفن کان علاوه ٻين موضوعن تي بہ تخليقي انداز ۾ گهڻو ڪجهہ لکندو پئي آيو آهي. لکڻ جو اهو سلسلو گهٽجندو نہ پر وڌندو پيو نظر اچي. پر اسان جا ڪجهہ محقق، اديب ۽ شاعر اڃا تائين ماضيءَ جي زلفن جا اسير آهن، جيڪا هڪ مقامي بيماري آهي. اهي همراه ادبي ترڙپائيءَ جو شڪار آهن ۽ لاڪائنڻ اُهو اديب ادب کان هيٺ ڪريل نظر اچي ٿو جيڪو اخبار ۾ ٻين موضوعن تي لکي ٿو. اهي ترڙا ڪڪڙ پنهنجيءَ جاءِ تي، پلي پيا ٻانگون ڏيڻ جي ڪوشش ڪن.

ڪارل ساگان مرحيات فزڪس جو هڪ وڏو سائنسدان هو. آمريڪا جي وڏي اداري ناسا ۾ ويهي اُپ پيو ڪڇيندو هو ۽ ڪائنات جا راز پيو ڳوليندو هو. هن ڪائنات جي گوناگون حقيقتن تي عام ماڻهوءَ کي سمجهہ ۾ ايندڙ ڪتاب بہ لکيا، جن ۾ "Cosmos" ۽ "Billions And Billions" جهڙا شاهڪار ڪتاب بہ اچي وڃن ٿا، ۽ گڏوگڏ ڪائنات تي ڊاڪيومينٽريءَ جو اسڪرپٽ بہ لکيائين. اهو سڀ ڪجهہ پنهنجيءَ جاءِ تي. پر هن ڪائنات تي هڪ شاهڪار ناول بہ لکيو "contact". انهيءَ ناول جي اطلاقي سائنس جي مواد ۽ ادبي صنف جي بنياد تي ڪيس اديب نہ ٿو چئي سگهجي ڇا؟ هو ڪنهن بہ سائنسدان کان وڌيڪ جين پال سارتر کان متاثر هو مرشد بہ اديب.

اوريانا فلاچي اصل ۾ اتالين، پر فرانسيسي اخبار "Le Monde" جي Investigative Reporter. پر "A man" ۽ " Letter To Child Never Born" جهڙا شاهڪار ۽ "InshAllah " جهڙو لانئون ناول لکندڙ اديبا بہ تہ آهي.

ارون ڏتيءَ صرف هڪ ناول لکيو "A God of Small Things". باقي سڀ نيويارڪر ۾ ڪجهه انڊين اخبارن لاءِ پاڻي، دريائي بندن، پاڻيءَ جي انجنيئرنگ، آمريڪي حرامپائين، ڪارپوريٽ گلوبلائيزيشن جي ڪرشمن، هٿيارن جي واپار، نام نهاد جمهوريتن، عدالتي ڏاڍ مڙسين ۾ ميڊيا جي نڙڪ نڳيءَ جهڙن موضوعن تي لکيل سندس ريسرچ تي ٻڌل پر تخليقي انداز ۾ لکيل مضمون. 10 عدد مجموعا. ڇا ارون ڏتي راءِ اديبا ناهي؟

اميتائُو گهوش "Glass Palace" ۽ "Sea of Poppies" جهڙا شاهڪار ناول ۾ نيويارڪر ۾ ائٽم بم تي لکيل شاهڪار تحقيقي مضمون، ڇا ادب جي ڪُرسيءَ تان هيٺ ڪري پيو؟

هن دور جا ٻه وڏا نالا رشيارڊ ڪاپوشنسڪي ۽ مارٽن ايمس. ادب ۾ صحافت جا بارڊر ٻه ختم ته نثر ۾ شاعريءَ جا بارڊر ٻه خلاص. تخليق ۾ تحقيق جو هڪ نئون دور. مثال اڃا ٻه گهڻا ۽ نالا اڃا ٻه وڏا. تنهنڪري هاڻي "اديب" نه پر "ليکڪ" رهيو آهي.

گراهم گرين ٻه ليکڪ. ويٽنام جي جنگ. چوڏاري ريهون ڪنڌڙ گولين ۾ بمن جا سٽڪا. وچ ۾ گراهم گرين. آفيم اڃي، ته ٻه نه بچي. چورو چنيئر هٽ اڃي، ته ٻه نه وڃي. ڪوڙي ڪانگڻ ۾ پيئي نچي. اخبار کي رپورٽ ٻه موڪلٽي آهي، ناول ٻه لکٽو آهي، پبلشر کي ڪنهن جي پارٽ ڄ ٻه خط لکٽو آهي. ڪتابن جو تعداد گهٽو پر نئيپڻ جي يادن تي ٻڌل سندس ڪتاب "A Sort of Life" جو مهاڳ. ڪتاب کان مهاڳ زور.

(1) انسان جو دماغ ڪا مشين ته ناهي، جو سڀ جو سڀ يادون جيئن جو تيئن رهن ۾ اُئين لکجن. ڪا ڳالهه هيٺ ته ڪا ڳالهه مٿي. سچ ڪوڙ جي ڳالهه ناهي، وڏاءَ ۾ گهٽاءَ جي ڳالهه ناهي. ڳالهه اها آهي ته هينئر ڇا ٿو ياد اچي.

(2) يادن ۾ ڪڏهين ڪڏهين جڳهيون بدلجي وينديون آهن. جيڪو واقعو لنڊن جو هوندو، لکڻ وقت اهو واقعو هنوئي ڏانهن ٻه وڃي سگهي ٿو. نيويارڪ شهر، ٽوڪيو جو روپ ٻه وٺي سگهي ٿو.

(3) يادن ۾ ماڻهو ٻه بدلجي ويندا آهن. جنهن ٽڪر هنئي هوندي، اهو يادن ۾ شايد دڙڪو ڏيندو هجي. "الف خان" جي جاءِ تي "بي خان" ٻه اچي سگهي ٿو.

(4) نئيپڻ ۾ ماڻهو پور پچائيندو آهي، فينٽسي گهڙيندو آهي. اها هڪ انساني سائيڪي آهي ته وقت گذرڻ سان گڏ اها فينٽسي انسان جي ذهن ۾ حقيقت بڻجڻ لڳندي آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهيءَ ذهني پروسيس مان نٿو گذري، ته اهو ماڻهوءَ جو ڦر ئي ناهي، ڪاٺ جو پتلو آهي.

(5) ڊڪشن ٻه ڪا شئي هوندو آهي. جيڪڏهن يادون تخليقي ڊڪشن ۾ انداز ۾ نه لکجن، رُکيون ئي رُکيون لکي ڇڏجن، ته اهو ڪتاب ته نه ٿيو نلهي بڙبڙ هوندي، سڏي ليڪ

نڪتل هوندي، پوءِ پرهندڙ کي ڪهڙو لاچار آهي، جو هو سڌي ليڪ ڏسندو رهي ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ سر کان بتال ٿي وڃي. ليڪ جو اهو ڪم ناهي ته ماڻهن کي بور ڪندو وتي. اهڙن ليکڪن کان پينگ پلي آهي، جو پڙهندڙ اوباسيون ڏيندو رهجي وڃي.

(6) انهيءَ ڪري منهنجي هن ڪتاب "A Sort Of Life" کي آٽوبايوگرافي سمجهڻ جي بدران اهي يادون (Memories) سمجهيو وڃي، جيڪي هن وقت مون کي ياد اچي رهيون آهن. ڇاڪاڻ ته آٽوبايوگرافي لکڻ ناممڪن آهي.

سو هي به "جهڪيون جهڪيون يادگيريون" آهن، ڪا آٽوبايوگرافي ناهي. جيڪڏهن ڪنهن کي آٽوبايوگرافي پڙهڻي آهي، ته منهنجي جند ڇڏي ۽ وڃي جمال ابڙي جي آٽوبايوگرافي پڙهي. حضرت علي رضہ جو قول آهي ته "ڪنهن کي به اعتبار ڏيارڻ جي ڪوشش نه ڪريو ۽ وتس نه وڃو. ڇاڪاڻ ته جنهن کي اوهان تي اعتبار هوندو، اهو اڳ ۾ ئي اوهان جي ڳالهه مڃيو ويٺو هوندو. جنهن کي اوهان تي اعتبار نه هوندو ته پلي ڇا به ڪريو اُهو نه مڃيندو."

گراهم گرين جي ڳالهه پاڻيءَ ۾ پٿر ۽ لهرون. حضرت علي رضہ جو قول لوهه تي لِيڪو.

<u>ڏيڍ عشق</u>

طارق ابڙو. سنڌي زبان جي واحد شاهڪار ناول "رهجي ويل منظر" جو ليکڪ. طارق ابڙو طبيعت ۾ ڪڙڪ. آئون ڪتاب ڪٽڻ ۾ ڪڙڪ. طارق ابڙو اتر جي بلا، آئون ٿر جو ڳيرو. طارق ابڙو نياڻي ڄاڻي، آئون انهيءَ معاملي ۾ ڪمزور. باقي ٻئي ڄڻا سخت جان. طارق ابڙي کي گڏن جي پرواهه ناهي، مون کي "GBS" جي پرواهه ناهي.

هُن جيڪي مون کي خط لکيا، اُهي طارق ابڙي اُئين جو اُئين ڇپائي ڇڏيا. آئون انهن خطن کي ڪٽان ڪٽان سينسر ڪندس. هن ته ڪڏهو ڪو اجازت ڏئي ڇڏي هئي، پر آئون پنهنجي ذميواري هٿان نه وڃائيندس، جيڪا هن ڏانهن به آهي ۽ پڙهندڙ ڏانهن به آهي.

انگريزيءَ ۾ لکيل سندس خط پوءِ. پهرين هوءَ پاڻ.

علم نفسيات جو نئون ۽ ڳرو ٽرم "Compartmentalism " ڪتاب پرجي ويا آهن. پر سنڌيءَ جا به ٽي جملا هڻ ته نه وڃي، نه بچي. "انسان سدائين هڪڙي خاني ۾ نه رهندو آهي." "پنهنجيءَ تي اچي ته درياهه ٽپي وڃي، جي نه اچي ته اڏ تي گهڻ ڪري. ماڻهو ڪڏهن پريءَ ۾ ته ڪڏهن پاڪر ۾." ۽ بس.

ڪڏهين روسامو، ته ڪڏهين پرچاءُ. ڪڏهين ٽڪرون ته ڪڏهين ٻڪ. سلسلا ٽُٽندا جُڙندا رهندا آهن. پوءِ به هوءَ اڃا تائين منهنجي دل جي ٻڙ ۾ آڪيرو ناهيو ويٺي

آهي. پر سچڻ تڏهين دل کي اندران پٽڻ لڳندا آهن، جڏهين يا تہ سياري جي پهرئين ڦرڪ لڳندي آهي ۽ سَر نسرندا آهن، يا وري جڏهين واهوندو ورندو آهي ۽ وڻ ٻور جهليندا آهن. سڄو سيارو گذري ويو فون نہ ڪيائين تہ نہ ڪيائين. ڀلا ڪٿي اُڪي نہ ڪري، منهنجا تہ هٿ ڪو نہ ڀڳا آهن. محبت ۾ بہ ڪي ليڪا ٽيندا آهن ڇا. محبت سُپر اسٽور تي رکيل ڪو ائٽم تہ ڪونهي، جنهن تي قيمت جو ٽئگ لڳل هجي. تون نہ ئي سهي، آئون ئي سهي. منهنجو فون. ٽڙي پيئي. پر سندس آواز مان ميڪسيڪو جي دلربا شاعر اوڪتاويو پاز جي شعر جي اها سٽ پيئي لڳي تہ "وقت اهڙي چاڙهي آهي، جيڪا نہ مٿي تي وڃي، نہ هيٺ تي لهي." نہ روهي تي وڙ چڙي، نہ مهراڻو تو وڙ چڙي، ٻئي هاڪڙي درياهہ جي مَيت تي وينا روئن.

5جولاءِ 1982ع۔ ڪوئيٽا

........ نٽي ويندي واٽ تي ڏسيل جڳهين جي فلم ورتيم. اها ٻي ڳالهہ هئي تہ منهنجا جذبا وکريل هئا. بہ ڏينهن ڪراچيءَ ۾ رهڻ کان پوءِ ڪوئيٽا اچڻ ٿيو ۽ هتي فلم وٺڻ ۾ لڳل آهيان. اُميد اٿم تہ 13 يا 14 جولاءِ ڌاري لاهور پهچنديس. بلوچستان واقعي خوبصورت علائقو آهي. جيئوٽڪ هتان جا جبل ڪارا ۽ پنڌ پري آهن. پر ڏک بہ هر هنڌ موجود آهي. شتي ڪا بہ ترقي نہ ٿي آهي ۽ ماڻهو تمام هيئنئين درجي جي زندگي گذارين ٿا. تو قبائلي سسٽم بابت جيڪي ڪجهہ ٻڌايو هو اهو بلڪل سچ آهي. جيئوٽڪ هتان جي عوام جي سياسي جدوجهد صحيح آهي، پر طريقي ڪار بنهين غلط آهي.

تو اتي جيڪا وڏي مهمان نوازي ڏيکاري ۽ اسان جو جيئڻ خيال رکيئي ۽ پيار ڏنئي، ان لاءِ آئون تنهنجي ٿورائتي آهيان. مون تو ۾ نرم، گرم ۽ پيار ڪندڙ يار ڳولي لڌو آهي ۽ هر وقت تنهنجي ياد ايندي اٿم. مون کي اميد آهي تہ اوهين سڀ خوش هوندا.

تنهنجي لاهور اچڻ جو انتظار رهندو. (شايد سيپٽمبر ۾)

پنهنجو خيال رکندو ڪر.

پيار مان.........

20 جولاءِ 1982ع۔ لاهور

ائين ڪڏهين بہ ڪو نہ ٿيو جو مون کي لکڻ لاءِ لفظ نہ ملن. پر ڪيترن ڏينهن کان سوچيان پيئي تہ خط ڪٿان شروع ڪريان. لاهور پهچندي ئي تنهنجا خط مليا. ۽ جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪيم. پر چوڻ لاءِ ايتريون ڳالهيون هيون، جو ڪجهہ بہ نہ لکي سگهيس. منهنجا جذبا ايترا تہ وکريل آهن، جو انهن کي گڏ ڪرڻ ۽ پوءِ انهن جو انتظار ڪرڻ ناممڪن پيو لڳي. تون شايد هنن ٽٽل ڦٽل لفظن مان ڪجهہ محسوس ڪري سگهين. آئون تو وانگر ڪهاڻيڪار بہ تہ ناهيان.

ليزيت ۽ ادريس خيريت سان لاهور پهتا. تو سندن دل سان خيال رکيو. تنهنجو هٿو هٿ لکيل خط ۽ تصويرون مليون. ڪيسٽ به ليزيت مون کي ٻن ڏينهن ۾ ڏيندي، جڏهين هوءَ مون وٽ رهڻ لاءِ ايندي. تو ٿورا مڃڻ کان ته منع ڪئي آهي.

تنهنجا خط ڪيترا ئي ڀيرا رات جو دير دير سان پڙهندي رهيس. تنهنجون ڳالهيون پڙهي ڏاڍو سٺو لڳم ته دنيا ۾ ڪو تو جهڙو پيارو ماڻهو آهي، جنهن ۾ ايترو نج پٽو ۽ سچائي آهي. ڏک به ٿيم ته انهن جذبن جي بدلي ۾ ايتري اداسي چو لکيل آهي. مون تو کي ڪوئيٽا مان گهڻو ڪجهه لکيو هو پر موڪلي نه سگهيس. اهوئي سوچي، ته متان تو کي ڏک ڏئي وجهان. اڃا مون تو کان ڪجهه به نه پڇيو هو ۽ تنهنجين مجبورين جو اندازو هئم. تون ايترو ته سٺو آهين ۽ تنهنجون ساديون ڳالهيون ايتريون ته سچيون آهن، جو مون کي لڳي ٿو ته تون هميشه کان منهنجي اندر ۾ هئين. مون کي ڏاڍو افسوس آهي ته جيئن سڀ ڪجهه ٿيو ۽ مون کي بنا ڪنهن تسلي ڏيڻ جي، حوصلو ڏيڻ ۽ وٺڻ جي، بدحواسيءَ وچان پنهنجي سفر تي روانو ٿيڻو پئجي ويو.

انهيءَ قسم جي ملاقات مان ته گهڻو ڪجهه ملڻ کپي ۽ دل اڃا به وڌي هئڻ کپي. انهيءَ ذهني ميلاپ مان اميد جي هڪ نئين دنيا ڏسڻ ۾ اچي ٿي، پوءِ چاهي ڪيڏي به اداس چو نه هجي. هن هڪ نئين زندگيءَ ۾ ڪيئي دنيائون آباد ٿي سگهن ٿيون. تنهنجو سهارو ۽ دوستي مون لاءِ وڏي شئي رهندي.

آئون جلد ئي تو کي پنهنجو پروگرام لکنديس. ڇا سيپٽمبر جو آخر ٺيڪ نه ٿيندو؟ تڏهين شايد تو کي پنهنجي فلم جو ڪجهه حصو به ڏيکاري سگهان. هونئن جنهن آزاديءَ ۾ توکي ملڻ ٿي چاهيان، اها آزادي ته ٽر جي ڪنهن پٽ تي ئي ملي سگهندي. ڪڏهين ڪڏهين زندگيءَ جون سڀ کان ساديون خواهشون سڀ کان وڌيڪ ڏکيون لڳنديون آهن.

لاهور واپس ايندي عجب ٿيم. بلوچستان جي ويراني، غربت ۽ خلوص (شايد انهن جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي) منهنجي اندر ۾ هڪ نئين ڪاوڙ ۽ هڪ نئون جذبو پيدا ڪيو آهي. ڇا ڪجهه ماڻهو ۽ انهن جا مفاد ۽ تنگ نظري پوري انسانيت جي ترقيءَ کي روڪي سگهي ٿي؟ دنيا ۾ ڏاڍي بي انصافي آهي.

هاڻي خط لکين ته منهنجي گهر جي ائڊريس تي لکجانءِ.

تو وٽ جيڪا ٻي ائڊريس هئي، سا امان جي گهر جي هئي. ۽ اها انهيءَ ڪري ڏني هيم، جو آئون پنهنجو گهر بند ڪري آئي هيس.

ٻار روز منهنجي ڊگهي سفر جون ڊگهيون ڪهاڻيون ٻڌندا آهن. آفيس جو فون مون کي اوپرو لڳندو آهي. هونئن ڪڏهين فون ڪرين ته ٻارهين وڳي ته ضرور ڪمري ۾ هوندي آهيان.

تنهنجي ٿر ۾ برسات پئي آهي ۽ مون جيڪو رنگ روهيءَ ۾ برسات کان پوءِ ڏٺو هو اُهو وساري نہ سگھنديس. جتي بہ برسات ڏسندي آهيان تہ مون کي اهو منظر ياد اچي ويندو آهي. لڳندو آهي تہ زمين مان خوشي ڦٽي نڪري رهي آهي. تو کان ايترو ئي ڪجھہ ٿر جي باري ۾ پڇڻو آهي.

لکڻ تہ بيو ڪجھہ بہ گھڻو ٿي چاهيان، ۽ اهو سوچيان ٿي تہ تو کي وڌيڪ پريشان نہ ڪريان. بس، آخر ۾ ايترو چونديس تہ تو وٽ مون لاءِ جيڪي خوبصورت جذبا اُڀريا آهن، انهن جي حقدار تہ ناهيان. اها قدرت جي مون تي مهرباني سمجھہ ۽ تنهنجي پنهنجي اڻ ڪٽ سونهن.

چڱو تہ پنهنجو خيال رکجانءِ

جيئن تو چيو هو تہ آئون تنهنجي تمام ڪڙڪ........

"مون توکي ڪوئيتا مان گھڻو ڪجھہ لکيو هو پر موڪلي نہ سگھيس. اهو ئي سوچي تہ متان تو کي ڏک ڏيئي وجهان."

چا مطلب؟ چا لکيو هئائين؟

بيو ڪجھہ بہ نہ منهنجي نسلي غلطي. "Genes" جو تماشو. بابا، آئون ۽ منهنجو اولاد بار کي دڙڪو ڏئي تہ آڱوٺو وات ۾ ۽ گهڻ نندَ. ڪنهن بہ عمر ۾ شاڪ رسي يا "Excitement" ٿئي، تہ بہ گهڻ نندَ. دهل وڄاءِ هو پڙ ڪر. بمر ويهي چوڙ پوءِ بہ نندَ ۾.

سڄي سنڌ هٽي موٽيا هئاسين. آخري سفر ۾ ٽنڊي محمد خان کان ڄام شورو.

وات تي سنڌالاجيءَ جي فوٽوگرافر حسن علي عطار جا ڪڍيل فوٽو. سنڌ يونيورسٽي جي گيسٽ هائوس جو ڪمرو نمبر 1. واهوندي جي تيز هوا، ٻڪ ٻڪ ۾. صبح. گذريل رات جي "Excitement". آفيس، مٿو ٽيبل تي ۽ گهپ نندَ. سهي سنيري آئي، پڪ هيس تہ ساٽس بلوچستان ۾ بہ گڏ هوندس. جاڳائڻ جي ڪوشش ناڪام، ناڪاميءَ وچان روانگي. ڇاجي محبت، ڇا جو پيار. سنڌي دوکو ڏيئي ويو. اک کلي تہ سسئي ڳارن ۾. جت هليا ويا بلوچستان. جينياتي لاچاري ڪير ٽو ڏسي. اهي خط ميارن ۽ يڪي انڪار سان پريل هئا، جيڪي جي ڪڏهين مون تائين پهچن ها تہ شاڪ آفتر شاڪ ۽ وري گهپ نندَ. هتان، ميارون وري ڪهڙيون، ڇڏينس ڪٽي، ڏوڙ پاتائين بيو ڇا ڪيائين. سندس لکيل خط ڦاڙي ڇڏيائين، پر وري بہ آنا ڪاني.

ميڊيڪل سائنس جي هڪ راءِ جن ماڻهن کي شاڪ يا ايڪسائيٽمنيٽ ۾ نندَ ٿي اچي، اُهي خوش نصيب آهن جو نندَ ۾ سندن دل پناهہ ٿي وٺي، اهڙا ماڻهو ڊپريشن جي بيماري پالي نہ سگھندا آهن ۽ ڳچ عمر تائين اهڙي قسم جي هرٽ اٽيڪ کان بچيل هوندا آهن. Happy Go Lucky

خوشونت سنگهہ جي آتمر ڪٿا. پڙس دنيا جي هر قسمر جي بي احتياطي ڪئي. حد کان وڌيڪ شراب پيئندو رهيو. حد کان وڌيڪ جيڪو ڪاڌو آيو. کائيندو رهيو. هلڻ کان بہ ڀڄو. هڪ وک مرسڊيز ۾ پئي وک گهر يا آفيس ۾. سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ 90 سالن جي ڄمار تائين ڪجهہ ڪو نہ ٿيس. پوءِ جو ستو تہ وري نہ اٿيو. سبب؟ گهپ ننڊ. ڪروڙين روپين جي سودي واري ميٽنگ ڪانپوءِ چيئر تي ننڊ. مرسڊيز ۾ ننڊ. خوشونت سنگهہ وڏي ڄمار جو سبب اهو ئي ڄاڻائي ٿو.

چاچو رمضان ڳالهيون ڪندي ڪندي غائب. گهاٽي ننڊ. آخر تائين موت سان جهيڙو.

چين ۾ منهنجا چيني دوست. ويٺي ويٺي غائب ۽ گهپ ننڊ. بيجنگ شهر جي مرڪز مان موٽندڙ چيني مزدور بس اسٽاپ جي ريلنگ تي متو رکي بيٺي بيٺي گهاٽيءَ ننڊ ۾. کين ڏسي آئون حيران ۽ پريشان.

جمناسٽڪ، پينٽر، شاعر، انٽرپريٽر ۽ ٽي وي جي ڊرامہ نگار ليو شاخوا ( liuxia hua) پوءِ پهرين هوءَ.

21 آگسٽ 1982ع۔ لاهور.

گذريل رات ويهي تنهنجي خط جو جواب لکيو اٿم. جيڪو ڪيترن ئي ڏينهن کان منهنجي ذهن ۾ هو. اهو خط ايسيتائين پوسٽ نہ ڪري سگهيس، جيسيتائين تنهنجو هڪ ٻيو خط 15 تاريخ تي مليو. آئون انهن دوستن ڏانهن بہ خط لکان پيئي، جن منهنجي مدد ڪئي ۽ مهربان ۽ ميزبان رهيا....... بلوچستان ۾ اسان 1300 ميل ڏکين جابلو رستن تي سفر ڪيو ۽ ڪيترائي پيرا پنهنجي هٿ سان ماني پچائي کاڌي پيئي ۽ جهر جهنگ ۾ رهڻو پيو. منهنجي ساٿين جو خيال هو تہ مون چرين ماڻهن وانگر اِهو سفر اختيار ڪيو آهي. انهيءَ سفر ۾ تمام گهڻي تڪليف آئي سين. خير، منهنجو ڪم تہ نڪري ويو. پر اِهو زندگيءَ جو اڻانگو سفر هيو. ليزيٽ مون سان گڏ بنهين اترئين پاڪستان جي سفر تي هلڻ تي گُهري. اسان سيپٽمبر جي شروعات يا آگسٽ جي پڇاڙيءَ ڏاري روانا ٿينداسين. پنجاب آخري علائقو هوندو جيڪو گور ڪرڻ لاءِ وڃي رهندو.

اهو ڪمر آڪٽوبر ۾ ڪنديس. هيءَ رٿا مون وڏي اتساهہ سان هٿ ۾ ڪئي آهي ۽ اُميد اٿم تہ منهنجو ڪمر توقع مطابق ويندو.

...... ٻڌاءِ تون ڇا پيو ڪرين؟ ۽ ڪيئن پيو وقت گذرئي؟ منهنجي هڪ حصي توسان، تنهنجن مسئلن سان ۽ تنهنجن جذبن سان گڏ رهڻ شروع ڪيو آهي. تر جي

ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ تو کي زندگيءَ جو اصلي ۽ بنيادي تجربو آهي ۽ اهو هڪ سچاڻ ليکڪ لاءِ وڏو پس منظر آهي.

پيار مان........

بنهين اترين پاڪستان، گلگت بلتستان جو بہ اتر. جبل ئي جبل. جبل بہ ايڏا جو ڏس تہ اک بہ نہ پڏي.

اڪيڊمي آف ليٽرس جو فنڪشن پرائيم منسٽر محمد خان جوڻيجي ليکڪن جي مان ۾ ڏنل دعوت. دعوت ۾ هر ليکڪ جو نالو کيسي مٿان لڳل نديڙي پائي تي. منهنجو نالو بہ چاتيءَ تي. شايد رت دانگيءَ تي وري پيو سو بہ هڪ اهڙي ليکڪ سان، جنهن جي نہ ذات نہ پات، جيڪو آيو سو آگهيو.

”ڪهڙن جوڻيجن مان آهين؟“

”تر جو آهيان“

”ڏنڏو؟“

”آئون نوڪر. وڏا اوناري“ بابا جو نالو ڪو نہ ڪنيم. چاڪاڻ تہ ڪنهن زماني ۾ بابا کي سرڪار جو حڪم مليو هو تہ خان صاحب دين محمد جوڻيجي (محمد خان جو والد) جا هٿيار بہ ضبط ڪر ۽ ڪيس اک بہ ڏيکار. پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ بہ حُر ڏچي ۾ هئا. پر بابا سرڪاري حڪم کي پٺ ڏيئي، خان صاحب دين محمد جي اڳيان هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيو تہ هٿيار لڪائي ڇڏيو. هٿيار اڇڙي تر ۾ لڪي ويا.

”مون کي هڪڙي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي.“

” سر، الائي ڪهڙي؟“

” تنهنجا وڏا تر جا اوناري، پر تنهنجو ڊرامو تہ مون لنڊن ۾ ڏٺو. ايڏو ليکڪ ڪيئن بڻجي وئين.؟“

”سر جيئن اوهان وزيراعظم ٿي ويا آهيو ائين آئون بہ ليکڪ ٿي پيو آهيان.“

اهو جواب اهڙو هو جو جي ڪو بيو وزيراعظم هجي ها تہ مينهن جي چوريءَ ۾ ئي ٻڌائي هان. پر محمد خان هڪ شريف ماڻهو هو ۽ منهنجي جواب تي مُرڪي ڏنائين. خوش ٿيو.

انهيءَ محفل ۾ ئي منهنجي ياري اتر گلگت بلتستان جي ٻن ليکڪن سان ٿي وئي. نالا وسارڻ منهنجي نندپڻ کان مجبوري آهي. پر همراهہ بنهين يار ويس هئا ۽ مون کي ڳوٺ هلڻ جي صلاح هنيائون.

” ڳوٺ ڪيئن هلبو.؟“

”هتان هوائي جهاز ۾ پوءِ ڪنهن ٽرڪ ۾. ست ڏينهن ٽرڪ جو سفر هوندو، اتان پوءِ خچرن تي. خچر بہ پنج ڏينهن وٺندا.“ مون تہ ڇا پر منهنجي بابي بہ توبهن ڪئي.

توبهن ڪئي تہ هن نہ ڪئي ۽ ليزيٽ سان گڏجي اهڙن جبلن مٿان وڃي نڪتي.

20 آڪٽوبر 1982ع- لاهور.

قادر! تنهنجي قسمت جي گاڏي تو کي واپس پهچائي چڪي هوندي ۽ تون پنهنجي پيارن ۾ ويٺل هوندين. خوش رهين. واعدي مطابق اڄ خط لکڻ ويٺي. رات جو ننڊ نہ آئي ۽ روز وانگر صبح صبح ڏينهن شروع ٿيو.

پر اڄ دل ڳري هئي، موسم ڏنڊ پري ۽ هوادار مون کي تنهنجو چهرو ۽ ڳاڙهيون اکيون گاڏيءَ جي شيشي پويان ڪيترائي ڀيرا نظر آيون.

اسٽيشن تي هيڏن سارن ماڻهن جو هجوم ۽ تنهنجيون خاموش نگاهون، جيڪي ايترو ڪجهہ چئي رهيو هيون، سي آهستي آهستي ترڪنديون منهنجين نظرن کان پري ٿينديون ويون. اڄ تمام جذباتي خط لکڻ ويٺي. (تہ پلا لکان، جيئن تو چيو هو؟). گهڻو ڪري منهنجا جذبا منهنجي اندر ۾ قيد رهندا آهن. تو پنهنجي کُلي پٽي ۽ گرم پيار سان ائين ڪري ڇڏيو جيئن هوا لڳي هجيءَ اهڙو اظهار پيئي ڪريان، جنهن جو مون کي خيال بہ نہ هو. مون کي ائين لڳندو هو تہ ڪنهن سان تعلق ۽ جذباتي پٽي سان منهنجي اها آزادي وڃائجي ويندي، جيڪا وڏي ڏک جي پاٽيءَ تي پلي هئي، پر مون کي ايتري آزادي ڪڏهين محسوس ڪانہ ٿي، جيتري توسان ڳلي لڳي روئڻ ۾ محسوس ٿي. تنهنجي دوستيءَ مون کي گهڻين شين تي ٻيهر سوچڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو آهي.

اهي جذبا جيڪي ڪڏهوڪا پتڪڻ بند ٿي ويا هئا، انهن ۾ چاهي پلي ڏک کي منهن ڏيڻو تو پوي، هڪ بنيادي انساني جذبو ۽ حقيقت سان پريل هڪ ڪشش آهي جنهن ڪانسواءِ زندگي اڌوري آهي.

توکي هر جڳهہ ۽ طرح سان محسوس ڪري رهي آهيان.

چڱو تہ موڪل ڏي.

تنهنجي پنجاب جي ڪُڙي.

11 نومبر 1982ع.

قادر پنڊيءَ کان واپس ٿيڻ تي تنهنجو خط مليو.

تنهنجا گهرا جذبا پڙهي، جتي دل کي ايتري ٻيهر پڪ ملي، اتي ڏاڍو روئڻ بہ آيو. هوئڻ آئون انهن جذبن جي حقدار ناهيان، پوءِ بہ تو مون ۾ ايترا رنگ جاڳائي ڇڏيا آهن، جن جي ڪري مون کي پنهنجي دٻيل جذبن ۽ سوالن کي منهن ڏيڻ جو حوصلو مليو آهي. انساني رشتن ۾ جيڪو خالي پڻو ۽ پروسو اڳ ۾ خوابن ۾ ڏٺو هئم ۽ سوچيو

هو تہ اها رُڳي منهنجي Youth Full Fantasy آهي. ان کي تو حقيقت بڻائي ڇڏيو آهي. شايد تو کي اندازو نہ هجي تہ تو مون ۾ ڪيترو اعتماد بحال ڪيو آهي. تو چيو هو تہ "تون روئڻ نٿي گھرين." تو رولو تہ وڏو پر اهڙو جهڙو ڪيترن سالن کانپوءِ ٽڙ جي پٽ تي برسات. قادر تون تمام وڏو ماڻهو آهين. آئون تمام ننڍڙي شئي. خبر ناهي تہ ڪٿان ملي ويو آهين. تنهنجي Unconditional Surrender مان مون کي ائين لڳو ڄڻ سڄي دنيا منهنجي هجي. ڪنهن شئي جي پرواهہ ناهي. ڪو فلسفو ياد نہ آهي ۽ Dialectics ئي هڪ وڏي حقيقت آهي. اسان جا ۽ مغربي ملڪن جا فلسفا ۽ جذبات ڌار ڌار آهن. اها حقيقت آهي تہ خود غرضي ۽ Materialism جا اثرات ٻاهران آندا ويا آهن. هتي جي مقامي ڍنگ جو صوفي پڻو ۽ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن جي انگ ۾ وڃائي پائڻ ئي هڪ حقيقت آهي.

شايد ان ڪري هتي جي ماڻهوءَ ۾ ايڏو درد آهي-خير.

تنهنجي وڃڻ کانپوءِ هڪ قسم جي اُداسي بہ هئي ۽ خوشي بہ هئي. خوشي انهيءَ ڪري تہ تو چيو هو تہ "تنهنجو منهنجو ملڻ هڪ حادثي کان گهٽ ناهي."

اُداسي انهيءَ ڪري جو زندگي پنهنجن طريقن سان گذارڻي ٿي پوي. پوءِ بہ تنهنجو ڏنو مون لاءِ وڏو سهارو رهندو ۽ آهي. خوش هجين.

ليزيت ۽ ادريس اڄ يا سڀاڻ انڊيا مان واپس اچڻ وارا آهن ۽ پنج ڇهہ ڏينهن کانپوءِ ليزيت ڊيمارڪ هلي ويندي. آئون ڪافي اداس ٿي ويندس. ليزيت گهڻو ڪجهہ مون کي سمجهيو ۽ پيار ڏنو. انسان سڀ دنيا ۾ هڪ جهڙا ٿا لڳن. انهن جون بنيادي ضرورتون ۽ جذبا هڪ سانچي ۾ گهڙيل آهن.

آئون اڃا پنجاب ۽ پشاور جو ٽوئر نہ ڪري سگهي آهيان.... تو وٽ اچڻ لاءِ دل ڏاڍي ٿي گهري. پر مجبوري آهي. جيڪڏهن اچڻ جو موقعو مليو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ فون تي ٻڌائيندي سانءِ. هونئن اچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. انتظار نہ ڪجانءِ. اڄ اخبار ۾ پئي پڙهيم تہ ٿر ۾ برسات جي گهٽتائيءَ جي ڪري ماڻهو بئريج ايراضيءَ ۾ اچن پيا تہ تنهنجو ڏاڍو خيال آيم ۽ اُڏامي اچڻ لاءِ دل چيو....

سبط حسن سان اڪثر ملاقات ٿيندي رهي ٿي. هو منهنجي پاءِ سان ڪافي ملاقاتون ڪري چڪو آهي. تمام پيارو ماڻهو آهي. تو کي گڏجي ياد ڪندا آهيون.

چڱو خط دير سان لکڻ جي معافي ڏي. پشاور وڃڻ کان اڳ لکندي سانءِ.

تہ پروگرام ڪهڙو آهي.

تنهنجي دوست

28 ڊسمبر 1982ع

هيئنر هيئنر تنهنجو خط مليو اٿم تہ تون جنوريءَ جي شروعات ۾ اچين پيو. بعد ۾ تفصيل طور تو کي لکنديس. في الحال پندرنهن ڏينهن آئون تمام گهڻي مشغول

آهيان. منهنجي خاندان ۾ هڪ شادي ٿي رهي آهي. ڪيترائي مهمان منهنجي گهر رهڻا آهن ۽ انهن جو خيال رکڻو اٿم.

تون ضرور منهنجي مجبوري سمجهندو هوندين. سو مهرباني ڪري پنهنجو اچڻ جو پروگرام بعد ۾ ٿاهه.

تورن ڏينهن اندر تو کي تفصيل سان لکنديس.

پنهنجو خيال رکجانءِ

طارق ابڙو مون کان عمر ۾ تمام ننڍو آهي. پر شروع کان وٺي مون کي پاڻ کان وڏو بالغ نظر ۽ خيال رکندڙ نظر ايندو رهيو آهي. انهيءَ ڪري آئون کيس پنهنجي ڪنهن وڏي وانگر سمجهندو آهيان. ٻاهران سخت ۽ اندران ڪپهه وانگر نرم طارق ابڙي کي اهي خط ڇپائڻ جو خيال آيو ته هن شوڪت شوري کان وٺي صلاح ورتي ته خط ڇپائجن يا نه. شوڪت شورو وري اهڙو چڱو مڙس آهي جو جيڪڏهن ڪو ماڻهو وڏو ڏنڊو کڻي سندس گهر ويندو ۽ کانئس صلاح وٺندو ته "تنهنجي گهر جا ٿانوَ ڀڃڻ آيو آهيان. تنهنجو خيال ڇا آهي؟" ته شوڪت شورو هڪدم کيس اها صلاح ڏيندو ته" ٻيو ڏنڊو به کڻي اچ ته گڏجي منهنجا ٿانوَ ڀڃون." ظاهر آهي ته اهڙي ماڻهوءَ کان صلاح وٺبي ته پوءِ ته خط ڇپبا. طارق ابڙو جيڪڏهن مون کان صلاح وٺي ها ته آئون کيس روڪي ڇڏيان ها. جيتوڻيڪ انهن خطن ڇپائڻ جي اجازت ڏُر ڏٽياٽي ڏيئي چڪي هئي. ڦاسڻ کانپوءِ ڦٿڪڻ ڪهڙو. هڪ شئي اڳ ۾ ئي اونداهي مان روشنيءَ تائين پهچي چڪي ته پوءِ لِڪ لڪوٽي ڇا جي. مئڪون ڪنجري ٻڻ ڪي نچڻ ڏي.

وقت ڪالهوڪو اچ. 1982ع. ڊڪٽيٽرشپ. حاڪم جي رعيت سان "Rape".
رعيت اگهاڙي ڇوڪريءَ جي روپ ۾ . ڦٽڪن جي جاءِ تي رانپوتا. ڇوڪريءَ جون لڏندڙ ڇاتيون. هڪ ڊاڪيو فلم جي هڪ سين.

"هيءَ سين ڪٿي رڪارڊ ڪئي اٿئي؟" منهنجو هن کان سوال.

"ڇو ڇوڪريءَ سان ملڻو اٿئي ڇا؟"

"ڇو نه"

"سياڻي رات جو ملائيندي سانءِ"

ورندڙ رات. "هل ته هلون."

"پر رهي ڪٿي ٿي.؟"

"هيرامنڊيءَ ۾ ٻيو ڪٿي"

"نه نه. آئون اهڙن هنڌن تي ڪو نه ويندو آهيان".

مون کي شروع کان وٺي چڪلي کان ڊپ هو ته متان اُتي مون کي جهڙو جهٽي وٺن.

ڇهرو. يوناني ڏند ڪٿا جي ديوتا سسيفس کي نئين معنيٰ ڏيندڙ فرانز ڪافڪا. ترقي پسندن ۽ اميد پرستن جا متس تبرا ته مايوسي ٿو پکيڙي ۽ انقلاب دشمن آهي ۽ سامراجين جو بابو آهي. ڪين اها خبر نه رهي ته ساڻس ڇا وهيو واپريو. ننڍو هو سهڻو هو اسڪول ۾ ماستر اڪن ڇڪن. پڙهائيءَ جي بدران ماستر ساڻس ريپ ڪندا هئا. اسڪول وڃڻ کان نتائيندو هو ته مائٽ ڪيس ماري ماري مُڇ ڪندا هئا. ٻن ڇڪين ۾ پيسجندڙ فرانز ڪافڪا وڏو ٿيو ته بيمارين اچي جهليس. پوءِ ڀلا ڇو نه مايوسي پکيڙي، انقلاب جي ٻئنڊ ڇو وڃائي؟ سندس پنهنجي محبوبا ملينا کي لکيل خط جي پهرئين سٽ: ”آئون تو کي هيءُ خط لڙڪن جي صورت ۾ اُماڻي رهيو آهيان. پر ٻڀ بينو اٿم ته متان منهنجا هي لُڙڪ وچ ۾ ئي ڇهرُو جهڻي وڃن.“ اوير يورپ جي يهودين جو جنن ڀوتن جي باري ۾ تصور ته اِهي جن ڀوت ننڍڙا ۽ ڪنين وارا هوندا آهن ۽ هوا ۾ اڏامندا رهندا آهن اِهي اڏامندڙ جن ڪنهن کي به ڪنيي سگهن ٿا. انهن جنن کي ئي سنڌي ۾ ”جهرُو“ چيو ويندو آهي. پاڻ کي اها خبر ناهي ته جنن جو اهو تصور سنڌ ۾ ڪڏهين، ڪٿان ۽ ڪيئن آيو. البت اها خبر اٿئون ته تصور جي اسپيڊ حقيقت جي اسپيڊ کان وڏيڪ تيز هوندي آهي.

” مولانا، ڀلا هل ته هلي هيرا منڊيءَ ۾ ڇوڪري ڏيکاريائين.“

هن مون تي مولانا جو خطاب مڙهي ڇڏيو. مولانا ٻنل هو سو سوچيائين ته ڪو ٻيو يار دوست به گڏ هجي، متان جهرُو جهڻي وڃن.

استاف ڪاليج لاهور ۾ لٽل سنڌ يونيورسٽيءَ جو رجسترار نواز علي ڀٽو پرديس ۾ سنڌي ڀاءُ. اسان ٻنهين کي ڏسي واڱڙو ٿي ويو.

”اڙي يار ڇڏ، آئون وري ڪيئن ڇڪلي هلندس. تون وڃي ڏوڙ پاءِ.“ مولانا نواز علي ڀٽو ٺُپ جواب.

هيرا منڊيءَ جي وچين گهٽي، پاڻ جڏهين گهٽي وقت لاءِ سنڌ کان ٻاهر هوندا آهيون ته سنڌي ٻولي جي ٻاڙ لڳندي آهي، ۽ دل چوندي آهي ته سنڌي ڳالهائي ڳالهائي ڏندن مان ڇيڙهه ڪيجي. مولانا نواز علي ڀٽو ته ٻيهڻ ئي ڪونه ڏنو پر هيرامنڊيءَ ۾ وات ويندي به سنڌي همراهه ملي ويا. حال احوال ٿيا. پر اِهي همراهه به تڪڙ ۾ هئا ۽ وڃڻ لڳا. ويندي ويندي هڪڙي همراهه زور سان چيو ”يار ڳالهه ٻڌي اٿئي، آهيون ته پاڻ به وڏا ڪير. پر جنهاڻ جو جوٽيجو پاڻ کان به وڏو ڪير آهي. ٻارن ٻچن سوڌو ڇڪلو گهمڻ آيو آهي.“

اِهو چرچو جڏهن ترجمو ڪري هُن کي ٻڌايم ته کِل ۾ ونجي ويئي.

اُها ڇوڪري ته ڏٺيم. پر سڀ ڇوڪريون هن کي ورائي ويون. مون کي ڪا به لفٽ نه پئي ڪرائي. سبب؟ واپسيءَ ۾ ڪار ڊرائيو ڪندي ٻڌايائين. ”هيرامنڊيءَ جون

ڇوڪريون گراهڪ اڳيان پلي ڪيتريون بہ خوش نظر اچن، پر اندر ئي اندر مردن کان ڏاڍي نفرت ڪنديون آهن. ڪين جيڪڏهن اشرافت جي ٺيڪيدارن جي ڪا عورت ملي ويندي آهي تہ مرد کي نظر انداز ڪري، انهيءَ عورت کي ورائي ويندون آهن. مولانا ايڏو خوش نہ ٿيءُ، مرد انهن ڇوڪرين اڳيان ڪِنا ڪوجها ۽ گندا هوندا آهن. جيڪي ڪين بگهڙن وانگر پٽيندا ۽ چاچوليندا آهن".مرد، پنج بگهاڙي يا ست بگهاڙي عورت، شڪار.

روسامي جي مند، لاهور جي هڪ سرد رات.

"اڪيون پور." اڪيون پوري چڙيم.

"اندر کي اُجهاءِ" باهہ وسائي چڙيم.

"فرض ڪر تہ تنهنجي هٿ ۾ گن آهي ۽ تون شارپ شوٽر آهين."بابا تہ سچو پچو شارپ شوٽر هو پر آئون تصوراتي شارپ شوٽر بڻجي ويس.

"پت ڏانهن سڃينس"، گن جو نشانو پت ڏانهن.

"فرض ڪر تہ آئون پت کي پني ڏيو بيٺي آهيان ۽ منهنجي پر ۾ نجمہ بيٺي آهي."

"ها پئي جٽيون بيٺيون آهيو".

"اسان ٻنهين مان ڪنهن بہ هڪ کي ڏڪ هڻو اٿئي. ڪوڙ نہ هڻجانءِ"

"نہ تو مون سان ڪڏهين ڪوڙ ڳالهايو آهي ۽ نہ مون توسان ڪو ڪوڙ ڳالهايو آهي. تو آمريڪا ۾ هڪڙو يار ٺاهيو هو انهيءَ جي بہ سچي ڪري چڙيئي. مون بہ جيڪي پراوا لوڙها لتاڙيا هئا، سي بہ تو کي ٻڌائي چڙيم. تو سان ڪوڙ نہ هڻندس. باقي ٻين سان وچي ڪوڙ هڻان تہ انهيءَ سان ٻڌل ناهين".

"نالي جو رُخ ڪيڏانهن آهي؟"

"تو ڏانهن آهي". منهنجي زبان مان گولي نڪري ويئي.

"نيٺ پڌرو ٿي پئين، مون کي مارڻ ٿو چاهين. نجمہ کي بچائڻ ٿو چاهين".

هڪ نفسياتي ٽيسٽ جو چار. "مون کي خبر آهي تہ مون سان تنهنجي محبت جو هڪ رشتو آهي، پر نجمہ سان تنهنجي محبت جا ڪيئي رشتا آهن. هاڻ ائين سمجهہ تہ آئون ڇائي ئي نہ هيس، مرڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي".

انهيءَ سرد رات کان گهٽو پوءِ مون کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي، جڏهين بانو قدسيہ جو اهو جملو پڙهيم تہ"مرد پنهنجي سڄي حياتيءَ ۾ ڏيڍ عشق ڪندو آهي." ڪيئي ڏِسين ۾ مار ڪندڙ جملو.

سچي زندگي ۾ ڪيئي ورڻ ڪارا ڪيم. هڪڙيون آيون تہ ييون ويون. پر عشق صرف ڏيڍ عدد ڪيم. هڪ عدد نجمہ سان. جيڪو 1963ع ۾ شروع ٿيو ۽ پورا ڏهہ سال هليو. ڏهن سالن کان پوءِ 1973ع ۾ ساٿس شادي ڪيم. هاڻي سندس پاناري پيل آهيان. باقي رهيو اڌ عدد عشق. سو هُن سان ڪيم.

جهڙو منهنجو نياڻو ساجد ميمڻ ست واتي بلا. تهڙي منهنجي ڏيءُ گلشن جوڻيجو ست واتي بلا. هڪڙو اهڙو وقت بہ آيو جو ساجد ميمڻ باهر پيرو ٽيڻ لڳو. گلشن جي هٿ ۾ بہ شيون هيون. هڪڙي سندس ڏاڏي خان صاحب مريد حسين کان ورثي ۾ مليل جاچ ڪرڻ جا Indigenous طور طريقا ۽ پوليس جي ٽيڻن اک. ٻيو ڪمپيوٽر جي ٽيڪنالاجي ۾ گهڙي گهر ٽيل فائيل کي هيڪ ڪرڻ جي جادوگري. ائين پوليس جي رڳ ۽ ڪمپيوٽر سائنس جي جادوگريءَ گڏجي ڪري ساجد ميمڻ جو پيڇو ڪرڻ لڳيون. نيٺ هٿي وجي هنڌ ڪيائين.

”ميمڻ جا ٻچا. منهنجي ڳالهہ ڳن ڏيئي ٻڌي ڇڏ. امان کي تہ رب جي ذات ايڏو صبرُ ڏئي ڇڏيو آهي، جيڪو نہ توري سگهجي ٿو نہ تڪي سگهجي ٿو ۽ نہ ئي ڳٽي سگهجي ٿو پر بابا کي تون چڱيءَ طرح سڃاڻين ٿو. بابا اٽئي يا فقير چٽ يا سارنگي چٽ. سڀ ڪجهہ برداشت ڪندو. پر بي عزتي برداشت نہ ڪندو آهي. اسان جو ياءُ نصير تہ ويو آهي امان تي. پر اسان ٽيئي پيڻون ويون آهيون پيءُ تي. وڙهڻ تي آيس تہ تون ڪنڊياري ۾ وينو هوندين ۽ آئون جنهاڻ ۾ هونديس. سو اها مشڪري ڇڏ. باقي مٿي تي واٿون ناهي هلندين. تہ بہ ڪا نہ ڪچنديس.“ انهيءَ کان پوءِ ڪُتيءَ ڪن وڍايا.

صبر تہ سچو عشق آهي. پر اڌ عشق بہ گهٽ ناهي. اڌ هوندي بہ اندر کي روڙيو ٿو ڇڏي. انهيءَ رات چيومانس تہ ”جڏهين تون پوڙهي تي ڏڪندي ڏڪندي لٺ تي هلندينءَ تڏهين آئون بہ اکين تي هٿن جا ڇپر ناهي ڏڪندو ڏڪندو اچي توسان ملندس. ۽ دل جا حال اوريندس. جي پلا ايڊوينچرس زندگي گذاريندي ڪنهن جبل تي چڙهندي پير کسڪي ويندءِ ۽ مري ويندينءَ تہ تنهنجي قبر بہ ڳولي لهندس.“ اها ڳالهہ ٻڌي سندس چهري تي مُرڪ بهارن وانگر پکڙجي ويئي. روسامي جي موسم ختم. سياري جي رات باقي.

## ٽيون اُستاد

چاچو رام جي ڪولهي. ڪنهن کي اعتبار اچي تہ ٺيڪ. پلا جي اعتبار نہ اچي تہ ست پچائي وجي ڪائي.

بابا جي پوسٽنگ ننگرپارڪر ۾. مون کي ۽ امان ملوڪان مهاڻيءَ کي پاڻ سان وٺي ويو. اجا ڪيڪڙا بہ تر ۾ ڪونہ لٿا هئا. مهري اُٺ ۽ ڍائي اُٺ ائين هلندا هئا.

جيئن نرتڪيءَ جو ناچ. آئون ايڏو تہ نندو هوس، جو مون ڪي هاڻي صرف ڏنڊ ۾ ٻڌل ٻہ يادگيريون اچن ٿيون، هڪڙو انن جو قافلو ۽ ٻيون ڪارونجهر جون گوڙيون. آڌيءَ رات جو جڏهين ڪارونجهر گڙندو هو تہ منهنجي ننڊ ڦٽي پوندي هئي. ٻيو سڀ ڪجهہ وسري سگهي ٿو پر ڦٽل ننڊون وسريون ئي ناهن.

تاريخ؟ جيڪو بادشاھ تي ڪاوڙيو انهيءَ هِجو لکيو. جيڪو بادشاھ جو درٻاري رهيو انهيءَ قصيدو لکيو. اسان جي تاريخ انهن هِجوئن ۽ قصيدن جو مجموعو آهي ۽ ڪوڙن جو پريل ڪارو. ٻوڏيون آيون، ڏڪار آيا، وبايون اُٿيون، سنڌ مان وهندڙ ٻن درياهن جا وهڪرا گهٽبا وڌندا رهيا. هاڪڙي جو موت، لڏپلاڻ ۽ سماجي تبديليون. سڀ ڪجهہ سنڌ جي تاريخ مان غائب. ڏيئي وٺي انگريزن جو اهو رڪارڊ بچي ٿو جيڪو ٻڌ سڌ تي ناهي. باقي انگريز جون ٻڌل ڳالهيون بہ ڪوڙ جو ڪارو. جي ٻنهين سچو تہ نصيبي شيديءَ جو پڪي ۽ ٻئي پاسا وهندڙ رچرڊ برٽن سچو. ڇا نہ Observation آهي.

"Come on Bull" ۽ پوءِ "Yes Bull". ٻيو ٿيو خير.

ائنٿراپالاجيءَ جي هڪ شاخ ائٿنالاجي (ذاتين بابت علم) اهو ڪم بہ اجا تائين ڪنهن سائنسي بنياد تي نہ ٿيو آهي. پر انڊيا ۾ اهو ڪم نہ رڳو سائنسي بنياد تي ٿيو آهي، پر وسيع پئماني تي ٿيو آهي. مغربي ائٿنالاجسٽن ڪان وڌيڪ انڊيا جا ائٿنالاجسٽ وڌيڪ ساڪائتا. آريا، اڻ آريا جي ٿيوري ڪُوڙي.

قد ننڍو ٻُت سنهو اکيون ننڍيون، ڳلن جا هڏا نڪتل، هلڻ ۾ چڙڪ، جسامت کان وڌيڪ محنت، ٻت مان اٿندڙ بوءِ. اهڙي جهڙي گهاٽي جهنگ ۾ مڇيءَ جي گڏيل بوءِ. اهو ٿيو تامل نادو جو مرد يا عورت. جي ٿورو ڳالهہ کي ڇڪبو تہ ڏکڻ انڊيا جو اصلي نسلي ماڻهو.

ڪولهي اصل ۾ تامل نسل جا ماڻهو آهن. جيترو سائو ملڪ اوترو غربت گهڻي. ٻک جا چڪ. لڏپلاڻ، ٻئي منزل مهاراشٽرا. هنديءَ ۾ "مم بائي" سنڌيءَ ۾ جي ڪيڇي لهجي ۾ "مميئي"، معيار ٻڌيل سنڌيءَ ۾ "مم بائي" ۽ مرائيءَ ۾ "ممبئي". ممبئي شهر جو اهو نالو هڪ ديويءَ تان پيو. اها ديوي ڪولهين جي آهي. ممبئي کي هينئر تہ ڪيئي واڳون ورائي ويا آهن، پر انهيءَ شهر جا اصل مالڪ ڪولهي آهن. اڄ ڪلهہ اُتي مڇيون ماريندا آهن ۽ مهاڻڪو ڌنڌو ڪندا آهن.

ڪولهين کي مهاراشٽرا ۾ ڏاڍن ستائيو تہ انهن مان ڪيترائي لڏي اچي گجرات ۾ وينا. گجرات سان پارڪر لڳو بيٺو آهي، سو ڪن اچي پارڪر ۾ پير کوڙيا، هاڻي

سڄي سنڌ ۾ پکڙيل آهن ۽ پارڪري لهجي ۾ سنڌي ڳالهائيندا آهن. جيڪو گجراتيءَ ۽ سنڌيءَ جو مڪسچر آهي، ائين جيئن سنڌي ۽ ڍاٽڪي لهجو راجستاني ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مڪسچر آهي.

پارڪر کي بہ آباد ڪرڻ وارا ڪولهي آهن. مالڪي تہ ڪولهين جي هٿڻ کپي، پر ڏاڍا جتي ڪتي ويٺا آهن ۽ هيٺن کي گوڏن جي هيٺان رکندا آهن. چاچو رام جي ڪولهي انهن ئي ڪولهين مان هو.

چاچي رام جيءَ ڪولهيءَ جو بيان آهي تہ کيس ڪارونجهر کان وڌيڪ رڻ ڇڪيندو هو. اهو رڻ ننگر پارڪر شهر ۽ ويرا واهہ جي وچ تي آهي. رڻ ۾ ڊوڙندڙ هرڻ چاچي رام جيءَ جي Obsession هئا. اهو وقت هو جڏهين شڪارين جون جيپون تہ ڇا، موٽرگو جيپون ئي نہ آيون هيون. رام جي ٽپر ٽپر ٿيو تہ ڪارونجهر جي ڪور ڇڏي رڻ ۾ هرڻن جي پويان ڊوڙڻ شروع ڪيائين. سندس پرئڪٽس ۽ اسپيڊ وڌندي ويئي، جوان ٿيو.

هونئن تہ ڪيترائي ماڻهو موجود آهن، جيڪي هرڻ کي ڊوڙائي ٿڪائي وجهي جهليندا آهن، پر هرڻ جي پهرئين ڊوڙ گوليءَ وانگر هوندي آهي. پهرئين ڊوڙ کان پوءِ ڪجهہ پلن لاءِ ساهي پٽي وري هرڻ ڊوڙڻ لڳندو آهي، پر هرڻ جي ٻئي ڊوڙ پهرئين ڊوڙ کان جهڪي ٿيندي آهي. هرڻ کي جهلڻ وارو ماڻهو هجي يا شينهن هجي، اُهو هرڻ کي چوٿينءَ ڊوڙ ۾ وجهي ٿڪائي جهليندو آهي. باقي هرڻ جي پهرئين ڊوڙ؟ نہ ماڻهو پڄي، نہ شينهن پڄي. رام جيءَ جي هڪ خواهش، هڪ ضد ۽ هڪ اندر جو ڪاتڙو تہ هرڻ کي پهرئينءَ ڊوڙ ۾ جهلجي. اسان ڪرڙ تي تنگيل ڳاڙهيون اگڙيون ڏسي انهن ڏانهن ڊوڙندا رهيا آهيون، پر رام جيءَ کي ڪنهن بہ ڳاڙهي اگڙيءَ يا ڳاڙهن ڪپڙن تائين ڊوڙي پهچڻ جي ڪا بہ سرت نہ هئي. ڏسو نہ پلا، پنهنجي پنهنجي مرضي آهي ۽ شوق شڪار آهي. رام جي شڪاري نہ هو رنر هو. هٽندي ڏٽندي رام جي پنهنجي اُڌمي جي منزل تائين پهچي ويو. ڊوڙ پچائي ويو.

پهرئين ڊوڙ اڳيان هرڻ پويان رام جي. ڪاٻي پاسي هرڻ ساڄي پاسي رام جي ڪولهي ڪاٻڙ هو پهرئين ئي ڊوڙ ۾ وجهي، آڏو ٽپ ڏئي هرڻ جي سڱن مان جهليندو هو ۽ هرڻ کي هيٺ دسيندو هو. ائين جڏهين رام جيءَ جو اندر ڇنڊجي ويندو هو تہ هُو هرڻ کي ڇڏي ڏيندو هو ۽ ٻيهي مُرڪندي مُرڪندي هرڻ کي اڳتي ڊوڙندي ڏسندو هو.

سڄي پارڪر ۾ رام جيءَ ڪولهيءَ جي هاڪ پکڙجڻ لڳي. بابا جي ڪنن تي ڪاني لڳي تہ هائو ٻيلي، مڙس ميڙو ماريو وينو آهي. رام جيءَ ڪولهيءَ کي سڏ ٿيو. پوليس جو سڏ. رب پيو ڏئي پناهہ. سو بہ پارڪر جي هڪ مسڪين ڪولهي کي! هرڻ کي پهرئين ڊوڙ ۾ جهليندڙ رام جيءَ ڪولهيءَ پوليس جي صاحب کان پڇي نہ سگهيو

۾ ڳيتون ڏيندو پيرين اگهاڙي اچي پهتو. ڏٺائين تہ شيخن کي ڀَتُ پڳو. ڊوڙڻ سولو پوليس جي مار ڏکي، اچا تائين پارڪر ۾ بي گناهہ ڪولهين کي جهلي، مارون ڏئي هٿ ٺاريا ويندا آهن. "Sadism" هيو ڪجهہ بہ نہ هڪ نفسياتي بيماري تہ ٻئي کي ڏکوئي پاڻ کي سُک ڏيو. اها بيماري هڪ اهڙو سک آهي، جيڪو ڪڏڙي کي بہ پورو مرد بڻائي ڇڏيندو آهي. بابا جو ٿي بيان آهي تہ جيڪو بہ ڏاڙيل ڏاڙي هڻڻ کان وڌيڪ ماڻهن کي گوليون هڻي مارڻ ۾ دلچسپي وٺندو آهي، اهو ڏاڙيل خون ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي زال يا سريت سان سمهي نہ سگهندو آهي. "Sadism" جون پاڙون "Sex" ۾ کتل آهن. ڪتاب بہ ائين ئي چون ٿا.

"چوڪرا!" بابا جي هڪ عادت. جيڪو پاڻ کان ننڍو هوندو اُهو پلي ڪير بہ هجي، انهيءَ جو نالو وٺڻ جي بدران چوندو هو "چوڪرا!" ڇهہ فٽي بلا، ڪڙڪيدار آواز رام جيءَ جو ساهہ سُڪي ويو. جنهن ڊوڙ ۾ سڄي پارڪر جو نالو ڪڍايو هو بابا جي لاءِ بہ سُپر اسٽار بڻجي چڪو هو. مُٺ نوٽن سان ڀريل.

"چوڪرا، هي وٺ." رام جيءَ جا ڏڪندڙ هٿڙ ڏڪندڙ هٿن ۾ نوٽ ئي نوٽ. پاڪستان مان سون جي سمگلنگ ۾ انڊيا مان ڦوٽن ۾ گرم مصالحن جي سمگلنگ رشوت مان ملندڙ ڳاڙهن نوٽن جو ٿهيون، ڳچ پئسا چوڪرين جي حوالي، هڪ عدد مٺ ڀريل چوڪري کي، سپر اسٽار کي.

"چوڪرا، جي ڪو بہ هرڻ ماريو اٿئي يا مارايو اٿئي تہ مون کان ڪو بيو بچڙو نہ ڏسندين." بابا پاڻ بہ ڪڏهن ڪو شڪار ڪو نہ ڪيو الائي ڇو؟

انهيءَ ڏينهن کان پوءِ رام جيءَ ڪولهيءَ پارڪر جو هلنديءَ وارو چوڪرو بڻجي ويو پارڪر جي صاحب جو خاص ماڻهو.

رام جي ڪولهيءَ ڪولهين جو پٽيل بنجڻ کان وڌيڪ پنهنجي پروفيشن کي ترجيح ڏني. چاهي ها تہ چڱ مڙسيءَ جي پڳ سندس مٿي تي هجي ها، پر هو مٿي اگهاڙو رڻ ۾ ڊوڙندو رهيو ۽ سندس اسپيڊ وڌندي ويئي.

31 آڪٽوبر 1954ع. مغربي جرمني جو هينس فٽرر(Heins Futterer) هنڌ، يوڪو هاما، جپان. تڪي ۾ ڏگهي ڊوڙ جو رڪارڊ. 20 آڪٽوبر 1956ع آمريڪا جو ليمن ڪنگ (Leamon King) هنڌ، اونٽريو، آمريڪا. تڪي ۾ ڏگهي ڊوڙ جو بيو رڪارڊ. 5 جون 1975ع ڪيوبا جو سلويو ليونارڊ. هنڌ، اوسترا وا، چيڪو سلوويڪيا. تڪي ۾ ڏگهي ڊوڙ جو ٽيون رڪارڊ. 12 مئي 2006ع. نائجيريا جو اولو سوجي فاسوبا. هنڌ، دوحہ. چوٿون رڪارڊ ۾16 آگسٽ 2009ع. جميڪا جو يوسئن بو لٽ(Usain Bolt) هنڌ، برلن جرمني. آخري رڪارڊ.

ٻڌيو ٻڌيو ڳالهه ٿو ڪريان تہ جي انهن رڪارڊ ٽوڙ ٻوڙ ڪندڙن جي رام جيءَ ڪولهيءَ سان پوي ها تہ ماءُ کي ياد ڪن ها. پر موقعو؟ سنڌ جي ماڻهن کي ميرٽ تي ڪڏهين بہ موقعو نہ مليو آهي. جي ڪنهن کي ڪنهن هنڌ وڏو موقعو مليو تہ اُهي سنڌي بادشاهن جون جتيون کڻڻ وارا آهن. رام جيءَ ڪولهيءَ مسڪين کي تہ اها خبر ئي نہ هئي تہ هن ملڪ ۾ سدائين جتيون کڻڻ وارن جو مانُ رهيو آهي. هينئر بہ آهي.

بابا تہ ڪڏهوڪو بدلي ٿي ويو پر هڪڙي ڏينهن رام جيءَ ڪولهيءَ ۾ اهو ست نہ رهيو. اُهو ست تہ نہ رهيو پر هيو ست اڃا موجود هو.

انهيءَ زماني ۾ مٺي، سلام ڪوٽ ۽ ڇاڇري جي هندو سيٺين، خاص ڪري لهاڻن ۾ وڏي جوئا هلندي هئي، ٽڪريون هونديون هيون. مٺيءَ جو اصلي نسلي چڱو مڙس سيٺ لڪميچند بہ انهن مان هڪڙو هو. مون پرائمري تعليم جي شروعات مٺيءَ مان ڪئي ۽ رڳو الف بي پڙهي سگهيس. جيڪا ونڪ، رعب ۽ درياهہ دلي مون منجهس ڏٺي، اُها ڪنهن ۾ بہ نہ ڏٺي. لکي لڪميچند ڪير سڏائي. هڻ تہ ڇتي قسم جو ماڻهو هو وار اڃا ٿي ويا هئس. پر سندس منهن جي ونڪ ۽ اکين جي چمڪ ڪيترين ئي جوانيون لهڻي. حال حيات ناهي. رام جيءَ ڪولهيءَ پارڪر جو پٽ ڇڏيو مٺيءَ ۾ انهن سيٺين جا در اڃي جهليا. جوئا جي ڌم. يا سچ ڪٽي يا ٻج ڪٽي، سندن ننڍا ڪاروبار ڪندا هئا، ۽ پاڻ جوئا ڪندا هئا. انهيءَ وقت مٺي ننڍڙو شهر هو پر شهر جي رنگارنگي وڏيڪ هئي. هاڻوڪي مٺي اڳي کان وڏو شهر بڻجي چڪو آهي، پر اها رنگا رنگي نہ رهي آهي، محبتون منهن ويڙهي هليون ويون آهن ۽ تلخين اچي منهن ڪڍيو آهي. اڄ جڏهين اها ساڳي مٺي ٿا ڏسون تہ ڇيلهہ تي هٿ رکيو ويهي رهون.

مٺيءَ ۾ رام جيءَ ڪولهيءَ جو ڪم؟

”رام جي، هيءَ چٺي کڻ. سلام ڪوٽ پهچ، اتان ڏوڪڙ کڻي رات جي پيٽ ۾ پهچ.“ رام جي ڪولهي گولي ٿي ويندو هو ۽ گولي ٿي ايندو هو. رات جي پيٽ ۾ پئسا کڻي پهچي ويندو هو.

”بابا ڇاڇرو.“

”سائين، اڄهو ويس اڄهو آيس.“ نہ اُٺ، نہ گهوڙو. رات جو ٽر جي پٽن، لڪن ۽ ڏهرن وچان ائين ٻوڙي جو نہ تو ڏٺو نہ مون ڏٺو. واريءَ جو پنڌ ڏاڍو ڏکيو آهي. ائين رام جي ڪولهي رات جو ڪنهن ڪولهڻ سان سمهڻ جي بدران واريءَ تي واڄٽ ڪندو رهيو. ٻوڙئي رام جي سُريت هئي.

هڪڙي ڏينهن اهو ملهالو بہ ٽٽو. سينيا وڃائڻ جي بدران ڪمائڻ لڳا، ڪن وري ڪٽ جهلي. ڇاڇي سيٺ لڪميچند بہ ڇيلهہ جهلي. رام جي اڪيلو رهجي ويو. رات جو بہ اڪيلو ڏينهن جو بہ اڪيلو.

دليل ٻوڙايائين، ڪيس سندس پرستار ياد اچي ويو. "بابا هل جنهاڻ تہ ڪو قدر ٿئي." ائين رام جي ڪولهي مُهراڻي جي ڪنڌي اچي جهلي.

پڇائون ڪندو اچي پنهنجي پرستار جو گهر جهلياڻين.

بابا ڪڏهوڪي ضلعي نواب شاهہ ۾ جيڪب آباد مان لڏي آيل ڇهن ڀروچن جي قاتلن تائين تہ پهچي ويو. ارادو اهو هوس تہ قاتلن کي ڪورٽ تائين پهچڻ نہ ڏيو. "extra judicial killing" ۽ "sharp shooter cop". پر قاتلن جا رکوالا سنڌ جا حاڪم. بابا رسم مطابق ٽوپي لاهي، قول پٽي ۽ پٽو ڇوڙي ڪٽي پنهنجي باس اڳيان رکيا ۽ اچي ڳوٺ جي مسيت جهلياڻين. اڳي پوليس زوري زنا ۽ خون تي رشوت نہ وٺندي هئي. باقي سڀ حلال هو. ناڪاميابي عقيدي کي جنم ڏيندي آهي.

رام جي ڪولهي. بابا جو منهنجي وڏي ڀاءُ قائم ۽ مون کي حڪم. "هن فقير جي پارت اٿوَ. سون ۾ تورڻ جهڙو ماڻهو آهي."

ائين رام جي ڪولهي در جو نوڪر بہ بڻجي ويو. گهر جو ڀاتي بہ بڻجي ويو. سندس پروفيشن ڪيس شادي ڪرڻ نہ ڏني. اسان جون ٻڪريون چاريندو هو. ڪو هرڻ تہ ڪو نہ مارياڻين. پر هڪڙي ڏينهن تتر جهلي آيو.

"هي تتر ڪٿان آندا اٿئي؟"

تڏهين مون وٽ جواب گهٽ، سوال وڌيڪ هوندا هئا.

"ٻوڙائي جهليا اٿم."

"پر تتر اڏامندا آهن. ٻوڙي ڪيئن جهليئي."

"پهرئين تتر کي اُڏائبو آهي. جڏهين تتر ٿڪي ڪائيندو آهي تہ ڪيس اک ۾ جهلبو آهي تہ ڪٿي وڃيو ٿو ويهي. پوءِ اوڏانهن ٻوڙ ڪبي آهي. ڇئن پنجن ٿڪين ڪانپوءِ تتر ٿڪجي ڪري پوندو آهي. پوءِ وڃي هٿ وجهبا اٿس."

اڏامندڙ پکي بہ رام جيءَ کان ڪو نہ ويو. رات جو تترن جو ٻوڙ کائڻ کان انڪار ڪياڻين.

تتر جهلڻ رام جي ڪولهيءَ جو آخري ست هو.

سندس ٽنگن جو نروس سسٽم تہ نہ ٽٽو. جي ٽٽي ها تہ ٽنگون وڃائي ها. پر سندس گوڏن کان هيٺ ڳڏڙيون تي پيون هيون.

هڪڙي ڏينهن ٻوڙندي ٻوڙندي ڪريو تہ وري نہ اٿيو ۽ اسان جي ڳوٺ جي اُيرندان شمشان گهاٽ تي چڙهي ويو ۽ ڪيس باهہ کائي ويئي. پر سندس يادن کي باهہ جو سيڪ بہ نہ آيو.

جنهن شمشان گهاٽ تي رام جي ڪولهي چڙهيو ۽ رک ٿيو انهيءَ هنڌ لاءِ ڳوٺ ۾ اها ڳالهه مشهور هئي ته اتي جن ڀوت واسو ڪريو ويٺا آهن. انهيءَ مساڻ ڪان پاسو ڪريو. پر وڏا ته پاسو نه ڪندا هئا، البت چوڪر ٻاڪر ڊڄندا هئا.

آئون پنهنجي انهيءَ استاد چاچي رام جي ڪولهيءَ جي روح جي ڳولا ۾ شمشان گهاٽ تي پهتس. چاچي رام جي ڪولهيءَ جي روح کي ڏسڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن نهاريم ته مساڻ مٿان جيڪا ڪنڊي هئي، انهيءَ ڪنڊيءَ تي اڇي رنگ جو تورين پکين جو ولر ڏٺم ۽ هيٺ زمين تي ڪونجون چڻنديون ڏٺم. اهي تورين ۽ ڪونجون ئي چاچي رام جيءَ ڪولهيءَ جو ٻيو جنم هيون.

۽ ڏسندو ئي رهجي ويس.

اُستاد رام جي ڪولهيءَ جو سبق؟ چورين ڇڏيو. پنهنجي پروفيشن سان پيار ڪريو.

1983ع ۾ ٽي وي ڊرامه سيريل "ديوارين" لکي وڌو تپ ته ڏٺم. پر منهنجو ڌيان پنهنجي پروفيشن جي بدران چورين ڏانهن رهيو. جي چاچي رام جيءَ وانگيان پنهنجي پروفيشن ڏانهن ڌيان ڏيان هان ته ڳالهه ٻي هئي.

اُستاد چاچي رام جي ڪولهيءَ جو تورين ۽ ڪونجن ۾ تبديل ٿيل ٻيو جنم الائي ڇا سوچيندو هوندو ۽ ڇا ڳڻڪندو هوندو.

⊙⊙





شيخ اياز چيو هو "شڪارپور هڪ شهر نه، پر ڪيفيت جو نالو آهي."

ان ڪيفيت کي سمجهڻ لاءِ نامور محقق ۽ عالم ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙي جي پي ايڇ ڊي ٿيسز

**شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو**

ضرور پڙهڻ گهرجي.

شڪارپور کي سمجهڻ کان سواءِ سنڌ جي جديد علمي ۽ تخليقي سفر جي ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ناممڪن آهي ۽ هن ڪتاب کان سواءِ، شڪارپور کي سمجهڻ مشڪل آهي.

ڇپائيندڙ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو



# حيرتن جي جهنگ ۾

لي ڪليزيو
سنڌيڪار: ڪلال

اسين لکون ڇو ٿا؟ منهنجو خيال آهي تہ هن سنئين سڌي سوال جو هر ڪنهن وٽ پنهنجو جواب هوندو. ڪنهن ۾ قدرتي طور اهڙو لاڙو هوندو، ڪنهن جو شوق هوندو، ڪنهن کي حالتن جي ڪري لکڻو پوندو هوندو تہ ڪنهن کي ڪوتاهين جي ڪري بہ. جيڪڏهن اسين لکون ٿا تہ ان جي معنيٰ اها ٿي تہ اسين اداڪاري ڪو نہ ٿا ڪريون. اهو تہ اسين جڏهن سچائيءَ کي منهن مقابل ٿيون ٿا تہ، پاڻ کي تڪليف ۾ مبتلا ٿا ڏسون، انهيءَ سبب ڪري اسان ردعمل ڏيکارڻ لاءِ ڪنهن خاص طريقي جي چونڊ ڪئي آهي. اسان حالتن جو روپ ڏيکارڻ لاءِ خاص وقت ۾ ڪنهن خاص مفاصلي سان ڳانڍاپو قائم ڪرڻ لاءِ، پنهنجي خاص طريقي جي چونڊ ڪئي آهي.

جڏهن آئون انهن حالتن جي پرک ڪريان ٿو جن مون ۾ لکڻ جو اتساهہ جاڳايو، نہ فقط تن پروريءَ لاءِ، پر سچائيءَ جي تمنا لاءِ، تہ مون کي اها ڳالهہ چٽيءَ طرح نظر اچي ٿي تہ منهنجو اهو ائين سڀ ڪجهہ ڪرڻ جو شروعاتي نُڪتو هو ”جنگ“. ڪنهن خاص موقعي تي وڏي ايار جي مفهوم ۾ جنگ نہ. جڏهن ماڻهوءَ کي تاريخ جي وڏن واقعن جو تجربو حاصل ٿيندو آهي. مثال طور تي والمي وٽ جنگ جي ميدان تي ڪيل فرينچن جي جدوجهد جيئن- يا جيئن جرمنن جي پاران گوئٽي ۾ منهنجي ڏاڏي فرانڪوئس جي انقلابي فوج جي طرفان انهن ساروڻن کي قلمبند ڪيو ويو آهي. اها خاطري آهي تہ لکڻ جي شروعات وارو اهو پل سرافرازيءَ ۽ دل سوزيءَ وارو ٿي هوندو نہ! مون لاءِ جنگ جو مطلب اهو تجربو آهي، جيڪو شهري ڀوڳيندا آهن. سڀ

ڪان وڌيڪ خاص ڪري ٻار ۽ نوجوان. مون کي ڪڏهن بہ هڪڙو ئي پيرو بہ جنگ تواريخي لمحن طور نظر ڪا نہ آئي. بس، اسان کي سخت بک هوندي هئي، اسان خوف ۾ ورتل هوندا هئاسون ۽ اسان سخت سيءَ ۾ زندگي گذاريندا هئاسين. سچي صورتحال ائين هوندي هئي. مون کي اڄ بہ اهو ڏينهن ياد آهي، جڏهن مون دريءَ مان ٻاهر نظر وڌي هئي تہ مون ڏٺو تہ جنرل روميل جي فوج اٽليءَ جي اتر ۽ آسٽريا تي حملي لاءِ آلپس طرف رواني پئي ٿي. مون کي ان ڏينهن جي ڪا چٽي يادگيري تہ ڪانهي، بهرحال مون کي اڄ بہ ايترو ضرور ياد آهي تہ ان کان پوءِ وارن سالن ۾ اسين هر شيءِ خاص ڪري ڪتابن ۽ لکڻ وارين شين کان محروم ٿي ويا هئاسون. مون مَس، ڪاغذن جي بدران واڍي واري ڳاڙهي ۽ نيري پينسل سان راشن وارن ڪاغذن جي پٺيان پهرين تصوير بہ ناهي هئي تہ ڪجهہ لکيو بہ هو. ان سان ٿيو ائين جو عام پينسلون ۽ ردي ڪاغذ منهنجي ترجيح بنجي ويا. پنهنجي ٻاراڻن ڪتابن جي چاهہ جي ڪري، آئون نانيءَ جون لغتون پڙهندو هوس. مون لاءِ اهي لغتون ڪنهن حيرت جوڳي دروازي مثل هيون، جن وچان لنگهي آئون دنيا جي ڪوجنا لاءِ روانو ٿيو هوس. آئون پنهنجي اتساهہ ۽ ڏينهن ڏٺي جي خوابن جي ڳولا ۾ اهي لغتون، نقشا ۽ اڻڄاتل لفظن کي پيو اٿلائيندو پٿلائيندو هوس. مون پهريون ڪتاب ڇهن يا ستن سالن جي ڄمار ۾ لکيو هو. ان ڪتاب جو سِرو هو. Le globe a mariner. ان کان جلدي پوءِ، مون ڊينيل ٽئين نالي هڪ خيالي بادشاهہ جي زندگيءَ جي آکاڻي لکي، جنهن ۾ هو تہ اهو بادشاهہ سوئيڊش هو ۽ اها ڪهاڻي سيگل پکي ٻڌائيندو آهي. اهو دور شديد اڪيلائيءَ وارو دور هو. مائٽ ٻارن کي گهر کان ٻاهر کيڏڻ لاءِ ڇڏيندي ڊڄندا هئا. ڇاڪاڻ تہ ٻنين ۾ توڙي منهنجي نانيءَ جي گهر جي آسپاس وارن باغن ۾ بارودي سرنگهون وڇايل هونديون هيون. مون کي ياد آهي تہ هڪڙي ڏينهن سمنڊ جي ڪناري تي پسار ڪندي، آئون اهڙي ميدان وٽ اچي پهتس، جنهن کي ڪنڊيدار لوهي تارن جو لوڙهو ڏنل هو. لوڙهي تي فرينچ توڙي جرمن ۾ هڪڙو نشان اڪريل هو جنهن ۾ اندر داخل ٿيڻ واري کي منع ڪيل هئي. ويتر ان ۾ ماڻهوءَ جي کوپڙي بہ ڏيکاريل هئي، جنهن مان خوف پئي ٿيو.

اها ڳالهہ سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿي تہ اهڙيءَ صورتحال ۾ لکڻ جي بلڪ خواب لهڻ جي ۽ انهن خوابن کي لکت ۾ آڻڻ جي چاهنا وڌي ويندي آهي. وڏي ڳالهہ تہ منهنجي ناني زبردست قصي گو عورت هوندي هئي ۽ سنجها لڙڻ کان پوءِ اسان کي ڊگهيون ڊگهيون آکاڻيون ٻڌائيندي هئي. اهي مڙيئي آکاڻيون خيالي هونديون هيون، جن ۾ ٻيلي جو ذڪر ضرور ايندو هو. شايد آفريقا جي ٻيلي جو يا شايد تہ ماريشيس

واري "مڪابي" بيلي جو ذڪر هوندو هو. جنهن ۾ مکيہ ڪردار هڪڙي پولڙي جو هوندو هو. جنهن کي ڪتراڳ جو وڏو ڏانءُ هو ۽ جيڪو ڏاڍي اڙانگيءَ حالت ۾ بہ پنهنجي لاءِ واٽ ڳولي وٺندو هو. گهڻو پوءِ مون آفريقا جو سفر ڪيو ۽ اتي ڪيترا ڏينهن گذاريا. اتي مون حقيقي بيلو بہ ڏٺو جنهن ۾ جانور تہ هئا ئي ڪو نہ. پر ڪيمرون جي سرحد ويجهو هڪڙي ڳوٺ اولودو ۾ بيلن جي ضلعي جي آفيسر مون کي ويجهي ڪنهن ٽڪريءَ تي گوريلن جي دهل جي وڄت ۽ انهن جي سينہ زني ٻڌڻ واري ڳالهہ سمجهائي. مون جيڪو وقت اتي نائيجيريا ۾ گذاريو جتي منهنجو پيءُ جهنگلي ٻوٽن جو ڊاڪٽر هو اهو وقت مستقبل جي ناولن لاءِ مواد جو ڪو نہ هو جيڪي مون اتان آندا هئا. پر واپسيءَ ۾ آئون پاڻ سان ڪنهن ٻئي قسم جي شخصيت يعني ڏينهن ڏٺي جو خواب لهڻ واري ماڻهوءَ کي وٺي آيو هوس، جنهن کي ساڳئي وقت حقيقت حيرت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي هئي. اها شخصيت ساري ڄمار مون سان گڏ رهي آهي. جنهن سڄي ڄمار منهنجي وجود ۾ متضاد پاسا ۽ پنهنجي پاڻ کان بہ اوپرائپ کي جنم پئي ڏنو آهي، جيڪا ڳالهہ اڪثر پيڙا جو ڪارڻ پئي بڻي آهي. ان ئي منهنجي حياتيءَ کي ڏيرج عطا ڪيو آهي ۽ مون کي پنهنجي وجود جي اهڙن جهانن طرف وٺي ويندي آهي، جتي مون کي تضادن جي اهميت سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي آهي. ڪتاب منهنجي زندگيءَ ۾ پوءِ داخل ٿيا. جڏهن منهنجي پيءُ جي ورثي ۽ ترڪي جي اسان پاڻ ۾ ورڇ ڪئي هئي. ماريشيس ۾ موڪا ۾ پنهنجو اباڻو گهر ڇڏڻ وقت، بابا ڪيترا ئي ڪتب خانا گڏي هڪ ڪرڻ جو انتظام ڪيو هو. انهن لئبررين ۾ ڪتاب پيل هئا. ان وقت مون کي اهڙو سچ سمجهہ ۾ آيو جيڪو ٻارن تي ٽڪڙو نہ کُلندو آهي. سو اهو تہ ڪتاب وڏو خزانو آهي، جيڪو خزانو حقيقي ملڪيت ۽ بئنڪ ۾ پيل موڙيءَ کان بہ وڌيڪ ملهائتو آهي. اهي ئي ڪتاب هئا، جن ۾ ڪيترا ئي قديم ڪتاب ۽ ڳرا ڳرا جلد بہ شامل هئا، جن ۾ مون کي عالمي ادب جا شاهڪار ملي ويا. مثال طور ٿوني جوها ناٽ جو "ڊان ڪئيڪوٽ" La vida de tazarillo de tormes ايگولڊ سبي جون لوڪ ڪهاڻيون، گليور جا سفرناما، وڪٽر هيوگو جا عظيم ناول Les Travailleurs de xa mer , Quatre – vingt – treize ۽ home quilit ۽ ساڳئي وقت انهن ۾ بالزاڪ جو ناول Les contex drolatiques بہ شامل هو- پر جن ڪتابن جو مون تي گهڻي ۾ گهڻو اثر ٿيو سي هئا سيلانين جي سفر جا گلدستا. انهن ۾ گهڻو ڪري هندستان، آفريڪا ۽ ماسڪارين وارن بيٽن جي سفر جو ذڪر هوندو هو. يا تہ وري کوجنا جي تاريخ جا ڪتاب هئا، جيڪي ڊيومونٽ ڊي اروائيل ۽ ابي ريچان جا لکيل هئا- يا وري باٿو گينوائيل، ڪوڪ ۽ مارڪوپولو جا سفر ناما هئا. آفريقا ۾ گهاريل آزاديءَ جي انهن ڏينهن کان ٻهراڙيءَ جي هڪڙي ننڍڙي شهر ۾ روشن

سچ هيٺ پنڪيون ڪائيندي، زندگي گذارڻ ۾ انهن ڪتابن مون کي ڪشالن جي سمجهه ڏني. انهن ڪتابن مون کي حقيقي زندگيءَ جي وسعت جو شعور عطا ڪيو. انهن ڪتابن مون کي عام ڄاڻ بجاءِ جبلت ۽ احساسن ذريعي زندگيءَ جي کوجنا ڪرڻ جو گس ڏسيو. هڪ ليکڪ ٻاروتڻ کان ئي انهن ڪتابن مون کي ٻار جي وجود جي متضاد فطرت بابت ڄاڻ عطا ڪئي هئي. ٻار جيڪو مقابلي، تشدد ۽ ڌهڪاءَ کان ڏور ڪنهن سڪون واري جاءِ سان ڳنڍيجي ويندو آهي. ڪيس درياءَ جي شيشي مان وهندڙ دنيا تي نهار وجهڻ سان خوشي حاصل ٿيندي آهي.

اها حيرت جوڳي خبر ملڻ کان ٿورو اڳ تہ سوئيڊش اڪيڊمي مون کي هيءَ اعزاز عطا ڪيو آهي، مون اسٽگ ڊئگرمين جي سياسي مضمونن جو ڳٽڪو پئي پڙهيو. ان ڪتاب جو نالو آهي Essaeroch lexter. اهو ڪتاب مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. اهو تلخ ڪتاب مون ان وقت پهريون ڀيرو ڪونہ پئي پڙهيو ۽ فقط اتفاق بہ ڪونہ هو. مون ان وقت انعام وٺڻ لاءِ سوئيڊن سفر جي تياري پئي ڪئي، جيڪو اڳئين سياري ۾ اسٽگ ڊئگرمئن جي دوستن جي انجمن مون کي عطا ڪيو هو. مون لاءِ انهن جاين ڏسڻ جو موقعو آيو پئي، جن جاين تي ليکڪ جو ننڍپڻ گذريو هو. آئون ڊئگرمئن جي لکت جو خاص مداح رهندو آيو آهيان. خاص ڪري سندس ان انداز جو جڏهن اهو ٻار جهڙي ڪوملتا پنهنجي آدرش واد سان سادگي ۽ طنز کي شامل ڪندو آهي ۽ پنهنجي روشن نگاهي، جنهن سان هو پنهنجي بلوغت ۽ منهنجي ٻاروتڻ واري جنگ کان پوءِ واري هيبتناڪ دور جي ڇنڊڇاڻ ڪندو آهي. ان ڪتاب ۾ هڪڙي خاص جملي منهنجو ڌيان ڇڪايو آهي. مون کي لڳندو آهي ڄڻ ان جملي سان مون کي خاص انهيءَ لمحي ۾ مخاطب ڪيو ويو هجي، جڏهن مون پنهنجو ناول Ritourelle de lafaim ڇپايو هو. اهو جملو يا ائين ڪٽي ڇئجي تہ اهو ٽڪرو هيٺينءَ ريت هو. "اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو مثال طور هڪ پاسي تہ ماڻهو ائين ورتاءُ ڪري ڄڻ تہ ڌرتيءَ تي ادب کان ڪا بہ شئي وڌيڪ اهم ڪانهي ۽ ٻئي پاسي اهو ڏسڻ ۾ ناڪام ٿئي تہ جيڏانهن بہ ماڻهوءَ جي نظر وڃي ٿي تہ ماڻهو بک سان ويڙهہ ڪائيندي ڏسڻ ۾ ٿا اچن ۽ لازمي طور اهي انهيءَ شئي کي ئي سڀ کان اهم سمجهندا. جيڪا اهي مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ ڪمائيندا آهن؟ ڇاڪاڻ تہ هي اهو نُڪتو آهي، جتي ليکڪ کي حيرتن سان ويڙهہ ڪاٽي پوندي آهي. حيرت اها تہ هن جن لاءِ لکڻ چاهيو ٿي، سي اهي ئي بکايل ماڻهو هئا. هن تي هاڻي اهو پڌرو ٿيندو آهي تہ سندس (ليکڪ جي) وجود طرف ڌيان ڏيڻ جي واندڪائي فقط انهن ماڻهن وٽ آهي، جن کي کائڻ پيئڻ لاءِ ججهو حاصل آهي". (ليکڪ ۽ شعور).

جيئن سنگ ڊئگرمئن ان کي ڪوٺي ٿو حيرت جو هيءُ جهنگل، جٿي طرح ڳالهه ڪبي تہ اهو تصنيف جي حڪمرانيءَ جو ميدان آهي. اهو اهڙي جاءِ آهي، جتان فنڪار پڇي وڃڻ جي ڪوشش نہ ڪندو آهي. ان جي برخلاف ان (ليڪڪ يا ليڪڪا) کي اتي هر تفصيل جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ، هر وات جو ڏَس ڳولي لهڻ ۽ هر وڻ تي ڪو نالو رکڻ لاءِ جهوپو جوڙي ويهي رهڻ کپي. اتي رهڻ ۾ سدائين لطف نہ هوندو آهي. ليڪڪ کي لڳندو آهي تہ ڪيس ڇانورو ملي ويو هجي ۽ ليڪڪا کي پنهنجي لکيل هر صفحي لاءِ اها خاطري هوندي آهي تہ اهو سندس گهَرو ۽ نازبردار دوست آهي۔ پر اتي انهن ليکڪن کي نہ فقط مبصر پر اداڪار طور سچائيءَ سان منهن مقابل ٿيڻو پوندو. ڪين ڪو پاسو کڻڻ کپي ۽ وچوٽيون قائم ڪرڻ کپن. سيسرو ربيلائيس، ڪونڊور سيٽ، روسو، مئڊم ڊي اسٽيل يا اجا بہ ويجهڙائيءَ ۾ سولزي نيٽسن، هوانگ ساڪ ينگ، عبداللطيف لعابي، يا ميلان ڪنڊيرا، انهن سمورن جلاوطنيءَ واري وات ورتي. مون جهڙن بہ ڪيترن ئي جنگ واري ٿوري وقت کان سواءِ سدائين اٿڻ ويهڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ جي آزاديءَ جو مزو ماڻيو آهي. ڪنهن ماڻهوءَ کي سندس مرضيءَ واري جاءِ تي رهڻ کان منع ڪرڻ وارو خيال ائين آهي، جيئن ڪنهن ماڻهوءَ کي آزاديءَ کان محروم ڪيو وڃي.

پر گهمڻ ڦرڻ ۽ زندگي پنهنجي مرضِيءَ سان گذارڻ جي آزاديءَ جي نتيجي ۾ حيرت پيدا ٿئي ٿي. هڪڙي پل لاءِ وچ ۾يلي ۾ بيٺل ڇُنهبيارن ڪنڊن وارن وڻن تي نظر وجهو جتي ليکڪ جو گهر آهي. اهو مرد يا عورت ليکڪا، لڳاتار لکندا ٿا رهن، اهي خواب اٽندا ٿا رهن. اهي انهن ٿورڙن ماڻهن منجهان ناهن، جيڪي ماڻهو خاص الخاص ۽ وڏي بخت وارا هوندا آهن. هڪ پل لاءِ ترسي، اڇو تہ ڪنهن بہ اهڙي پوائنٽي حال جو تصور ڪريون، جنهن ۾ اسان جي ڌرتيءَ تي رهندڙ ماڻهن جي تمام وڏي اڪثريت جي زندگي گذري ٿي. اهڙي حالت، جيڪا ڊگهو عرصو اڳ ارسطو يا ٽالسٽاءِ جي ڏينهن ۾ هوندي هئي. اهڙيءَ حالت انهن ماڻهن جي نصيب ۾ آهي، جن جي ڪا حيثيت ڪا نہ هوندي آهي. مثال طور غلام، هاري، نوڪر ۽ وچئين دور واري يورپ جا سَرڙيا هاري۔ يا اهي ماڻهو جيڪي ”روشن خياليءَ“ واري دور ۾ ذڪڻ آفريقا جي ڪنارن تان گوري، ايلمنيا يا زنجبار مان جهلي آڻي وڪيا ويندا هئا. ويندي اڄ بہ جڏهن آئون اوهان سان مخاطب آهيان تہ هينئر بہ دنيا ۾ الائي تہ ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن جن کي ڳالهائڻ جي آزادي ميسر ناهي. اهي ماڻهو زبان جي ٻئي ڪناري جا ماڻهو آهن. آئون گرامچيءَ جي ويڙهہ واري خيال يا سارتر جي هوڏ ڇڏي ڏيڻ جي مقابلي ۾ ڊئگرمئن جا مايوس ڪندڙ خيال ترڪ ڪري چڪو آهيان. اهو خيال تہ ادب مقتدر طبقي جي عياشي آهي، ماڻهوءَ

جي ذهن ۾ اهڙو خيال ۽ تصور اڀاري ٿو جيڪو ماڻهن جي وڏي اڪثريت لاءِ اوپرو آهي. اهو ماڻهن کي نقصان ڏيڻ جو هٿيار آهي، جيڪو اسان مان هر هڪ کي محسوس ٿئي ٿو. آئون خاص طور تي هن وقت انهن کي مخاطب آهيان جيڪي لکن پڙهن ٿا. يقيني طور آئون چاهيندس ته اها ڳالهه انهن ماڻهن ۾ به پکيڙي وڃي، جيڪي هتي موجود ناهن. جرئت کان ڪم وٺندي، انهن ماڻهن کي به تهذيبي دعوت ۾ ڪوٺيو وڃي. اها ڳالهه ڏکي ڇو آهي؟ نسلن جي علم جا ڄاڻو جيئن ڳالهه ڪندا آهن ته اهي جيڪي لکن ڪو نه ٿا، تن گيتن ۽ ڏند ڪٿائن جي صورت ۾ خيالن جي ڏي وٺ جو ڪامل طريقو ڳولي لڌو آهي. اڄڪلهه اسان جي صنعتي سماجن ۾ اها ڳالهه ناممڪن ڇو آهي؟ ڇا اسان کي ڪلچر جي ٻيهر تعمير ڪرڻ گهرجي؟ ڇا اسان کي خيالن جي ڏي وٺ جي تڪڙي ۽ سڌي طريقي ڏانهن موٽ ڪائڻ گهرجي؟ اها ڳالهه وسهڻ لاءِ مناسب ڪارڻ آهي ته اسان جي دور ۾ اهو ڪردار سئنيما، عوامي سنگيت، ان جي لئي ۽ قافيه بندي ۽ ناچ جي پڙاڏي وسيلي پورو ڪيو پيو وڃي يا اهو ڪم جاز ۽ ٻين ملڪن ۾ ڪاليپسو، مالويا يا سيگا ذريعي سرانجام ڏنو پيو وڃي.

اها حيرت ڪا اڄ جي ڳالهه ڪانهي. سال ٿيندا ته فرينچ زبان جي عظيم ليکڪ "فرانڪوئس ربابيلائس" ساربون جي دانشور لڏي خلاف لڙائي شروع ڪئي هئي، جنهن ۾ هو عوامي زبان جي لفظن وسيلي ڪين منهن تي ئي ٽوڪيندو هو. ڇا ان وقت هو بکايلن سان مخاطب هوندو هو؟ بي انتها مال، نشو ۽ دعوتون! هن پنهنجي لفظن ۾ انهن ماڻهن جي غير معمولي بک شامل ڪئي هئي، جيڪي هاري مزدور جي هيٺائيءَ سان پنهنجو پيٽ ڀريندا آهن. ڪافي عرصو ٿي ويو آهي جو ڊوننگ جي ڪري دنيا کي اونڌو ڪيو ويو آهي. اداس ڇهري واري نواب جي داستان وانگي انقلاب جو مونجهارو به ليکڪ جي ضمير ۽ شعور ۾ گهر ڪري ويهي ٿو. اهو گڻ آهي جيڪو هميشه ليکڪ جي قلم سان گڏ هوندو آهي. اها ئي قوت آهي جو اهو قلم بي خبري ۽ رنڊا روڙڻ ۾ به ڪنهن ڏاڍي جي واڪاڻ نه ڪندو آهي. جڏهن ليکڪ اهو گٿائتو رويو اختيار ڪري رکي ٿو ته، ان جو اهو ڪارڻ ڪونهي ته ڪو هو پاڻ کي هر هڪ قسم جي شڪ کان بالاتر سمجهي ٿو. سندس بغاوت، سندس انڪار ۽ ضد ڳالهه جو هڪڙو پهلو آهي ۽ ٻيو پهلو آهي زبان جي سگهه. ٿورا ڪي لفظ ڪي ٿورا اصطلاح ڇوٽڪاري جو ڪارڻ بڻجي سگهن ٿا ۽ باقي؟ باقي بچندا خال ۽ من کي موهيندڙ تڪلف! ها وري مزاح به آهي، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن فقط اداسيءَ جو نفيس اظهار ڪو نه هوندو آهي، پر انهن ماڻهن جي مايوسيءَ جو اظهار هوندو آهي، جيڪي ماڻهو پنهنجي ڪوتاهين کان پليءَ پت واقف هوندا آهن. مزاح اهو ساموندي ڪنارو آهي، جتي ناانصافيءَ جي رواجن کي اڇلايو ويو آهي.

آئون ڇو لکندو آهيان؟ هنن ڏينهن ۾ ڪجهه وقت کان ليکڪن کان اهو گهمنڊ ڇڏائي ويو آهي ته اهي دنيا کي تبديل ڪري سگهن ٿا ۽ اهي پنهنجي ڪهاڻين ۽ ناولن وسيلي اهڙو مثال پيش ڪري سگهن ٿا ته بهتر زندگي ڪيئن هئڻ گهرجي. سڌي ڳالهه آهي ته اهي فقط شاهدي ڏين ٿا. اهي حيرت جي جهنگل ۾ وڃڻ ڏسن ٿا. ليکڪ شاهدي ڏيڻ چاهيندا آهن. جڏهن ته حقيقت ۾ اڪثر ڪري اهي فقط هڪڙي تماشائيءَ کان وڌيڪ ڪجهه به ڪو نه هوندا آهن.

ان هوندي به ڪيترا ئي فنڪار آهن جيڪي شاهد بڻيا آهن. ڊانتي Lo Divina commedia ۾ شيڪسپيئر The temptest ۾ ۽ ايمي سيزر پنهنجي ان خوبصورت ڊرامي ۾، جنهن جو عنوان آهي Une Tempete. جنهن ۾ ڪاليبان بارود جي ڍڳ تي لانگ ورائي ويٺل هوندو آهي ۽ پاڻ کي آڏائي ڇڏڻ ۽ پنهنجي ڪِين جهڙن مالڪن کي به گڏ وٺي وڃڻ جي ڌمڪي ڏيندو آهي- ٻيا به ڪيترا ئي شاهد آهن. جن تي ڪو به الزام ڪو نه هوندو آهي. جيئن ته Os serbes ۾ Euclides da cunha يا Primo levi. اسان Der progess ۾ (يا چارلي چپلن جي فلمن ۾) دنيا جي چسائي ڏسي سگهون ٿا. colletle جي La naissance du jous ۾ دنيا جي اٽپورائي نظر ايندي. ان جو مايا چار اسان کي فنگانس ويڪ جي تخليق ڪيل آئرش نغماتي ناٽڪ ۾ ڏسڻ ۾ ايندو.

ان جي تيز جلويدار ۽ اڻ جهل حسن اسان کي پيٽر مئٿسين جي "برفاني چيتو" يا ايلڊو ليوپارڊ جي "المانڪ، هڪ واريا‌سو ملڪ" ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. ان جي ڪنورتا اسان کي وليم فاڪنر جي "آشرم" يا "لائوشي" جي "پهرين برف" ۾ نظر ايندي ۽ دنيا جو ٻاروتڻ ۽ ان جي هيٺائي مئگرمئن جي آرمين (نانگ) ۾ ڏسڻ ۾ ايندي.

هڪ شاهد طور بهترين ليکڪ اهو آهي، جيڪو نه چاهيندي به پاڻ کي ايذائيندو هجي. هيءَ حيرت انهي ڳالهه جي آهي ته ليکڪ اهڙي ڳالهه جي شاهدي ڪو نه ٿو ڏئي، جيڪا هن ڏٺي هجي، پر ان جي جيڪا هن پاڻ ايجاد ڪئي هجي. ان معاملي ۾ تلخي، بلڪ نااميدي به پيدا ٿي سگهي ٿي. چاڪاڻ ته ليکڪ الزام تي جهڪي نٿو سگهي. ٽالسٽاءِ اسان کي انهن پوڳنائن کان واقف ڪيو آهي، جيڪي نيپولين جي فوج روس تي مڙهيون هيون. ان هوندي به تاريخ جي ڌارا ۾ ڪجهه به بدليو ناهي. ڪليئر ڊي ڊيوراس "آئوريڪا" ۽ "هاريٽ بيچ اسٽوو" ۽ "چاچي ٽام جي ڪئبن" لکيا، پر هي اهي ماڻهو هئا جيڪي پاڻ ئي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئا. جن پنهنجي تقدير بدلائي، انهن ماڻهن بغاوت برپا ڪئي ۽ برازيل، فرينچ گيانا، ويسٽ انڊيز ۽ پهرين ڪاري جمهوريه هيٽي ارون ۾ جدوجهد وسيلي بي انصافي خلاف جنگ ڪئي.

سڀ کان وڏي ڳالهه تہ اها ئي ڳالهه آهي، ليکڪ پاڻ کي جنهن جي سرانجام ڏيڻ لائق بڻائڻ چاهيندو آهي يعني شاهدي ڏيڻ بجاءِ عمل ڪرڻ. ان جو لکڻ، سندس تخيل ۽ اهڙو خواب ڏسڻ تہ سندس لفظ سندس تخليق توڙي سندس خواب سچائيءَ تي گهرو اثر وجهندا، ماڻهن جون دليون ۽ دماغ ۾ تبديلي آڻي هڪ بهتر دنيا جي تخليق لاءِ راهون روشن ڪندا_ ان هوندي بہ ٺيڪ انهيءَ لمحي ۾ ڪو آواز پڙڪي جي صورت ۾ سندس ڪنن ۾ ٻرڻ لڳندو آهي تہ اهو ممڪن ناهي. اهي لفظ فقط لفظ آهن، جيڪي سماج جي واچوڙي ۾ اڏامي گم ٿي وڃن ٿا ۽ خواب تہ فقط مايا آهن. ڪيس اهڙو ڪهڙو حق آهي جو اها خواهش ڪري تہ پاڻ بهتر آهي؟ ڇا سچ پچ اهو ليکڪ جو ڪم آهي تہ اهو مسئلن جو حل ڳولڻ جي ڪوشش ڪري؟ ڇا سندس حالت ۾ حيثيت Knock ou le triomphe de la made cine ڊرامي واري راند ڪيڏائڻ  واري ڪردار واري آهي، جيڪو زلزلي کي تارڻ جي خواهش ڪندو آهي؟ هڪ ليکڪ ڪيئن ٿو اهڙو عمل ڪري سگهي، جڏهن ڪيس فقط اها ڄاڻ هوندي آهي تہ ڳالهين کي ياد ڪيئن رکيو وڃي؟

سندس زندگيءَ ۾ اڪيلائي سندس وڏي دولت هوندي آهي ۽ سدائين ائين ئي ٿيندو آيو آهي. هڪ ڀار طور هو هيٺو اتاولو ۽ ٻين جي هٿن تي هوندو هو ۽ جيڪڏهن ڇوڪري هوندي تہ جيئن ڪوليٽي چيو آهي تہ اها ڏسندي تہ سندس ماءُ ۽ پيءُ هڪ ٻئي کي چيرڻ ڦاڙڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا هوندا آهن ۽ هن ويچاريءَ جو وس ڪو نہ هلندو آهي. هوءَ رڳو پنهنجون وڏيون ڪاريون اکيون ڦاڙي، ڏاڍي ڏيان سان اهو لقاءُ پئي ڏسندي آهي. ليکڪ کي اڪيلائي سان پيار هوندو آهي_ ۽ اهو ساڻن اڪيلائيءَ جو ئي ساٿ هوندو آهي، جنهن ۾ اهي خوشيءَ جو روح يا جوهر ڳولي لهندا آهن. اها خوشي متضاد ۾ درد ۽ خوشيءَ جو مرڪب هوندي آهي! هڪڙي خيالي سوچ، ڪنهن طلسمي ڏن جهڙي ۽ پل پل جي خاموش پيڙا هوندي آهي. ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ کان، ليکڪ اهو بهتر ڄاڻندو آهي تہ زندگيءَ جو زهريلو ٻوٽو ڪهڙيءَ ريت پوکيو وڃي. اهو ٻوٽو جيڪو فقط ليکڪ جي پنهنجي ٻي وسيءَ جي زمين ۾ نسرندو ۽ اسرندو آهي. ليکڪ هر دور جي هر ماڻهوءَ لاءِ ڳالهائڻ چاهيندو آهي، پوءِ اهو مرد ليکڪ هجي يا عورت ليکڪا. اڪيلي ڪمري ۾ خالي صفحن جي روشن ترين آئيني جي آڏو بتيءَ جي روشنيءَ کي ٻاريو ويٺو هوندو آهي يا ڪمپيوٽر جي روشن پردي آڏو ويٺو هوندو آهي، ڪنن ۾ ڪنجين جي ٺڪ ٺڪ پئي ايندس، پوءِ اهو آهي ليکڪ جو ٻيلو. هر ليکڪ کي ان ٻيلي جي هر ٻهي جي پليءَ پٽ ڄاڻ هوندي آهي. هاٿي ڪا ڳالهہ ائين گم ٿيندي لڳندي، جيئن پريات ويل ڪو پکي ڪٽي جي جهٽ

هٽڻ تي پڙڪو ڪائيندو آهي. حيرت آهي، ماڻهوءَ جي پنهنجي عڪس هوندي بہ اوچتو ائين بہ ٿي پوندو آهي.

بهرحال، منهنجي اها خواهش ناهي تہ آئون انڪار مان مزو وٺان. ادب ۾ اها ڳالهہ ٿي آهي، جيڪا آئون ڪندو رهيو آهيان. اهو ڪو پراڻو تبرڪ ڪونهي، ان جي جاءِ منطقي طور وڊيو واري فن خاص ڪري سئنيما کي پرڻ کپي. ادب هڪڙو منجهائيندڙ ۽ اڙانگو گس آهي، پر بائرن يا وڪٽر هيوگو وارن ڏينهن کان بہ اڄ مون ان کي زندگيءَ لاءِ ضروري سمجهي اختيار ڪيو آهي.

ادب ڇو ضروري آهي؟ ان جا بہ ڪارڻ آهن.

سڀ کان پهرين اهو تہ ادب زبان مان جڙندو آهي. اهو لفظ ۽ اکرن جو شروعاتي احساس آهي، جيڪو لکيو ويندو آهي. فرينچ زبان ۾ لفظ ”رومن“ نثر جي انهن ڪتابن جي حوالي طور ڳالهايو ويندو آهي، جن ۾ وچئين دور کان پوءِ واري ٻولي لکي ويندي هئي، جيڪا ان دور جو عوام ڳالهائيندو بہ هو. اها ”رومانوي“ زبان هوندي هئي ۽ لفظ ”مختصر ڪهاڻي“ Nouvelle انهيءَ نواڻ جي خيال مان ورتو ويو آهي. ٿلهي ليکي ڳالهہ ڪجي تہ ساڳئي وقت فرينچ جو لفظ Rimeur جيڪو Rime يا Rhyme مان ورتل آهي، هاڻي شاعري يا شاعرن لاءِ استعمال ڪرڻ ۾ ترڪ ڪيو ويو آهي. نوان لفظ يوناني زبان جي فعل Poiein مان ورتا ويا آهن، جنهن جي معنيٰ آهي، ”تخليق ڪرڻ“. ليکڪ هجي يا شاعر يا ناول نگار سيئي تخليقڪار آهن. ان جي معنيٰ اها ڪانهي تہ اهي زبان تخليق ڪن ٿا، بلڪ ان جو مطلب اهو آهي تہ اهي حسن، تخيل ۽ خيالن جي تخليق لاءِ زبان جو استعمال ڪندا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اسين ان کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪري نٿا سگهون. زبان انساني تاريخ ۾ نهايت غير معمولي تخليق آهي، جيڪا هر ڳالهہ کي ونڊڻ ورڇڻ ۽ هڪ ٻئي تائين رسائڻ کي ممڪن بڻائي ٿي. زبان نہ هجي ها تہ نہ سائنس هجي ها، نہ هنر، نہ قانون، نہ ڪوئي فن هجي ها ۽ نہ ئي پيار. پر اهو ماڻهو جنهن سان تخليق اورجي ٿي، ان جي وجود کان سواءِ اها (تخليق) ذاتي شئي ٿيو پوي. اها بي رنگ ۽ ٻاڙي ٿي پوي ٿي، اها ختم ٿي وڃي ٿي. ليکڪ هڪ حد تائين زبان جا سرپرست ٿيندا آهن. هي جڏهن لکندا آهن تہ سندن لکيل ناول، سندن شاعري يا ناٽڪ زبان کي زندگي عطا ڪندا آهن ۽ زبان کي زنده رکندا آهن. اهي فقط لفظن جو استعمال ڪو نہ ٿا ڪن، پر ان جي برخلاف اهي زبان جي خدمت ڪندا آهن. اهي زبان کي شهرت ڏين ٿا، ان کي پُراثر بڻائين ٿا، ان جي ڪايا پلٽ ڪن ٿا. ڇاڪاڻ تہ زبان انهن جي ڪري ۽ انهن جي وسيلي ئي زنده هوندي آهي ۽ اها انهن ليکڪن جي دور جي سماجي توڙي اقتصادي ڪايا پلٽ جي ساٿياڻي هوندي آهي.

اڳين صديءَ ۾ جڏهن نسل پرست نظرين جو زور هوندو هو تڏهن ڪلچرن جي بنيادي فرق جي ڳالهه به هلندي هئي. هڪ واهيات ۽ ڇسي ورتي طور بينڪي طاقتن جي اقتصادي ڪاميابي ۽ سندن تهذيبي متيرائي جي وچ ۾ لاڳاپي جو ذڪر ڪيو ويندو هو. اهڙي قسم جا نظريا غير صحتمند شوق ۽ موسمي بخار وانگي هِتي هُتي وري وري اڀري ايندا هئا ته جيئن نئين بينڪي سرشتي ۽ سامراجيت کي حق بجانب ثابت ڪري سگهجي. اسان کي ٻڌايو پيو وڃي ته دنيا ۾ ڪيترين ئي قومون آهن جيڪي پوئتي پيل آهن. انهن کي پنهنجا حق ۽ سهولتون ميسر ٿي نه سگهيون آهن. انهن جي پنهنجي زبان ته آهي، پر ان ڪري ڇاڪاڻ ته اهي اقتصادي طور پوئتي پيل ۽ هنري طور مدي خارج آهن- پر اهي سڀ ماڻهو جن کي پنهنجي تهذيبي متيرائي جو گهمنڊ آهي، تن ڪڏهن اهو ڇاتو آهي ته سڄيءَ دنيا ۾ ماڻهو زبان جو استعمال ڪن ٿا. پوءِ سندن ترقي ڪهڙي به سطح تي هجي؟ ۽ اهو به ته انهن زبانن مان هر هڪ ۾ ساڳيو ئي منطقي نظام، ساڳيا ئي منظم تجزياتي گڻ موجود آهن. جن وسيلي انهن ۾لفظ جي اظهار جي قدرت موجود آهي، جن وسيلي سائنسي گفتگو ٿي سگهي ٿي يا ڏند ڪٿائون تخليق ڪري سگهجن ٿيون؟

هينئر مون ان مبهم ۽ ڪنهن ليکي جهَڪي ٿيندڙ حسن واري مخلوق جي وجود جو بچاءُ ڪيو آهي، جنهن کي ليکڪ چئجي ٿو ته آئون چاهيندس ته آئون ادب جي ضرورت جي ٻئي ڪارڻ طرف رخ ڪريان. ان جو لاڳاپو ڇاپي جي پلوڙ ڏنڌي سان آهي.

اڄڪلهه گلوبلائيزيشن جو ڏاڍو ذڪر ڪيو پيو وڃي. ماڻهن کان اها حقيقت وسري ٿي وڃي ته اهو منظر يورپ ۾ نئين سڄاڳيءَ واري وقت ۽ بينڪي دور جي شروعات سان گڏ شروع ٿيو هو. پنهنجي ليکي گلوبلائيزيشن ڪا خراب ڳالهه ڪانهي. خيالن تائين رسائي ۽ انهن جي ڏي وٺ واري صورتحال طب ۽ سائنس جي ترقي جي رفتار تيز ڪري ڇڏي آهي. اطلاعاتي قوت جي عام ٿيڻ سان شايد اختلافن ۽ جهيڙن جهڳن جي اڳوات ئي ڄاڻ پئجي ٿي وڃي. اهو ڪير ٿو ڄاڻي ته جيڪڏهن شايد هٽلر جي ڏينهن ۾ انٽرنيٽ هجي ها ته ان جا مجرماڻا منصوبا ڪامياب ڪو نه ٿين ها. انهيءَ سچائي اسان کي ڪڏهن به ڏينهن جي روشني نه ڏسڻ کان بچائي ورتو.

اسين انٽرنيٽ ۽ هڪ خاص ڪميونيڪيشن جي دور ۾ رهون ٿا. اها سٺي ڳالهه آهي، پر اهي حيرت انگيز ايجادون ڪهڙي ڪم جون؟ جيڪڏهن اهي زبان جي لکڻ ۽ سکيا ۽ ڪتابن جو ڪم نٿيون ڪن؟ هن ڌرتيءَ تي موجود لڳ ڀڳ هر ماڻهوءَ کي شفاف پاڻيءَ جهڙو درشن مهيا ڪرڻ خام خيالي آهي. ڇا ان حالت ۾ اسين نئين قسم جو حاڪم طبقو نه پيا پيدا ڪريون؟ ڇا اسين دنيا کي ورهائڻ واري نئين ليڪ نه پيا

ڪيون، خاص ڪري انهن جي وچ مان، جن مان هڪڙن کي ڄاڻ ۽ اطلاعاتي علم تائين پهچ حاصل آهي ۽ ٻيا اهي جن کي انهيءَ دائري کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ويو آهي؟ عظيم قومون ۽ عظيم تهذيبون ميسارجي ويون. ڇاڪاڻ تہ اهي اهو سمجهي ٿي ڪو نہ سگهيون تہ ڪو سندن زوال بہ اچي سگهي ٿو! يقين ڪريو تہ اهڙا ڪيترا ئي عظيم ڪلچر ڌرتيءَ تي موجود آهن، جن کي ٿورائيءَ وارن جا ڪلچر چيو وڃي ٿو پر اهي اڄ ڏينهن تائين (پنهنجي بقا لاءِ) ويڙهہ ڪائيندا پيا اچن. ان جو بنيادي ڪارڻ ڏند ڪٿائن ۽ علم جي زباني طور هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ ڏانهن منتقليءَ جي مهرباني آهي. انهن ڪلچرن جي ڪردار جي مجوتي لاياتي ۽ ضروري ڳالهہ آهي، پر اسين اها ڳالهہ مڃون يا نہ، پلي اسان سچائيءَ جي دور مان اچا تائين ڪجهہ حاصل نہ ڪيو هجي، پر اها حقيقت آهي تہ اسين ڏند ڪٿائن جي دور ۾ ڪو نہ ٿا رهون. ٻين جو احترام ڪرڻ ۽ هڪجهڙائي جو اسين ايستائين بنياد ئي رکي نٿا سگهون، جيستائين هر ٻار لکڻ جو لاڀ نٿو حاصل ڪري.

۽ هينئر بينڪي نظام ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ واري هن دور ۾ اسان جي دور ۾ ادب عورتن ۽ مردن لاءِ سندن سڃاڻپ جي اظهار واري وات جو روپ وٺي چڪو آهي. ادب انهن جو پنهنجي حقن جي دعويٰ ڪرڻ، گفتگو ڪرڻ ۽ هر رنگ ۾ ڪين ٻڌڻ جو وسيلو آهي. انهن جي آواز ۽ انهن جي سڏن کان سواءِ اسان ٻي انت خاموشيءَ جي ور چڙهي ويندا سين.

اسان سمورن کي عالمي سطح جي ڪلچر جي اون آهي، پر ٻين لفظن ۾ سڀ کان وڏيڪ ذميداري پڙهندڙن ۽ ڇاپڻ وارن جي آهي. اهو سچ آهي تہ اها وڏي بي انصافي آهي تہ اتر ڪئنيڊا جي ڪنهن ڏورانهين علائقي جو انڊين جيڪڏهن چاهي تہ سندس آواز کي ٻڌو وڃي تہ کيس فاتحن جي زبان يعني فرينچ يا انگريزيءَ ۾ لکڻ گهرجي. اهو بہ سچ آهي تہ اها ڳالهہ بہ خام خيالي آهي تہ ويسٽ انڊيز يا ماريشس جي ”ڪريولي“ ٻولي بہ آسانيءَ سان سڄيءَ دنيا ۾ ائين ٻڌي وڃي، جيئن ڪو پنجن ڇهن ٻولين جو دنيا جي اطلاعاتي بادشاهت تي شاهاڻو راڄ آهي. پر جيڪڏهن ترجمي ذريعي انهن جو آواز ٻڌي سگهجي تہ اها هڪڙي نئين ڳالهہ ٿيندي، جيڪا اميد افزائيءَ جو ڪارڻ بڻبي. جيئن مون چيو آهي تہ ڪلچر جو لاڳاپو اسان سڀني سان، سڄيءَ انسان ذات سان آهي، پر اها ڳالهہ سچ ثابت ڪرڻ جي ڏس ۾ هر هڪ کي ڪلچر تائين رسائيءَ جا هڪ جهڙا موقعا ڏنا وڃن. انهيءَ ڏس ۾ ڪتاب جيڪو ڪٿي پرائي شئي بہ آهي، پر اهو هڪ ڪارائتي ۽ مثالي شئي ٿي سگهي ٿو. اهو علم حاصل ڪرڻ ۾ آسان ۽ سستو پوي ٿو. ڪتاب کي ڪهڙي بہ موسم ۾ سانڍي رکڻ لاءِ ڪنهن

خاص هنري سهولت جي ضرورت ڪا نہ پوندي. هڪ ڳالهہ آئون هينئر خاص طور تي چاپڻ وارن کي چوندس تہ ڪتاب جي خامي فقط اها آهي تہ اڄ بہ ڪيترن ملڪن ۾ ڪتاب حاصل ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي. ماريشس ۾ ڪنهن ناول يا شاعريءَ جي ڪنهن ڳُتڪي جو ڪتاب گهرَ جِي بجيٽ جو چڱو موچارو حصو کايو وڃي. آفريقا، ڏکڻ اوڀر ايشيا، ميڪسيڪو ۽ ڏکڻ وارن سامونڊي ٻيٽن ۾ ڪتاب اڄ بہ اهڙي عياشي واري وٿ بڻيل آهي، جنهن تائين پهچ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ڪانهي- ۽ ان هوندي بہ انهيءَ صورتحال جو علاج بہ موجود آهي، اهو تہ اسرندڙ ملڪن سان ڇپائيءَ جا گڏيل ادارا قائم ڪيا وڃن. قرض ڏيندڙ لئبرريون، متحرڪ لئبرريون ۽ گڏيل پونجي قائم ڪئي وڃي. بار بار هٿ ٺوڪين ٺوراين وارن جي ٻولين ۾ ڪيل ڪم ۽ انهن جي گذارشن تي پورو ڌيان ڏنو وڃي. اها ڳالهہ پڌري آهي تہ انهن جون زبانون اڪثريت ۾ آهن. ۽ اهي ادب کي اها حيثيت عطا ڪنديون جيئن ادب پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ. ٻين کي ڳولي لهڻ ۽ انساني رضامندي ۽ نئين آلاپ ۽ ان جي اندر جي ڳالهہ تي ڌيان ڏيڻ وارو ڪردار ادا ڪندو رهي.

منهنجو خيال آهي تہ آئون اڃا بہ ڪجهہ لفظ ٻيلي بابت چوڻ چاهيندس. لاشڪ تہ اهو ئي ڪارڻ آهي جو سنگ ڊئگرمئن جو ننڍڙو جملو اڄ بہ منهنجي حافظي ۾ ٻُرندو ٿو رهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو آئون ان کي وري وري پڙهڻ ٿو گهران ۽ پنهنجي وجود کي ان سان پُر ڪرڻ ٿو چاهيان. سندس لفظن ۾ مايوسيءَ جي جهلڪ آهي ۽ ساڳئي وقت انهن ۾ سوڀ جو تاثر پڻ آهي. چاڪاڻ تہ تلخيءَ مان ئي اسين سچائيءَ جو ڪٽو حاصل ڪري سگهون ٿا، اسان مان هر هڪ جنهن جي ڳولا ۾ آهي. ٻاروتڻ ۾ آئون انهيءَ ٻيلي جا خواب لهندو هئس. اهو خواب مونکي هڪ ئي وقت ڊيڄاري توڙي حيرت ۾ بہ مبتلا ڪري ڇڏيندو هو. آئون سمجهان ٿو تہ "تام تمب" ۽ "هنسل" جڏهن وچ ٻيلي ۾ ويا هوندا، جنهن ۾ سندن چوڌاري خوف ۽ حيرت هوندي تہ انهن بہ ائين ئي محسوس ڪيو هوندو. ٻيلو اهڙي دنيا آهي، جنهن جا ڪي بہ سنڌا سيڙها ناهن ٿيندا. توهان وڻن جي گهاتاڻ ۽ اهڙي اونداهہ ۾ وڃائجي سگهو ٿا، جنهن جي اندر وڃڻ اڻ ٿيٽي ڳالهہ آهي. اها ئي ساڳي ڳالهہ رڻ (صحرا) ۽ کليل ساگر بابت بہ ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ هر ٻِٽ، هر ٽڪري وٽان لنگهي، اوهان جو گس وري ڪنهن ٻي هڪڙي ٽڪريءَ ڏانهن ويندو. جتي هر لهر اوهان کي ٻي ساڳي قسم جي لهر ڏي وٺي ويندي. مون کي ياد آهي تہ جڏهن پهريون ڀيرو مون کي اهو تجربو حاصل ٿيو هو تہ ادب ڇا ٿي سگهي ٿو "جئڪ لنڊن" جي "حيوان جو سڏ" ۾ بلڪل ائين ئي هڪڙو ڪردار برف ۾ وڃائجي ويندو آهي. سيءَ جي شدت ڪيس ائين لڳندي آهي جڻ تہ بگهڙ گهيرو ڪري کيس ويجها پوندا ٿا وڃن. هن پنهنجي هٿ ڏي ڏٺو هن

هڪڙي هڪڙي آگر چوري ڏني، سندس سچو هٿ سُن ٿيو پيو هو. هڪڙي ڀار طور مون لاءِ انهيءَ ڳالھ جي پڌري ٿيڻ ۾ ڪا جادوءَ جهڙي ڳالھ هئي- ان کي پاڻ سڃاڻڻ چئجي ٿو.

آئون پنهنجي بالغ عمر جي عظيم ترين ادبي جذبي لاءِ ٻيلي جو ٿورائتو آهيان. اها ڳالھ ٽيھ سال کن اڳ جي وچ آمريڪا جي انهيءَ علائقي جي آهي، جنهن کي El tapon del darien the darien gap چيو ويندو هو. چاڪاڻ تہ انهن ڏينهن ۾ اتي (۽ مون کي پڪ آهي تہ انهيءَ وچ ۾ اجا تائين اتي ڪا بہ تبديلي ڪانهي آئي) بين الآمريڪي شاهراھ جي تعمير ۾ رنڊڪ پيل هئي. انهيءَ شاهراھ جو مقصد هو ڀنهي آمريڪائن کي "الاسڪا کان ٽيلا ڊلي فيوگو" جي حدن تائين پاڻ ۾ ملائڻ. پناما جي انهيءَ علائقي ۾ ڏاڍو گهاٽو ٻيلو آهي. اوڏانهن وڃڻ جو هڪڙو ئي وسيلو ٻيڙي ذريعي درياءَ تي اوپارو سفر ڪرڻ آهي. ٻيلي اندر پراچين ماڻهو رهن ٿا. جن ۾ ٻہ گروھ ايمبارا ۽ وونانس شامل آهن. ٻنهي جو لاڳاپو "جي – پانو – ڪارب" جي لسانياتي ڪٽنب سان آهي. منهنجو اتي اوچتو وڃڻ ٿيو هو. مون کي انهن ماڻهن اهڙو تہ موهي وڌو جو آئون ڪيترا ئي پيرا ڏينهن جا ڏينهن ويندي ٽن سالن تائين بہ انهن وٽ وڃي رهيو هوس. انهن سمورن ڏينهن ۾ آئون ڪندو ڪجھ بہ ڪو نہ هوس، رڳو وتندو هوس هتي، هُتي، هڪ گهر مان ٻئي گهر اجايو رلندو. اهو معاملو ايستائين هليو جيستائين ماڻهن ڳوٺن ۾ رهڻ ڇڏي ۽ موزون طريقي سان زندگي گذارڻ واري ڳالھ سکڻ جو فيصلو نہ ڪيو. اهو طريقو منهنجي ان وقت جي ڄاڻ پٽاندر بلڪل مختلف هو. سيني ٻيلن وانگي خاص ڪري هي ٻيلو پڻ خاص طور ماڻهوءَ جو ويري هو. مون اتي حقيقي خطرن ۽ جيئاپي جي سمورن موافق وسيلن جي فهرست ٺاهي هئي. مون کي اهو چوڻو آهي تہ ايمبارا مون سان ڏاڍا ٺهيل هئا. انهن کي منهنجي اڻڄاڻائيءَ مان ڏاڍو مزو ايندو هو ۽ آئون سمجهان ٿو تہ هڪڙيءَ حد تائين آئون انهن کي جوابي طور پيو وندرائيندو هوس. اهي منهنجيءَ ڏاهپ ۾ ياڳي ياڻيوار ٿيندا هئا. مون اتي گهڻو ڪو نہ لکيو. برساتي ٻيلو ڪا آدرشي جاءِ نہ هوندي آهي. گِهم ۾ اوهان جا ڪاغذ آلا ٿي ويندا ۽ سخت گرمي اوهان جي بال پوائنٽ قلم کي سڪائي ڇڏيندي. اتي بجليءَ تي هلندڙ ڪا بہ شئي گهڻو جٽاءُ ڪري ڪا نہ سگهندي. آئون اتي انهيءَ ڪامل يقين سان پهتو هوس تہ لکڻ ماڻهوءَ لاءِ خاص اعزاز آهي ۽ اهو تہ مون کي پنهنجي وجود جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سدائين اهو اجهو ميسر رهندو. هڪ ليکي اهو تحفظ هڪ اهڙي دري آهي، جيڪا آئون جڏهن بہ طوفان کان بچڻ لاءِ چاهيندس تہ هيٺ ڪري ڇڏيندس. هڪ واقعي ۾ تہ آئون انهن امري انڊين سان پراچين ڪميونزم تي عمل ڪرڻ ۾ بہ ساٿن شامل هوس. مون انهن ۾ ساڳيءَ طرح اختيار کان ڪريپ ۽ فطري ڇڙواڳيءَ جا لاڙا پڻ

ڏٺا. مون اهو بہ ڏٺو تہ انفرادي اظهار جي طريقي طور فن کي ٻيلي اندر ادا ڪرڻ لاءِ ڪو بہ ڪردار ڪونهي. انهيءَ سان گڏ انهن ماڻهن ۾ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪا نہ هئي، جنهن کي ان شئي سان مشابهت ڏئي سگهن، جنهن کي اسين پنهنجي ڪاپو ڪرڻ وارن جي سماج (Consumer's society) ۾ فن چئون ٿا. پنهنجي گهر جي ڀتين تي پينٽنگز ٽنگڻ بجاءِ اهي مرد توڙي عورتون پنهنجي بدن جون تصويرون ناهيندا آهن. اهي عام طور ختم ٿيڻ واريون شيون تخليق ڪرڻ کان ڪيٻائيندا آهن. پوءِ مون کي انهن جي ڏند ڪٿائن جي ڄاڻ ملي. جنهن وقت اسين لکيل ڪتابن جي پنهنجيءَ دنيا ۾ ڏند ڪٿائن جي ڳالهہ ڪندا آهيون تہ لڳندو ائين آهي ڄڻ تہ وقت ۽ پولار ۾ موجود ڪنهن بلڪل ڌورانهين شئي جو حوالو ڏيندا هجون. مون کي پڻ اهي ڌورانهيون ڳالهيون لڳنديون هيون، پر هينئر اوچتو لاڳيتو هر رات مون کي اهي ڏند ڪٿائون ٻڌڻ جو موقعو ملي ويو هو. اهي ماڻهوئڙا پنهنجي گهرن ۾ پٿر جا ٿي مارنگ رکي، مچ ٻاريندا هئا. اتي مچرن جي پٽڪار ۽ پتنگن جي نرت ۾ قصي خوان مرد توڙي عورتون پنهنجي آواز جي گونج ۾ قصا، ڪهاڻيون ۽ داستان ائين ويهي ٻڌائيندا هئا ڄڻ اهي روزمره جي سچائين جو ذڪر ڪندا هجن. قصي گو پنهنجي سيني تي ڏڪ هڻي، پنهنجي سنهڙي آواز ۾ ڳائيندا هئا. سندن چهري تي قصي جي ڪردارن جي اظهار جو رنگ، انهن جي جذبن ۽ ڀوَن جو تاثر اڀري ايندو هو. اها ڳالهہ ڏند ڪٿا نہ پر ڪنهن ناول مان هٿڻ گهربي هئي- پر هڪڙيءَ رات جو هڪڙي نوجوان عورت اتي آئي، سندس نالو "ايلويرا" هو. ايمبارا جي سڄي ٻيلي ۾ اها عورت پنهنجي قصي گوئيءَ سبب ڏاڍي مشهور هئي. اها مائي رولو هئي. نہ هوس مڙس، نہ هئس ٻار- ماڻهو چوندا هئا تہ اها ٿوري گهٽي پياڪ بہ آهي تہ بيسوا بہ. پر مون کي هڪ پل لاءِ بہ انهن ڳالهين تي اعتبار ڪو نہ آيو. هوءَ گهر گهر وڃي ڳائيندي هئي، ماڻهو ڪيس ماني ڳيو مَڏ جي ٻاٽلي يا ٿورا گهٽا پئسا ڏئي ڇڏيندا هئا. ترجمي کان سواءِ مون کي سندس ڪهاڻيون سمجهہ ۾ ڪو نہ اينديون هيون. ايمبارا وارن جي زبان ۾ ڪيترين ادبي خوبيون آهن، جيڪي روزمره جي ٻوليءَ کان مختلف آهن. مون جلدي ڄاڻي ورتو تہ مائي هر حوالي کان وڏي فنڪاره هئي. سندس آواز جو ميناج ۽ ڇاتي ۽ سِڪن مان نهيل سندس ڳچيءَ ۾ پاتل هارَ تي آگرين سان پيدا ڪيل تال، سڀ کان وڌ لڳت، جنهن سان سندس چهري تي نورُ ۽ نهار ۾ چمڪ اچي ويندي هئي ۽ وينلن تي هڪڙو خاص وجدان ۽ بي خودي ڇانئجي ويندي هئي. سندس ڪهاڻين جي سادن گهاڙيٽن ۽ ڏند ڪٿائن ۾ تماڪ جي هٽ اچڻ. ڀهرين جاڙن ٻارن جي ذڪر ۽ ديوتائن ۽ ازل جي انسانن جي قصن سان گڏ سندس پنهنجي ڪهاڻي بہ شامل هوندي هئي. سندس

زندگيءَ جا رولڙا، سندس محبتون، بي وفايون ۽ غم گوندر جسماني محبت جي شديد خوشي، حسد جا ڏنگ ۽ پوڙهي ٿيڻ ۽ مرڻ جو خوف شامل هوندا هئا. هوءَ هڪ ئي وقت هلندڙ گهمندڙ شاعري، قديمي ٿئيٽر ۽ موجوده دور جي ناول جو ميلاپ هوندي هئي. مطلب تہ سڀ ڪجهہ پاڻ ۾ هوندي هئي. هوءَ باهہ هئي، ڌهڪاءُ هئي، هر اها ڳالهہ هئي، جيڪا هن پاڻ ھيلي اونداهہ ۾ پنهنجي چوڌاري پکڙيل جيتن جي جاکر ۽ ڏيڏرن جي ٽان ٽان، چمڙن جي پرن جي پڙلاءَ ۾ ويهي تخليق ڪئي هئي. اهو احساس تخليق ڪيو هو جنهن احساس کي ٻيو ڪجهہ بہ نہ، فقط حسن چئي سگهجي ٿو. ڇڻ تہ پنهنجي گيتن ۾ هوءَ فطرت جي سچي سگهہ کڻي گهمندي هئي ۽ سچ اهو آهي تہ اها ئي وڏي ۾ وڏي حيرت هئي تہ هي ڪنداٽتو هنڌ. هي ٻيلو اسان جي ادب جي نفاستن کان ايترو پري هئا، جيترو تصور ڪري سگهجي ٿو پر اهو اهڙو هنڌ هو جتي فن پنهنجو سگهارو ۽ حقيقي اظهار ڳولي لڌو آهي. پوءِ آئون اهو علائقو ڇڏي آيس. پوءِ مون نہ "ايلويرا" ڏٺي، نہ ئي "ڊارين" واري ٻيلي جا ٻيا قصي گو پر منهنجي وجود سان گڏ اهي چپندڙ ساروڻيون رهجي ويون. مون کي اها خاطري بہ رهي آهي تہ ادب ڀلي ڪيترو بہ گسي پيسي وڃي، ڀلي اهو روايتن ۽ ناهہ ذريعي ڪيترو پراڻو ٿي وڃي، ويندي ڀلي خود ليکڪ بہ دنيا کي بدلائڻ جوڳا نہ رهن، پر ادب زنده رهي سگهي ٿو قائم دائم رهي سگهي ٿو. ڪا طاقت جيڪا انهن کان گوءِ کڻي وڃي، سا ڪنهن موقعي تي انهن ۾ (اديبن ۾) ساهہ ڦوڪي سگهي ٿي، انهن جي نئين صورت گري ڪري، انهن کي فطرت سان گهرائيءَ وارو شعور عطا ڪري سگهي ٿي. اها شئي هڪ ئي وقت قديم بہ هوندي آهي تہ جديد بہ. اها هوا وانگي اڻ لکي ۽ ڪڪرن وانگي آسماني ۽ سمنڊ جهڙي اننت ٿيندي آهي. اها ئي اها شئي آهي جيڪا جلال الدين رومي جي شاعريءَ ۾ ٻرندي آهي يا مثال طور خواب لهڻ واري معمار ايمينوئل سيون برگ جي فن مان ٻکندي آهي. انسان ذات جا عظيم پستڪ پڙهي وار ڪانڊارجي ويندا آهن. مثال طور چيف اسٽيلٽ جي اها تقرير، جيڪا ان کيس پنهنجي زمين واپس ملڻ تي اوڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري آمريڪي صدر آڏو ڪئي هئي: "بهرحال اسين پائر آهيون". اها ڳالهہ جيڪا ڏاڍي سادي ۽ سچ آهي، سا فقط زبان ۾ موجود هوندي آهي، جنهن ۾ ڪو موہ، ڪڏهن ڪا اٽڪل، پرڪشش نرت يا خاموشيءَ جا ڊگها وقفا هوندا آهن. اها زبان ڪڏهن ڪڏهن ننول جي زبان تہ ڪڏهن حيرت ۽ پاراتن جي زبان ۽ يڪدم ان کان پوءِ وري سرڳ جي زبان هوندي آهي.

آئون هي شرڌا ان کي يعني ايلويرا کي پيش ڪيان ٿو. هي انعام جيڪو سوئيڊش اڪيڊمي مون کي عطا ڪيو آهي، سو آئون کيس ارپيان ٿو. اهو پيتا ٿو

ڪريان "ايلويرا" ۽ بين انهن سيني ليکڪن کي، جن سان گڏ مون زندگي گذاري آهي يا زندگيءَ ۾ جن جي مخالفت ڪئي آهي. هي پيتا آهي آفريقا جي "وول سوئينڪا، شيئا آشي"، "احمدوڪوروما"، "مونگو بيتي"، "ايلن پاٽن"، جي Gy my behaved country جي نالي، "ٿامس موفولو" جي "چاڪا" جي نالي، ماريشس جي عظيم ليکڪ "مئلڪم ڊي چئزل" جي نالي، جنهن بين شين سان گڏ "جودا" بہ لکيو. ماريشس جي هندي زبان جي ناول نگار ابيمانيو انت جي "ڳاڙهي پگهر" جي نالي، اردو ناول نگار "قره العين حيدر" جي نالي سندس لکيل جنگ نامي "آگ ڪا دريا" تي، la Reunion (پنر ميلاپ) جي بي پرواهہ ليکڪ "ڊينيل وارو" جي نالي، سندس مالويا گيتن تي، ڪنڪ شاعرا "ڊيو گورو ڊي" جي نالي، جنهن بينڪي قوتن خلاف بغاوت ڪئي ۽ زندگيءَ جو وڏو حصو جيل ۾ گهاريو. باغي "عبدالرحمان وابيريءَ" جي نالي، "جان رفلو" ۽ "پيڊرو پارامو" ۽ سندس لکيل مختصر آکاڻين ۽ سندس ميڪسيڪو جي ٻهراڙيءَ جي ڪڏيل سادين ۽ المياتي تصويرن جي نالي، "جان ميئر" جي نالي جيڪو وچ ميڪسيڪو جي باغين "آسيويڊو" ۽ "ڪرسٽيروس" جو وڪيل هو. "جاريڊ" جي نالي جنهن "ميڪسيڪو جو باغي" لکيو Pueblo en vilo جي ليکڪ "لوئس گونزاليز" جي نالي، "جان نڪولس" جي نالي، جنهن The milagro beaufildula ۾ باغي ڌرتيءَ بابت لکيو. نيويارڪ ۾ ساڳي گهٽيءَ ۾ رهندڙ منهنجي پاڙيسريءَ هينري روٿ جي نالي، جنهن "ننڍن ميڪسيڪو" ۽ "ننڊ ۾ سڏ" لکيا. ژان پال سارتر جي نالي، جنهن جي ناٽڪ Morts sans sepulture ۾ لڙڪ پريل آهن. شاعر "ونفريڊ اووين" جي نالي، جيڪو 1914ع ۾ "مارني" جي ڪناري تي مري ويو. "جي ڊي سئلينگر" جي نالي، جنهن اسان کي "هولڊن ڪالفيلڊ" نالي چوڏنهن سالن جي ننڍي چوڪر سان واقف ڪرائڻ جي ڪاميابي حاصل ڪئي. آمريڪا جي پهرينءَ قوم جي ليکڪن "شيرين اليڪسي"، "سپوڪس"، "اسڪاٽ ومادي"، The names جي ليکڪ نواجو، "ريٽا ميسٽو ڪوشو"، "منگان" جي ڪيولڪ انو شاعره جي نالي، جنهن وطن ۽ جانورن کي پنهنجو سُر ڏنو آهي. "جوز ماريا لرگئيڊس"، "اوڪتاويوپاز"، "مگوئل ائنجل استرياس"، "الفونس الائنس" ۽ "ريماند ڪئينيو" جي نالي، "جارج پيريڪ" جي نالي Quel veb g guidon chrome au fond de la cour? تي ويسٽ انڊيز جي ليکڪن "ايڊورڊ گلسانٽ" ۽ "پئترڪ شامويسيو" جي نالي، هيٽي جي "ريني ڊيپيئر" جي نالي، Le dernier desjuster جي ليکڪ "آنڊري شوارتز بارٽ" جي نالي، ميڪسيڪو جي شاعر "هوميرو آريجنس" جي نالي، جنهن اسان کي سخت پنيءَ واري ڪڇونءَ جي

زندگيءَ جو تصور ڪرڻ جو خيال ڏنو ۽ جيڪو اسان کي پنهنجي ڳوٺ "ڪاتيپيڪ" جي گهٽين، تاجدار پوپٽن جو زرد درياءَ وهندو ڏسڻ جي دعوت ڏئي ٿو. "وينس ڪوري گهاٽا" جي نالي، جيڪو هڪ غمگين پر اڏول عاشق وانگي لبنان جو ذڪر ڪري ٿو. خليل جبران جي ناليءِ، "روم باڊ" جي ناليءِ، "امائيل نيلي گان" جي ناليءِ، "ريجين ڊشارمي" ۽ زندگيءَ جي ناليءِ.

انهيءَ اٽجاتل ٻار جي ناليءِ، جنهن سان هڪ ڏينهن "ڊارين" ٻيلي ۾ "تيوٽرا" نديءَ جي ڪنڌيءَ تي منهنجي ملاقات ٿي هئي، جيڪو رات جو دڪان جي فرش تي ويهي گاسليٽ جي بتي ٻاري، اڳيان جهڪي آسپاس کان بي نياز وينو لکندو پڙهندو هو. پاسي واري ڪنهن به شئي ڏي ٿورو ڌيان ڪو نه ڏيندو هو جڏهن ته سندس چوڏس ڪنور زندگي هوندي هئي. ٻيلي جي وچ ۾ ان دڪان جي فرش تي اهو ڇوڪر پلٿي هنيو وينو هوندو هو. بتيءَ جي روشنيءَ ۾ اڪيلو ٿي اڪيلو وينو پڙهندو هو. اهو ڇوڪر اتي ڪو اوچتو ڪو نه ڏسڻ ۾ آيو هو. ان جي پڻ انهيءَ ٻار سان ڀاءُ واري مشابهت هئي، جنهن جو ذڪر آئون هنن صفحن جي شروعات ۾ ڪري آيو آهيان، جيڪو جنگ کان يڪدم پوءِ وارن سالن مان واڍي جي پينسل سان راشن جي ڪارڊ جي پويان لکڻ ۾ رڌل هو. اهو ٻار اسان کي انساني تاريخ جي ٻن نهايت اهم مقصدن جي يادگيري ڏيکاري ٿو افسوس ته اسان اڄ به انهن مقصدن جي پورائي کان ڏور آهيون. اهي مقصد آهن: ڀِريون بک جي پاڙ پٽڻ ۽ ٻيو جهالت کي ڊوڙائي ڪيڻ.

استنگ ڊيگرمئن اهو ليڪڪن جي حيرت وارو اصطلاح به انهيءَ سموريءَ نااميديءَ ڪري استعمال ڪيو آهي. ليڪڪ، جيڪو غير مطمئن هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته اهو انهن ماڻهن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪري نٿو سگهي، جيڪي بکايل هوندا آهن، ڪاڏي جا يا علم جا. اهو اصطلاح هڪ عظيم ترين سچ ڏي اشارو ڪري ٿو ته تعليم لاءِ ۽ بک جي خلاف جدوجهد هڪ ٻئي سان جڙيل ۽ هڪ ٻئي تي مدار رکندڙ آهن. هڪڙيءَ جدوجهد ٻيءَ کان سواءِ ڪامياب ٿي نٿي سگهي، ٻنهي لاءِ اسان جي محنت ۽ عمل جي سخت ضرورت آهي ته جيئن هن نئين "هزاري" ۾ جيڪو اڄا هاڻي شروع ٿيو آهي، اسان جي گرهه تي ڪو به ٻار بنا ڪنهن جنس يا زبان يا مذهب جي فرق جي، بک ۽ جهالت ۾ مبتلا نه رهي يا زندگيءَ جو لطف ماڻڻ کان ڏور رهجي وڃي. هيءُ ٻار ٻارڻ سان انساني نسل جو مستقبل پنهنجي وجود ۾ سانڍي هلي ٿو. تمام گهڻو اڳ يوناني فيلسوف "هيراڪلتس" چيو هو ته، "بادشاهت ٻار جي آهي".

□□



# سردار شاهه

سردار جي پهرين سڃاڻپ شاعري آهي. توڙي جو هن جي اخباري ڪالمن ۾ موجود بي پناهه تخليقي حُسن، علم ۽ جادوگرانه اسلوب کيس شهرتن جا ڪئين آسمان سَر ڪري ڏنا، پر هن جي بي تِڪاءُ طبيعت هن کي اتي به مستقل ٽڪاڻو ناهڻ نه ڏنو ۽ هُو هن جهان جي ميلي کي متل ئي ڇڏي، ڪنهن صوفيءَ وانگر چُپ چاپ خاموشيءَ جي ماڙيءَ ڏانهن نڪري ويو. پر شاعريءَ هن جو پيڇو پوءِ به نه ڇڏيو. هن خود به هڪ شاعر طور پنهنجي ايتري ته نفي ڪئي، جو اها اثبات جي درجي کي ڇُهڻ لڳي. اوهان هن کي هڪ الڳ شاعر طور هينئن به سمجهي سگهو ٿا، ته هن عام نوجوان شاعرن وانگر ڳُنڍي لڳائي، غزلن ۽ نظمن جو شڪار ويهي ناهي ڪيو. شاعري خود هن جي تاڙ ۾ هن جي زندگيءَ ۽ مصروفيتن جي گهٽَنَ ۽ گهيٽڙن تي، ڇَپ هٽي ويٺل رهي آهي. ۽ هڪ وڏي عرصي کان پوءِ بلڪل اوچتو ئي اوچتو هڪ ڀيرو وري، پهاڙي نئن جهڙي تخليقي وهڪري کيس پير سنڀالڻ جو موقعو به نه ڏنو آهي. سنڌي شاعريءَ کي پنهنجو هيءُ پراڻو شڪار نئين سِر هٿ اچڻ تي مبارڪ هجي.

سردار کي پڙهي محسوس ٿيندو ته هن جي سٽ تخيل جي مَدَ ۾ ٻڏل آهي ۽ تصورن، منظرن، ترڪيبن ۽ تمثيلن جو هڪ ڳهر ۾ ورتل فصل هن جي تخليقي وجدان جي زمين تي هڪ سائي سمنڊ جي صورت لهرائي رهيو آهي. وٽس تفڪر به آهي، ته ان کي تصور جو پاڻي آيل آهي. هو شاعريءَ کي دل جي ڪمائي ٿو سمجهي ۽ ان کي دل جي راهه ۾ ئي خرچڻ جو قائل آهي. شايد اهو ئي سبب هجي، جو محبت هڪ ڇَوهي لهر جيئن سندس شعرن مان اڇل کائي ٻاهر اچي ٿي وڃي، جيئن سمنڊ جي ڪنهن جابلو ڇاڙَ منجهان رکي رکي پاڻيءَ جي ڇاٽ اڀري ايندي آهي. محبت ۽ تخليق جي ان آميزش سندس شعر ۾ جيڪو وجداني رنگ ۽ صوفياڻي بي خودي ڀري آهي، سا پنهنجو پاڻ کي دريافت ڪرڻ جي دلفريب ڪوشش لڳندي. هن جي شعر جي خاص خوبي ان جي ٻولي آهي، جيڪا لوڪ ۽ ڪلاسيڪل لغت جو اثرائتو امتزاج آهي. فرينچ شاعر روجي ڪائيوا هڪ هنڌ لکيو آهي: "مون هر خوشيءَ کي چار چنڊ لڳايا آهن، هر سچائيءَ لاءِ شاهد ٻڌيو آهيان ۽ هر غم ۾ معنيٰ پيدا ڪئي اٿم." سردار به اهو ڪجهه ئي ڪري ٿو ر ڳو چوي نٿو. **اسحاق**

# غزل

ڪچو مَن جو گهَڙو آهي، اڳيان تِڪ تار جيون جو
لُڇي پيو لهر جئن لمحو ڪٿي ڪو پار جيون جو؟

سُري جئن ساهه جي ساهمي، ڳرو تيئن درد جو پلڙو
سدائين ڪوٽ ڪاڏي سين، وڏو واپار جيون جو!

ڳِهميل گهاتي جوانيءَ ۾ ڦٽي آ مَن جي مينديءَ
رڱي وٽ تون ٻئي هٿڙا، جهُڪائي ڏار جيون جو.

پريل ٿهڪن جي دنيا هئي، مَتل هو مُرڪ جو ميلو
ڇڏايئي اوچتو آگر، رُلي ويو ٻار جيون جو.

ڏئي آ چنڊ جو اولو ۽ شالون شام جهون پائي،
ڳراٽي ڏئي ڳچيءَ مان هي مان پايان هار جيون جو.

هنئي ڪنهن تاڪَ ۾ تاڙي، اڏايئين نيٺ آڙيءَ جئن،
هوا ۾ هل تون هلڪي ٿي، ڳرو آ بار جيون جو.

سُتاسين جو اڱڻ ۾ ٻئي، رِلي جا رات جي اوڍيءَ
ستارن ٻئي ڪئي سُس پس- 'آ ڀِهريون پيار جيون جو.

هلي هي ديس کهڙي ڪان، تڪي نيري ندي آهي،
نه ڪوئي پارئي آهي، نه ڪوئي آرُ جيون جو.

ڇڄي ڪت خواب جي پيئي، ڀُري ويَس ياڪرن ۾ مان،
ڪِلي جو نيڻ مون ڪوليا، ڪِليو اسرار جيون جو.

نچي پيو سمنڊ ناچُو جئن، ۽ چمڪي ڇير ڇولين جي،
ڪناري ڪير آيو آ، پرين يا پيار جيون جو؟

پڇيو جو موٽ موسم جو وُڻيون ساوڻ جيان سِيون،
ڪيو اچ ديس پنهنجي آ، عجب اقرار جيون جو!

حياتي سا گهڙي هڪڙي، جا تنهنجي گهورَ ۾ گذري،
ڪٽيون پوڙهه ڪهڙي ۾، سچو سنسار جيون جو!

ڏکن جي چڪَ تي چاڙهي، گهَڙي ۽ پوءِ گهُوري پيو
پَڇائي عشق جي آوي، ڪٽي ڳُونيار جيون جو!

نہ ڪا ئي پير ۾ پايل، نہ اکڙين ۾ ڪجل آهي،
اها ڪهڙي جواني آ، اهو ڪو پار جيون جو!

بدن تي ايئن وُڻي آهين، وسي جيئن وِلهہ واٽن تي،
کنوڻ وانگي چمي مون کي، ڪري ڪجڪار جيون جو.

اسُرَ جي آرسي گِهميل آ، جا چي ڏس جوانيءَ کي،
پيچي آرس اکين ۾ تون، ڪٺي خُمار جيون جو!

لڱن جي لام تي لڏندي، لهي وئين سج وانگي تون،
اجا ڳهريل ڳڳاتيل آ، رَتو رخسار جيون جو.

جواني جهَٽ ڏئي جهليو هو پوپٽ پيار جو مُٺ ۾،
ويو رنگن سان ريٽي آ، سچو جنسار جيون جو.

سَڏيو سُڏڪي وطن واپس، وڃان ٿو عشق جي آرڻ،
پرين ڪڻ پنهنجي پٽراٽي، وڃاٽو وارُ جيون جو!

♦

سار ۾ ڏنڌلو چهرو ڪنهن جو مهڪي روز گلابن وانگي،
ننڊ ڦٽائي، نيڻ ڀڄائي، ڪير پُڇي ٿو خوابن وانگي.

تو تي ڄاتو ڪاڪ جو راڻو ڪنولن سان گڏ ٽڙندو پيو
نينهن نہ ڄاڻي ناز وهيءَ جو عشق تہ آهہ عقابن وانگي.

جهُڙ جو چا لئہ چولو پائي، پولارن ۾ دُور رهين ٿي،
هيٺ لهي آ هنج ۾ منهنجي، چُمان چنڊ ثوابن وانگي.

آلا وار انگوري وِل جئن، مون تي روز نِپوڙي پنهنجا،
آڇي ڳاڙها ڳِل ڪٽورا، پياريو پيار شرابن وانگي.

جهُڙ ڦُڙ جهُڙ ڦُڙ وڻ جي هيٺان، جوين رُت جا پيار ونديندي،
پَن ڇٽڻ تي ڇرڪي پئي هُئي، هنج ۾ ڪير حجابن وانگي.

♦

وڇڙي ڪائي وِير نديءَ ۾،
هاري ويندي نير نديءَ ۾.

تارو تارو زخمي آهي،
تاڻيو آ ڪنهن تير نديءَ ۾.

تنهنجي ساري خوشبو اوتي،
هلڪي ٿي آ هير نديءَ ۾.

ڪوئي ٻُڏندو، ڪوئي ترندو،
پنهنجو پنهنجو پير نديءَ ۾.

جر جي جواني ۾ پيو جاني،
ماڻي وينو مير نديءَ ۾.

سُهڻي جيڪي ساهہ ڪنيا ها،
ساري ويني سيرَ نديءَ ۾.

اُپ چو ايڏو هاريو آهي،
چانڊوڪيءَ جو ڪير نديءَ ۾.

چنڊ جو چولو ڦاٽو پيو آ،
ليڙون ليڙون لير نديءَ ۾.

هاءِ وڇوڙا تون ڪوڻ،
جيڏو ڏُوٽيان، تيڏو ڇڻ!

يا لاهي ڏي مون کي چنڊ-
يا تون اُپ جي ٻِنديا ٻڻ!

هينئڙو آهي اوٺي وڳُ،
ڪير ڏِڪيندو اهڙو ڏڻ!

اُٺندءِ يار ڪتي وانگي،
عشق ته آهي ڪو آتڻ!

پريل گهاگهر جهڙو آءُ،
پياري هوريان پير ته ڪڻ!

آئون نه ڪڏهين ابڙان پيهر،
مون کي اهڙو توپو هڻ!

پنهنجا پاڳ پتن جي پر،
هڪڙا جهُوپاءِ ٻي جهڻ!

آءُ پٽڪان، پُران پِٽ تي،
هانءُ ۾ پئي هُران پِٽ تي.

توڏي اُڏران، اُڏي نه سگهان،
ساهه ۾ پئي سُران پِٽ تي.

پيار تنهنجو ڳرو مون کان،
آئون توريان، ٿُران پِٽ تي.

مينهن وانگي وسين مون ۾،
ٻاپيهو ٿي ٻُران پِٽ تي.

هيل ڪنوٽيون ڪلن مون تي،
جهُوپڙي تي جهُران پِٽ تي.

تنهنجو تارو ڪِڙي ڪٽ تي،
آءُ چنڊ تي چُران پِٽ تي.

گهتا نه تين ته گهاءُ تي آ،
گهوٽ توکي گهُران پٽ تي.

پُور تنهنجو هئو من تي،
ڇڪ ۾ پئي ڇُران پٽ تي.

♦

# مسافر تون ڪٿي آهين؟

مسافر تون ڪٿي آهين؟
مسافر مَن سڏي توکي.

مسافر رات ڪاري آ،
ڪڪر ڪڙڪات ڪن ڪيڏو
ڇتي هن ٿوهه جوانيءَ جا
چمر تا چات ڪن ڪيڏو
لڪي ڪي آڳ جا آڳم
لڱن ۾ لات ڪن ڪيڏو
سوا تنهنجي اندر ڏيئڙا،
ٻَرن، پر ٻات ڪن ڪيڏو
ڇِڪن چُوڙيون، ڪِلن ڪُهنبا،
بدن پڙڪات ڪن ڪيڏو
ڳڱاتيل ڳالهڙيون، ڳوڙها
ڪٽندي ڳات ڪن ڪيڏو
اندر ۾ پير پيا پنڌڙا
وڃائي وات ڪن ڪيڏو
پڃي آرس اُميدن جا،
چندر چمڪات ڪن ڪيڏو
وڃايان وِچ وانگي پئي
تنبورو تن سڏي توکي.
مسافر تون ڪٿي آهين؟
مسافر مَن سڏي توکي.

مسافر پيار جي وسندو
پلر پالوٽ ڏئي ويندو
اکين جو رڻ ڇڏي سپنو
ڳتين ڪي ڪوٽ ڏئي ويندو
چُميءَ جو چنڊ جي چمڪيو
چڳيري چوٽ ڏئي ويندو
اُجارو چور ڪو بادل
اکين جي اوٽ ڏئي ويندو
وريو جي واءُ واڙيءَ تي،
ڦُلارِي، ڦوٽ ڏئي ويندو
گلابي گل ٽاريءَ کي
ٽڙندي ٽوٽ ڏئي ويندو
ڪٽيرو ڪنوڻ جيئن ايندو
ڪِلي ڪا ڪوٽ ڏئي ويندو
اڱڻ تي نازُئو نچندا
مينهڙو موٽ ڏئي ويندو
ورهه جا موٽ وٽجارا،
دلين جو ڏن سڏي توکي.
مسافر تون ڪٿي آهين؟
مسافر مَن سڏي توکي.

مسافر اُڄ تي ايندين
ته مان ملهار تي پونديس،
گهٽائون گهاگهرو ٿينديون
ءَ آئون ڪنوار تي پونديس،

رنگيندين روح جي راڻا
تہ ميندي ۽ ڏار تي پونديس،
هينئڙو هند تنهنجي لئہ،
وڇائي وار تي پونديس
هُونئين تان هيڪلي آهيان،
جي چُمندين، چار تي پونديس،
ذرو هان ذات تنهنجي ۽ جو
سڄو سنسار تي پونديس،
نہ آئين هيل جي ڊوليا
بدن تي بار تي پونديس،
صندل جي ڪاٺ وانگي پيو
جليو جوين سڏي توکي.
مسافر تون ڪٿي آهين؟
مسافر مَن سڏي توکي.
ڳچي ۾ تون جي پائيندين
هٿن جو هار تي پونديس،
مسافر مَن وطن آهي
اُتي ئي پاڻ ملنداسين،

ڪچو هي پور جواني ۽ جو
نہ چرڪي چاڻ، ملنداسين،
ڪا سُرهي ساهہ ۾ سانڍي
ڪٿوري ۽ ڪاڻ ملنداسين،
هي ٻانهون هار وانگي تون،
تڪيريون تاڻ، ملنداسين،
ملڻ لئہ ڪٿ خالي آ،
وڇوڙو واڻِ، ملنداسين،
بدن جي بات ٻي آهي
اکين کي آڻ ملنداسين،
مان تو ۾ تو جيان هُوندس
مِنا تون ماڻ ملنداسين،
الا سي آسرا تنهنجا
هينئڙ ۾ هاڻ ملنداسين،
ڦُٽي قارون تيو هينئڙو
هي هيرڻ- پَن سڏي توکي.
مسافر تون ڪٿي آهين؟
مسافر مَن سڏي توکي.

♦

# مونکي پيو چا کپي!

مونکي جيون جي رڻ ۾ اڪيلو ڇڏين
تنهنجي ڇهري تي مُرڪن جون مکڙيون ٽِڙن

مونکي پيو چا کپي!

رات تنهنجي هجي، خواب تنهنجا هجن،
هي ستارا، هي مهتاب تنهنجا هجن،
هر نئين ڏينهن نوان تاب تنهنجا هجن
تنهنجي وِک وِک تي مکڙين جا سجدا هجن.

مونکي پيو چا کپي!

تنهنجو آنچل هي اُپ کان اُتاهون رهي،
بادلن جي سدا ڇانوَ توتي هُجي
چنڊ تنهنجي ڪرائيءَ جو ڪنگڻ هجي
۽ ستارا سندءِ سِينڌ تي پيا چِٽن.

مونکي پيو چا کپي!

تو ڇيو هو ته پنهجو ڪو ناتو نه آ
مون ڇيو هو تو مونکي سُڃاتو نه آ
پر جي يُلجي گهڙيءَ لئه اکين ۾ ڏسين
منهنجي لڙڪن ۾ سڀ رنگ تنهنجا هجن.

مونکي پيو چا کپي!

تي سگهي تو مونکي تون وساري ڇڏين
منهنجون يادون پکين جئن اُڏاري ڇڏين
پر جڏهن پي وسارڻ جي ڪوشش ڪرين
ڪجهه گرم ساهَه تنهنجي اندر مان اُٿن.

مونکي پيو چا کپي!

♦

# ملاڪا مِينهن جهڙو آ

ملاڪا مينهن جهڙو آ
وسي ڪنهن تي
ته سڀ ڪجهه ٿو ڪسي ڇاڻي
ڏسڻ ۾ شهر جهڙو آ
نه ڪائي رات ڪاري جت
پرهه جي پهر جهڙو آ
حُسن جي هوڏ آهي جت
نه تارُو ڪو تري سگهندو
غضب جي ٻوڏ آهي جت
پهاڙن تان پريان ڪائي
ندي نانگڻ لٿي آهي
ڏنگيندي ڏيهه ساري کي
وڪڙ ڏئي شهر جي وچ مان
ونگيندي ڏيهه ساري کي
هتي ۽ هِن ڪناري تي
موالي ڪو "ملي" ماڻهو
نديءَ کي جنهن نپايو آ
الٿي ڇا ڇا سلي ماڻهو
نظر مان مد ڇلڪائي
عمر جو واڌ ڇلڪائي
هوائن تي هلي ماڻهو
الٿي ڇا ڇا سلي ماڻهو
پريان گرجا گُڙي بيٺو
سنياري کي صديون پويون
ڏسي نيرين نگاهُن کي
وساري پيو نديون پويون
ڪليسا ۾ ڪئي آيا
ڪئي انگريز ڊچ آيا
هزارين ڪوڙ سچ آيا
مگر هوءَ جا نرالي آ
صليبن جي اڱيان جيڪا
کڙي آهي ڪجيءَ وانگي
ڇڏي اسپين آئي آ
ڇوي پئي هُوءَ عيسيٰ کي

لٽائي چين آئي آ
ڳلن تان هُن اُکيا ڳوڙها
ڳلين ۾ شام ڇائي آ
پريان ڪويل جي پرڙن مان
رمي ڪا رات آئي آ
اُها ئي رات "جونڪر" تي
حياتيءَ جي جواني آ
۽ رنگن جي رواني آ
جتي بس جام مُرڪن ٿا
زهر ۾ زندگاني آ
مٿان آ چنڊ جي چوڪي
۽ هيٺان هن زماني ۾
حُسن جي حڪمراني آ
چون ٿا چاهه "چينين" لئه
نچي نئون سال ٿي آيو
سياڻي ڪونه ڄاڻي جت
۽ ماضي ڪونه ماڻي جت
حُسن ئي حال ٿي آيو
نه ڪو آ رنگ روحن جو
نه دل جو ڪو وطن آهي
وڃائي واٽڙيون وينو
ڪو بازيگر بدن آهي
بدن جرڪي ٻتيءَ وانگي
ستارن ۾ ڳتيءَ وانگي
ڏئي ور ور وري ٿو پيو
اندر جو رڻ ٽري ٿو پيو
بدن ٻهه ٻهه ٻري ٿو پيو
لڳي ٿو ڏينهن جهڙو آ
نپٽ ڪنهن نينهن جهڙو آ
ملاڪا مينهن جهڙو آ.

**ملاڪا:** ملائيشيا جو قديم شهر

**ملي:** ملائيشيا جو رهواسي

**جونڪر:** ملاڪا جي اها گلي، جتي هر سال چيني نئون سال ملهائين ٿا.

# جي تون چوندين!

آسمان تان تارا ايندا
هيٺ ٻيا مون پارا ايندا
جي تون چوندين!

سنون پتن تي ساوڪ ٽيندي
موسم پي من پاوڪ ٽيندي
ساوا سنگ سڏيندا ڪنهن کي
ساوڻ تي تہ سيارا ايندا،
جي تون چوندين!

بادل جيئن اُڏامن جيڪي،
پرندي ڪين اُجهامن جيڪي،
پکين جهڙا پيار وساري،
عاشق سي آوارا ايندا،
جي تون چوندين!

هو جي نمن تالهين هيٺان،
مرن جيئن ڳالهين هيٺان،
جيڪي صديون سال نپائن،
اورانگهي اوتارا ايندا،
جي تون چوندين!

ڏونگر جن جا ڏس پڇائن،
گوندر جن جا گس پڇائن،
واري هٿ ۾ واڳ هوا جي،
اوپارا لهوارا ايندا،
جي تون چوندين!

نينهن اهي جي نيڻ ڪنڌين تي
سڙهہ جان ڦڙڪن سيڻ ڪنڌين تي
ساري جن کي سمنڊ سُڪي ويا،
واڪيندا وڻجارا ايندا،
جي تون چوندين!

ويندڙ ڪونہ ورائي واپس،
سپنا ڪير ڪرائي واپس،
موت نہ جن کي موٽائي تہ
هلندي هلڻ هارا ايندا،
جي تون چوندين!

محبت آهي من جي ماکي،
زهر بہ تن جي تن جي ماکي،
تن کي چيت چکيندين جيڪر،
ڪتنا منا کارا ايندا،
جي تون چوندين!

ساوڻ هيل وُٺا هئا ڪيڏا،
ڪڪرين هيل ڪُٺا هئا ڪيڏا،
پوءِ بہ باهہ بدن جي سانڍي،
آگم سڀ اُجارا ايندا،
جي تون چوندين!

نديءَ مٿان جو نيرڳ آهي،
وچڙي ويل هي وڳ آهي،
ماريءَ پنهنجا موهہ چڏي،
موتي تو ڏي مارا ايندا،
جي تون چوندين!

جوڳين جا هن جوڳ رٽن سان
پتڪيل جا هن پوڳ رٽن سان
نالو تنهنجو نانگ ڪٽي،
چاندوڪي ۾ چارا ايندا،
جي تون چوندين!

ڏور مهاڻو ونجهہ هلائي،
من جي ساگر منجهہ هلائي،
هو جي توڏي مُرڪي موتيو
ڪُڏندا پوءِ ڪنارا ايندا،
جي تون چوندين!

عشق اڏيءَ تان ڳائي ايندو
توسان توڙ نڀائي ايندو
گيت گلي ۾ جيڪي آهن،
سوريءَ تان سي سارا ايندا،
جي تون چوندين!

# وايون

عشق آڙنگ جيئن مچي
ورتئي اھڙو ويڙ؟
اکيون جھڙ ڦڙ مينھڙا.

رھندا ساجن ڪيترو
سپنن سندا پير،
اکيون جھڙ ڦڙ مينھڙا.

پيارن جي پرچاءَ ۾
الا! ايڏي دير،
اکيون جھڙ ڦڙ مينھڙا.

وار وکيري من ۾
پھتي آھي ڪير؟
اکيون جھڙ ڦڙ مينھڙا.

نچندي نچندي اوچتو
ٽٽي جووين چير،
اکيون جھڙ ڦڙ مينھڙا.

موقعو اٿئي من جا
ميٽي ڇڏ سڀ مير،
اکيون جھڙ ڦڙ مينھڙا.

سڙان ۽ ساريان!
سڄڻ! سانوڻ مينھن ۾.

تون جي اچين ڏيل مان-
ڏيئي جيئن ٻاريان،
سڄڻ! سانوڻ مينھن ۾.

چنڊ جي پيڙي اُپ ۾،
تڪيندي تاريان،
سڄڻ! سانوڻ مينھن ۾.

وڇوڙن جا وڳ پئي،
ڇت اندر چاريان،
سڄڻ! سانوڻ مينھن ۾.

ڏونگر جھڙا ڏينھڙا،
گوڙھن ۾ گاريان،
سڄڻ! سانوڻ مينھن ۾.

پاٽي تنھنجي پيار جو
ھينئڙي تي ھاريان،
سڄڻ! سانوڻ مينھن ۾.

ڪانگل تنھنجي ڪاڪ جا،
وٽن تان واريان،
سڄڻ! سانوڻ مينھن ۾.

ھونئن تہ آھيان ٿورڙي،
گھڻي تي گھاريان،
سڄڻ! سانوڻ مينھن ۾.

هر هر ڏيئي هَر!
ڪيڙيان تنهنجي خيال کي.

چندن منهنجي چت جا،
چانڊوڪيءَ ۾ چَر!
ڪيڙيان تنهنجي خيال کي.

بادل ٻڻجي برسندو،
بدن سندو ٻَر!
ڪيڙيان تنهنجي خيال کي.

توکي پڇندو ڪينڪي،
ٽڪل منهنجو ٽر،
ڪيڙيان تنهنجي خيال کي.

هيل ٻـ ڏسندي هيڪلو
گهُوري ويئو گهر،
ڪيڙيان تنهنجي خيال کي.

آئون تنهنجي واٽڙي۔
واهوندي جان وَرُ
ڪيڙيان تنهنجي خيال کي.

اُڏران تنهنجي اُپ تي،
پنهنجا هڻي پَرُ،
ڪيڙيان تنهنجي خيال کي.

عشق ئي اُجرو ڪندو،
من جا مهتي مَرَ،
ڪيڙيان تنهنجي خيال کي.

آئون خالي ڪٽ جيان،
پونگي اچي پَر،
ڪيڙيان تنهنجي خيال کي.

مون کي ٻوڙيندو وجي،
جاني تنهنجو جَر،
ڪيڙيان تنهنجي خيال کي.

تو جي وار اُڏاريا،
ڪڪرين ڪنيا ڪر،
ڪيڙيان تنهنجي خيال کي.

مون کي آڏي آ ويو
پورَي تنهنجو پَر،
ڪيڙيان تنهنجي خيال کي.

جي تون تارُو تار جو
تن تي اچي تر،
ڪيڙيان تنهنجي خيال کي.

♦



# هڪ آمر جي ڪهاڻي

رشيارڊ ڪاپوشنسڪي / گوبند مينگهواڙ

*ايدي امين يا ايدي امين دادا، يوگنڊا جو بدنام زمانہ ڊڪٽيٽر هو. ملڪ جي ڏورانهين علائقي جي هڪڙي ننڍي ڀيل قبيلي سان واسطو رکندڙ امين هڪڙي گهٽ پڙهيل سپاهيءَ کان ٿيندو تاحيات فيلڊ مارشل ۽ صدر جي عهدن تائين پهتو. 1971ع ۾ فوج جي سربراهہ جي حيثيت ۾ هن حڪومت جو تختو اونڌو ڪري، اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. پنهنجي اٺن سالن جي دورِ حڪومت ۾ هن ظلمن جا جيڪي داستان رقم ڪيا، هيءُ مضمون بيحد خوبصورتيءَ سان انهن جو احاطو ڪري ٿو. امين 2003ع ۾ مري ويو. هن کي 43 ٻار هئا.*

*رشيارڊ ڪاپوشنسڪي پولينڊ جو جڳ مشهور صحافي آهي. ايشيا ۽ آفريڪا کنڊ ۾ شهنشاهن، بادشاهن ۽ آمرن جا ظلم ۽ انهن ۾ پيڙهجندڙ عوام هن جي لکڻين جو اهم موضوع رهيا آهن. هن جي ڪتابن ۾ ايٿوپيا جي سلطان هيل سلاسيءَ جي حياتيءَ تي لکيل* The Emperor*، ايران جي شاه بابت* Shah Of Shahs

*ٽئين دنيا بابت* The Soccer War *۽ سوويت يونين تي لکيل* Imperium *سڄي دنيا ۾ مشهور ٿيا. ڪيترائي انٽرنيشنل ايوارڊ کٽيندڙ ڪاپوشنسڪي کي پولينڊ ۾ "صديءَ جي بهترين صحافي" جو ايوارڊ ڏنو ويو. سنڊس هيءُ مضمون آفريڪا کنڊ جي ملڪن جي ماضي، حال، خانہ جنگين، انقلابن ۽ فوجي آمريتن بابت لکيل ڪتاب* *The Shadow of The Sun* *مان ترجمو ڪيو ويو آهي. [گ ـ م]*

مون هڪ پيري امين تي ڪتاب لکڻ جو خيال ڪيو هو. ڇاڪاڻ تہ هو هيٺين سطح جي ڪلچر ۾ ڏوهہ وچ ۾ تعلق جو هڪڙو چٽو مثال آهي. آئون ڪافي پيرا يوگنڊا وڃي چڪو آهيان، ۽ امين کي بہ هڪ کان وڌيڪ پيرا ڏٺو اٿم. مون وٽ هن بابت لکيل ڪتابن جي هڪ ننڍڙي لائبريري ۽ منهنجي پنهنجي ورتل نوٽس جا انبار موجود آهن. هو ويهين صديءَ جو سڄيءَ دنيا ۾ مشهور ۽ همعصر آفريقي تاريخ جو سڀ کان وڌيڪ ڇاتل سڃاتل ڊڪٽيٽر آهي.

امين جو لاڳاپو ٽن ملڪن يعني سوڊان، يوگنڊا ۽ زائر ۾ پکڙيل ان ننڍڙي قبيلي ڪڪوا سان آهي، جن کي اها ڄاڻ بہ نہ آهي، تہ انهن ٽنهي مان سندن اصلوڪو وطن ڪهڙو آهي؟ پر اهي ان سوال تي ڌيان نٿا ڏين. جو سندن ذهن اڳ ۾ ئي ان پريشانيءَ ۾ ورتل آهن تہ بک ۽ غربت جي زد ۾ آيل هن پنتي پيل خطي ۾ جيئڻ جو جتن ڪيئن ڪجي. جيڪو شهرن، روڊن، بجلي ۽ پوکيءَ جي لائق زمين کان بلڪل وانجهيل آهي. ڪنهن چالاڪ ۽ باهمت ماڻهوءَ جو جيڪڏهن ياڳ ساٿ ڏئي تہ هو هتان کان جيترو ممڪن ٿي سگهي، پري ڀڄي ٿو. پر واٽون سڀ وِيهہ ٿيل آهن. اولهہ ڏانهن رُخ ڪندڙ پاڻ کي زائر جي گهاٽن ٻيلن ۾ وڃائي ويهن ٿا. اتر ڏانهن ڀڄندڙن کي ٿُرت ئي سهارا جي ريگستان جو منهن ڏسڻو ٿو پوي. رڳو ڏاکڻين پاسي ئي اميد جو ٿورو ڪرڻو نظر اچي ٿو ۽ صرف اتي ئي امين جي قبيلي ڪڪوا وارا ماڻهو سينٽرل يوگنڊا جون زرخيز زمينون ڳولهي پئي سگهيا.

اُتي پنهنجي پٽ کي جنم ڏيڻ کان پوءِ امين جي ماءُ ڪيس پٺيءَ تي ڪٽي، هجرت جو سفر شروع ڪيو. تڏهن هزارن ۽ هاڻي لکن جي تعداد ۾ لڏپلاڻ ڪري ايندڙ ماڻهن جيان، هوءَ جيئڻ جو ڪو گس ڳولهڻ جي اميد کڻي يوگنڊا جي ڪمپالا کان پوءِ ٻئي وڏي شهر جنجا پهچي ٿي. وٽس نہ پئسا آهن، نہ مهارت ۽ نہ وري ڪا ڄاڻ سڃاڻ- پر ماڻهو جيئڻ لاءِ ڪو حيلو ضرور هٿ ڪري وٺندو آهي. امين جي ماءُ وٽ رڳو هڪ ٿانءُ هو، جنهن ۾ هوءَ ٻاجهري رڌي ان کي ڪيلي جي پنن تي رکي وڪڻندي هئي. هن جي روز جي ڪمائي؟ فقط ايتري ٻاجهري، جنهن سان هوءَ پنهنجو ۽ پنهنجي پٽ جو پيٽ پالي سگهي.

پنهنجي ابهم ٻارڙي سان گڏ اتر جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ کان نڪري شاهوڪار ڏکڻ جي هڪڙي شهر جو رُخ ڪندڙ هيءَ عورت هڪ اهڙي آباديءَ جو حصو بڻي، جيڪا اڄ آفريقا جو سڀ کان وڏو مسئلو بڻيل آهي. لکن جي تعداد ۾ ٻهراڙين کي ڇڏي شهرن جو رُخ ڪندڙ اهي ماڻهو شهرن ۾ اچي نہ پنهنجي لاءِ رهائش هٿ ڪري سگهيا ۽ نہ وري ڪو روزگار. اهڙين هجرت ڪري آيل ماڻهن کي يوگينڊا ۾ Bayaye

سڏيو ويندو آهي. توهان کين هڪ نظر ۾ ئي سڃاڻي سگهو ٿا، جو اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي يورپ جي ماڻهن کان بنهه مختلف نموني بازارن ۾ جهڳٽا يا ميڙ ناهين ٿا. يورپ ۾ توهان کي لڳندو ته گهٽيءَ مان گذرندڙ ماڻهو ڪنهن منزل ڏانهن گامزن آهي. تڪڙو هلندڙ انهن راهگيرن جي هڪڙي خاص هلت ۽ ان هلت ۾ ردم هوندو آهي. پر آفريقا جي شهرن ۾ ائين ڪونهي. اتي شهرن ۾ ماڻهن جي اڪثريت بنا ڪنهن مقصد جي ائين پئي گهمندي آهي ۽ لڳندو آهي ڄڻ کين ڪو ڪم ڪونهي ۽ ايئن ئي پيا ڦرن. ڪڏهن هيءَ رستو ته ڪڏهن هو ڪٿي ڪنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهي رهندا يا سمهي رهندا. وٽن ڪرڻ لاءِ ڪجهه ناهي هوندو ۽ نه ئي وري ڪو سندن منتظر. اهي اڪثر ڪري پيٽ بکيا هوندا آهن. ڪو جهيڙو جهٽو يا وري چوري چڪاري پڪڙڻ واري ڳالهه ترت ئي کين هڪ هنڌ ڪٺو ڪري وٺندي آهي. سندن هاٺوڪي حالتِ زار جو اهم سبب پنهنجي ڌرتيءَ تان پاڙان پٽجڻ آهي. اهي هاڻ ڳوٺن ڏانهن واپس نه ورندا ۽ شهر ۾ رهڻ لاءِ وٽن جڳهه ناهي. ايتري ڪرب مان گذرندي به اهي بهرحال جيئن ٿا. کين جيئڻ لاءِ وڙهو جتن ڪرڻو پوي ٿو. ٻاهرن ڪنڊن تي حياتي گذارڻ جهڙيءَ حالت ۾ به اهي جيئن تيئن ڪري گهارين ٿا، سمهن ٿا ۽ وقت به وقت پنهنجي پيٽ جي باهه وسائين ٿا.

پنهنجي وجود جي اهڙي غير حقيقي ۽ هميشه رهندڙ حالت سبب Bayaye ماڻهو هميشه خطري ۽ ڊپ ۾ ورتل رهيا. ٻولي، مذهب ۽ ڪلچر کان الڳ ٿيڻ ۽ هاڻ اجنبي هئڻ واري احساس سندن انهيءَ ڊپ کي ويتر وڌائي ڇڏيو هو. امين هڪ مخصوص Bayaye آهي.

هو جنجا جي گهٽين ۾ وڏو ٿيو. جتي برطانوي فوج جي هڪ بٽالين مقرر ٿيل هئي. ”ڪنگز آفريقن رائفلز“ نالي واري ان فوج جو ماڊل برطانوي سطلنت جي قيام ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ اڳواڻ جنرل لوگرڊ اڻويهين صديءَ جي آخر ڌاري ناهيو هو. جنهن ۾ خاص ڪري رڳو اهڙا پگهاردار سپاهي ڀرتي ڪيا ويندا هئا، جن کي جنهن هنڌ مقرر ڪيو ويندو هو اتان جي لوڪل آباديءَ لاءِ دشمن، چٽيندڙ ۽ هڪ قابض قوت جو ڪم ڪندا هئا. اهڙي ڀرتيءَ لاءِ جنرل لوگرڊ جا موزون سپاهي سوڊاني نسل جي نلوٽڪ قبيلي جا اهي نوجوان هئا، جيڪي پنهنجي جنگي جنون ۽ ۽ ظالم هجڻ جو ڪري ڄاڻ هئا. کين Nubians يعني دهشت ۽ ناپسنديدگيءَ جي علامت سڏيو ويندو هو. ان فوج جا آفيسر ۽ ٻيا عملدار ڪيترن ئي ورهين تائين رڳو انگريز هوندا هئا، انهن مان ڪنهن هڪ آفيسر جي نظر هڪ ڏينهن هرڪيولس جهڙي جسامت رکندڙ هڪڙي آفريقي نوجوان تي پئي، اهو امين هو.

سندس نالو ترت ئي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو. امين جهڙن بيروزگار نوجوانن لاءِ فوجي نوڪري لاٽري کلڻ جي برابر هئي. جيتوڻيڪ هو رڳو شروعاتي چار درجا پڙهيل هو پر پنهنجي ڪمانڊر جي هر حڪم تي نهايت ئي فرمانبرداري ۽ ڦڙتيءَ سان عمل ڪرڻ واري هن جي صلاحيت ڪيس تڪڙيون ترقيون ڏياريون. امين باڪسر طور به وڏو نالو ڪمايو ۽ باڪسنگ ۾ يوگنڊا جو هيوي ويٽ چيمپئن به رهيو. برطانوي راڄ جي ڏينهن ۾ ان فوج کي ڏورانهن علائقن ۾ ڪارروائي لاءِ موڪليو ويندو هو. ڪڏهن Mau Mau جي باغين ته ڪڏهن Turkana قبيلي جي جنگجوئن يا وري Karimojong جي آزاد ماڻهن خلاف ٿيل ڪارروائين ۾ امين پاڻ ميڙايو. حملن لاءِ گهات ٺاهڻ ۽ دشمن کي بي رحميءَ سان مارڻ هن جي انفراديت هئي.

......

پنجاهه جو ڏهاڪو آهي، ۽ آزاديءَ جي ديوي جلد پهچڻ واري آهي. آفريقي نيشنلزم فوج ۾ به پهچي چڪو آهي. پر برطانوي ۽ فرانسيسي آفيسر گهٽي ڪان گهٽ وقت اقتدار ۾ رهڻ ٿا چاهين. اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ته سندن جاءِ ڪير نٿو پري سگهي، انهن پنهنجي آفريقي ماتحتن مان، جيڪي سندن فرمانروا هئا، ٽئين درجي جي فوجين کي هڪڙي ئي ڏينهن ۾ سپاهيءَ مان ترقي ڏيئي ڪرنل ۽ جنرل بڻايو. سينٽرل آفريقن ريپبلڪ ۾ بوڪسا، داهومي ۽ سوگلو ۽ يوگنڊا ۾ امين راتو رات ٿيل اهڙين ترقين جو مثال آهن. 1962ع جي سرءُ ۾ جڏهن يوگنڊا هڪ الڳ رياست طور آزادي ماڻي، ته امين اڳ ۾ ئي برطانوين جي ڏنل ترقين جي نتيجي ۾ پهريان جنرل ۽ پوءِ ڊپٽي ڪمانڊر تي پهچي چڪو هو. هن پنهنجي آس پاس نگاهه وڌي ته ڪيس محسوس ٿيو ته توڙي جو هو اعليٰ عهدي ۽ مرتبي جو مالڪ آهي، پر هو ڪڪوا نالي هڪ ننڍڙي قبيلي سان لاڳاپو رکي ٿو جن کي يوگنڊا جا اصلوڪا رهاڪو نٿو سمجهيو وڃي. فوج ۾ پڻ وڏو انگ وزيراعظم ملٽن اوبوٽ جي قبيلي لنگي ۽ ان سان ئي جڙيل هڪ ٻئي قبيلي Acholi سان واسطو رکندڙ ماڻهن جو آهي، جيڪي ڪڪوا ماڻهن کي نيچ ۽ پنتي پيل سمجهندا آهن. هتي اسين اوچ نيچ جي فرق ۽ وهمن ۾ ورتل نسلي تعصب، نفرت ۽ دشمنيءَ جو آفريقين جي پنهنجي وچ ۾ آباد نئون جهان ڏسون ٿا. نسل پرستي ۽ برتريءَ جي غلبي وارو فرق رڳو اڇن ۽ ڪارن جي وچ ۾ ناهي هوندو پر اوترو ئي چٽو ڪنور ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ان کان به وڌيڪ ساڳئي رنگ ۽ نسل جي ماڻهن وچ ۾ به ٿيندو آهي. بيشڪ ڪيترا ئي گورا جيڪي مري ويا، اهي سڀ ڪارن جي هٿان نه مئا آهن، پر ڪين پاڻ جهڙن گورن ئي ماريو. ساڳيءَ ريت گذريل صديءَ ۾ جن ڪارن پنهنجون حياتيون وڃايون، انهن کي زندگين کان محروم ڪرڻ وارا به گورا نه پر ڪارا

ٿي هئا. نسلي ۽ ثقافتي تعصب جي ور چڙهيل يوگنڊا ۾ اهو نه ڏٺو ويندو آهي ته ڪير ڪيترو مخلص، صالح ۽ عقل ڀريو آهي يا وري ان جي ابتڙ ڪيترو ڪميڻو يا بڇڙو آهي، پر اتي ماڻهن جي ورهاست ۽ سڃاڻپ ان ڳالهه ذريعي ڪئي ويندي آهي ته هو ڪهڙي قبيلي سان واسطو رکي ٿو. آزاد ٿيڻ کان پوءِ اٺن سالن تائين يوگنڊا تي حد کان وڌيڪ مغرور ۽ پاڻ تي ناز ڪندڙ ملٽن اوبوٽ راڄ ڪيو. جڏهن پريس ۾ اهي خبرون آيو ته امين زائر جي حڪومتي باغين پاران حفاظت ۾ رکڻ لاءِ ڏنل هاٿيءَ جي ڏندن، سون ۽ روڪ رقم ۾ گهپلا ڪيا آهن. ته وزيرِاعظم اوبوٽ هن کي پاڻ وٽ گهرائي، ڪيس ان ڳالهه بابت لکت ۾ وضاحت ڏيڻ جو چئي، پاڻ برٽش ڪامن ويلٿ جي وزيرِاعظمن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ سينگاپور روانو ٿي ويو. اهو سمجهندي ته وزيرِ اعظم جيئن ئي واپس آيو ته هن کي گرفتار ڪرائي ڇڏيندو امين وزير اعظم جي واپسيءَ کان اڳ ئي وار ڪندي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري، اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. وزيرِاعظم اوبوٽ کي امين جي ان عمل تي ڪا گهڻي ڳڻتي نه ٿي ۽ نه ئي هن امين کي پاڻ لاءِ ڪو خطرو ٿي سمجهيو. ڇاڪاڻ ته هن ڄاتو ٿي، امين جو فوج ۾ اثر بنهه گهٽ هو پر 25 جنوري 1971ع جي رات جي پهرئين پهر ۾ امين ۽ هن جي حمايتي فوجين ڪمپالا جي بئرڪن تي حملو ڪري ڏنو ۽ انتهائي ڦڙتيءَ ۽ بي رحميءَ سان لنگي ۽ Acholi قبيلي سان واسطو رکندڙ فوجين کي ڳولهي ڳولهي مارڻ شروع ڪيو. اهڙي اوچتي حملي سبب هنن کي مزاحمت ڪرڻ جو وقت ئي نه مليو. پهرئين ڏينهن تي سوين فوجين کي بئرڪن ۾ ماريو ويو ۽ پوءِ خونريزيءَ جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو. امين پوءِ دشمن کي ڏسندي ئي گولي هڻڻ وارو طريقو اپنايو. هن اهڙن سوين ماڻهن کي به ڇٽي ڇڏيو جيڪي سندس خيال موجب اڳتي هلي هن جا دشمن بڻجي سگهيا پئي. وقت گذرڻ سان گڏ امين جي رياست ۾ دهشت، ماڻهن تي ٿيندڙ تشدد تي پاڙڻ لڳي. ماڻهن کي سخت عقوبتون ڏيئي، پوءِ ماريو ويندو هو.

اهو سڀ ڪجهه گاديءَ واري هنڌ جي پر واري ننڍڙي شهر ۾ ٿيو. شهر جي وچ ۾ موجود عمارتن ۾ ٽارچر سيل ٺاهيا ويا. جن جون دريون سدائين ڪليل رهنديون هيون ته جيئن ڪو انهن جي پر مان لنگهي ته ڇچرندڙ وجودن جون آهون ۽ ڪوڪون ٻڌي سگهي. انهن جي هٿ جيڪو به چڙهيو ٿي، تنهن جو نالو نشان ئي مٽائي ٿي ڇڏيائون. هتي به ماڻهن جو هڪ اهڙو قسم اُڀريو جيڪو پوءِ جيئن جو تيئن وڌندو ويو جن کي لاطيني آمريڪا ۾ Desaparecidos چيو ويندو هو: يعني اهي جيڪي منتجي ويا، گم ٿي ويا. پنهنجي ڪنهن ويجهي عزيز جي گم ٿيڻ تي ڪو گهرڀاتي پوليس کي چوندو هو ته "هو گهران نڪتو پر واپس نه موٽيو آهي." ته سندن جواب هوندو

هو: "?Nani" (سواهلي ٻوليءَ ۾ ان لفظ جي معنيٰ آهي: ڪير؟) ماڻهو هڪ سواليہ نشاني ۾ تبديل ٿي ويندو هو.

يوگنڊا هڪڙي المناڪ ۽ رت هاڻي اسٽيج ۾ تبديل ٿيڻ شروع ٿي چڪو هو. جنهن تي رڳو هڪ ئي اداڪار يعني امين رعب سان پئي هليو. بغاوت جي هڪ ئي مهيني کان پوءِ امين پاڻ کي پهرين صدر پوءِ مارشل، ان کان پوءِ فيلڊ مارشل ۽ آخر ۾ تاحيات فيلڊ مارشل مقرر ڪيو. هن پاڻ تي ميڊلن ۽ تمغن جي قطار لڳائي ڇڏي. پنهنجي سپاهين کي اهو احساس ڏيارڻ تہ هو بہ انهن جهڙو ئي آهي، هو عام رواجي جنگي مشقون پڻ ڪندو رهندو هو. هو مختلف قسمن جون گاڏيون استعمال ڪندو هو جن تي ڪيٽريون ئي اينٽينائون، تارون ۽ بتيون لڳل هونديون هيون. جڏهن تہ گاڏيءَ اندر پستول، گرنيڊ ۽ چاقو هوندا هئا.

هن تي ڪيترا ئي ڀيرا قاتلانہ حملا ٿي چڪا هئا. ان ڪري هو هر هنڌ اهڙي تياريءَ سان ويندو هو. هر حملي ۾ هن کان سواءِ ٻيا سمورا ماڻهو سڀ محافظ مري ويندا هئا، رڳو هو بچي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو ويس مٽائي عام سوارين ۾ بہ سفر ڪندو هو. گهٽين ۾ هلندڙ ماڻهو اوچتو محسوس ڪندا هئا تہ گذرندڙ ٽرڪ جي پنيان ٽائر وٽ ويٺل ماڻهو تہ امين هو.

هو ڪنهن تي بہ اعتبار نہ ڪندو هو. ايتري قدر جو هن جي صفا ويجهو رهندڙن مان بہ اها خبر ڪنهن کي نہ هوندي هئي تہ هو اڄ رات ڪٿي سمهندو؟ يا سڀاڻي ڪٿي هوندو؟ شهر سميت سڄي ملڪ ۾ هن جون ڪيٽريون ئي رهائش گاهون هيون. هن جو پتو لڳائڻ هڪ ئي وقت ڏکيو ۽ خطرناڪ هو. هو پنهنجي ماتحتن سان سڌو واسطو رکندو هو. ڪنهن سان ملڻو آهي، ڪنهن سان ڳالهائڻو آهي، اهو سڀ ڪجهہ هو پاڻ ئي طئہ ڪندو هو ۽ ڪيترن لاءِ تہ اها ملاقات آخري ثابت ٿيندي هئي. جنهن تي ڪيس شڪ هوندو هو تنهن کي پاڻ وٽ گهرائي تمام گهڻي پنهنجائپ سان خاطر تواضع ڪندو هو. هو جيئن ئي مهمان کي ڪمري ۾ ڇڏي روانو ٿيندو هو تہ سندس ڪارندا ان کي قتل ڪري ڇڏيندا هئا. ڪنهن کي بہ خبر نہ پوندي هئي تہ ان ماڻهوءَ جو ڇا ٿيو.

امين اڪثر ڪري پنهنجن ماتحتن سان ٽيليفون ذريعي رابطو رکندو هو پر هو ريڊيو پڻ استعمال ڪندو هو. حڪومت ۾ تبديلي توڙي فوجي قيادت ۾ ردوبدل- جيڪا هو اڪثر ڪندو رهندو هو تنهن لاءِ ريڊيو استعمال ڪندو هو. يوگنڊا وٽ ٽن ڏينهن ۾ هڪ ريڊيو اسٽيشن، هڪڙي ننڍڙي اخبار، هڪ ڪئميرا - جيڪا رڳو امين جي فلم بندي لاءِ هئي - ۽ رڳو هڪ فوٽو جرنلسٽ هو. جيڪو هر تقريب ۾ موجود

هوندو هو. هر شيءِ فقط امين جي منشا موجب هلندي هئي. هڪ جاءِ کان ٻيءِ ڏانهن ويندو هو تہ ڄڻ سڄي رياست کي پاڻ سان گڏ گهمائيندو هو. هن کان ٻاهر ڪجهہ نہ هو ڪنهن شيءِ جو وجود نہ هو. نہ پارليامينٽ هئي، نہ سياسي پارٽيون، نہ ٽريڊ يونينون، ڪجهہ بہ نہ ڪنهن مخالف ڏر هجڻ جو تہ سوال ئي پيدا نہ پيو ٿئي. اختلاف رکندڙ سڀ موت جي ننڊ سمهاريا ويندا هئا. امين کي فوج جي حمايت حاصل هئي. اها ئي فوج جيڪا هن پاڻ ڪالونيل طرز تي ٺاهي هئي، جنهن ۾ گهڻائي يوگنڊا ۽ سوڊان جي سرحد جي پر وارن ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ ننڍين قومن جي ماڻهن جي هئي ۽ جيڪي ملڪ جي گهڻائي آباديءَ پاران ڳالهائجندڙ ٻولي بانٽو بجاءِ سوڊاني ٻولي ڳالهائيندا هئا. اهي سادا ۽ عام ماڻهو هئا جيڪي ٻوليءَ جي انهيءَ فرق جي ڪري ڪا ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪري سگهندا هئا. پر اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٻجهي ڪيو ويو هو تہ جيئن اهي پاڻ کي هميشہ ڌاريو اڪيلو ۽ امين تي ڀاڙيندڙ سمجهن. جڏهن بہ انهن سان سٽيل ڪا ٽرڪ ڪٿي بيهندي هئي تہ ٽرٽلو مچي ويندو هو ۽ گهٽيون، ڳوٺ ويران ٿي ويندا هئا. وحشي، ڪاوڙيل ۽ گهٽو ڪري نشي ۾ ڌُت اهي سپاهي جتان جيڪو چاهين، ڦري وٺندا هئا. (جيڪڏهن انهن دڪانن ۾ ڪجهہ بچيل هوندو هو تہ امين جي ڏينهن ۾ دڪانن جا خانا خالي ٿي ويندا هئا. آئون جڏهن ڪمپالا ڏانهن روانو پئي ٿيس تہ ڪنهن مون کي صلاح ڏني هئي تہ پاڻ سان گڏ هڪڙو بلب کڻي وڃ۔ اتي هوٽل ۾ بجلي تہ هوندي، پر بلب نہ هوندا.) سپاهي هارين جا فصل، پالتو جانور ۽ ڪُڪڙيون بہ کڻي ويندا هئا.

امين ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل فوجي نڪاڻن جا دورا ڪرڻ جو عادي هو. اهڙن موقعن تي اڪثر ڪري هڪ وڏي ريلي ڪيڏي ويندي هئي، جنهن کي هو خطاب ڪندو هو. هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيو ڳالهائيندو هو. اهڙن دورن دوران اڪثر ڪري هو ڪنهن مشهور سويلين يا فوجي شخص کي سرپرائيز طور پاڻ سان گڏ آڻيندو هو جنهن تي ڪيس غداري، سازش يا وري حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جو شڪ هوندو هو. ملزم۔ جنهن جي حالت اڳ ۾ ئي زار ڪئي ويندي هئي، تنهن کي رسن ۾ ٻڌي، کُلي چبوتري تائين آندو ويندو هو. اهو منظر ڏسي جوش ۾ آيل سپاهي بي خوديءَ ۾ اچي زور سان رڙيون ڪرڻ لڳندا هئا. "هن سان ڪهڙو سلوڪ ڪريان؟" امين حاضرين کان پڇندو هو.

"ماري ڇڏينس۔ ماري ڇڏينس." سپاهين جو ميڙ رڙيون ڪندي چوندو هو.

هن جي فوج جا سپاهي هر وقت جنگ لاءِ تيار رهندا هئا. امين، جنهن پاڻ کي ڦهرين برٽش ايمپائر جي فاتح جو لقب ڏيئي ڇڏيو هو فيصلو ڪيو تہ هو انهن برادر

ملڪن کي بہ آزاد ڪرائيندو. جيڪي اجا تائين برطانيا جي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئا. هن انتهائي ياري ۾ گهڻو خرچ ڪائيندڙ فوجي پيش قدمين جو سلسلو شروع ڪيو. هن جي فوج ڏکڻ آفريقا کي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني. فوجي دستن "پريٽوريا"، "جوهانسبرنگ"، "ڊربن" ۽ "پورٽ الزبيٿ" ۾ دشمن جي اڏن تي حملا ڪيا. ڪمانڊ پوسٽ جي ڇت تان امين دوربينيءَ وسيلي جنگ جو نظارو ڏسندو هو. گاديءَ واري هنڌ ڪيپ ٽائون تي قبضي ۾ سستي ۾ دير تي هو ٽپ ڏيئي گاڏيءَ ۾ ويهندو هو ۽ هڪڙي ڪمانڊ پوائنٽ کان آفيسرن کي سخت ڪاوڙ ۾ پڙڪائيندو. هٽائيندو. بي ڪمانڊ پوزيشن تي پهچي ويندو هو.

امين جسامت ۾ پريل هئڻ سبب بي پناهہ قوت رکندڙ ماڻهو هو. ڪڏهن نہ ٿڪجندڙ سدائين چُست ۽ نوبنو- ڪيس هڪ هنڌ ويهڻ بلڪل نہ ايندو هو. سدائين حرڪت ۾. صدر جي حيثيت ۾ ڪڏهن ڪڏهن حڪومتي ڪاروهنوار جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻو پوندو هوس تہ اهو اتي بہ ٿورو وقت ويهندو هو. جلدي بور ٿي پوندو هو ۽ پنهنجي ڪُرسيءَ تان اٿي هليو ويندو هو. هو سدائين ڪاوڙ ۾ ڳالهائيندو هو ۽ پنهنجا جملا ڪڏهن بہ مڪمل نہ ڪندو هو. ڪيس انگريزي ڳالهائڻ ۾ تمام گهڻي ڏکيائي ٿيندي هئي تہ سواهلي ۾ بہ هو ايترو پڙ نہ هو. هن کي پنهنجي مقامي ٻولي ڪڪوا تي عبور حاصل هو. جيڪا صرف چند يوگنڊين ڳالهائيندا هئا. پر ٻولين جي معاملي ۾ هن جي انهيءَ معذوريءَ ڪيس Bayaye ماڻهن ۾ مشهور ڪيو هو جو هو انهن جهڙو ئي هو.

انهن جو ئي رَت.

امين جو ڪو دوست نہ هو. هو ڪنهن کي بہ پنهنجي ويجهو اچڻ ۽ گهڻي وقت تائين ۽ گهرائيءَ سان ڄاڻڻ جي اجازت نہ ڏيندو هو جو ڪيس اهو ڊپ سدائين رهندو هو. تہ ٿي سگهي ٿو اهڙو تعلق ڪنهن سازش يا هن جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ ڪنهن کي مدد ڏئي.

خاص ڪري هو ملڪ ۾ دهشت پکيڙڻ لاءِ تاهيل سيڪريٽ پوليس جي ٻن يونٽن يعني پبلڪ سيفٽي يونٽ ۽ اسٽيٽ ريسرچ بيورو جي سربراهن کي وقفي وقفي سان مٽائيندو رهندو هو. اسٽيٽ ريسرچ بيورو يوگنڊا ۾ دهشت جو راڄ قائم ڪري ڇڏيو هو جو ان ۾ رڳو هن جي پنهنجي ڪڪوا. لگابرا ۽ مدي قبيلن جا ماڻهو هوندا هئا. ان جي طاقت جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ان جي هر ميمبر جي سڌي امين تائين رسائي هئي.

هڪ ڏينهن آٺون ائين ٿي ڪمپالا جي گهٽي پاڳي خالي ۽ اجڙيل دڪانن واريءَ بازار ۾ گهمي رهيو هئس. امين ملڪ جو ستياناس ڪري ڇڏيو هو. رستن ۽ گهٽين ۾

ڪا به آمدورفت نه هئي، ۽ دڪان. جيڪي امين انهن جي هندستاني مالڪن کان کسي پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيا هئا، بلڪل خالي ۽ اُجاڙ پيا هئا يا وري ڪن ۾ رڳو ڪاٺ جا تختا ۽ لوهه جون چادرون پيل هيون. اوچتو!Smaki! Smaki (مڇي! مڇي!) جون رڙيون ڪندڙ ٻارن جو ٽولو ڍنڍ جي پاسي واري گهٽيءَ مان ظاهر ٿيو. سڀ ماڻهو ان خوشي ۽ اميد وچان گڏ ٿيا ته کائڻ لاءِ ڪجهه ملندو. ملاح جيئن ئي پنهنجو شڪار ٽيبل تي اڇليو ته بيٺل ماڻهو ان کي ڏسندي ئي ماٺ ۽ پنڊ پهڻ ٿي ويا. مڇي حد کان وڌيڪ ٿلهي متاري هئي ۽ ڍنڍ جي پاڻيءَ مان اهڙي خوفناڪ ۽ متاري جنس اڳ ڪڏهن نه ملي هئي. سيني ڄاتو ٿي ته امين جا ڪارندا گهڻي وقت کان پنهنجي شڪار کي ماري، انهن جا لاش ڍنڍ ۾ ٻوڙي ڇڏيندا هئا، جن کي پوءِ واڳون ۽ گوشت خور مڇيون کائيندا هئا. ماڻهن جو هجوم ماٺ ئي هئو ته پرسان گذرندڙ فوجي گاڏيءَ ۾ ويٺل سپاهين جي گڏ ٿيل ماڻهن ۽ ٽيبل تي پيل مڇيءَ تي نظر پئي. انهن گاڏيءَ کي روڪيو. ڪجهه لمحن لاءِ انهن پاڻ ۾ ڳالهايو ۽ گاڏيءَ مان لهي ان جي پٺئين حصي کي کوليائون. اسان مان جيڪي ويجهو بيٺل هئا، اهي گاڏيءَ جي فرش تي پيل هڪڙو لاش آسانيءَ سان ڏسي پئي سگهيا. اسان ڏٺو ته سپاهين مڇيءَ کي ڪٽي گاڏيءَ ۾ وڌو ۽ اتي پيل اگهاڙن پيرن واري ماڻهوءَ جو لاش ساڳيءَ ٽيبل تي اسان لاءِ رکي، تڪڙا تڪڙا روانا ٿي ويا. اسان بدمست ٿهڪ ڏيندا رهجي وياسين.

........

امين 8 سالن تائين حڪمراني ڪئي. مختلف ذريعن موجب انهن اٺن سالن دوران تاحيات فيلڊ مارشل ڏيڊ کان ٽي لک ماڻهن کي مارايو. هن پنهنجي زوال جي شروعات نيٺ پاڻ ئي ڪئي. پاڙيسري ملڪ تنزانيا جي صدر جوليس نائريرِ سان نفرت ۽ ساڙُهن جي هڪ Obsession هئي.

1978ع جي آخر ڌاري هن تنزانيا تي ڪاهه ڪئي. تنزانين فوج سخت مقابلو ڪيو. نائرير جون فوجون يوگنڊا ۾ داخل ٿي ويون. امين لبيا ڏانهن فرار ٿيو جتان پوءِ اسلام لاءِ ڪيل خدمتن عيوض سعودي عرب ۾ رهڻ جي اجازت مليس. امين جي فوج ڇڙ وڇڙ ٿي وئي. سندس ڪجهه سپاهي واپس پنهنجي گهرن ڏانهن موٽيا، ته ڪجهه وري ڌاڙيل ۽ ڦورو بڻيا. تنزانيا جي فوج جو ڪيترو نقصان ٿيو؟ رڳو هڪ ٽئنڪ.

◆◆



# وهي ڪاتي جو اُتونجاهون پنو

لڇمڻ ڪومل

نيپولين بونا پارٽ ايلبا (Elba) ڇڏڻ کان اڳ پنهنجيءَ فوج کي خطاب ڪندي چيو هو:

"I shall prefer to be a lucky Soldier than be a winning Soldier."

(مان هڪ فاتح سپاهي ٿيڻ بدران هڪ سڀاڳو سپاهي ٿيڻ پسند ڪندس.)

پر عشق محبت جي معاملي ۾ نيپولين ايترو نصيبن وارو نه هو. هن جي محبوبه جوزفين جي سرد مهريءَ، هن جي عشق جي پڙڪندڙ باهه کي ٿڌو ڪري ڇڏيو هو.

ڇئن مهينن جي عرصي ۾ گوپيءَ وٽان منهنجن ڇئن پنجن خطن جا جواب نه اچڻ تي مان بمبئيءَ پهچي ويس ۽ هن جي گهر جي در جي ڌڙڪندڙ دل سان گهنٽي وڄايم.

اهو آچر جو ڏينهن هو. هوءَ گهر ۾ هئي ۽ مانجهاندي کان پوءِ آرام ڪري رهي هئي. دروازو گهر جي ملازمه اچي کوليو. منهنجي تعارف تي هوءَ گوپيءَ کي آرام مان اٿاري آئي. اڌ ننڊ ۽ اڌ جاڳ وارين اکين سان حيرت وچان مون ڏانهن ڏسندي، چيائين:"اڙي تون ڪيئن؟"

هوءَ هٿ کان جهلي مون کي اندر وٺي آئي. هن جو والد ديوان جڳتياڻي ۽ امي به بينڪ واري هال ۾ هليا آيا. گوپيءَ پڇيو: "ڪڏهن آئين؟"

"اڄ صبح واري ڊيلڪس ۾."

"اطلاع ڏين هان ته اسٽيشن تي وٺڻ اچانءِ هان. ڪٿي رهيو آهين؟"

"پنهنجي دوست ڪرشن راهيءَ جي گهر. ڪوليواڙا ۾."

گوپيءَ جي اميءَ چيو:"هتي ڇو نه تو اچي رهين؟" چيومانس:"راهي ۽ مايا ٻئي منهنجا ادبي دوست آهن. ٻنهي جو سنو ساٿ آهي. ڪيرت ٻاٻاڻي به پير ۾ رهندو آهي. دير تائين ڪچهري ڪندا رهنداسين. جيترا ڏينهن آهيان، روز ايندو ويندو رهندس".

بمبئي ۾ گوپيءَ جي ناناڻن جو چوپاٽيءَ سامهون تمام وڏو ۽ ڪشادو گهر هو جنهن ۾ هڪ وسيع هال جي ٻنهي پاسي ڇهه وڏا بيڊروم هئا. بلڊنگ جي سڄيءَ منزل تي ڦهليل گهر جي بالڪنيءَ تي ويهڻ سان سامهون ڦهليل سمنڊ ۽ سڄي بمبئيءَ جو منظر اکين اڳيان هوندو هو. اڳتي هلي، جڏهن ان گهر ۾ مون پنهنجن دوستن جون دعوتون ڪيون ته ڪرشن چوندو هو:"بمبئيءَ ۾ رڳو هن گهر جي بالڪني هجي. ٻلي پيو ڪجهه نه هجي." گنو سامتاڻي چوندو هو:"هن گهر جي هال ۾ ته ڪرڪيٽ کيڏي سگهجي ٿي."

منهنجي شاديءَ کان اٺ ڏهه سال پوءِ اها بلڊنگ ڪيئن ٻاهه جو ٻک ٿي ويئي يا ان کي باهه لڳائي ويئي، ان بابت اڳتي هلي لکندس.

ان جڳهه تي هينئر هندستان جي وڏي ۾ وڏي جوئيلرس ترڀرنداس زويري گروپ جو شوروم آهي ۽ سڄيءَ بلڊنگ ۾ انهيءَ ڪمپنيءَ جي ڪٽنب جي ٽين چوٿين پيڙهيءَ جا سوَ کن ڀاتي رهندا آهن. مون بمبئي ۾ امر جليل کي اوپيرا هائوس ٻاهران بيهي اها بلڊنگ ڏيکاري هئي.

امر جليل جي ويجهن دوستن جو چوڻ آهي ته جوانيءَ ۾ هن جو آواز ڏاڍو سهڻو هوندو هو ۽ ان سُريلي آواز سان هن ڪيترين ئي دوشيزائن کي پنهنجي دام ۾ ڄهليو ۽ جهٽيو هو. پر جنهن وقت مان هن سان مليو هوس، ان وقت تائين هن ڳائڻ ۽ ڏاڙهي لاهڻ ڇڏي ڏني هئي. تن ڏينهن ۾ مان به سندرين ۽ مينڪائن اڳيان پنهنجا، پراوا شعر ڏاڍي سُر سان پڙهندو هوس. هينئر اسان ٻنهي جا آواز گهَگها ٿي ويا آهن. گوپيءَ جي ناني سرڳواسي ديوان پرسرام شامداساڻيءَ ورهاڱي کان گهڻو اڳ بمبئي اچي، پنهنجي چارٽرڊ اڪائونٽنس جي فرم کولي هئي ۽ هيءَ جڳهه هڪ سو ويهن روپين ماهوار تي نوانوي سالن جي ليز(Lease) تي ورتي هئي.

گوپيءَ جي اميءَ جي شادي به بمبئي ۾ ٿي هئي. هوءَ ان زماني جو مئٽريڪيوليٽ هئي، جڏهن ڇوڪريون گهرن کان ٻاهر مُنهن ڏيکي نڪرنديون هيون. اميءَ جي ٻن ننڍين ڀينرن مان هڪ ڊاڪٽر هئي، ۽ ٻي بمبئي هاءِ ڪورٽ ۾ وڪيل هئي. ٻئي غير شادي شده هيون. گوپيءَ جي هڪ ئي ڀيڻ جي ٻاويهن سالن جي عمر ۾ شادي ٿي ۽ چوويهن سالن جي عمر ۾ هوءَ وڌوا ٿي ويئي. هن جو گهروارو ڦوهه جوانيءَ ۾ بمبئيءَ ۾ حادثي جو شڪار ٿي ويو. هن ٻيهر شادي نه ڪئي. هينئر هوءَ به دنيا ۾ ناهي ۽ نه ئي گوپيءَ جو ڪو ويجهو يا ڀري جو مٽ مائٽ.

بمبئي جهڙي شهر ۾ سمنڊ سامهون ايڏي وڏي گهر کي مان جوش وچان ڏسي رهيو هئس. هال جي هڪ ميز تي ننڍي جهانيان جي گادي نشين سائين نور حسين شاهه جي

وڏي سائيز جي تصوير رکيل هئي ۽ اڳتي هلي مون ڏٺو تہ بيڊرومس ۾ سائين قطب علي شاهہ جي جهڪيل ۽ لٺ تي ٽيڪيل ڪنڌ واري تصوير ۽ سائين روشن علي شاهہ ۽ سائين هادي علي شاهہ جون تصويرون پٺين تي لڳل هيون.

ٽنبي جهانيان جي درگاهہ جا موجوده سجاده نشين نور سائين منهنجا همر عمر آهن ۽ مون کي مريد کان وڌيڪ پنهنجو دوست سمجهندا آهن. جيڪو مون لاءِ وڏي ۾ وڏو اعزاز آهي. مان جڏهن بہ حيدرآباد (سنڌ) جي ويزا تي ويندو آهيان تہ درگاهہ تي حاضري ڀرڻ ضرور ويندو آهيان. ٻہ سال اڳ مان شوڪت شوري ۽ ذوالفقار هاليپوٽي سان گڏجي درگاهہ تي ويو هوس تہ نور سائين اسان جو آڌر ۽ ڀرگهور ٽو آجياڻو ڪيو هو. شوڪت جون ورتل اسان ٻنهي جون گڏيل تصويرون منهنجي بيڊروم ۾ رکيل آهن ۽ هڪ ڪاپي لاليءَ پنهنجي بئنگلور واري گهر ۾ لڳائي آهي.

سائين نور حسين شاهہ جي پرورش ۽ سندن انگلينڊ ۾ ورتل تعليم جو سڄو ذمو گوپيءَ جي پڦيءَ دادي جَنيءَ پاڻ تي هموار ڪيو هو. هن نور سائينءَ کي پنهنجي سڳي پٽ جيان پاليو هو. حالانڪ هن کي پنهنجا اڌ ڊزن پٽ ۽ ڍيئر هئا. پوءِ بہ دادي جنيءَ جو سڄو پيار نور سائينءَ ۾ پلٽيل هو. دادي جني هيئنر حيات ناهي. هن جي سماڌي ٽنبي جهانيان جي درگاهہ ۾ دائم قائم آهي، جتي دادي جنيءَ جي گلن ۾ ويڙهيل تصوير بہ موجود آهي.

دادي جنيءَ جي ڌيءَ مملي جهوڙيملاڻيءَ پنهنجي ڪولابا واريءَ اپارٽمينٽ ۾ سائين نور حسين شاهہ لاءِ هڪ وڏو ڪمرو خاص طور سينگاري رکيو آهي. جيڪو تڏهن کلندو آهي، جڏهن سائين نور بمبئيءَ ۾ ايندا آهن. سندن اڪثر عامل مريد ۽ مريدياڻيون سائين جن جي پيرن وٽ غاليچي تي ويهندا آهن ۽ نور سائينءَ جي نوراني نظرن جي نهار سان ٻنهين جهانن جو ثواب حاصل ڪند آهن. سال اڳ مملي ۽ هن جو گهر وارو ڦتو بہ راهہ عدم ڏانهن روانا ٿي چڪا آهن، پر پنهنجي پوٽيرن لاءِ مقدس درگاهہ جا در دروازا کولي رکي ويا آهن. مان سمجهان ٿو تہ هند ۾ ٽنبي جهانيان جي قطب شاهي درگاهہ ۽ سچل سر مست جي درازن جي درگاهہ جي گادي نشين سخي قبول محمد جا مريد سنڌ وارن کان بہ وڌيڪ آهن. ڪجهہ سال اڳ تائين تہ ائين هو باقي نئين نسل بابت ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهان.

مان هي سڀ تفصيل ان ڪري لکي رهيو آهيان، جو منهنجي ڪامياب ۽ خوشحال ازدواجي زندگيءَ ۾ درگاهہ ۽ سائينءَ جي دعائن ۽ منظوريءَ جو اهم رول آهي.

ان شام وسڪيءَ جي پيگ تي ڪچهري ڪندي، منهنجي (ٽيڻ واري) سهري ديوان جڳتياڻيءَ مون کي سائين قطب شاهہ جي ڪرامت جو دلچسپ واقعو ٻڌايو:

"ڀرڙيءَ جو ڪو غريب ماڻهو ڪنهن جهيڙي جهٽي جي ڪيس ۾ ڦاسي ويو. غريب ڳوٺاڻي وٽ وڪيل وڙي لاءِ ڏوڪڙ نہ هئا. ڏاڍي ڏڇي ۾ هو. ڳوٺ جي ڪنهن سياڻي صلاح ڏنس، تنڊي جهانيان جي درويش سائين قطب علي شاهہ جو وڃي پلئہ پڪڙ. درويش جي دعا لڳئي تہ ڇُٽي وينديں. مسڪين پنڌ جهاڳي جهانيان تہ پهتو پر درويش آڏو اچڻ جي جرئت ئي نہ پئي ٿيس. هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هڻندي جاچيائين تہ سائين سويل صبح اڏ اونداهيءَ ۾ جهنگ ڏانهن ويندو آهي. ٻي سڄي رات غريب ٻوٽن ۾ لڪو ويٺو رهيو. جيئن ئي درويش پهتو تہ هن بہ ڪٽي پير جهليس. اونده ۾ درويش ماڻهو سڃاڻي نہ سگهيو. پڇيائين:"ابا ڪير آهين؟" جوابدار سچي ڳالھ ڪري ٻڌايس، تہ ڪيئن راهہ گناهہ ڪيس ۾ اڙيو آهيان. قطب شاهہ سائين چيس،"هاڻي وڃ. اسان تنهنجو ڪيس ڏوئي ڇڏيو".

ڪيس جي شنوائيءَ ڏينهن مئجسٽريٽ (يا قاضي) ڪيس جا ڪاغذ ۽ مشيرناما گهرائي ڪٽي جو اٿلائي تہ سڀ ڪاڳر ئي ڪورا هئا. ڪٽي ڪنهن اکر جو نشان ئي نہ هجي. منصف پڇيس:"سچ ٻڌاءِ ڙي جَٽ. ڪنهن وٽ پهتو هُئين؟" جوابدار سچو بيان ڪيس. منصف پڇيس "بابا، جي درويش ئي تو کي بخشي ڇڏيو تہ اسين ڪير ٿيندا آهيون تو کي سزا ڏيڻ وارا؟"

ساهتيءَ جي سائين روچلداس ۽ جيوترام مٽاڻيءَ قطب شاهي خاندان ۽ تنڊي جهانيان جي درگاهہ تي هڪ مستند ڪتاب لکيو آهي، ۽ ڪلام روشن مرتب ڪيو آهي، جيڪي تاريخي دستاويزن جي حيثيت رکن ٿا. جيوترام مٽاڻيءَ جو ڪتاب شايد سنڌ ۾ بہ شايع ٿيو آهي.

عجيب اتفاق آهي تہ اڄ جڏهن هي پنو لکي رهيو آهيان تہ اڱين ۾ هن پني وچ ۾ هي ٻيو "ويلنٽائن ڊي" اچي پهتو آهي. وينس ۽ روم ۾ خبر ناهي هيءَ ڏينهن ڪيئن ملهائيندا آهن، پر هتي تہ ڇورا ڇوريون ڇتا ٿي پيا آهن ۽ هڪ ٻدران چار ويلنٽائن ڏينهن ملهائي رهيا آهن. گلن جو ڏينهن- چاڪليٽن جو ڏينهن- چُمر چٽ (kissing) جو ڏينهن- ۽ هي چوٿون ويلنٽائن ڊي. ڊرگ اسٽور وارن جو چوڻ آهي تہ انهن چئن ڏينهن ۾ "ڪنڊومن" جي وڪري ۾ ويهہ پنجويهہ سيڪڙو واڌ اچي ويندي آهي. ڪن اسلامي ملڪن ۾ تہ هن ڏينهن ڳاڙها گل وڪڻڻ تي بہ بندش آهي.

مان سمجهان ٿو تہ شگفتہ شاهہ هتي هجي ها تہ پنهنجي ناول "جڏهن ٽڙندا ڳاڙها گل" جي ڪردارن کي ڪنهن نئين رنگ ۾ اُڀاري ها.

روم جي بادشاهہ ڪلاڊيس ٻئين (Clodios two) جڏهن سنت ويلنٽائن ڊي کي عشق محبت جو درس ڏيڻ جي ڏوهہ ۾ قيد ڪيو تہ جيلر جي نابينہ ڌيءَ جي هن جي عشق ۾ بينائي موٽي آئي ۽ اڄ جا ڇورا ڇوريون اکين هوندي بہ عشق ۾ انڌا ٿي ٿا پون.

اڃا ايندڙ مهيني هولي اچڻي آهي، جنهن ۾ هڪ ٻئي کي رڱڻ سان الائي ڪهڙا راڳا ڪندا؟ مون کي هن عمر ۾ رنگڻ تہ رڳو پاڙي جون پوڙهيون ايندڙيون آهن.

آسڪروائيلڊ چيو آهي:"Every love affair is a race against Time" ( هر معاشقو وقت سان شرط پڄائڻ آهي.) مان پنجويھ پار ڪري چڪو هوس ۽ تي ناڪام عشق ڪري، وقت جي رفتار سان وڏي آيو هوس. هيئنر مون کي زندگيءَ ۾ دائمي طور ٿانئيڪو ٽيڙو هو ۽ لغزشن ۽ لرزشن مان مٿي اپري، گهر گهاٽ جڏي گهر گهاٽ اڏٺو هو.

دهلي يونيورسٽيءَ جي ڪئمپس ۾ هندو ڪاليج جي احاطي اندر ويلنٽائن وارو وڻ آهي، جنهن کي دمدمي مائيءَ جو وڻ چوندا آهن. هن سال ڪاليج جي شاگردن ۽ شاگرديائڻين ان دمدمي مائيءَ جي وڻ کي تمام گهڻو سينگاري، ان تي ڳاڙها گل، چاڪليٽن جا دٻا، دل جي آرپار تيندڙ تيرن سان چنبڙايل ڪارڊ، ڦوڪڻا ۽ ڪنڊومن جا پئڪيٽ پکيڙي، دمادم مست قلندر ڳائي نچي رهيا هئا ۽ مان اهو مزيدار منظر ٽي ويءَ تي ڏسندو رهيس.

بمبئيءَ جي اوپيرا هائوس جي سامهون مٿينءَ منزل واري ان گهر ۾ احساس ٿي رهيو هو تہ مون کي منهنجي منزل ملي وئي آهي. مان ۽ گوپي بالڪنيءَ ۾ ويهي سامهون سمنڊ جي لهرن کي لهندو چڙهندو ڏسي رهيا هئاسين.

گوپيءَ پڇيو:"گهڻا ڏينهن رهندين؟"

چيومانس:"آفيس ۾ چٽي آيو آهيان، موٽي اچڻ تائين موڪل تي آهيان. ( I am on leave till I Join ) تيسين رهندس جيسين تون چاهيندينءَ."

کلي چيائين، "تنهنجي عجيب آفيس آهي، جنهن تو کي اهڙي آزادي ڏئي ڇڏي آهي."

ايندڙ بہ ڏينهن گوپي آفيس مان موڪل ڪئي. منهنجي دوست ڪرشن راهيءَ جي آفيس ويجهو ئي چرچ گيٽ تي هئي. مان راهيءَ سان گهران گڏ نڪرندو هوس، ۽ هڪ اسٽاپ اڳ ۾ لهي گوپيءَ جي گهر ويندو هوس. گهران لنچ ڪري، اسان ڪڏهن پوائي ڍنڍ تي، ڪڏهن فلم تي ۽ شام جو سمنڊ ڪناري مئرين ڊرائيو تي ڪنهن وڏي پٿر تي يا پٽ تي اچي ويهندا هئاسين. مئرين ڊرائيو تي ميڙاڪو ڪندڙ فقيرياڻيون پننديءَ اڪثر اڳڪٽيون ڪنديون هيون. "ڀڳوان توهان جي جوڙي سلامت رکي".

۽ مان کيسي ۾ پيل سڄو ريزو ڪڍي، کين ڏئي ڇڏيندو هوس.

گوپيءَ جي پيءُ ماءُ جي اسان مٿان ايتري وشواس ۽ ادار دليءَ تي مون کي بہ اچرج لڳندو هو. خاص طور اميءَ جو خوبصورت ۽ مرڪندڙ مُنهن سدائين ٻهڪندو رهيو. مون ڪڏهن بہ هن جي چهري تي ملولائي يا ڪاوڙ جو ڪو نشان نہ ڏٺو. باقي هن جون

ٻئي ڊاڪٽرياڻي ۽ وڪيلياڻي پينر سدائين مون کي مشڪوڪ نگاهن سان ڏسنديون هيون. ايندڙ ڇنڇر آچر وارين موڪلن ۾ اسان ڇڻني مٿٿران وڃڻ جو پروگرام رٿيو. مٿٿران بمبئيءَ ويجهو هڪ ننڍي خوبصورت هل اسٽيشن آهي. مارچ جي موسم ۾ مٿٿران جو ماحول معطر هو. هوا ۾ نشو ڏياريندڙ خنڪي هئي. مون لاءِ پهاڙ جا اوڪا پنڌ سوڪا ٿي پيا هئا. چوطرف سرهاڻ ئي سرهاڻ هئي. اتفاقن اهو ڇويهه (26) مارچ (سال ڪو نہ ڪو) جو ڏينهن منهنجي جنم جو ڏينهن هو. وقت فرحت-جڳهہ اڪيلائي- مون گوپيءَ کي ارجن شاد جي شعر جي هڪ سٽ ٻڌائي:

"هوا ۾ ڪنهن تہ ملائي ڇڏيو شراب آهي."

ڇيائين:"پوءِ تہ توکي هميشہ لاءِ هتي ئي اچي رهڻ کپي".

ڇيومانس:"تون هيئن ساڻ هجين، تہ مان ڪٿي بہ رهڻ لاءِ تيار آهيان. ڪٿين بہ رهڻ لاءِ تيار آهيان." اهو منهنجو سنئون سڌو "پروپوز" ڪرڻ هو.

انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي:"ماڻهو پرپوز ڪندو آهي ۽ خدا "ڊسپوز" ڪندو آهي." پر مون کي منهنجي خدا ڊسپوز نہ ڪيو.

گوپيءَ ڪو جواب نہ ڏنو. ڪجهہ وقت جي خاموشيءَ کان پوءِ پڇيومانس:"منهنجيءَ آڇ جي توکي وڌيڪ وضاحت گهرجي؟"

ڇيائين:"سوچڻ لاءِ ڪجهہ وقت ڏي"

"ڪيترو وقت؟ ٻن ٽن ڏينهن ۾ مان گهر موٽي ويندس ۽ مان ناڪام موٽڻ نہ ٿو چاهيان".

ڇيائين:"مان سمجهان ٿي ناڪام نہ موٽندين-وڌيڪ سڀاڻي ڳالهائينداسين".

پاڇا لڙڻ تي اسين گيسٽ هائوس تي موٽي آياسين. مون اها سڄي رات جاڳندي گذاري. هال نما ڪمري ۾ پلنگ لڳل هئا. در وٽ منهنجو پلنگ هو. مان ٻاهر ورانڊي ۾ ڪرسي وجهي ويٺو رهيس. اندر ٿنهي پلنگن تي گوپي ۽ هن جا پيءُ ماءُ گهريءَ ننڊ ۾ هئا.

ٻئي ڏينهن مٿٿران مان موٽنديءَ، رانديڪي نما ننڍڙي ريل (toy train) ۾ گوپيءَ مون کي پٽڪي ۾ چيو:"گهر هلي پلي اميءَ سان ڳالهائجانءِ." ۽ هوءَ دريءَ مان منهن ڪڍي پهاڙي نظارو ڏسڻ لڳي. مان سمجهي سگهيس تہ ڪجهہ چوڻ کان هن جي خاموشي وڌيڪ اثرائتي هئي ۽ پهاڙن جو رومانوي منظر علامتي هو.

بالزڪ چيو آهي تہ عورت پنهنجي پيار ڪندڙ جو چهرو ائين پرکي ويندي آهي، جيئن خلاصي ڪليل سمنڊ کي سڃاڻندو آهي. هن اهو سڃاڻي ورتو هو تہ اڳتي هلي زندگيءَ ۾ مون کي هن ماڻهوءَ جو سازبان ٿيڻو آهي.

بمبئيءَ پهچي، ٻئي ڏينهن دهليءَ جي واپسي ٽڪيٽ وٺي، مان صبح جو سڌو گوپيءَ جي گهر آيس. ديوان صاحب پنهنجي سرڪاري پينشن جا ڪاغذ تيار

ڪرائڻ بئنڪ ويل هو. گوپي آفيس ويئي هئي. ڏاڪٽرياڻي اسپتال ۾ ۽ وڪيلياڻي ڪورٽ ۾ هيون. امي گهر ۾ اڪيلي هئي. چانهه پيئنديء مون اميءَ سان دل جي ڳالهه چوري. مون کي سڄو مڪالمو تہ ياد ناهي, پر سندس ڏيءَ جو سڱ چڪيندي مون هن کي يقين ڏياريو تہ مان هڪ اشراف, ڪارپٽ وارو ڪنوارو جوان آهيان. نيڪ نيتيءَ سان سندن نياڻيءَ جي نينهن ۾ ورتل آهيان ۽ هڪ شانائتي, ماناتي ۽ معزز ڪٽنب جو فرد آهيان. پيءُ ماءُ جو پهريون پٽ آهيان ۽ منهنجا مائٽ مانَ مرجاد وارو آبرودار انسان آهيان. مان توهان جي ڌيءَ کي سڀ سُک ڏيندس, خوش ۽ خوشحال گهر گرهست ڏيندس. ذهني ۽ جسماني حفاظت ڏيندس. هن جي هر گهرج پوري ڪندس.

هيئن ڪندس-هونءَ ڪندس-سڄو رٽيل مڪالمو بنا ڪنهن سڄي دم يا اڌ دم سان چئي ويس. ۽ شريمتي ڪلاوينئي جڳيتاڻي (امي) واتڙي ٿي, مون ڏانهن ڏسندي رهي ۽ سوچيندي رهي تہ هن کي ائين اوچتو ڇا ٿي ويو آهي؟ ڪجهہ وقت پهرين تہ سنئون سڌو هو.

ڪجهہ لمحن جي خاموشي کان پوءِ اميءَ چيو:"سانجهن جو گوپيءَ کان پڇندس".

(هي حيدرآبادي عامل شام کي 'سانجهن' ۽ پاڇيءَ کي 'تيوڻ' چوندا آهن.)

چيومانس:"مون هن سان ڳالهائي ئي توهان کي چيو آهي, بلڪ هن جي صلاح سان ئي هن جو سڱ گهري رهيو آهيان."

چيائين:"جڳيتاڻيءَ سان ڳالهه ڪيئي ڏسان."

چيومانس:"منهنجي سامهون نہ پرپُٺ پڇجوس." ڪلاڪ ڏيڍ ۾ ديوان صاحب اچي ويو. هن سان گڏ ماني کائي ٻاهر اچي سڌو گوپيءَ جي آفيس طرف ويندڙ بس پڪڙيم.

گوپيءَ جي آفيس گيٽ وي آف انڊيا وٽ اپولو پيئر تي هئي. مون رسيپشن تي اچي هن کي سڏايو. ٻيئي سامهون گيٽ وي تي بينچ تي اچي ويٺاسين ۽ هن کي اميءَ سان ٿيل ڳالهہ جا تفصيل ٻڌايم. هوءَ چُپ چاپ ٻڌندي رهي. اڌ ڪلاڪ کن ۾ هوءَ آفيس موٽي ويئي. ان وقت شام جا چار کن وڳا هئا ۽ مان هن جي آفيس بند ٿيڻ تائين گيٽ وي تي ويٺي سگريٽ ساڙيندي, سامهون سمنڊ ۾ بيڙا, لانچون, ڪشتيون ۽ ملاحن جي اچ وڃ ڏسندو رهيس. شيخ مختيار جي ڪنهن مارا ماريءَ واريءَ فلم جي شوٽنگ هلي رهي هئي, جيڪا هو اڌ ۾ ڇڏي پاڪستان هليو ويو هو. چون ٿا تہ هن جي اوچتي پاڪستان هلئي وڃڻ جو ڪارڻ بيگم پارا جو ناصر خان سان شادي ڪرڻ جو فيصلو هو.

مارچ جي سمنڊ جي ٿڌي هوا دل ۽ دماغ کي تراوت ڏئي رهي هئي ۽ مان پنهنجن سپنن جي ساڪار ٿيڻ تي بيحد خوش ۽ ايڪسائيٽيڊ هوس. موڪل ٿيندي ئي گوپي آفيس جي گيٽ تي مليو. اسين اپولو بندر تان پنڌ ڪندا، چرچ گيٽ تائين آياسين.

ڪرشن راهي چرچ گيٽ تي هڪ ٽريننگ اسڪول جي انتظاميه جو سربراهه هو. مان هن کي ٻاهر سڏي آيس. هن جي گوپيءَ سان سڃاڻپ ڪرائي، اسين ٽيئي چرچ گيٽ جي "Talk of town" ريسٽارنٽ ۾ اچي ويٺاسين. راهي گوپيءَ جي شخصيت ۽ ذهانت کان بيحد متاثر ٿيو.

ٻاهر اچي سرٻاٽن ۾ مون کي چيائين "So you really deserve her?" (هن جي قابل آهين؟)

چيومانس:"يار پنهنجو پنهنجو نصيب آهي." قدآور، قبول صورت، شاعر ۽ دانشمند هئڻ جي باوجود عورتن جي معاملي ۾ منهنجو دلبر دوست راهي خاص خوشقسمت نه رهيو هو. منطقي ۽ مباحثه آميز هئڻ ڪري جنس نازڪ هن کان خوفزده ٿي وڃي ويندي هئي. مان به هن کي "Misogynist" (زال ذات جو ڇُوتي) چوندو هوس.

آسودگيءَ جي تلاش ۾ ڊوڙندي ڊوڙندي، هن کي سدائين ناآسودگيءَ جو احساس رهيو. "ڪمفرٽ" جي ڳولها هن کي اَن ڪمفرٽيبل ڪري وڌو هو. هن جي اوچتي وڇوڙي مون کي پچي پوري ڇڏيو هو. مون ڪرشن راهيءَ تي ٻن ڏينهن جو مخصوص سيمينار رٿيو هو جنهن ۾ هند ـ سنڌ جي سوَ کن ليکڪن ۽ فنڪارن شرڪت ڪئي هئي. راهيءَ بابت اڳ ۾ به ڪجهه لکي آيو آهيان ۽ گهڻو ڪجهه وقت به وقت لکندو رهندس. حيرت آهي ته پنجاهه سالن تائين پيئڻ ۽ ڇڪڻ بعد ڇڏي ڏيڻ کان پوءِ هو ڇهن مهينن ۾ ئي هليو ويو. اهو "Good Friday" وارو ڏينهن هو. منجهند تائين هن مايا (گهر واري) سان فون تي ڳالهايو ۽ شام جو مايا گهر پهچي فرش جي اچي چادر سان ڍڪيل هن جو بي جان جسم ڏٺو. ائين اوچتو وڃڻ وارا نارايڻ شيام ۽ ڪرشن راهيءَ جهڙا انسان اصل ۾ فرشتا هوندا آهن، جيڪي هن ڌرتيءَ تي اتفاق سان ڪجهه عرصي لاءِ لهي ايندا آهن. هو هفتو اڳ هتان ئي ويو هو. هڪ جمعي تي منهنجي گهر ڪچهري ڪري رهيو هو ۽ ٻئي جمعي ڪفن ۾ ويڙهيل هو.

چرچ گيٽ تان گوپيءَ کي گهر جي لفٽ تائين اپرائي اسين راهيءَ جي گهر آياسين. هن ڪوليواڙا جي گهاٽين وٽان ڪنٽريءَ جو انتظام ڪيو هو. ڪيرت کي به سڏايوسين. ڪيرت ۽ سويتا ٻئي آيا. سويتا نواب شاهه ۾ منهنجي پاڙي ۾ رهندي هئي، تڏهن هوءَ اجا سويتا ٻاٻاڻي نه پر پتلي پڳواڻاڻي هئي. نوابشاهه جي موني بزار واري گهر ۾ رهندڙ ڇهه ئي ڀينر مون کي ڏاڍو پيائينديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن جهيڙي ۾ مان

پتلي (سويتا) جي پٺيءَ تي زور سان مُڪون هڻي پڇي ويندو هئس. بمبئيءَ ۾ ڪيرت سان شاديءَ کان پوءِ به مان سويتا کي "سويٽ هارٽ "سڏيندو هوس ۽ هو ٻيئي زور سان ٽهڪ ڏيندا هئا. ڪيرت ۽ سوتيا جي رومانس جو داستان به بيحد دلچسپ آهي، پر ان بابت ڪنهن ٻئي ڀيري.

سويتا به هاڻي هن دنيا ۾ ناهي ۽ ڪيرت کي "Vertigo " (ڀنواٽي) جي اها تڪليف آهي، جنهن طرف مان به وڌي رهيو آهيان. ڪيرت جو جاڻنو جسم به هاڻي شيشي باشي جيان ٺاڪوئون ٻڌجي چڪو آهي. جلوسن جون اڳواٽيون ڪنڌڙ ڪيرت هاڻي ويل چيئر (wheel chair) جي ڦيٿن تي هلندو آهي.

سويتا پڇيو:"ائين اوچتو بمبئيءَ ڪيئن آيو آهين؟" ۽ منهنجي جواب ڏيڻ کان اڳ ۾ئي راهيءَ، ڪيرت سويتا ۽ مايا کي پنهنجي نسواني آواز ۾ منهنجي نئين عشق جو قصو ٻڌائڻ شروع ڪري ڇڏيو. مان هن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئس، پر ڪنتريءَ پنهنجو ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. ڪچي نوشادر جو ڪشيده ڪنتري شراب آنڊن ۾ وڍ وجهندو آهي، پر جوانيءَ ۾ ان جي لکا نه پوندي آهي.

ڪيرت سويتا ۽ مايا ڏانهن ڏسندي، ٽهڪ ڏيئي چيو "لَسا، تون ڇو اسان کان پوئتي پوندين؟" باقي بچيل رات به مون اڻ تڻ ۾ گذاري.

ٻئي ڏينهن جڳتياڻن جي گهر شام جي وقت بالڪنيءَ ۾ آرام ڪرسيءَ تي پنهنجي سامهون ويهاري ديوان موتيرام جڳتياڻيءَ سگريٽ جو چوٿين گيئر ۾ ڍگهو سُوٽو هڻندي، مون کان سڌو سوال ڪيو:

"سو تون منهنجي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ ٿو چاهين؟"

"ها_"

"تون منهنجين سالين ڊاڪٽر لڇمي ۽ وڪيل هرديوي شامداسيءَ کي سڃاڻين؟"

"ها_ پر مان شادي توهان جي ڌيءَ گوپيءَ سان ڪرڻ چاهيان ٿو."

"اهي ٻيئي عامل ۽ غير عا مل جو مسئلو اٿارين ته_؟"

"ان مسئلي کي توهان ئي مُنهن ڏيندئو. منهنجو ساٿُن ڪهڙو واسطو؟"

"توکي خبر آهي ته عامل گهر نه ملڻ ڪري، ٻنهي جي شادي نه ٿي سگهي. ان معاملي ۾ سنڌ جا سيد ۽ حيدرآبادي هندو عامل ساڳيا آهن".

"ان لاءِ هو پاڻ ذميدار آهن_ اسان ڀاٽين ۾ به اهو تعصب آهي. ڀاٽيي ڪٽنب وارا غير ڀاٽين ۾ مائٽيون نه ڪندا آهن. پر هينئر اسين سنڌ ۾ نه پر هڪ ٻئي ملڪ ۾ آهيون ۽ سڀ سنڌي آهيون."

”پر اسان جا مٽ مائٽ_ عامل برادري..........؟“

”اهو بہ توهان جو ڪنٽبي مسئلو آهي. وڏ ۾ وڏ هو اسان ٻنهي سان ڪو رشتو نہ رکندا. مون کي ان جو فڪر نہ آهي.“

”گوپيءَ کي تہ هوندو.“

”هن کان هينئر ئي پڇي وٺو.“

ديوان صاحب ڳالهہ ٻولهہ جو رُخ ڦيرائي ٻيو سگريٽ دُکايو.

”ٺيڪ آهي_ پنهنجي باري ۾ ٻڌاءِ“

”عمر گهٽي اٿيئي؟“

”پگهار گهٽي اٿيئي؟“

”ڪواليفڪيشن ڪهڙي اٿيئي؟“

مون ديوان کي ٽنهي سوالن جا صحيح ڏنا.

”ٽن مان بہ ڳالهيون_ عمر ۽ تعليم ٺيڪ آهي. باقي پگهار تہ گوپيءَ کان بہ گهٽ اٿيئي. اهڙي پوري ساريءَ پگهار مان گهر ڪيئن هلائيندين؟“

”گهر تہ توهان جي ڌيءُ هلائيندي. مان ڇو هلائيندس؟“

”۽ جي شاديءَ کان پوءِ ٻارن ٻچن کان پوءِ هوءَ نوڪري نہ ڪري تہ_؟“

”تہ_ مان بہ نوڪريون ڪندس. توهان جي ڌيءُ لاءَ اٿي، لٽي ۽ اجهي جي ڪوٽ نہ ٿيندي. منهنجو پريو ياڳيو گهر آهي.“

ديوان صاحب سمنڊ ڏانهن ڏسڻ لڳو. ڪجهہ ترسي پڇيائين:

”دهليءَ ڪڏهين ٿو وڃين؟“

”سياڻي شام جو فرنٽيئر ميل ۾.“

نئون سگريٽ دُکائي چيائين:”چڱو توهان ٻيئي وڃي چوپاٽيءَ تان چڪر هڻي اچو. سياڻي مانيءَ کان پوءِ هتان ئي بامبي سينٽرل تي وڃجانءِ.“

اسين ٻيئي پُل پار ڪري، چوپاٽيءَ جي آلي ريتيءَ تي اچي ويٺاسين. گوپيءَ چيو:”منهنجين ماسين کي ڳالهہ نہ وڻندي، باقي بابا مڃي ويندو.“

”نہ مڃي تہ_؟“

”تون نااميد ٿيڻ وارو ماڻهو آهين تہ ڪو نہ. پاڻ کي وڏو ترقي پسند سمجهندو آهين.“ پوءِ کلندي چيائين: ”اجا تو کي آخري آزمائش مان پار پوڻو پوندو“.

”اها وري ڪهڙي؟“ مون حيرت وچان پڇيو.

”سياڻي بابا ۽ امي پاڻ ئي ٻڌائيندءِ.“

(اڻ ترڻ جي هڪ ٻي رات!)

ٻئي ڏينهن مانيءَ تي ديوان صاحب مون کي چيو:"ايندڙ مهيني درگاهه جا سائين نور شاهه حيدرآباد (سنڌ) مان اچڻا آهن. اسان جي آڳهه ۾ سائين جن جي اجازت کان سواءِ ڪو به اهم فيصلو نه ورتو ويندو آهي. خاص ڪري مِٽي ماٽيءَ جي معاملي ۾. سائين جن جي هتي پهچڻ تي مان پاڻ توکي احوال ڏيندس ۽ تون هڪ دم هتي مرشدن سان اچي ملجانءِ. وڏيڪ جيئن سندن حڪم. پنهنجن ماٽن سان پوءِ ئي ڳالهه ڪج."

ٻيءَ شام ماٽن جي مرضيءَ سان گوپي مون کي بامبي سينٽرل تي اپرائڻ آئي.

**Address:**
**B-26, Press Enclave Saket,**
**New Delhi – 17, India.**





ساجن ديس جي مٽي آنديءِ،
او پرديسي!
اڃا تہ تووٽ آهي رات اماوَس جي
ڪٿان چانڊني چٽي آنديءِ،
او پرديسي!

ڇا اوهان ڄاڻو ٿا، تہ هڪڙو شاعر هو
جنهن تي سِٽ سِٽ نچندي ڳائيندي لهندي هئي
آلهام وانگر
هڪڙو شاعر هو. جنهن جي ٻولي هئي رَسُ ۾ ٻڏل
۽ لفظ لفظ هو ترنم ۾ لئہ ۾ وِهنتل
جنهن جو لهجو هئو محبوب سان گفتگوءِ جهڙو
۽ جنهن جي صدا ۾ وڏُ هو ڪويل جي ڪوڪ جهڙو
ان ئي ڏند ڪٿائن جهڙي شاعر
شيخ اياز جي گيتن جو ڪليات

**ناوَ هلي آ گيت ڪٽي**

**مرتب: اسحاق سميجو**

**ڇپجي ويو آهي.**

هن ڪتاب ۾ اياز جي گيتن کان سواءِ اياز جي گيت بابت راءِ، اياز جي گيتن متعلق سنڌيءَ ۾ لکيل سمورو مواد ۽ اياز جي گيتن جو تفصيلي اڀياس پڻ شامل آهي.

**ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.**



# جئپور لٽريچر فيسٽيول

شوڪت حسين شورو

27 ڊسمبر 2009ع. سياري جي شام- جيڪا پاڻ سان گڏ اداسي ۽ اڪيلائيءَ جي هڪ عجيب ڪيفيت کڻي ايندي آهي. زوريءَ پاڻ کي ڪمپيوٽر جي اڳيان ويهاريم. عادت موجب سڀ کان پهرين اِي-ميل. منهنجي نظر هڪدم اِي_ميل اڪائونٽ جي سري تي پئي. نميتا گوکلي،جئپور لٽريچر فيسٽيول. هڪدم اتساهه وڌي ويو. خط پڙهيم. نميتا گوکلي، ڊائريڪٽر فيسٽيول لکيو هو. "جئپور لٽريچر فيسٽيول 2010 ۾ وائيسز آف سنڌ (Voices Of Sindh) جي نالي سان هڪ ويهڪ رکي وئي آهي، جنهن ۾ ڳالهائڻ جي لاءِ اوهان کي فيسٽيول ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏجي ٿي. اچڻ جي پڪ ڏيڻ لاءِ اطلاع ڪندا."

مون هڪدم جواب ۾ لکيو ته دعوت جي مهرباني، اچڻ جي پڪ ڏيان ٿو.

ڇهه مهينا اڳ مون کي لڇمڻ ڪومل ٻڌايو هو ته جئپور لٽريچر فيسٽيول ۾ هن سال سنڌ مان ڪجهه ليکڪن کي گهرايو ويندو. هن اهو به ٻڌايو ته رينو عيدناڻي فيسٽيول جي منتظمين ۾ شامل آهي. هن امر جليل، سليم ميمڻ ۽ تنهنجو نالو ڏنو آهي. پوءِ خبر پئي ته امر جليل جي گهر واريءَ جي طبيعت ٺيڪ ڪانهي، ان ڪري هن معذرت ڪئي آهي. ڳالهه آئي وئي ٿي وئي ۽ وڌيڪ ڪابه اڳيرائي ڪانه ٿي. هاڻي ته جنوري به اچڻ واري هئي. فيسٽيول 21 جنوري کان شروع ٿيڻو هو. مون آسرو لاهي ڇڏيو. هاڻي جو



اِي۔ ميل آئي تہ پڪ ٿي تہ لڇمڻ ڪومل ڊاڙ ڪا نہ هڻي هئي. مون سليم ميمڻ کي فون ڪئي تہ هن ٻڌايو وٽس اهڙي ڪا اِي۔ ميل ڪا نہ آئي هئي. پوءِ خبر پئي تہ فيسٽيول وارن سنڌ مان رڳو هڪ ليکڪ کي گهرائڻ جو فيصلو ڪيو هو. هاڻي سڀ ڪان وڌو خفو انڊيا جي ويزا وٺڻ جو هو. پهرين تہ ويزا جي نئين فارم کي پرڻ ٿي ايترو ڏکيو آهي، جو ان ۾ بہ ٽي ڏينهن لڳيو وڃن. انڊين هاءِ ڪميشن، اسلام آباد جي ويب سائيٽ تي 3 صفحن جو اهو فارم نيٽ تي ئي ڀري، ڊائون لوڊ ڪرڻو هوندو آهي. سلمىٰ شيخ مهرباني ڪري فارم ڀري ڏنو. ان کي درست ڪرڻ ۽ آخري ڪاپي ڪيڻ ۾ بہ ٽي ڏينهن لڳي ويا. گهربل دستاويزن سان گڏ ويزا فارم TCS حيدرآباد جي آفيس ۾ جمع ڪرايم. ڪانفرنس جي لاءِ ويزا عام طور 10 ڏينهن ۾ اچي ويندي آهي.

سارنگا پبليڪيشن طرفان علي دوست عاجز جي شاعريءَ جو مجموعو "رنگ رتو آڪاس" تازو ڇپايو ويو هو. اسحاق سميجي ٻڌايو تہ ڪتاب جو مهورت 9 جنوري تي مٺيءَ ۾ رکيل آهي. پاڻ کي ضرور هلڻو آهي. وڃڻ واري صبح جو تيار ٿي رهيو هئس تہ TCS آفيس مان فون آئي تہ ويزا اچي وئي آهي. مٺيءَ ويندي حيدرآباد مان پاسپورٽ ۽ ويزا ڪنيم. هن ڀيري فقط ڏهن ڏينهن جي ويزا ڏني وئي هئي، دهلي ۽ جئپور جي لاءِ سوچيم 30 ڏينهن مان گهٽائيندا، 10 ڏينهن تي اچي بيٺا آهن، اڳتي اجا بہ گهٽائيندا تہ پوءِ رهندو ڇا!

مٺيءَ مان موٽي گهر اچي نميتا گوکلي کي اِي۔ ميل ڪري، ويزا ملڻ جو اطلاع ڏنم. دهليءَ ۾ پنهنجي دوستن لڇمڻ ڪومل ۽ هيري ٺڪر کي فون تي ٻڌايم. جئپور ۾ منهنجو دوست سندر اڳناڻي رهندو آهي. کيس فون ڪري ٻڌايم تہ تنهنجي شهر اچي رهيو آهيان. ڳالهہ ٻڌي پريشان ٿي ويو. چيائين: "تنهنجو جئپور اچڻ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي، پر ڏک اهو پيو ٿئي تہ آئون جئپور ۾ ڪو نہ آهيان. منهنجي زال جي گوڏن جو آپريشن ٿيڻو آهي، ان ڪري حيدرآباد آيل آهيان." چيو مانس تہ ڪا ڳالهہ ناهي، وري ڪڏهن ٻئي ڀيري گڏجنداسين.

سندر چيو: "پر جئپور ۾ منهنجي ڪار تو لاءِ حاضر هوندي" مون سندس ٿورا مڃيا.

نميتا گوکلي جي اِي۔ ميل آئي تہ شئيلي سيٺي توسان رابطو ڪندي، جيئن تنهنجي اچڻ جو انتظام ڪري سگهجي. جئپور لٽريچر فيسٽيول ڪوٺائڻ جو سڄو انتظام ٽيم ورڪ پراڊڪشن وارن جي حوالي ڪيو ويو هو جن کي انڊيا کان ٻاهر بہ عالمي سطح تي فيسٽيول ڪرائڻ جو تجربو آهي. هن فيسٽيول جو پروڊيوسر احوائي راءِ ۽ ايگزيڪيوٽو پروڊيوسر شئيلي سيٺي آهن. شئيلي اِي۔ ميل ڪري مون کان اچڻ ۽ واپسيءَ جو ربوگرام پڇيو. منهنجي لاءِ مسئلو اهو پيدا ٿيو تہ ڪراچيءَ مان

دهلي وڃڻ لاءِ هفتي ۾ فقط هڪ فلائيٽ آهي، سومر جي ڏينهن. فيسٽيول خميس جي ڏينهن شروع ٿيڻو هو. مون سوچيو ته ٻه ڏينهن دهليءَ ۾ رهي، اربع جي ڏينهن جئپور ويندس. ان حساب سان منهنجي ڏهن ڏينهن جي ويزا 27 جنوريءَ تي ختم پئي ٿي ۽ اهو اربع جو ڏينهن هو. ان ڏينهن تي دهليءَ مان لاهور جي فلائيٽ هئي، لاهور وڃي اتان وري ٻي فلائيٽ ۾ ڪراچيءَ اچي سگهيس ٿي. مون شئيلي کي ان صورتحال کان واقف ڪندي ٻڌايو ته منهنجي اچڻ جو پروگرام 18 جنوري تي ۽ واپسي 27 جنوريءَ تي وايا لاهور ٿيندي. ٻئي ڏينهن اِي- ميل جي وسيلي پي آءِ اي جي ٽڪيٽ اچي وئي. مون هيري ٺڪر کي فون ڪري 18 جنوريءَ تي اچڻ جو ٻڌايو. هيرو ٺڪر سچ پچ دوستيءَ ۾ هيرو آهي. هن چيو:"هليو اچ. مون روي سان ڳالهايو آهي. تنهنجي رهائش جو انتظام دهلي يونيورسٽيءَ جي گيسٽ هائوس ۾ ٿي ويندو."

ڊاڪٽر روي ٽيڪچنداڻي سنڌين جي ان نوجوان ٽهيءَ مان آهي، جن کي سنڌي ٻوليءَ سان پيار آهي. هو دهلي يونيورسٽيءَ جي ڊپارٽمينٽ آف ماڊرن انڊين لئنگويجز اينڊ لٽرري اسٽڊيز ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر آهي. هو انڊيا جي وڏن شهرن ۾ رهندڙ تمام ٿورن سنڌين مان آهي، جن پنهنجي گهرن ۾ ٻه سنڌي زبان کي قائم رکيو آهي. روي پنهنجي ننڍڙي پُٽ سان گهر ۾ سنڌي ڳالهائيندو آهي. ڊاڪٽر روي پاڻ توڙي سندس گهر واري جيڪا ڪنهن اسڪول ۾ ٽيچر آهي ۽ سندن ننڍڙو پُٽ مون سان ايڏي محبت، عزت ۽ احترام سان ملندا آهن جڻ آئون سندن وڏو هجان. گذريل ٽن چئن سالن کان آئون جڏهن به دهلي ويو آهيان، ته ڊاڪٽر روي ئي منهنجي رهڻ جو انتظام ڪندو آهي، دهلي يونيورسٽيءَ جي گيسٽ هائوس ۾. هيري ٺڪر ۽ ياجائي پوڄا جو گهر ته هونءَ ئي منهنجو پنهنجو گهر آهي. ڪارائڻ ۾ مون هن جهڙي سخي ڪا نه ڏٺي آهي. قسمن قسمن جون لذيذ شيون، تريل مڇي، تريل گوشت ۽ ان جو ٻوڙ ٻن ٽن قسمن جا پڪوڙا، ٽِڪيون ۽ ٻيو الائي ڇاڇا. "پائو هي کائو...... ٿورو ته وٺو......" دل چوندي آهي کائيندو وڃجي. پر کائي ڪيترو کائجي. اسين کائي ٿڪجي پئون، پر اسان جي ياجائي ٿاهڻ کان ڪا نه ٿڪجندي. وري قربائتي ٻه ايتري، جو مون کي جيڪڏهن دهليءَ مان گهر جي لاءِ سامان سڙو وٺڻو هجي، ته اهو بار به مٿس رکان. جي وقت هوندو ته آئون هيرو ساڻس گڏجي ويندا سين، نه ته پاڻ وٺي ايندي، چاندني چوڪ جا دڪاندار به کيس سڃاڻي ويا آهن، ان ڪري ساڻس ٺڳي نه ڪندا، پر ان هوندي به هوءَ اگهه گهٽائڻ لاءِ زور پريندي رهندي آهي. وري سندن ڊرائيور جڳديش به سندن نقش قدم تي هلندي، هنن جهڙو ئي قربائتو آهي. جڳديش ننڍڙي هوندي کان وٺي سندن گهر ۾ پليو آهي ۽ هاڻي ته جهڙوڪ گهر جو ئي ڀاتي آهي.

دهليءَ ۾ منهنجي ٻي ياچائي گوپي آهي، لڇمڻ پاتيا ڪومل جي گهر واري، سندن گهر ۾ 26 سال اڳ هڪ رات رهي آيو هئس.

فلائيٽ 18 جنوريءَ تي صبح جو 10:30 وڳي هئي. ڪراچي ايئرپورٽ تي گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڪلاڪ اڳواٽ پهچڻ ضروري هو. هونءَ آئون هڪ ڏينهن اڳ ڪراچيءَ ۾ وڃي پنهنجي ياءُ نظير احمد جي گهر ٽڪندو آهيان. هن ڀيري ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ منهنجي دوست سليم ميمڻ چيو تہ رات جو هتي اچي رهو. ڪچهري ڪنداسين ۽ دوستن کي بہ سڏينداسين. ڪراچي وڃڻ ٿيندو آهي تہ سليم منهنجي رهڻ جو انتظام ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڪندو آهي. ڪچهريءَ جو پروگرام ٺهيو تہ نثار ميمڻ (اڳوڻو ڊائريڪٽر، ريڊيو پاڪستان ڪراچي) جو فون آيو تہ "تنهنجي انڊيا وڃڻ جي خوشيءَ ۾ دعوت آئون ٿو ڪريان، اتي ئي سليم ميمڻ وٽ." ٿيو ائين تہ ڪچهريءَ ۾ رڳو چار چٽا ويناسين.

سليم، نثار، عبدالرحمان شورو ۽ آئون. آغا سليم ۽ منظور قناصرو ڪنهن ڪم سببان اچي نہ سگهيا. پر امر جليل اوچتو ڪنهن ڪم سان سليم جي گهر ٿوريءَ دير لاءِ اچي ويو. هن انڊيا جي دوستن جي لاءِ سلام ڏنا. صبح جو سليم مون کي ايئرپورٽ تي پهچائي آيو. دوستن جي لاءِ چڱا خاصا ڪتاب کنيا هئم. ڊپ هو تہ وزن وڌڻ سبب پئسا ڀرڻا پوندا، پر خير ٿي ويو.

دهليءَ جو اندرا گانڌي انٽرنيشنل ايئرپورٽ ايشيا جو ردي ايئرپورٽ ليکيو ويندو هو. پر آئون ڇهہ مهينا اڳ جڏهن آيو هئس تہ ايئرپورٽ کي وڌائڻ ۽ ان کي ماڊرن نموني ٺاهڻ جو ڪم آخري مرحلن ۾ هو. هاڻي سڄو ڪم مڪمل ٿي چڪو هو ۽ دهلي انٽرنيشنل ايئرپورٽ ايشيا جي سٺن ايئرپورٽن جي قطار ۾ شامل ٿي چڪو هو. (دهليءَ ۾ اندرون ملڪ جي اُڏامن جي لاءِ الڳ ايئرپورٽ آهي.) پاڪستان مان ايندڙ مسافرن جي لاءِ اميگريشن جو طريقو ڪار ٻين کان ڌار آهي، جنهن ۾ ٽِهرين ڪاربن لڳل بہ فارم وٺڻا ٿي پيا ۽ پوءِ انهن کي ڀري اميگريشن ڪائونٽر تي پاسپورٽ ۽ ويزا سان گڏ ڏيڻا ٿي پيا. پر قطارون ايتريون ڊگهيون ڪو نہ هيون. هڪ تہ ويزا ملڻ ۾ سختيءَ سبب پاڪستان مان ماڻهو گهٽ ٿي آيا. (پي آءِ اي جو جهاز اڌ خالي هو) ۽ ٻيو اميگريشن جا ڪائونٽر گهڻا آهن، ان ڪري ايتري دير ڪا نہ ٿي لڳي. اتان واندو ٿي نڪتس تہ ايتري ۾ سامان بہ اچي چڪو هو. ڊيوٽي فري شاپ تان بہ بوتلون ورتي، سامان جي ٽرالي کي ڌڪيندو، ايئرپورٽ جي خوبصورتيءَ کي دل ۾ ساراهيندو، ڪسٽم وارن وٽان بنا روڪ ٽوڪ جي لنگهندو، هڪ نئين نهيل گيٽ مان ٻاهر نڪري ويس. ٻاهر رڳو پرائيويٽ ڪارون بيٺل نظر آيون. هونءَ اڳ جنهن گيٽ مان نڪرندو هئس، ان طرف ٽيڪسين جو اڏو هوندو هو.

هيرو نڪر مون کي وٺڻ لاءِ اچڻو هو پر اتي نظر ئي ڪو نہ آيو. سوچيم شايد دهليءَ جي رش ۾ ڪٿي ڦاسي پيو هوندو. سو ٻاهر رکيل ڪُرسين تي ويهي انتظار ڪرڻ لڳس. ڪلاڪ کن گذري ويو. اتي ٽيليفون بوٽ بہ نظر ڪو نہ آيو جو هيري کي فون ڪري پڇان. نيٺ اٿي ٽراليءَ کي ڌڪيندو ايئرپورٽ بلڊنگ جو پاسو وٺي هلڻ لڳس. منجهند هوندي سياري جي سخت ٿڌي هوا گُهلي رهي هئي. سوچيم ڪا ٽيڪسي ملي وڃي تہ پاڻ ئي گيسٽ هائوس هليو وڃان. بلڊنگ جي آخري ڪنڊ وٽ پهتس تہ اهو ئي پراڻو گيٽ نظر آيو ۽ سامهون ٽيڪسين جو اڏو هو. گيٽ وٽ ماڻهن جي تمام گهڻي رش هئي. هيري کي ڳولڻ جي لاءِ ٽرالي هڪ هنڌ بيهاري گيٽ وٽان



چڪر ڏئي آيس، پر هيرو نظر نہ آيو. مون سوچيو انتظار ڪري هليو ويو هوندو. گيٽ وٽ بہ ٽي ٽيليفون بوٽ هئا. وري بہ پڪ ڪرڻ لاءِ مون هڪڙي خالي بوٽ واري کي هيري جي نمبر وٺي ڏيڻ جي لاءِ چيو. هيري منهنجو آواز ٻڌندي ئي رڙ ڪري چيو"شوڪت صاحب! ڪٿي آهيو مان اوهان جو انتظار پيو ڪريان."

مون ٻڌايس تہ آئون ٽيليفون بوٽ وٽ بيٺو آهيان. ڏهہ منٽ ٻيا بہ گذري ويا. مون وري ٻيهر سندس نمبر ورتو. چيائين، "مان اوهان کي ڳوليان پيو پر اوهان نظر ڪو نہ ٿا اچو." مون کيس چيو تہ "جتي ٽيليفون بوٽ آهن، اتي اچو." ٿوريءَ دير ۾ ڏٺم تہ هيرو منهنجي پاسي کان لنگهي وڃي رهيو هو. مون ڪٺي ٻانهن مان جهليو مانس. خوشيءَ وچان وڏو ياڪر پائيندي چيائين،"مان پريشان ٿي ويو هئس تہ اندر ڪو مسئلو نہ پيدا ٿي پيو هجي."

مون کيس نئين گيٽ جو ٻڌايو تہ چيائين،"اها منهنجي غلطي آهي. مون کي فون تي ٻڌائڻ کپندو هو تہ پراڻي گيٽ کان اچجو." هن جڳديش کي فون ڪري ڪار ڪٺي اچڻ لاءِ چيو. جڳديش ڪار ڪٺي آيو تہ هن لهي مون سان جهڪي ملڻ کان پوءِ سامان گاڏيءَ ۾ رکيو.

هيري چيو "NCPSL وارن اوهان کي دعوت موڪلي آهي؟ يا ڪو ليٽر اِي- ميل ۾ موڪليو اٿن؟"

مون چيو"پر لڇمڻ چيو آهي تہ ضرور اتي ڪا ڳالهہ ٿي هوندي."

هيري چيو"مالڪن پاڻ اوهان کي ڪو نہ چيو آهي تہ اتي هلڻ مناسب ڪو نہ ٿيندو. هاڻي تہ دير بہ ٿي وئي آهي."

مون چيو "نيڪ آهي، نٿا هلون."

ايئرپورٽ کان وٺي شهر ۾ اندر جتي ڪٿي وڏي پيماني تي روڊن کي اکيڙي ويڪري ڪرڻ ۽ نئين سر ٺاهڻ جو ڪم هلندڙ هو. دهليءَ جي گهڻن حصن ۾ مٿان توڙي زمين جي هيٺان ميٽرو شروع ٿي چڪي آهي. پر ايئرپورٽ کان وٺي شهر تائين ۽ جتي اجا ناهي، اتي ميٽرو جي لائين وڇائڻ جو ڪم پڻ تيزيءَ سان هلي رهيو هو. هيري ٻڌايو تہ 2010 جي آخر ۾ دهليءَ ۾ ڪامن ويلٿ گيمز ٿيڻيون آهن، ان ڪري هي سڀ ڪم ان کان اڳ مڪمل ڪرڻا اٿن.

سياري جو صبح جلد تڏ لڳڻ سبب پڄندو ٿي ويو. ڪار دهلي يونيورسٽيءَ جي گيسٽ هائوس وٽ اچي پهتي، تہ نما شام ٿي چڪي هئي. ڊاڪٽر روي منهنجي لاءِ اڳواٽ ڪمرو رکرائي ڇڏيو هو. ڪائونٽر تي وڃي رجسٽر ۾ پنهنجا تفصيل لکيم. خبر پئي تہ ڪمرو پهرينءَ ماڙ تي آهي. هونءَ هيٺ ڪمرو ملندو آهي، پر ڪنهن ڪانفرنس هجڻ سبب هيٺيان سمورا ڪمرا پريل هئا. هونءَ بہ دهلي يونيورسٽيءَ ۾ هميشہ ڪا نہ ڪا ڪانفرنس هوندي ئي آهي. ان ڪري گيسٽ هائوس جيڪو اصل اسڪالرس هاسٽل آهي، سدائين پريل هوندو آهي. ٻاهر جا اسڪالر بہ جام ايندا رهندا آهن. شابس آهي ڊاڪٽر روي ٽيڪچنداڻيءَ کي- هو ڪيئن بہ ڪري منهنجي لاءِ ڪمرو هٿ ڪري وٺندو آهي.

جڳديش ۽ هڪ ويٽر اسان سان گڏ سامان کڻي مٿي هليا. ڪمرو ٿڌو لڳو پيو هو. ويٽر چيو تہ هيٽر کڻي ٿو اچان.

مون هيري کي چيو:"يار مون کي موبائيل جي سِم هٿ ڪري ڏي ڪجهہ ضروري فون ڪرڻا آهن." اهي ڪم جڳديش ئي ڪندو آهي. هيري هن کي سِم وٺي اچڻ لاءِ چيو "پر پهرين ڪار ۾ جيڪا بوتل پئي آهي، سا کڻي اچ." مون هيري کي ٻڌايو تہ ايئرپورٽ جي ڊيوٽي فري شاپ تان اسڪاچ جون بہ بوتلون ورتيون اٿم. پر هيري چيو تہ اهي في الحال رکي ڇڏ. جڳديش ڪار مان بوتل کڻي آيو. ايتري ۾ ويٽر اليڪٽرڪ هيٽر ۽ پاڻيءَ جو ڪولر کڻي آيو. هيرو سنڌ ۾ دوستن جا حال احوال پڇڻ لڳو. ٿوريءَ دير ۾ هيري جي موبائيل تي فون اچڻ شروع ٿي ويا. پهرين ڊاڪٽر روي جو فون هو

جيڪو NCPSL جي گڏجاڻيءَ ۾ ويٺل هو. هيري چيس، "ها ها، پهچي ويو آهي. اسين ٻئي ڪمري ۾ ويٺا آهيون.... ها سڀ ٺيڪ آهي.... تون اتان اٿي سڌو هتي اچ." وري لڇمڻ ڪومل جو فون آيو تہ هيري چيس، "ها، اچي پاڻ ڳالهائينس." هيري مون کي فون ڏني.

لڇمڻ دستور موجب رڙ ڪري چيو "ها شوڪتا! اچي وئين! هتي اچين ها نہ NCPSL وارن هتي اعلان بہ ڪري ڇڏيو هو تہ شوڪت شورو اچي رهيو آهي. سنڌ ۾ ٻوليءَ بابت ڳالهائيندو.... سڀني تنهنجو انتظار پئي ڪيو."

مون چيو "يار، ايئرپورٽ تي ئي گهڻي دير تي وئي. ان ڪري نہ اچي سگهيس."

"چڱو ٻڌ..... ڪملا گوڪلاڻي ۽ دُرگا مون سان گڏ اچي رهيون آهن توسان ملڻ.... ۽ ٻڌ! آئون بوتل بہ کڻي پيو اچان."

اوچتو هيٽر مان دونهون نڪرڻ شروع ٿي ويو. هيري ڊوڙي وڃي بٽڻ بند ڪيو. اجا تہ ڪمرو گرم ٿي ڪو نہ ٿيو هو. هيري فون ڪري رسيپشن تي اطلاع ڏنو. ويٽر گلاس کڻي آيو تہ پاڻ سان گڏ هيٽر واپس کڻي ويو.

مون کي سِم جو انتظار هو. جڳديش وٺي تہ آيو پر ٻڌايائين تہ اها صبح جو Activate ٿيندي، جو اڄ ڪمپنيءَ جي آفيس ۾ موڪل جو ڏينهن آهي. سومر تي موڪل! اها نئين ڳالهہ هئي، پر Shining India ۾ هر نئين ڳالهہ ٿي رهي هئي. سچ لهي چڪو هو. ڏنڌ ۾ سيءُ وڌي ويو هو. ويٽر ٻيو هيٽر کڻي آيو. ڏسڻ ۾ بہ چڱو ۽ گرمي بہ وڌيڪ هيس.

هيري بوتل ڏانهن اشارو ڪري چيو "ڇا خيال آهي."

مون چيو "پلي شروع ڪريون ٿا، تيستائين دوست بہ اچي ويندا."

ڳالهين ڪندي پهريون پيگ ختم ٿي ويو. ٻيو پيگ ٺاهيوسين پئي، تہ لڇمڻ شاپر ۾ بوتل لوڏيندو اندر آيو ۽ پاڪرين پئجي ويو. پويان ڪملا گوڪلاڻي ۽ درگا بہ اچي پهتيون.

ڪملا گوڪلاڻي اجمير جي ڪاليج ۾ سنڌيءَ جي پروفيسر ۽ شعبي جي سربراهہ آهي. هن اچڻ سان ميار ڏني تہ "اڳئين ڀيري اجمير ڪو نہ آئين، اسان سرڪيولر ڪيڊي سڀني کي اطلاع ڪري، ڪاليج ۾ گڏجاڻي رکي هئي."

مون چيو "هيرو ڪو نہ آيو ان ڪري ڪو نہ آيس."

"هيرو نہ آيو تہ ڇا ٿي پيو! آئون اوهان جي پيڙ جو ويٺي آهيان اجمير ۾." شڪايت واجبي هئي. پر ڪڏهن ڪڏهن شوراڻو ضد آڏو اچي ويندو آهي. هيري هلڻ کان جواب ڏنو تہ آئون بہ ڪو نہ ويس. وري هن ڀيري تہ اجمير جي ويزا ئي ڪا نہ هئي.

لڇمڻ پاڻ سان گڏ کڻي آيل بوتل ڪڍي ٽيبل تي رکي. ڇيومانس تہ ”بوتل تہ اڳي ئي آهي. هيرو کڻي آيو آهي.“

لڇمڻ چيو ”رکي ڇڏ. جئپور کڻي وڃجانءِ، اتي ڪم ايندئي.“

مون هيري واري بوتل مان لڇمڻ جي لاءِ پيگ ناهيو.

لڇمڻ سُرڪي ڀري گلاس ٽيبل تي رکندي چيو ”شوڪت، توکي خبر آهي آئون سخت بيمار ٿي پيو هئس. اسحاق سميجي جي فرمائش تي ”سارنگا“ لاءِ ”وهي ڪاتي جا پنا“ سڄي رات ويهي لکيم. اوچتو سهڪو وٺي ويو. يار مري بچيو آهيان.“ لڇمڻ کي اوچتو سهڪي جا دورا پوندا آهن ۽ ہ ٽي ڀيرا اسپتال ۾ داخل ٿيو آهي.

ڊاڪٽر روي ٽيڪچنداڻي مُرڪندي اندر آيو. هو احترام وچان جهڪي پاڪر پائي مليو.

”دادا، ڪا تڪليف تہ ڪانهي.“ هن اچڻ سان پڇيو.

”نہ نہ. تڪليف تہ پاڻ توکئي آهي ڪمر وهٽ ڪري ڏيڻ جي.....“

”مان ٿورو گهران ٿي اچان ٿو.“ روي چيو. هن جو گهر ڪئمپس ۾ گيسٽ هائوس کي ويجهو ئي آهي.

”اوهان کي خبر آهي، ڊنر رات جو 9 وڳي تائين هوندي آهي. ان ڪري ٿوري جلدي ڪجو.“ اسان کلي چيو تہ ڪوشش ڪريون ٿا. ڊاڪٽر رويءَ لڇمڻ، ڪملا ۽ درگا کي بہ ڊنر ڪرڻ لاءِ چيو. لڇمڻ تہ هونءَ ئي تمام گهٽ کائيندو آهي. درگا کي بہ ڪٿي وڃڻو هو ان ڪري هن معذرت ڪئي.

درگا، جنهن کي آئون ديدي سڏيندو آهيان، سنڌين جي ڪلچرل ۽ سوشل سرگرمين ۾ حصو وٺندي رهندي آهي. هوءَ NCPSL جي ميمبر پڻ آهي. ڪلڪتي ۾ هڪ اسڪول هلائيندي آهي، ۽ ڪلڪتي ۾ سندس فور اسٽار هوٽل پڻ آهي.

لڇمڻ ٻئي ڏينهن تي دهليءَ جي پريس ڪلب ۾ دعوت رکي. هن هتي ويٺلن کي بہ نيندڊ ڏني. پروفيسر ڪملا گوڪلاڻي کي تہ رات جو ئي ٽرين ۾ واپس اجمير وڃڻو هو. باقي ٻين دعوت قبول ڪئي.

ليکڪن جا ٽولا تہ جتي ڪٿي نهيل آهن، سنڌ ۾ بہ آهن. پر انڊيا جي سنڌي ليکڪن ۾ گروهہ بندي چوٽ تي چڙهيل آهي. هڪڙو تہ پاڻ ۾ ٿورا ۽ ٻيو جتي خود سنڌي ٻولي وڃي ختم ٿيندي، اتي سنڌي ليکڪن ۾ تڪرار ۽ جهيڙا رڳو ذاتي انا سبب عام جام آهن. شايد زوال جي دور ۾ ائين ٿيندو آهي. لڇمڻ ڪومل ۽ هيرو ٺڪر بہ پاڻ ۾ گهٽ ئي نهندا آهن. آئون ڇهہ مهينا اڳ جڏهن دهلي يونيورسٽيءَ جي

سيمينار ۾ آيو هئس، تڏهن سنڌ مان منهنجا دوست مئو مهيري ۽ ادا محمد ميمڻ ۽ سندس ڀاءُ گلزار بہ دهلي آيل هئا. ادا محمد ۽ گلزار جو ڀيءُ اپالو هاسپيٽل ۾ داخل هو جتي سندس جگر جو آپريشن ٿيو هو. لڇمڻ مِئي مهيري، ادا محمد ۽ منهنجي پريس ڪلب ۾ دعوت رکي هئي. هن هيري کي بہ دعوت ڏني هئي، پر هن هلڻ کان لهرايو پئي. تڏهن آئون هيري کي اتي زوريءَ وٺي هليو هئس. هاڻي بہ منهنجي ڪوشش هئي تہ ٻئي ڄڻا پراڻي دوستيءَ جي رشتي کي ٻيهر تازو ڪن.

مانيءَ جي ٽائيم کي نظر ۾ رکي، اسين ٽڪڙ ڪري رهيا هئاسين. درگا شاهہ جي ستن سورمين تي ڪلڪتي ۾ هڪ ڪلچرل فنڪشن ڪرايو هو. هوءَ ان بابت ٻڌائي رهي هئي تہ اوچتو هيري چِڙ وچان پڇيو:

”ان فنڪشن ۾ ڪهڙا ليکڪ سڏايا ويا هئا؟“

درگا چيو ”اهو ڪلچرل فنڪشن هو ليکڪن جو ڪو نہ هو.“

هيري کي وڏيڪ چِڙ اچي وئي، ”توکي لٽريچر جي ڪا خبر ڪانهي. تون چُپ ڪر.“

آئون تہ گهبرائجي ويس. هيري جهڙي جينٽل مئن ۽ منڙي ماڻهوءَ کي اوچتو ڇا ٿي ويو. جيڪڏهن ماڻهو سمجهي تہ ڪجهہ غلط ٿيو آهي، تہ ان تي ڪاوڙ برابر لڳي ٿي، هيري وٽ ضرور ان جو ڪو سبب هوندو، پر هڪ بزرگ خاتون کي اهڙي تلخ لهجي ۾ چوڻ مناسب نہ لڳو. ٿوريءَ دير لاءِ چپ ٿي وئي. خوشگوار ماحول ۾ تلخي پرجي وئي. پر شايد دهليءَ جي سخت سيءَ ماحول تي ڪجهہ اثر ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ٿڌاڻ ٿيڻ لڳي. درگا کي دير ٿي رهي هئي. هوءَ موڪلائي هلي وئي. ڊاڪٽر روي آيو تہ چيائين، ”ادا، هاڻي اٿو ماني ختم ٿي ويندي“

ماني کائي سيني کان موڪلائي موٽي آيس تہ هيٽر جي هوندي بہ ٿڌ وڌي وئي هئي. ڪمري ۾ بہ سنگل بيڊ هئا. مون ٻئي پلنگ تي رکيل ڪمبل بہ ڪنيو ۽ ٻئي ڪمبل ملائي، مٿان ڪيم. لائيٽ تہ بند ڪري ڇڏي هيم، پر هيٽر جي لائٽ ڪمري ۾ هڪ عجيب ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هو. پوءِ ڪجهہ سُرور، ڪجهہ ٿَڪ سبب الائي ڪيڏي مهل ننڊ اچي وئي.

اک کُلي تہ سمجهيم شايد اڌ رات جو جاڳ ٿي پئي آهي. سائيڊ ٽيبل تي رکيل موبائيل کڻي ڏٺم تہ صبح جا 8 ٿي رهيا هئا. مون اٿي لائيٽ ٻاري ۽ دريءَ جو پردو هٽائي ٻاهر ڏٺم. ڌنڌ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ آيو. اها خبر هئي تہ دهليءَ ۾ صبح جي وقت موسم جي انتهائي خطرناڪ ڌنڌ هلي رهي هئي. موبائيل ۾ ٻيل سِم بہ اڃا ڪم ڪرڻ شروع نہ ڪيو هو. آئون وري ڪمبلن جي غار ۾ گهڙي ويس، پر هاڻي تہ ننڊ ڪا نہ اچڻي هئي. ناشتي جو ٽائيم ساڍي ڏهين وڳي ٽائين هو. ڪلاڪ کن کان پوءِ ڪمبلن کي ڌڪي پاسيرو ڪري تيار ٿيڻ ويس. نلڪن ۾ پاڻي ايترو ٿڌو هو جو 10 منٽ وهائڻ کان پوءِ مس وڃي ڪو گرم پاڻي اچڻ شروع ٿيو.

ڪمري کان ٻاهر آيس تہ رڳو ڏنڊ هئي ۽ سيءَ چمڙيءَ مان ٽيندو هڏين ۾ بيهي ويو. ڏاڪڻ تان لهي، هيٺ ڪاريڊور لتاڙي ڊائيننگ هال ۾ آيس. ڊائيننگ هال وڏو ويڪرو ۽ تمام صاف آهي. رڌڻو بہ وڏو ۽ ماڊرن قسم جو. صاف ڪپڙا پهريل ويٽر هڪ نوٽ بڪ کڻي آيو. هر ڪمري جي لاءِ هڪ خاص نوٽ بڪ هوندو آهي جنهن ۾ ان ڏينهن جي تاريخ لکي، ناشتو منجهند جي ۽ رات جي ماني، جيڪا کائڻي هجي، اڳواٽ چاٽائڻي پوندي آهي. مون ناشتو ۽ منجهند جي ماني لکي صحيح ڪئي. رات جو پريس ڪلب ۾ دعوت هئي. ناشتو ڪري موٽي آيس ۽ ڪمري ۾ رکيل فون تان هيري سان ڳالهايم. سِر اڃا چالو نہ ٿي هئي. هيري چيو تہ "مان ڪمپنيءَ وارن سان ڳالهايان ٿو. ڪم ڪار لاهي منجهند ڏاري اوهان وٽ ايندس."

انڊيا جي سنڌي ليکڪن ۾ اهڙا تمام گهٽ آهن، جيڪي سنڌ مان آيل ليکڪن کي پنهنجو وقت ڏئي سگهندا هجن. نوڪرين يا پنهنجن ڌنڌن سبب انهن وٽ وقت جي مجبوري هوندي آهي، پر رٽائرڊ همراهن کي بہ ڪئين خفا هوندا آهن. ان ڪري ڪنهن لاءِ ايترو وقت سيڙائڻ هنن لاءِ مشڪل آهي. انڊيا ۾ فقط هري موٽواڻي اهڙو هو جيڪو پنهنجا ڪم ڪار، ڌنڌا ڏاڙي ڇڏي، پنهنجو سڄو وقت سنڌ مان آيل مهمانن جي حوالي ڪري ڇڏيندو هو. اهي مهمان پوءِ ليکڪ هجن يا عام ماڻهو. هري موٽواڻي سنڌ مان آيل هر ماڻهوءَ کي اکين تي ويهاريندو هو. هن جي ان قرب جي ڪري سنڌ ۾ بہ کيس 'ايترو ماڻ ملندو هو. هري کان پوءِ ممبئي ۾ نند جويري، دهليءَ ۾ هيرو ٺڪر، جئپور ۾ سندر اگناڻي ۽ احمدآباد ۾ گوبند خوشحالاڻي بہ گهڻو خيال رکندا آهن.

نند جويريءَ جي طبيعت هاڻي ٺيڪ نہ ٿي رهي، ان ڪري گهر کان ٻاهر گهٽ نڪرندو آهي. ان کان اڳ سنڌ مان آيل مهمانن کي هوٽل تان کڻي پنهنجي ڪار ۾ ممبئي گهمائڻ ۽ رات جو دوستن کي گڏ ڪري گهر تي يا اسپورٽس ڪلب ۾ دعوتون ڪرڻ هن جو معمول هوندو هو. گهر واريءَ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ نند پنهنجي عاليشان فليٽ ۾ اڪيلو ٿو رهي. هاڻي سندس گهر انڊيا جي ٻين شهرن مان توڙي سنڌ مان آيل دوست ليکڪن جي لاءِ آشرم بڻجي چڪو آهي. آئون بہ ٻيرا اتي رهي آيو آهيان. هڪڙو ٻيرو تاج جويو، اياز گل، هيرو ٺڪر ۽ آئون هفتو کن نند وٽ رهيل هئاسين. سچي ڳالهہ اها آهي تہ نند نهايت شاندار ۽ شاهاڻي طبيعت وارو ماڻهو آهي. وڏي ڳالهہ تہ انڊيا ۾ اديبن جي گروهہ بنديءَ ۾ بہ شامل ڪونهي.

سنڌ مان ڪڏهن ڪي اهڙا دوست بہ ڪنهن ڪانفرنس يا علاج جي لاءِ انڊيا ويندا آهن، جن جي اتي ڪا ڄاڻ سڃاڻ ڪا نہ هوندي آهي. هنن کي جنهن شهر ۾ ويڃڻو هوندو آهي، اتي جي دوست کي هتان فون تي ئي ٻارت ڪري ڇڏيندو آهيان. پوءِ

سچي ذميداري هو پاڻ تي کڻي وٺندا آهن. جيڪڏهن ڪو اهڙو ويجهو دوست ويندو آهي تہ هيرو ننڪر ان کي وٺڻ لاءِ ايئرپورٽ تي پهچي ويندو آهي. جيترا ڏينهن مهمان دهليءَ ۾ هوندو هيرو سندس سار سنڀال پيو لهندو. وڏي دل وارو يار ويس ماڻهو آهي.

BBC اسلام آباد ۾ ڪم ڪندڙ اسان جي دوست اعجاز مهر کي پروجيڪٽ جي سلسلي ۾ انڊيا وڃڻو هو. ورهاڱي سبب سنڌ مان لڏي ويل سنڌي هندن تي کيس ڊاڪيومينٽري ناهڻي هئي. مون اعجاز کي انڊيا ۾ دوستن جا فون نمبر ڏنا ۽ هنن کي فون ڪري اعجاز بابت ٻڌايو. اعجاز موٽي آيو تہ چيائين:"يار تنهنجا دوست تہ شاندار آهن، خاص طور نند جويري جو تہ جواب ئي ناهي. مون کي پنهنجيءَ ڪار ۾ وٺي هلي ماڻهن سان ملايائين."

12 ڏاري سِم ڪم ڪرڻ شروع ڪيو پر بئلنس ڪو نہ هو. گيسٽ هائوس جي ويجهو هڪ ننڍڙو اسٽور آهي. سوچيم اتان ڪارڊ وٺي اچان. دريءَ مان ٻاهر ڏٺم تہ ڏنڌ گهٽجي وئي هئي. روڊ تي دهلي يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جا ٽولا اچي وڃي رهيا هئا. ڪارڊ وٺي ٽڪڙو موٽيس. ڪمري جي بالڪنيءَ ۾ سج جو تڙڪو ڏسي ڪرسي کڻي اچي ويٺس. موبائيل جي پيٽ ۾ گِرهہ پيو تہ پهرين سنڌ ۾ گهر وارن سان ڳالهايم. پوءِ جئپور لٽريچر فيسٽيول جي همراهہ انڪور ڀاردواج، جنهن ٽڪيٽ موڪلي هئي، تنهن سان ڳالهائي کيس دهلي پهچڻ جو اطلاع ڏنم. هن ٻڌايو تہ "ٽرانسپورٽ جو انچارج راهول اوهان سان رابطو ڪري سياڻي جو پروگرام ٻڌائيندو. جئپور ۾ اوهان جي رهڻ ـو انتظام هوٽل مان سنگهہ ۾ ڪيو ويو آهي."

اهو بار لاهي، پوءِ انڊيا ۾ پنهنجن ڪجهہ دوستن سان ڳالهايم.

"ڦاٽو احمدآباد اچين ٿو نہ؟" ڊاڪٽر ريتا پڇيو.

"نہ احمدآباد جي ويزا ڪا نہ ملي آهي." مون کيس ٻڌايو.

کلندي چيائين:"چڱو جو هن ڀيري نہ ملي، نہ تہ پاڻ گڏجي نہ سگهون ها. مان احمدآباد کان ٻاهر ويل آهيان."

ڊاڪٽر ريتا ڪوٺاري هڪ ذهين سنڌياڻي آهي. هوءَ احمدآباد ۾ انگريزي جي پروفيسر آهي. انگريزيءَ ۾ چڱو خاصو لکيو اٿس. گجرات ۾ رهندڙ سنڌين بابت سندس لکيل ڪتاب:(Burden of refuge/Sindhi Hindus of Gujarat) ٻہ سال کن اڳ شايع ٿي چڪو آهي. ڊاڪٽر ريتا ڪوٺاريءَ هند ۽ سنڌ جي سنڌي ڪهاڻيڪارن جون ورهاڱي يا ان کان بعد جي حالتن تي لکيل ڪهاڻيون گڏ ڪري، انهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. انهن ڪهاڻين تي مشتمل سندس ڪتاب:

پينگوئن بڪس (Unordered memories Sindhi stories on Partition) انديا طرفان تازو شايع ٿيو آهي. هن مجموعي ۾ سنڌ جي ليکڪن مان شيخ اياز محمد ابراهيم جويو، امر جليل، نسيم کرل، محمد دائود بلوچ، گلزار احمد جي ڪهاڻين کان سواءِ منهنجي ڪهاڻي ”خوف جو موت“ بہ شامل آهي. ڊاڪٽر ريتا هن وقت ڪڇ جي سنڌين تي لکڻ لاءِ مواد گڏ ڪرڻ لاءِ تحقيق جو ڪم ڪري رهي آهي.

هيري کي فون ڪري پڇيم تہ ڪيڏي مهل ٿا اچو. چيائين، ”هڪ ڪم ۾ ڦاٿل آهيان. شام ڌاري اچي سگهندس.“

منجهند جي ماني کائي اچي ڪمري ۾ ويٺس تہ اوٻاسيون اچڻ شروع ٿي ويون. ڄام شوري ۾ رهڻ سان منجهند جو ننڊ ڪرڻ جي عادت پئجي وئي آهي. سوچيم جيسيتائين هيرو اچي، ٿوري ننڊ ڪري وٺان.

هيرو آيو تہ چيومانس:”سڀاڻي 12 وڳي جئپور وڃڻو آهي. 26 تاريخ رات جو دهلي موٽي ايندس تہ ٻئي ڏينهن تي واپسيءَ جي فلائيٽ آهي. ان ڪري مون کي ٽائيم ڪو نہ ملندو. گهر جي لاءِ ڪجهہ سامان وٺڻو آهي، اهو اڄ ئي وٺي ڇڏيان.“

هيري چيو ”بس پوءِ هلو. هتان سڌا چاندني چوڪ تي ٿا هلون. سامان وٺي پوءِ پريس ڪلب هلنداسين.“ جيتوڻيڪ ڀاڄائيءَ جي صحبت ۾ هيري کي خريداريءَ جي ٿوري گهڻي خبر پئجي وئي آهي، پر وري بہ ڌڪجيو وڃي. ان ڳالهہ جو تجربو جئپور ۾ ٿيو. ڪار ۾ ويندي رستي تي فيسٽيول وارن جو فون آيو تہ سڀاڻي 12 وڳي اوهان وٽ گيسٽ هائوس ۾ ڪار ايندي، جئپور وڃڻ لاءِ.

چاندني چوڪ پراڻي دهليءَ ۾ لال قلعي جي سامهون مغلن جي دور جي ٺهيل بازار آهي. ٽرئفڪ جي وڏي وڃڻ ۽ ماڻهن جي گهڻائيءَ سبب ڪلهي گس لڳي پئي هوندي آهي. گاڏيون ماڪوڙين جيان سُرنديون آهن ۽ بيهارڻ جي جاءِ مشڪل سان ملندي آهي. چاندني چوڪ، تي سگهي ٿو ڪنهن وقت پنهنجي نالي جيان خوبصورت هجي، پر هاڻي اتي رش سببان هانءُ پيو منجهندو آهي. چيو ائين وڃي ٿو تہ سچي دهليءَ ۾ چاندني چوڪ وڌيڪ سستو آهي. دوڪان جاچيندي، تازيون تازيو ڪچوريون ڪڙهائيءَ ۾ ناهڻ واري وٽان اچي لنگهياسين. هيري چيو تہ ڪچوريون کائون. مون کي ٽي چار سال اڳ واري ڳالهہ ياد اچي وئي. حميد سنڌي ۽ آئون ڀاڄائي پوڄا سان گڏجي چاندني چوڪ ۾ سامان وٺڻ آيا هئاسين. تڏهن ڀاڄائي اسان کي ڪچوريون کارايون هيون. تيز مرچن سبب اکين ۽ نڪ مان پاڻي وهي هليو هو. حميد سنڌي ڪلي مون کي چيو هو ”ٻچا، هاڻي مُنهن ڏي“ هاڻي وري هيري جي دل رکڻ لاءِ چيم، ”آئون بس هڪڙي کائيندس.“ ۽ کيسي ۾ هٿ وجهي پڪ ڪيم تہ ٽشو پيپر آهي يا نہ. جيئن نڪ مان وهندڙ پاڻي اُگهي سگهان.

هلنديءَ خريداري ڪندي رات جا 8 ٿي ويا. لڇمڻ ۽ ٻيا دوست پريس ڪلب پهچي ويا هوندا. اهو سوچي اسان چانڊني چوڪ مان نڪرڻ جي ڪئي. پراڻي دهليءَ مان پريس ڪلب تائين پهچڻ ۾ رات جي رش سبب هڪ ڪلاڪ لڳي سگهيو ٿي. واٽ تي هيري ڊاڪٽر رويءَ کي فون ڪيو. هن ٻڌايو ته پريس ڪلب ڏانهن وڃڻ لاءِ رستي تي آهي.

دهلي پريس ڪلب جي اهميت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هن کي پريس ڪلب آف انڊيا پڻ چيو ويندو آهي. پريس ڪلب رئيسيه روڊ تي نئين دهليءَ جي نهايت اهم علائقي ۾ آهي، جتي پارليامينٽ هائوس، پريزيڊينٽ هائوس، وزيراعظم ۽ وزيرن جي آفيسن ۽ رهائشگاهن کان سواءِ خاص ياد گار گيٽ آف انڊيا آهي. لڇمڻ ڪومل پريس ڪلب جو پراڻو ۽ سينيئر ميمبر آهي.

پريس ڪلب پهتاسين ته لڇمڻ سان گڏ ديدي درگا ۽ ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي پڻ ويٺا هئا. ڊاڪٽر لڇمڻ عالمي شهرت رکندڙ ماهر لسانيات (Linguist ) ۽ اسڪالر آهي. هو انڊيا کان سواءِ آمريڪا، انگلينڊ، يوگوسلاويا، سنگاپور ۽ سوڊان جي يونيورسٽين ۾ پڙهائيندو رهيو آهي. ڪيترن سالن تائين يونيسڪو سان پڻ وابسته رهيو آهي. پوني ۾ سينٽر فار ڪميونيڪيشن جو بنياد وجهندڙ ڊائريڪٽر آهي. هن وقت پوني ۾ ئي ان اداري جي سنڌو ڊاڪيومينٽيشن سينٽر جو اعزازي ڊائريڪٽر آهي. هن سنڌي ٻولي ۽ لسانيات جي موضوعن تي ڏهاڪو کن ڪتاب انگريزيءَ ۾ لکيا آهن. آئون ساڻس اڳ ۾ به هڪ ڀيرو ممبئي ۾ ملي چڪو آهيان ۽ نند جويريءَ جي گهر ۾ گڏ رهيا به آهيون. سندس گفتگو نهايت فهميدي ۽ علمي ڄاڻ سان ڀريل هوندي آهي. ايڏي وڏي عالم هئڻ جي باوجود علمي وڏائيءَ کان آجو نهايت منڙو ماڻهو آهي.

دهلي پريس ڪلب جي ڊائننگ ۽ بار روم ۾ ايڏو گوڙ هوندو آهي، جو هر ڪنهن کي ڏاڍيان ڳالهائڻو پوندو آهي. هونءَ هڪ ٻيو هال به آهي، جنهن ۾ وڏيڪ سٺو فرنيچر ۽ صوفا وغيره رکيل آهن. پر اتي سگريٽ پيئڻ جي منع آهي. دهليءَ جا صحافي شايد دارونءَ سان گڏ سگريٽن جا وڏا شوقين آهن. وري اسان جو يار لڇمڻ سهڪي جي بيماري هوندي به ۽ پيري سان اسپتال ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ به سگريٽ مٿان سگريٽ پيئندو رهي ٿو. ان ڪري لاچار اسان کي به ساڻس گڏ صحافين جي ديوانِ عام ۾ ويهڻو پوندو آهي. لڇمڻ وسڪي پيئڻ گهٽائي ڇڏي آهي. هن پاڻ کي ٻن يا ڪن خاص حالتن ۾ ٽن پيگن تائين محدود رکيو آهي. آئون چوندو آهيانس:"يار لڇمڻ ان کان سگريٽ پيئڻ گهٽائين ته ڏاڍو سٺو."

لڇمڻ سان سگريٽن پيئڻ ۾ جيڪڏهن ڪو مقابلو ڪري سگهي ٿو ته اهو عبدالقادر جوڻيجو آهي. مون کي سگريٽ جي دُونهين کان الرجي آهي. عبدالقادر ۽

آئون گاڏيءَ ۾ گڏ سفر ڪندا آهيون تہ ويچارو منهنجي الرجي سبب پاڻ کي روڪيندو آهي. پر جيڪڏهن سفر ڊگهو هوندو تہ پوءِ ڪار جون دريون کولي سُوٽا هڻي وٺندو آهي.

لڇمڻ هيري، منهنجي ۽ پنهنجي لاءِ وسڪي گهرائي. درگا جي لاءِ ڪولڊ ڊرنڪ. ڊاڪٽر خوبچنداڻي تمام گهٽ پيئندو آهي، سو بہ گهڻو ڪري رڳو بيئر. ان ڏينهن ڪيس گلي ۾ تڪليف هئي، ان ڪري برانديءَ جو هڪ پيگ گرم پاڻيءَ ۾ ورتائين. ٿوريءَ دير ۾ ڊاڪٽر روي ٽيڪچنداڻي بہ پهچي ويو. روي تہ مورڳو صُوفي آهي. هن بہ ڪولڊ ڊرنڪ گهرائي. دهلي پريس ڪلب جي ماني تمام سٺي آهي. ڪڪڙ هجي يا مڇي، ٻاهر هوٽلن کان هتي وڌيڪ سٺو کاڌو ملندو آهي. پڪوڙا ۽ ٽِڪيون ان کان سواءِ.

ڊاڪٽر خوبچنداڻيءَ سان سنڌي ٻوليءَ جي صورتحال تي ڳالهہ ٻولهہ هلندي رهي. هن جو خيال هو تہ پارت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ جي لاءِ جنگي بنيادن تي ڪم ڪرڻو پوندو. پر ان ڪم لاءِ قائم ڪيل ادارن ۾ حال نظر ڪو نہ ٿي آيو.

اٿڻ وقت لڇمڻ مون کي وري يادگيري ڏياريو تہ، ”جئپور مان موٽي سڌو منهنجي گهر اچجان. اها آخري رات منهنجو مهمان هوندين.“ مون واعدو ڪري ڪانئس موڪلايو. (هلندڙ)

■■





مزيدار ڳالهہ اها آهي تہ مشرقي پاڪستان کي جدا ٿئي اوڻٽيهہ سال ٿي ويا تہ بہ اتي جي ٻوڏ زده ماڻهن جي مدد لاءِ مڙهيل ٽيڪس ڪيترين سئنيمائن ۾ ورتو پيو وڃي. جيئن زيل پاڪ سيمينٽ جي في ٻوريءَ تي علامہ اقبال جي مزار جو ٽيڪس هنيو ويو هو، اهو بہ ڪجهہ وقت اڳي تائين لاڳو ٿي رهيو. جڏهن تہ اها مزار ٺهئي بہ چاليهن سالن کان مٿي عرصو گذري ويو آهي. (دل جي دفترمان)

**اڌ صديءَ جي سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سياسي حالتن جي گواهہ**
**ڊاڪٽر قاضي خادم جي يادگيرين تي مشتمل ﮬہ اهم ڪتاب**

## دل جي دفترمان

۽

## سارو ٽيون

هڪ اهڙيءَ سنڌ جون تصويرون ۽ منظر، جيڪا هوريان هوريان اکين کان اوجهل ٿيڻ لڳي آهي!



# تخليقي آرٽ زندهہ رهندو، گهڙيل شيءِ تڪبندي آهي.

**گهڻ پاسائين ليکڪ ۽ منفرد نثر نويس ممتاز بخاريءَ سان انٽرنيٽ چيٽ**

نياز نديم



ممتاز بخاري هڪ صحافي، ڪهاڻيڪار، ڊرامہ نگار، مترجم ۽ ادبي ڪارڪن جي طور تي تہ سڃاتو ئي وڃي ٿو پر هو پنهنجي دوستن ۾ هڪ جاڪوڙي فرد جي حيثيت ۾ بہ سڃاڻپ رکي ٿو. هڪ گهڻ پاسائين شخصيت جا ڪئين حوالا ۽ هر حوالي کي برقرار رکڻ جون مختلف گهرجون. ان مٿان ممتاز وري دوستن ۾ هڪ مها ٻوڳائي ۽ گاريل طور بہ مشهور. سنگت مان ڪير ممتاز سان تڪڙ نہ ڪندو ان ڪري مون بہ ساڻس تڪڙ نہ ڪئي، پر جيئن تہ چيٽ باڪس جو آئيڊيا جوڙڻ ۾ ممتاز جو بہ هٿ هو ان ڪري هي چيٽ ساڻس شروع ڪان ئي due هئي. جڏهن ممتاز وٽ ڏني تہ وري مون سان آفيس جي معاملن سبب وقت جا مسئلا. مٿان اسحاق جي لٺ تہ سارنگا رڳو چيٽ باڪس جي ڪري دير پيو ٿئي. سو هي چيٽ ممتاز سان ٻن حصن ۾ ڪئي وئي آهي ۽ ان جو پهريون حصو بنا ڪنهن رٿابنديءَ جي ڪيو ويو. ان ڪري پهرئين حصي ۾ ڪجھ غير رسمي ڳالهيون وڌيڪ هونديون ۽ ٻئي حصي ۾ وري ڪجھ رسمي ڳالهيون. بهرحال اميد آهي تہ هي چيٽ بہ گذريل ڪچهرين جيان پسند ڪئي ويندي. **(نياز نديم)**

## ڀهريون حصو

نياز: هيلو پيارا، ڪهڙا حال آهن؟

ممتاز: ٺيڪ ٺاڪ پيارا

نياز: نئين ڊرامي جون مبارڪون

ممتاز: مهرباني، سارنگا ۾ طارق وارو چيٽ باڪس وڏيو.

نياز: هان.... اهو سلسلو هلي پيو آ. مظهر لغاري وارو ڪيئن لڳو؟

ممتاز: ها اهو بہ ٺيڪ هو پر قدير ۽ طارق وارا وڌيڪ سٺا آهن.

نياز: ڊرامي وارو تجربو ڪيئن رهيو؟ نور (نورالهديٰ شاهہ) سان گڏ هڪ بہ ٻيا پراجيڪٽ بہ تہ هئا. انهن جو ڇا ٿيو؟

ممتاز: چار پراجيڪٽ آهن، ہہ فائينل، ٻن تي ڪم هلي تو ۽ بہ آئيڊيا منظور ٿيا آهن. نور کان تمام گهڻو سکان ٿو.

نياز: ڪهڙا ڪهڙا ڊراما آهن؟

ممتاز: بالي، مائي بختاور، صاحبزادي ۽ مين جهونا گڙهہ ڪا نواب هون.

نياز: اهي سڀ تاريخي ڊراما ٿا لڳن.

ممتاز: ها، سواءِ هڪڙي ”صاحبزاديءَ“ جي.

نياز: مطلب تہ فل ٽائيم لکين ٿو؟ ڪيئن ٿو ايترا ڪم گڏ ڪري سگهين؟

ممتاز: اها خبر مونکي بہ نٿي پوي.

ممتاز: ڪتاب ڪهڙا ٿو پڙهين؟

نياز: يار ڪتاب گهٽ ٿا پڙهجن. A case of exploding mangoes کان پوءِ ڪو مڪمل نہ پڙهيو آهي. ”غلام باغ“ شروع ڪيو هو پر پورو نہ ڪيو آهي.

نياز: ڪهاڻيون لکين پيو؟

ممتاز: 2000ع کان پوءِ هڪ لکي هئي، جيڪا ”سارنگا“ ۾ ڇپي.

ممتاز: پيارا بجلي وڃڻ ۾ 6 منٽ آهن. اها ڪچهري سڀاڻي رات جو ڪريون؟

نياز: ٺيڪ آ. پر اڄوڪي بہ ان جو حصو هوندي.

ممتاز: فضيلت وارو حصو پيلي هجي.

نياز: ها ائين ئي ٿيندو.

ممتاز: غير رسمي ڳالهين جو مزو پنهنجو آهي.

نياز: ها ان ڪري اڄ واري ڪچهري مان بہ ڪجهہ حصو هجي تہ جيئن رسمي ۽ غير رسمي ڪچهري جو سنگم ٿئي.

## ٻيو حصو (ڀرين ڪچهري ڪان ڪجهه هفتا پوءِ)

نياز: هيلو.

ممتاز: ها پيارا.

نياز: ڪهڙا حال آهن؟

ممتاز: حال ٺيڪ ٺاڪ آهن.

نياز: ڇا پيو ٿئي؟ ڊرامو ("زينب بنت سڪينه حاضر هو"۔ ممتاز جو جيو ٽي وي تي هلندڙ قسط وار ڊرامو) ڪٿي پهتو؟

ممتاز: ڊرامو هلي ٿو ڪجهه ٻين پراجيڪٽس تي پڻ ڪم ڪيان ٿو.

نياز: مونکي اهو ٻڌاءِ ته ايترا سارا ڪم گڏ ڪيئن ٿو ڪرين؟ پاڻ کي فل ٽائيم صحافي ٿو سمجهين، ليکڪ يا ٻيو ڪجهه؟

ممتاز: پاڻ کي ليکڪ ٿو سمجهان، باقي شيون ٽائيم تي ورهائي ناهن سگهيون. ڪا به شيءِ فل ٽائيم يا هاف ٽائيم ناهيان سمجهندو. صحافي ان ڪري آهيان جو ڪيريئر جرنلسٽ آهيان. شوقيه يا ٻين ڏنڌن لاءِ ناهيان جيئن سڀ ته نه پر ڪئين ڪندا آهن. باقي اهو سوال لڳ جو آهي ته ايڏا ڪم ڪيئن ڪندا آهيو؟ اهو سوال پاڻ کان به ڪندو آهيان، ڪڏهن ائين به لڳندو آ ته اڃا ڪجهه به ناهي ڪيو.

نياز: مٿان وري به شاديون؟ ٻنهي سان ٻار؟ تون گهٽائي پسند ته ناهين؟

ممتاز: چرچن کي ڇڏ، ڪم جي ڳالهه ڪر.

نياز: اهو چرچو ته ناهي. سوال سادو آهي ته فيملي جي ٻٽي ذميداري سان گڏ اهي سڀ ڪم ڪيئن ٿو مينيج ڪرين.

ممتاز: يار ڪم، ڪم هوندو آهي.

نياز: مطلب؟

ممتاز: مزي جي ڳالهه آهي، ڪڏهن ڪڏهن اسان دوست گلا جو سيشن هلائيندا آهيون، سمجهه ته هڪ ٻئي تي ڇتي تنقيد ڪندا آهيون.

نياز: ها ان گلا جي گروپ جو حصو ته مان به آهيان، پر چوڻ ڇاٽو چاهين؟

ممتاز: مون تي الزام هوندو آهي ته شايد مان گهٽ ڪم ڪندو آهيان.

نياز: توکي پنهنجو ڪم گهٽ لڳي ٿو ڇا؟

ممتاز: ڪڏهن ڪڏهن لڳندو به آهي، پر پوءِ مان پنهنجي جاچ ڪندو آهيان، سوچيندو آهيان، 8۔ 9 ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا اٿم. ذري گهٽ هر موضوع تي

200 کان وڌيڪ مضمون، سيريلز سولو پلي وغير وغيره. خيال ايندو آهي تہ شايد اهو اجا ڪجھ بہ ناهي.
نياز: ان سڀي ڪم ۾ جيڪڏهن ڪوالٽي جي ڳالھ ڪجي تہ تنهنجو ڇا خيال هوندو؟
ممتاز: ڏس نہ، تخليقي ڪم ڪي ڪوالٽي جي لحاظ کان پرکڻ اجايو آهي.
نياز: اها ڪهڙي ڳالھ ٿي؟
ممتاز: ڇو تہ تخليقي ڪم ۾ الهامي فن هوندو آهي، باقي اخباري مضمون يا چينل لاءِ ٽيندڙ خبرن واري ڪم ۾ ڪوڙ ڪوتاهيون هونديون آهن. ان جو سبب وقت جو گهيرو آهي.
نياز: الهامي آرٽ ۾ بہ تہ ڪوالٽي هوندي آهي نہ؟
ممتاز: اهو هوندو ئي ڪوالٽي آهي. باقي ائين ضرور ٿيندو آهي تہ ڪي شيون ڪنهن کي وڻنديون تہ ڪي ڪنهن کي.
نياز: تنهنجو مطلب آهي تہ تخليقي ڪم جي ڪوالٽي ماپڻ جو ڪو طريقو ناهي؟ ڪافي ليکڪ تاريخ ۾ ميسارجي ويا، انهن سڀي عمر لکيو پر انهن جو ڪو ڪم ڪوالٽي وارو ناهي.
ممتاز: جيڪي ليکڪ ياد نٿا رهن، انهن جو مسئلو بيو آهي. اهو ادب يا تہ انهن گهڙي لکيو هوندو يا وقت انهن سان انصاف نہ ڪيو هوندو جيئن چيخوف سان ٿيو. اڄ جيڪو وڏو آرٽسٽ آهي پر پنهنجي وقت ۾ ان سان انصاف نہ ٿيو. جيئن غالب يا مير آهي.
نياز: ها، پر غالب جي دور ۾ بيا بہ تہ شاعر هئا، جيڪي اڄ ڪنهن کي ياد ناهن. ياد آهن تڏهن بہ غلط حوالن سان.
ممتاز: ڏس نہ يار، مان بہ تہ اهو ئي چوان جيڪو تخليقي آرٽ هوندو اهو جيئرو رهندو باقي گهڙيل آرٽ تڪبندي آهي، جيئن پاڻ وٽ فيض بخشاپوري ۽ بيا ڪئين آهن.
توکي مزي جي ڳالھ ٻڌايان. سنڌ ۾ 1947ع کان پوءِ هيل تائين چار هزار کان مٿي ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. ياد گهٽا آهن؟
نياز: پاڻ تنهنجي باري ۾ ٿا ڳالهايون، اهو ٻڌاءِ تہ پنهنجي تخليقي ڪم مان تون ڪيترو مطمئن آهين؟
ممتاز: صحيح ڳالھ اها آهي تہ گهڻو ناهيان. ان ڪري ئي مان پنهنجي ڪيترن ئي همعصرن لاءِ چوندو آهيان تہ اهي مون کان وڌيڪ تخليقي صلاحيت رکن ٿا، جيئن ڪهاڻي ۾ طارق قريشي آهي، ڪهاڻي جي موضوع ۾ ضراب حيدر آهي يا مرحوم تسليم منگي. شاعري ۾ حبيب ساجد، قدير انصاري، شوڪت نوناري، سعيد ميمڻ، وسيم سومرو آهن. ڪجھ مونکان پوءِ وارن ۾ بہ سٺا لکڻ وارا آهن. ڪا شيءِ تنهنجي بہ سٺي هوندي آهي ۽ بيا بہ ڪيترائي دوست آهن، جن وٽ تخليقي صلاحيت آهي. پر ان سان فائدو

ٽيندو آهي جو ائپروچ وڏائڻ جي جستجو اچا بہ وڌي ٿي. يار ڪڏهن ڪڏهن مان پنهنجون ڪي ڪهاڻيون ڏسي پاڻ بہ پريشان ٿيندو آهيان تہ اهي ڪيئن لکيون اٿم.

نياز: گهڻ پاسائو ٿيڻ صحيح آهي يا فوڪسڊ هجڻ بهتر آهي؟

ممتاز: مان تہ فوڪسڊ هجڻ جو قائل آهيان، پر ڪڏهن ڪڏهن ڪي ماڻهو هوندا ئي گهڻ پاساوان آهن، اهو بہ الهام آهي. اهو ضرور آهي تہ مون پاڻ ۾ اهو ڳولهي لڌو آهي تہ مان هڪ ئي وقت مختلف شعبن جا گهڻا ڪم ڪري سگهان ٿو. ائين ضرور آهي تہ مٽيريلسٽڪ ڪم لاءِ ڪو سٺو پارٽنر هجي، جيڪو مون سان آهي منهنجي پيار جي روپ ۾.

نياز: مون تنهنجي باري ۾ هڪ راءِ ٻڌي آهي تہ تون صحافت ۾ بلڪل ڪم جو ماڻهو ناهين، باقي تخليقي ڪم ۾ بهتر آهين. ڇا تون صحافت ڪي مڙئي گذارو ٿو سمجهين ۽ سچو ڏيان ادب ۽ تخليقي ڪم تي اٿئي؟

ممتاز: مون توکي منڍ ۾ ٻڌايو هو تہ مون لاءِ ڪيئن ڪمينٽس ٿيندا آهن، پر مان ڏسندو آهيان تہ ڪمينٽ ڪرڻ وارن پاڻ ڪهڙا قاڙها ماريا آهن. ها انهن جو ڪم سٺو ۽ وڏيڪ هجي تہ مڃجي، باقي پيالي تي ڪمينٽ دل ۾ ناهيان ڪندو.

نياز: ڇا تون سمورن ڪمن سان انصاف ڪرين ٿو؟

ممتاز: مان ڪم ڪندو ئي ايترو آهيان، جنهن سان انصاف ٿئي.

نياز: تون ڪجهہ اوور ڪانفيڊنٽ تہ ناهين؟

ممتاز: اوور ڪانفيڊنٽ نہ پر ڪانفيڊنٽ آهيان.

نياز: پنهنجو نقاد پاڻ هجڻ سٺي ڳالهہ آهي، پر ان ۾ bias اچي ويندو آهي.

ممتاز: مان اهو نٿو چوان تہ سڀني کان بهتر ڪم آهي، پر اطمينان آهي تہ منهنجو ڪم منهنجي نالي سان سڏبو آهي. مان پنهنجون ڪوڙ شيون رد بہ ڪندو آهيان. مونکان سٺو ڪم ڪندڙن کي سٺو چوڻ ۾ عار محسوس ناهيان ڪندو.

نياز: تون اندر ۾ ايترو حساس آهين، ٻاهران گاريل ۽ ترڙو. ائين ڇو؟

ممتاز: ها ها ها..... پيارا ڳجهہ ظاهر ٿي ويندو تہ پوءِ تصو ختم آهي.

نياز: ڪو ڳجهہ نہ کليو تہ پوءِ چيٽ باڪس ۽ عام انٽرويو ۾ ڪهڙو فرق؟

ممتاز: يار ڪي درد ٻين اڳيان ناهن کولبا ۽ ڪجهہ تہ پاڻ کي بہ خبر ناهي هوندي ڪڏهن من ماڪوڙي تہ ڪڏهن ڪيهر شينهن.

نياز: لفاظي نہ ڪر نہ، ذاتي ڳالهين تي، ذاتي جواب ڏي، بنا حجاب جي.

ممتاز: توکي خبر آهي تہ مان بہ تہ ذاتي طور عام آهيان. ڪهڙي ڳالهہ آهي جيڪا توکان لڪايان ٿو؟ پيارا پاڻ تہ هر ڪم سِر ترڻ تي رکي ڪيو آهي.

نياز: توکان ادبي سنگت بابت سوال رهجي ويو. تنهنجي سنگت سان جذباتي وابستگي رهي آهي. مونکي ياد آهي تہ تون تنوير جي گهر سنگت جي مستقبل بابت روئي پيو هئين. هاڻي ڪيئن ٿو ڏسين سنگت کي؟

ممتاز: سنگت سنگت رهي آهي، اڳ ۾ اسان جي سنگت وٽ آهي، هاڻي بہ سنگت وٽ آهي. باقي ڪي شاخون مرڪز کان بہ سنو ڪم ڪن ٿيون.

نياز: اهو ٻڌاءِ تہ سنگت کي ڇا ڪرڻ گهرجي تہ ان جو ڪارج نظر ايندو؟ پاڻ فردن تي نتا ڳالهايون.

ممتاز: هڪ تہ وقت اهڙو اسپيس پيدا ڪندو آهي جو سالن جي رڪيل شيءِ بہ ڪم ايندي آهي. سنگت جي مول ۾ متن تي ڪم ٿئي تہ اهو بہ گنج آهي.

نياز: اهو ٻڌاءِ تہ آخر ٿيڻ ڇا گهرجي؟

ممتاز: ٿيڻ لاءِ تہ ڪوڙ ڪم آهن. ان جا هت تفصيل نٿو ڏئي سگهان. ٿلهي ليکي ايترو ڪري جو ڦهريان اها هڪ تنظيمي انداز اختيار ڪري تہ پوءِ ادبي سنگت جو ڪردار اهميت وارو هوندو. سچ پڇين تہ سنگت تي ڳالهائڻ جدا قصو آهي ۽ مان في الحال ان تي وڃڻ نٿو چاهيان. ڇو تہ ڪجهہ قصوروارن ۾ اسان بہ شامل آهيون.

نياز: چڱو ڀلا هاڻي خدا حافظ.

ممتاز: الله جي آسري.

▪▪


جڏهن جڏهن بہ اچين ڳوٺ، منهنجي گهر اچجئين
اکين ۾ هوندي مِنَي منت، لڙڪَ پڻ ڏسجئين
اچي جو موڙ، اتان قِربو، پوءِ سڏو اچبو،
تڏهن بہ واٽ جي ڇُپ چاپ کان پڇي ونجئين!

احمد آباد ۾ رهندڙ جديد سنڌي غزل جي اهم رَتن

**ارجن حاسد** جو ستون شعري مجموعو

# نہ ائين نہ!

اڄ بہ حاسد جو غزل پڙهڻ ۽ ڪڏهن سندس ئي آواز ۾ ٻڌڻ بعد، باادب اُٿي بيهي، ڪيس دل سان داد ڏيڻ جي اِڇا ٿيندي آهي- پر سنڌيءَ ۾ اهڙي روايت ڪٿي آهي!(پريم پرڪاش)



ادل سومرو

# دوها

ڊِيئو آهيان، ٻرڻ بنا پيو اوندهه ۾ سُڏڪان،
تون ٿي مون کي ٻارِ اچي اڄ پنهنجن هٿڙن سان.

ڏات نه مون ۾ ڏانءُ نه ڪوئي هر پاسو ويران،
مون ۾ کهڙا ڳڻ ٿي ڳولين، مان ادنيٰ انسان.

هر منظر ۾ تنهنجو نالو منهنجو نانءُ نه ڪو
تو ۾ جو ويساهه وڏي ويو دور ٿيو الڪو.

’مان‘ ۽ ’مان‘ جي دروازي تي ويچارو آ پيار
پنهنجي انا ۾ ويڙهيل ماڻهو ڪوريئڙي جو ڄار.

دنياداري ڏوڙ ڪري وئي، اندر ۾ ٿيو غيرُ،
ڏوٻي ٻڄي درد جو آيو ڏوئي ويو سڀ ميرُ.

ننڊ جي ڳوري ڪائي سمهي پئي، عاشق جي تقدير،
اوجاڳي جو ڳانو پائي، گهارِي رات فقير.

جاتي ڪاتي ڏپُ تو ڏوڙي، تر هجي ڪاچو
هر هرڻيءَ جي پويان آهي، پرماري پاڇو.

رشتن ناتن جون ديوارون، دري نه ڪوئي در،
هر ماڻهو پڃري ۾ آهي، حاويلي يا گهر.

تو کان دور ڪرڻ ٿيون چاهن ساموڊي لهرون،
مون کي بچائي ٻوڙي ويندين، تنهنجون ئي نظرون.

نيڻن جا ها دروازا تو جا لئه بند رکيا،
تنهنجي شهر ۾ خواب اسان جا رُلندا رات رهيا.

صحرا جهڙو روح آ منهنجو گهڙي گهڙي صدمو،
ان ۾ تنهنجي ياد ائين جڻ پاڻيءَ جو چَشمو.

ڪڪرن سان گڏ پکي ائين جڻ تنهنجا منهنجا خواب،
شعر چيا سي ٻڌجي ويا جڻ پنهنجو پاڻ ڪتاب.

تنهنجي ياد عبادت وانگر، سارو ڏينهن سُرور،
عشق اڇي اڇلايو آهي، پيرن منجهه غرور.

پل ته جبل تان ڪِران ۽ مان ٽڪرا ٿيان،
شالَ نه آءٌ ڪِران او سائڻ، تنهنجن نظرن مان.

علي دوست عاجز

# وايون

آهيان آءُ ادي،
ديواني درياهہ جي!
ويروتار وهائيان،
ناهن نيڻ ندِي،
آهيان آءُ ادي،
ديواني درياهہ جي!
ٻڏنديون سي ئي ٻارِ ۾،
جن جي من مدِي،
آهيان آءُ ادي،
ديواني درياهہ جي!
چاهہُ چڱائي پانئيان،
باقي ڪم بدي،
آهيان آءُ ادي،
ديواني درياهہ جي!
سرتيون سڌن سوُهڻي،
پر مان ورهہ وندِي،
آهيان آءُ ادي،
ديواني درياهہ جي!

آباديءَ اُهڃاڻ،
اديون آهن آب سان!
هٿ سان هيڏا بند ڏئي،
سُڪايئون ساواڻ،
آباديءَ اهڃاڻ،
اديون آهن آب سان!
ههڙو هوندو حال جي،
ڪندي جُوءِ جنگاڻ،
آباديءَ اهڃاڻ،
اديون آهي آب سان!
ڪنڌيءَ سُڪن ڪانئيون،
ڪچي ۾ ڪوساڻ،
آباديءَ اهڃاڻ،
اديون آهي آب سان!
پهچي تائين پارڪر،
ترتئي شال تڏاڻ!
آباديءَ اهڃاڻ،
اديون آهي آب سان!

---

ڪانئيون: ڳيپل سَرَ
ساواڻ: ساوڪ، آبادي

# وايون

جهڙَ مان جهات وِجهي تو۔
چَندُ حويليءَ تي!

ڪڪرن اوٽ وٺي لِڪَ چوريءَ،
نت ڪت ناچ نچي تو۔
چَندُ حويليءَ تي!

وينگس جي نيڻن ۾ گهُوري،
چڙ ڪا اڪ هٽي تو۔
چَندُ حويليءَ تي!

هُن يي هاڻ اِهو سمجهو آ،
پريتم جيئن اچي تو۔
چَندُ حويليءَ تي!

ڏات هٽي تي ڏنگ ڏهوٽا،
جڏهن جُوه وجهي تو۔
چَندُ حويليءَ تي!

هاڻ مِلي ويو ڪوئي ماڻڪَ!
پيرا چڙ ت ڪٽي تو۔
چَندُ حويليءَ تي!

چا جي لئ اچڪله،
شامَ تِڪي پئي آ،
تنهنجين اکڙين ۾

لهندڙ سِج جي ريتي ريتي،
لاٽ تِڪي پئي آ،
تنهنجين اکڙين ۾

مَڌُ ملايل چاندوڪي جرڻ،
جام تِڪي پئي آ،
تنهنجين اکڙين ۾

ماڻڪ! من جي موهڻ جي،
دام تِڪي پئي آ،
تنهنجين اکڙين ۾

شاهد حميد

# بيت

شال نہ ٿڪن پنڌ ۾ منهنجون ڳوٺائون،
اُنهن بن آئون، ڪوئي ماڻ نہ ٿولهان.

لاهيارن جون نينگريون، پريون مٿن تي،
ميندي هٿن تي، چيرون چم چم واءُ ۾.

پکين ڪر ڳل واءُ ۾ اڙي الا ڙيا،
جڏهن ڪهاڙي ڪپيو ڪيڙ ڏار ڪي.

ڪهڙي چنتا چت ۾ رکي اُڏاڻا؟
پکي اُڏاڻا، ڪهہ جاڻان ڪنهن پار ڏيا

ڏئي ٿو ڏاتار، سڀ ڪي پري جهوليون،
ميان مگڻهارا ڪيڏا هٿ ڪنيا اٿئي!

”لتا“ جيئن چتا، چوڙي چڏيا واءُ ۾،
ڪيئي رنگ رتا، پوپٽ آهن پنڌ ۾.

ايڏا وڻن ڏارڙا، ڪنهن لئہ ڦولن ٿا؟،
ڪنهن ڪي ڳولن ٿا، هيءَ سُوتاڙيا سُڄ ۾!

ڪويل ڪوڪي انب تي، سارون سوَ ڏيئي،
ءِ اُڏري ويئي، ڪُهہ جاڻان ڪنهن پار ڏيا؟

چاريون ڪاريون اُس ۾، ڪيڏا تتا ڏينهن!
پرجي گرجي مينهن، ڪُهہ جاڻا وسندا ڪڏهن!؟

تر تر ڏکن سيءَ ۾، تاريلي جا ترڻ،
او روهيڙي وڻ! اهڙي لوڏ ڏنئي ڪٿي؟

ڪيڏا ڪونجن گس، هن نيري آڪاش ۾!
ڪيڏا بادل ڪس، ڪامڻ ڪتيءَ ڏينهڙا.

لُڏي پئي لام، اڄ ٻہ تولئہ واءُ ۾،
اچي ڪر وسرام، پکيئڙا پرڏيهہ جا.

پکيئڙا پرڏيهہ جا، لامي وسرامي،
ويندا اُڏامي، ڏينهن ناري ڪنهن ڏيهہ تي.

※ لتا: منهنجي آتم ڪٿا جو هڪ ڪردار.
※ سوتياڙيا: ڪاٽ ڪُتا.

رضا بخاري

# ٽہ سٽا

گل زرد سنياليو آ،
مون دل تہ وڄائي پر،
هڪ درد سنياليو آ.

ڏسِ يارَ! ڪندين ڪاڏي،
تون خط تہ جلائيندين،
پر سارَ ڪندين ڪاڏي؟

مهتاب اڏورو آ،
آڪاس جي نيڻن ۾،
ڪو خواب اڏورو آ.

ڇا ويلَ اکين ۾ آ!
تو مورُ نچي منَ جو
۽ ڏيلَ اکين ۾ آ.

گذريا تہ زمانا هِن،
پر درد اڃا دل مان،
ٿيا ڪين روانا هِن!

آ روح بہ رڻ وانگر،
تو دردُ ڏُکي اُن ۾،
بي آب هرڻ وانگر.

ڪنهن منڊَ سڏيو هوندس،
چاڪاڻ چڪور اُڏيو
پڪ چنڊَ سڏيو هوندس.

منُ زرد هيو ڪوئي!
رنگين گلن وچ ۾،
پنُ زرد هيو ڪوئي.

خود تي ئي چتر آهي،
هو شخص بہ مڪليءَ جي،
گمنام قبر آهي!

هُو نيڻ ڪجي ويا هِن،
خاموش ستارن ۾،
سوَ ساز وڄي ويا هِن.

گهنگهور گهٽائن سان،
اي ڪاش وڃان اُڏري،
هُن پار هوائن سان.

ارمان ٽُٽو آهي،
گُل فرش متان وڪريا،
گلدانُ ٽُٽو آهي.



# نئڊائين گورڊيمير

پال ٿيرو

ترجمو: عبدالقادر جوڻيجو

شهر ۾ گهڻڙڻ ساڻ جنهن سان بہ ٿي مليس، تہ اهو ماڻهو مون کي شهر ۾ ڊاريو ٿي لڳو جيڪو ڪتان نہ ڪتان لڏي آيل هو. انهن ماڻهن لاءِ جهانسبرگ هڪڙي پاسي چڱو بہ هو تہ ٻئي پاسي خراب بہ هو. اهي ماڻهو هن شهر ۾ گهڻو ڪري ڪمائڻ لاءِ لتل هئا. ڪجھ وقت اڳ هيءُ شهر واقعي ڪمائيءَ وارو هندُ هو پر هاڻي مال ڏوڪڙ ڪمائڻ تہ پري جي ڳالھ هئي، پر رڳو پيٽ گذر لاءِ هٿ پير هڻڻ بہ ڏکيا ٿي پيا هئا. هاڻي تہ انهن ماڻهن کي ڳڻتيءَ ورائي اچي ڪنيو هو تہ سائوٿ آفريڪا ۾ رهجي يا پڇي جند ڇڏائجي. ڳالھ ڳري ٿي پئي هئي. ٻيا ماڻهو تہ ڇُٽا، پر ڪيتري ئي وقت کان وٽي هتي رهندڙ هتان جا ئي گورا بہ هن ملڪ کي اوپرو ملڪ سمجھڻ لڳا هئا. منهنجو خيال هو تہ اهي گورا هتان جا عادي ٿي ويا هوندا ۽ هن ملڪ کي پنهنجو مُلڪ سمجهندا هوندا، پر ايئن نہ هو.

”اسان تہ هتان جا اقتصادي قيدي بڻجي چڪا آهيون.“ هڪڙي سنهو تلهو واپار ڪندڙ گوري مون کي ٻڌايو. ”اسان جي تہ ڪا واھ ئي نہ بچي آهي. وڃون تہ ڪيڏانهن وڃون.“

پر مون مٿس جڏهن زور ڀريو تہ هن دل جي ڳالھ ٻڌائي، تہ هُو هاڻي هيءُ ملڪ ڇڏي ڪيڏانهن بہ وڃڻ نٿو گهري. ڪيس رڳو اهو صدمو بيٺو هو تہ هيترا سارا سال هن ملڪ تي گورن جي حڪومت رهي، پر انهن ذرڙي بہ ڪوشش ڪونہ ڪئي تہ ڪٽي هتان جي اصلوڪن آفريڪي رهاڪن کي ڪا ٿوري گهڻي تعليم ڏيارين. جي هتان جا ڪارا ماڻهو پڙهيل هجن ها تہ ڪر هن وقت ملڪ جو وڏي ۾ وڏو مسئلو ڪرائيم نہ هجي ها. اصل ڏوهي تہ گورا حڪمران ئي هئا.

"جڏهن هتي گورن جي حڪومت هئي تہ انهن هتان جي اصلي ماڻهن کي لٽ جي مُڇي تي رکيو هو." ساڳيو گورور ٻڌائڻ لڳو. "اُنهيءَ زماني جي پوليس هتان جي ماڻهن لاءِ وڏو آزار بڻيل هئي. بنا ڪنهن سبب جي ٻڌچوڙ ۽ مار ماران لڳايو ويٺي هئي. جي گورن جي پاڙي ۾ هوندي ڪري بہ ڪنهن گوري وٽ شناختي ڪارڊ بہ نہ هوندو هو تہ پوليس متانئس گوڏا ڏيئي چڙهي ويندي هئي. باقي ڪارن جي پاڙي ۾ تہ ڪارو ناحق لڳايو ويٺي هوندي هئي. ڪنهن ڪاري کي جهليندي هئي تہ انهيءَ کي مار سان اُڌڙي ڇڏيندي هئي. ڪارا مري جند ڇڏائيندا هئا. انهيءَ وقت هتان جا ماڻهو پوليس کان سخت نفرت ڪندا هئا. هاڻي آزاديءَ کان پوءِ هتان جا ماڻهو پوليس کي گڏيءَ سان اُتارين ٿا، گڏيءَ سان ويهارين ٿا. سندن ئي ڪنيل موچڙو سندن ئي مُنهن ۾ اچي لڳو آهي."

جنهن ٽيڪسي ڊرائيور کي ساڻ ڪنيو هوم، اُهو بہ پورچوگيز هو جيڪو 1960ع ۾ پورچوگال مان پڃي وڃي اسپين مان نڪتو. 1980ع ۾ اُتان بہ ٽپڙ ويڙهيائين ۽ موزمبيق مان ٿيندو اچي سائوٿ آفريڪا مان نڪتو هو. مون جڏهن کانئس پڇيو هو. پنهنجو ملڪ ڇڏي هتي ڇو پيو رُلين؟ تہ ٻڌايائين، "پورچوگال ۾ اچي ڏاري خلقت ٿُني. ماڻهو وڌي ويا، روزگار گهٽجي ويو، تڏهن وٺي اتان ڀڳس، پر هاڻي تہ هتي بہ گراهڪ گهٽ ٿا لڀن. ڪنهن بہ ڏنڌي جو ڪو قدر ئي نہ رهيو آهي. ڦر مار جو بہ وڏو آزار لڳو پيو آهي."

"هيءُ ملڪ هاڻي ٽيئن دنيا جو ملڪ نہ رهيو آهي." ٻڌايو مانس.

"اجا تائين تہ ٽيئن دنيا جو ملڪ نہ بڻيو آهي." گاڏيءَ جي شيشي مان اک هٽندي، مون کي چيائين.

اسان جهانسبرگ جي پارڪ ٽائون ويسٽ واري پاڙي مان اچي نڪتاسين، جنهن جي چوڏاري ڏوتل پوتل اڇيون اُجريون ڊگهيون پٽيون آڏيل هيون. پارڪ ٽائون ويسٽ ۾ اندر ڊگهين پٽين وارا شاندار بنگلا آڏيل هئا. هر بنگلي جي گيٽ تي متان بنگلي جو نمبر لکيل هو ۽ هيٺان سيڪيورٽي ايجنسيءَ جي نالي سان گڏ اهو بہ لکيل هو تہ جي ڪو گهر ۾ گهڙندو تہ کيس گولين جو کاج بڻائي ڇڏبو.

"هڪڙي ڳالهہ آهي." ٽيڪسي ڊرائيور چيو.

"ڪهڙي؟"

"جيڪڏهن توهن هن پاڙي ۾ رهندين، تہ پوءِ تہ هر قسم جي جوکي کان بچيل هوندين." ٽيڪسي ڊرائيور جواب ڏنو.

آئون تہ پاڙي ۾ رهڻو نہ هوس، پر سائوٿ آفريڪا جي نوبل انعام يافتہ ليکڪا نئڊائين گورڊيمير جو گهر انهيءَ ئي پاڙي ۾ هو ۽ مون کي اتي ئي وڃڻو هو.

نئڊائين گورڊيمير سائوٿ آفريڪا ۾ پنهنجي زندگيءَ جا 77 سال گهاريا هئا، تنهن ڪري جهانسبرگ شهر جي گهٽيءَ گهٽيءَ کان چڱيءَ طرح واقف هئي ۽ سڄو شهر سندس اک هيٺ هو.

جهانسبرگ شهر کان چڙا 25 ميل پنڌ تي سَون جون کاڻيون آهن. انهن کاڻين سان لڳ هڪڙو ننڍڙو شهر آهي، جنهن جو نالو آهي اسپرنگ- انهيءَ اسپرنگ واري آباديءَ ۾ ئي مئڊائين گورڊيمير ڄائي هئي. سندس پيءُ جا وڏا لٿونين هئا. هُو اجا تيرهن سالن جو هو تہ ريگا جي شهر مان ڀڄي اچي سائوٿ آفريڪا پيڙو ٿيو. اِهو وقت اُهو هو جڏهن اتان جي زار بادشاهہ ملڪ ۾ رڻ ٻاري ڏنو ۽ قتلام ڪرايائين. قتلام جو شڪار ٻڻجندڙ ماڻهن ۾ گهڻائي يهودين جي هئي. اها مار ماران ڏسي، ڪيترا ئي ماڻهو مُلڪ ڇڏي وٺي ڀڳا. ڪو ڪيڏانهن ويو تہ ڪو ڪيڏانهن. انهن مان هڪڙو نئڊائين جو پيءُ بہ هو. انهيءَ سائوٿ آفريڪا ڏانهن انهيءَ ڪري رخ رکيو تہ هُو وڏي ڀاءُ پيڙو ٿئي، جيڪو کانئس اڳ سائوٿ پهتل هو. انهيءَ وقت ننڍيءَ عمر جي ڪري ڪيس ٻين يهودين وانگر واپار وڙي جي ايڏي ڪا سمڪ نہ هئي. انهيءَ ڪري هُو گهڙين ٺاهڻ جو مستري ٻڻجي هڪڙي شهر کان ٻئي شهر تائين ڏنڌي سانگي رُلندو رهيو. انهيءَ کان پوءِ هو وري اسپرنگ شهر ڏانهن موٽي آيو. جتي ڀهرين گهڙين ۽ پوءِ زيورن ۽ هيرن موتين جو واپار شروع ڪيائين ۽ سونارو ٻڻجي ويو. واپار سان گڏ هو سونارڪو ڌنڌو بہ ڪندو رهيو. جنهن ۾ هيرن جواهرن جي مڙهت بہ اچي وڃي ٿي. نئڊائين پنهنجي ڪهاڻي "My father leaves home" ۾ پنهنجي پيءُ جو ڪردار بہ چِٽيو آهي. اها ڪهاڻي سندس ڪهاڻين جي مجموعي "Jump" ۾ شامل آهي.

مون جڏهن سندس ڀهريون لکڻيون پڙهيون، اُهي مون کي ڪي قدر چڱيون لڳيون، پر پوءِ 1960ع ۾ جڏهين سندس لکڻيون پڙهيون تہ مون کي منجهس ويٺل وڏي ليکڪا نظر آئي. هُن 1940ع جي ڏهاڪي جي پوئين ورهين ۾ لکڻ شروع ڪيو هو تڏهن هوءَ پندرهن ورهين جي هئي. هوءَ جڏهن چوويهن ورهين جي ڄمار کي پهتي تہ سندس لکڻيون "نيويارڪر" ۾ ڇپجڻ لڳيون. سندس ڀهرين ڪهاڻي "A Watcher of the Dead" هئي. اها ڪهاڻي جهانسبرگ شهر جي پس منظر ۾ لکيل هئي، جنهن ۾ هن وڏي خوبصورتيءَ سان نوجوان ڏيءَ جي احساسن ۽ جذبن ۽ ردعمل کي چِٽيو هو جيڪي سندس پيءُ کي دفنائڻ وقت اُڀري اچن ٿا ۽ نوجوان ڏيءَ آنا ڪانيءَ جو شڪار ٿئي ٿي ۽ ڪيس جنازي دفنائڻ جون ريتون رسمون ڪکن ٿيون.

پاڻ جيڪو ڪجهہ شروع شروع ۾ لکيائين، انهيءَ ۾ سندس جاگرافيائي حدون بہ نظر اچن ٿيون. جنهن ۾ ذڪر آفريڪا ۽ موزمبيق اچي وڃن ٿا، جيڪي اجا تائين گورن

جي هٽ هيٺ هوندا هئا. انهيءَ سان گڏوگڏ آفريڪا جي اصلي ماڻهن جا اُهي ڳوٺ ۽ شهر بہ نظر اچن ٿا، جتي جا رهندڙ ڪارا بہ نظر اچن ٿا، جن لاءِ پنهنجوئي ملڪ اوپرو ۽ پراڻو ملڪ بڻايو ويو هو. اهو سڀ ڪجهه لکندي ڪري، هن ڪٿي بہ پنهنجي سياسي رنگ کي نظرانداز نہ ڪيو آهي. اهو سڀ ڪجهه سندس پهرئين ڪهاڻين جي مجموعي ۾ آهي، جنهن جو عنوان آهي: "The soft voice of the serpent" (1952ع). جنهن ۾ هن اجوڳن جوڙن جي پنڌ پوڻ جي باري ۾ ۽ هڪ ٻئي سان پنڌ هلندي پيار ڪندڙ جوڙن جي ذڪر سان گڏوگڏ ڪارن کي چوٽ چاٽ جو شڪار بڻائيندڙن جو بہ ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ مجموعي جي هڪ ڪهاڻي "Defeated" ۾ هڪ ڇوڪرڙي اهو چوندي نظر اچي ٿي تہ "امان مون کي جهليو هو تہ آئون رعايتي اگهن تي ملندڙ شين واري دوڪان تان خريداري ڪرڻ نہ وڃان. ڇاڪاڻ تہ اُتي ڪِني ڏپ ۽ گندگي هوندي آهي. اتي جيڪي مقامي ڪارا ايندا آهن، اُهي اچي ٿُڪون اُڇلائيندا آهن ۽ انهن ٿُڪن ۾ سلهہ جا جيوڙا هوندا آهن. جيڪي ٻارن کي بہ بيمار ڪري ڇڏيندا آهن." انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ جڏهن ڇوڪرڙي اهڙي دوڪان تي ايندي آهي، تہ اُتي سِلهہ جي جيوڙن، ڏپ ۽ گندگيءَ بدران ڪيس انساني جسم جي سگهہ ۽ خوبصورتيءَ سان گڏوگڏ ڏک ڏوجهرا نظر ايندا آهن.

ايئن سندس شروعاتي ۽ ڪچيءَ وهيءَ ۾ لکيل ڪهاڻين ۾ بہ وڏي چالاڪيءَ سان ڪارن ۽ گورن جي وچ ۾ پيدا ڪيل فاصلا بہ نظر ايندا آهن. اِهو وقت اُهو هوندو آهي، جڏهن ملڪ تي گورن جو راڄ هوندو هو. انهن ڪهاڻين ۾ هن ڪارن ۽ گورن جي وچ ۾ چوٽ چاٽ کي منصف مزاجيءَ سان چِٽيو آهي. انهن ڪهاڻين ۾ هڪڙي پاسي سج جي وٽندڙ روشني، ڍءَ تي ملندڙ ڪاڏي پيتي ۽ جنسي لڳ لاڳاپن جا مزاج پڙهڻ لاءِ ملن ٿا، تہ ٻئي پاسي وري فرسٽريشن، بک ۽ خراب موسم جا ڏنڀ ۽ ڏک ملن ٿا.

مون اڳ ۾ ڪڏهن بہ جهانسبرگ نہ ڏٺو هو. جيتوڻيڪ 1970ع ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ نئڊائين سان ملي چڪو هوس. جهانسبرگ مون لاءِ نئون شهر هو جنهن مون کي منجهائي وڌو. مون کي ايئن لڳو جڻ اِهو شهر مون لاءِ اڳ ۾ ئي ڄاتل سڃاتل هجي. هن شهر جا آواز چهرا، بُوءِ، نرمي گرمي، ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو ڍنگ، جهيڙا جهٽا ۽ دوريون مون کي اوپريون نہ لڳيون. انهيءَ جو ڪارڻ نئڊائين گورڊيمير جون لکڻيون هيون، جن هن شهر کي ايئن ئي سڃاڻپو بڻائي ڇڏيو آهي. منهنجي خيال ۾ ليکڪ جي وڏي ۾ وڏي حاصلات اها ئي هوندي آهي، جيڪو پنهنجين لکڻين ۾ پنهنجي مُلڪ يا شهر کي ايئن ويهي چِٽي، جو ٻئي ملڪ جو پڙهندڙ بہ اُتان جي زندگيءَ جا سڀ رنگ روپ ڏِسي، ٻُڌي، سِنگهي ۽ ڇُهي سگهي، جو جڏهن اُتي وڃي تہ کيس سڀ ڪجهه پنهنجو لڳي ۽

اُتان جي خوشين توڙي عتابن کي محسوس ڪري سگهي. جهانسبرگ پهچڻ کان پوءِ مون کي لڳو تہ اها ڪهڙي نہ پلي ڳالهہ آهي جو اتان جي ڪابہ شيءِ مون کي اوپري نہ لڳي. جيڪو ليڪڪ پنهنجي وطن جا وڻ ڏيکاري نٿو سگهي، اهو ليڪڪ ئي ڪهڙو.

آفريڪا جا وڻ، ٻوٽا ۽ وليون نئڊائين گورڊيمير جي گهر کي ڍڪيو بيٺا هئا. سندس لکڻين مان بہ انهن وڻن، ٻوٽن ۽ ولين جا رنگ ۽ خوشبوءِ محسوس ٿين ٿا. ٻئي ڏينهن منهنجي سالگرهہ جو ڏينهن هو پر مون نہ پئي چاهيو تہ ڪنهن کي اها خبر پوي. انهيءَ ڪري هڪڙو ڏينهن اڳ مون پنهنجي هوٽل جي ڪمري مان نئڊائين کي دعوت ڏني تہ ايندڙ رات جو هوءَ ڪنهن ريسٽورينٽ ۾ مون سان ماني کائي. اِهو مٿس ڇڏيم تہ ڪهڙو ريسٽورينٽ ٿي چونڊي. دل ئي دل ۾ نيت تہ اها ئي هيم تہ پنهنجي سالگرهہ جي موقعي تي ڪجهہ ڪوهہ ۾ دنيا جي هڪ وڏي ليکڪا سان گڏ هجان. پهرين سندس ئي گهر وڃڻو پئجي ويو جو ڪيس مُنهان منهن دعوت ڏجي. جڏهن آئون سندس گهر جي لوهي گيٽ وٽ پهتس تہ سندس گهر اندر بيٺل ڀوري رنگ جو شاهوڙ ڪتو ڀؤنڪڻ لڳو. ڪتي جي ڀؤنڪ ٻُڌي بورچي خاني واري در مان ڪاري رنگ واري عورت نڪتي ۽ ڪُتي کي چُپ ڪرائڻ لاءِ وڻي هڪلون ڪيائين تہ ڪتو چُپ ٿي ويو ۽ گهر مان هڪ ڪارو مرد نڪتو. ڪيس اڇي رنگ جي صاف سٿري قميص ۽ نيري رنگ جي پئنٽ پيل هئي ۽ اچي گيٽ کوليائين. ڪيس ڏسڻ سان ئي سهي ڪري ويس تہ هو چچيوا ٻولي ڳالهائيندڙ آهي، جيڪا ملاوي ۾ ڳالهائي ويندي آهي. انهيءَ وقت روزگار سانگي ملاوي ملڪ جا ڪيترائي رهاڪو سائوٿ آفريڪا ۾ لڏل هئا.

"زِڪومو بامبو". چچيوا ٻوليءَ ۾ چيائين، جنهن جو مطلب هو "بابو سائين، لک لک ٿورا."

اسان ڪجهہ وقت لاءِ چچيوا ٻوليءَ ۾ مان مشڪان ڪندا رهياسين ۽ پوءِ نالو پڇيومانس.

سندس نالو البينو هو ۽ پاڻ ملاوي جي بدران موزمبيق جو رهاڪو هو. گهر جا نوڪر ۽ نوڪرياڻيون سڀ جا سڀ ڪارا هئا ۽ مهمانن جو تمام گهڻو خيال رکندڙ نهنا، صاف سٿرا، منظم ۽ ڪم سان ڪم رکندڙ خاموش قسم جا ماڻهو هئا. البينو مون کي ساڻ ڪري هڪڙي ڪمري مان ٿيندو سوڙهن ڪاريڊورس مان لنگهندو اچي بورچي خاني واري ڪمري جي پرسان لنگهيو تہ مون کي بورچي خاني ۾ ويٺل هڪ ڪاري عورت ۽ بيٺل ڪارو پوڙهو مڙس نظر آيا، پر چُپ لڳي پئي هئي.

ايئن هلندا ڦرندا اچي بيٺڪ واري ڪمري مان نڪتاسين. اهو ڪمرو ٻين ڪمرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ روشن ٻٽيل ۽ ٻنهين صاف سٿرو هو. ڊيگهہ ويڪر ۾ بہ گهڻو

وڏو هو. جيئن ئي آئون ڪمري ۾ گهڙيس ته سامهون پٽ تي خاندان جي ماڻهن جي تصويرن سان گڏوگڏ نئڊائين جي تصوير تي منهنجي نظر پئي. انهيءَ تصوير ۾ هوءَ سِڌي تي بيٺل هئي ۽ پنهنجي قد کان وڏي پئي لڳي ۽ سندس نگاهن ۾ گهُور هئي. مون اچا اها تصوير پئي ڏٺي ته پاڻ اندر گهڙي آئي ۽ مون کي ڀاڪر وجهي چُمي ڏنائين. جسم ۾ اچا تائين بڙد لڳي پيئي هئي.

"ايئن پيو لڳيم ته جڻ پنهنجي گهر ۾ آيو هجان." ڪيس ڀاڪر پائڻ وقت چيم.

ويهڻ جو ڪمرو وڏو هو. سو اهو پئي سوچيوسين ته ڪٿي ويهون. جڏهن هڪ هنڌ ويٺاسين ته سامهون پٽ تي وري نيپولين جي تصوير تي نظرپئي، جيڪو هٿيارن سان جهڙابوڙ لڳو پيو هو ۽ سندس پير ۾ ڪو عرب شيخ بيٺل نظر آيو.

مون کي نيپولين جي تصوير ڏانهن ڏسندو ڏسي چوڻ لڳي، "ڪيئن تو ڀانئين نيپولن سهڻو تو لڳي نه؟ آئون جڏهن به سندس تصوير ڏانهن ڏسندي آهيان ته هو مون کي مارلن براندو وانگر لڳندو آهي."

نئڊائين اها ڳالهه مس پوري ڪئي ته منهنجي نظر ڪنڊ ۾ ويٺل هڪ ماڻهوءَ تي پئي، جنهن جي گوڏن مٿان بلئنڪيٽ پيل هو ۽ ڪنهن به قسم جي چرپر نه پيو ڪري ۽ نه ئي وري ڳالهائي پيو سگهي. مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو جو دير سان مٿس منهنجي نظر پئي. هو ساهه کڻڻ واري مشين ۾ قابو ٿيل هو. مشين مان نڪتل نلڪيون سندس ناسن ۾ پيل هيون ۽ پاڻ رڳو مُرڪي پئي سگهيو. ڪيس جهبو (حد کان وڏيڪ ويڪري) آمريڪي پئنٽ پيل هئي. سندس جسم ڪمزور هو پر سندس مُرڪ ۾ جان هئي. سندس رويو ڪنهن گهاٽي دوست وارو نظر پئي آيو. سندس عمر 93 سال هئي. وهيل چيئر تي ويٺي ڪري به قد آور مڙس پئي نظر آيو. سندس منهن جي رنگ ۾ ونڪ هئي. اهو رنيمولڊ هو جيڪو نئڊائين جو مڙس هو.

"پال قاهره مان بس تي چڙهي آيو آهي." نئڊائين پنهنجي مڙس ڏانهن گهوريندي چيو.

انهيءَ تي رينمولڊ مرڪي هڪڙو هٿ کڻي مون کي سلام ڪيو ۽ پڻڪندي چيائين، "سُنو سُنو سُنو."

سندس مُرڪ ۾ سونهن سمايل هئي. منهن تي پيار، مهمان نوازي ۽ پنهنجائپ چانيل هئي. هو مهمانن واري ڪمري ۾ ويهي گرمي، روشني ۽ گفتگوءَ مان لطف اندوز ٿي رهيو هو. ڪيس پنهنجي ڪمري ۾ پئي پئي نرس جي چاڪري نه وڻندي هئي.

ڪجهه وقت رکي نئڊائين مو نکي ٻڌايو ته رينمولڊ شروع کان وٺي رات جي ماني کائڻ کان اڳ وسڪي پيئندو پئي آيو آهي.

اسان پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئاسين ته اتان هڪڙو ڪارو همراهه اچي نڪتو.

سندس نالو راڪ سِيکوا هو. هو هڪ شاعر هو جيڪو سياسي قيدي ٿي رهيو هو. ٻت مان جڙد پئي لڳو.

مون ڪيس ٻڌايو "مون تنهنجي قيد ٿيڻ جي خبر ٻڌي هئي. مون کي آفريڪا جي هن سفر ۾ ڪيترائي اهڙا ماڻهو ملندا رهيا آهن, جيڪي ڪڏهن نہ ڪڏهن سياسي قيدي رهيا آهن."

"هيءَ پال آهي, جيڪو قاهره مان ٿيندو سڄو آفريڪا رُلندو بس ۾ چڙهي هتي پهتو آهي." نئنڊائين ڪيس منهنجي باري ۾ ٻڌايو.

"مون لاءِ اها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو آئون رانڊ بيٽ ۾ پنج سال قيد ڪاٽي نڪتو آهيان." راڪ چيو.

"نيلسن منڊيلا سان گڏ؟"

"ها, اسان ٻئي لِڪ چُپ ۾ هڪ ٻئي کي چِٺيون موڪليندا هئاسين, جن جو موضوع فلسفو هوندو هو."

"تنهنجي تہ اڄ سالگرهہ آهي." نئنڊائين مون کي ڪن ڪٽايو تہ آئون واڻڙو ٿي ويس.

"توکي ڪيئن خبر پئي؟"

"ڪنهن انٽرنيٽ تي ڏني آهي."

رب منهنجا هي ڇا آهي. سڄي دنيا انٽرنيٽ تي ايندڙ هوائي توائي معلومات جي پويان ڪاهي پئي آهي. اهڙي اڌوري معلومات کان تہ ايئن چڱا هئاسين. اڌوري معلومات کان تہ چڱو آهي تہ ڪا معلومات ئي نہ هجي سون.

"اڄ منهنجي بہ سالگرهہ آهي." راڪ ٻڌايو.

مون وارو راز تہ کُلي ويو پر پوءِ بہ اها ڳالهہ ڏکي ڪانہ لڳيم. گهٽ ۾ گهٽ راڪ وٽ تہ انٽرنيٽ جي سيڪنڊ هئنڊ معلومات هئڻ جي بدران فرسٽ هئنڊ معلومات تہ هئي. بهرحال آئون اهڙي ماڻهوءَ سان سالگرهہ ۾ شريڪ هوس, جنهن جون خصوصيتون منهنجي وزن کان ڳريون هيون. راڪ انهيءَ وقت 42 سالن جو هو پر پنهنجيءَ عمر کان وڏو پئي لڳو. هو هڪ اهڙو قيدي هو جنهن جي جواني قيد کائي ويو هو۽ جنهن جي عمر اصلي عمر کان مٿي چڙهي وئي. انهيءَ قيد ۾ رهڻ ڪري وقت کان اڳ سندس مٿي ۾ اڇا پئجي ويا هئا. مون کي اها ڳالهہ وڻي هئي تہ سالگرهہ جي نسبت سان اسان ٻئي پاڻ ۾ اندر ائي اندر پائر ٻڌجي چڪا آهيون. فرق رڳو اهو هو تہ راڪ جي زندگي قيد جي صعوبتن ۾ گذري هئي, جڏهن تہ منهنجي زندگي وِندر ئي وندر ۾ گذري هئي. هاڻي اُهو ڏينهن بہ اچي ويو جو آئون پاڻ کان وڏي ماڻهوءَ سان گڏ سالگرهہ ملهائي رهيو هوس. پلا سياسي قيديءَ کان بيو وڏو ماڻهو ڪير ٿي تو سگهي, اُهو بہ سائوٿ آفريڪا ۾.

انهيءَ وچ ۾ هڪ ٻي ڄڻي ٻه اُتان اچي ٽُٽي. جا اچڻ سان پهرين وهيل چيئر تي ويٺل رينمولڊ سان ڀاڪر پائي مليو ۽ پوءِ واري واري سان اسان ٽنهين ڄڻن کي ڀاڪر پائي ملي. سندس نالو هو مئرين ۽ پاڻ جهانسبرگ مان شايع ٿيندڙ هفتيوار رسالي ”سنڊي انڊيپينڊيٽ“ جي ادبي ايڊيٽرياڻي هئي. اڳتي هلي خبر پئي ته انهيءَ ٽئين مهمان جي ٻه سالگرهه هئي.

ڪجهه وقت ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ نئڊائين ۽ راڪ هڪڙي گاڏيءَ ۾ ويٺا. جڏهن ته آئون ۽ مئرين ٻيءَ گاڏيءَ ۾ ويٺاسين ۽ نئڊائين جي گهران روانا ٿيڻ وارا هئاسين ته گاڏيءَ اندر ويهڻ کان پوءِ مئرين وڏي خبرداريءَ کان ڪم وٺندي گاڏيءَ جا دروازا اندران تاهي نوڪي بند ڪيا ته جيئن ڪو ٻاهران جهڙپ ڏيئي گاڏيءَ جو ڪو دروازو کولي نه وجهي. چوڻ لڳي، ”ڪيترائي ڀيرا مون کان ڦُر ڪرڻ جي ڪوشش ٿي آهي، پر مون ڪڏهن به ڦُر مار ڪندڙن کي سنوت نه ڏني آهي. انهيءَ ڪري خبرداريءَ کان ڪم وٺندي آهيان.“

”ڇو ڇا ٿيو؟“ پڇيومانس.

”هڪڙي ڀيري ڪُئين ايلزبيٿ واريءَ پُل تي ڦورو مون کي ڦِري آيا ۽ گاڏيءَ اندر گهڙڻ جي ڪوشش ڪيائون. پهرين ته هڪڙي ڄڻي گاڏيءَ جي ونڊ اسڪرين تي ٺڪ ٺڪ ڪئي ۽ پوءِ مون کي ڇڪي ٻاهر ڪيڻ جي ڪوشش ڪيائين. ٻئي ڄڻي گاڏيءَ جو پوئيون دروازو سٽ ڏيئي کولي وڌو. انهيءَ وچ ۾ ست اٺ ڄڻا مون کي ڦِري آيا.“

”پوءِ تو ڇا ڪيو؟“

”وني رڙيون ڪيم ۽ کين ڪچيون گاريون ڏيڻ لڳيس. ڦورن ڏٺو ته ڪم نهڻ جي بدران خراب ٿو ٿئي، سو ٽري ويا ۽ منهنجي جند ڇُٽي.“ مئرين جي آواز ۾ ڪاوڙ هئي، ”هاڻي گاڏيءَ ۾ چڙهڻ کان پوءِ گاڏيءَ کي اندران چڱيءَ طرح لاڪ ڪري ڇڏيندي آهيان ته جيئن ڪو اندر گهڙي ڦُر نه ڪري.“

جنهن ريسٽورينٽ ۾ اسين گهڙياسين، اُهو نادر شين سان سينگاريل هڪ وڏو ريسٽورنٽ هو پر لڳ ڀڳ خالي لڳو پيو هو. سبب صاف ظاهر هو. شهر جي وچ ۾ هو پوءِ به اُتي ڪرائيم وڌيل هو. جتي اچڻ خطري کان خالي نه هو. ماڻهن کان ڦُر مار ۽ گاڏيون ڦُرڻ عام جام هو. ريسٽورنٽ جي ڪمري ۾ ٽيهارو کن گراهڪن جي ويهڻ جي گنجائش هئي، پر صرف هڪڙي ٽيبل والاريل هئي. ريسٽورينٽ هلائيندڙ نئڊائين جا واقفڪار هئا، سو وڏيءَ حُب وچان اسان جي آجيان ڪيائون. نئڊائين وري ساڻس همدرديءَ جو اظهار ڪيو ته ڏوهن جي وڌي وڃڻ ڪري سندن ريسٽورينٽ خالي پيو آهي. انهيءَ کان پوءِ ساڻن منهنجو تعارف ڪرايائين.

”هيءَ پال آهي. قاهره مان ٽينڊو بس تي چڙهي هتي پهتو آهي.“

ماني کائيندي نئڊائين گورڊيمير ٻڌايو ته هوءَ سڄو ڏينهن پنهنجي نئين ناول ”The Pickup“ جا پروف ڏسي ڏسي ٿڪجي رت تي پئي آهي. ”هاڻي وري آمريڪي پروف ريڊر منهنجي انگريزي درست ڪندا.“ هن چيو ”ڇا ڪريان، انهن جا قائدا قانون پنهنجا آهن. ڪين ڪري به ڪجهه نٿي سگهان. نه ته هونئن ته مون کي پنهنجي لکيل انگريزي درست لڳندي آهي، پر انهن پبلشرن کي ڪير سمجهائي.“

مون کيس ٻڌايو ته آئون جهانسبرگ جي ڪيترن ئي ماڻهن سان مليو آهيان، جن جون ڳالهيون مون کي مزيدار لڳيون آهن ۽ انگريزي به درست ڳالهائيندا آهن. انهيءَ تي مون کي ٻڌايائين ته سائوٿ آفريڪا جي ماڻهن جون زندگيون واقعن سان ڀريون پيون آهن. انهيءَ ڪري سندس ڳالهين ۾ رَسُ چَسُ آهي. مون جڏهين کيس سائوٿ آفريڪا ۾ لڏي آيل ماڻهن جي باري ۾ ٻڌايو ته کيس پنهنجو پيءُ ياد اچي ويو جيڪو تيرهن سالن جي ڄمار ۾ سائوٿ آفريڪا ۾ لڏي آيو هو.

”تصور ڪر ته منهنجو پيءُ هتي ڪيئن پهتو هوندو!“ ايئن چوندي سندس آواز جهيڻو ٿي ويو. سندس ماءُ انگريز يهودڻ هئي ۽ لنڊن جي شڪئي ستابي گهر جي هئي، جنهن کي پيانو وڄائڻ به ايندو هو. هوءَ پنهنجي مڙس کي ڪمذات سمجهندي هئي. ”پر پوءِ به ٻئي ڄڻا اسٽوو جي پر ۾ پَٽ تي سمهندا هئا.“ سندس ڳالهه ۾ ڏک سمايل هو پوءِ به مرڪي ٻڌايائين.

هن پنهنجي ڪهاڻيءَ ”My father leaves home“ ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ جو بي رحميءَ سان ذڪر ڪيو هو. هوءَ لکي ٿي: ”هن ٻارڙيءَ جڏهن پنهنجي ماءُ پيءُ کي ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهه تي چڙندي وڙهندي ڏٺو ته کيس سندس ماءُ پيءُ جهيڙاڪ ۽ گندا ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي پنهنجي ننڍڙي ڌيءَ کي ليکي ۾ ئي ڪونه آڻيندا هئا. پنهنجي ماءُ پيءُ جو اهو حال ڏسي هوءَ کو ڪنڊ پاسو جهلي ڪجهه نه ڪجهه پڙهڻ لڳي هئي، پوءِ به کيس دڙڪا ملندا هئا ته چوري ڪنهن جانور وانگيان ٿي لڳي. منجهانئس ٿوم جي ڪِني ڌپ ٿي اچي. هفتي ۾ رڳو هڪڙو ڀيرو ٿي وهنجي. ٻارڙيءَ کي خبر هئي ته نه وهنجڻ جي ڪري ٻار صفا پِٽ تي ويچيو لڳي. ڪڏهن ڪڏهن پٽس ماڻس کي لڪڻ سان ماريندو به هو ۽ پنهنجيءَ زال کي نيچ سمجهندو هو ۽ چوندو هو ته ”تون مون کي ڪافر سمجهي ٿي ڳالهائين.“ (انهيءَ زماني ۾ گورا ڪارن کي ڪافر چوندا هئا — مترجم)

”اهي ساڳيون ڳالهيون ڪنهن ٻئي طريقي سان تو پنهنجي ناول 'Sons and Lovers' ۾ لکيون آهن. جنهن ۾ مسز مارل جو ڪردار به ملي ٿو ۽ اهو جملو به ملي ٿو 'اهي حالتون ڏسي آئون ڪانئن ڪنجي ڏار تي ويس ته جيئن چڱو وقت گذاري سگهان.' ايئن نه، يا آئون غلط ٿو چوان؟“

"مسز مارل جو ڪردار منهنجيءَ ماءُ جوئي آهي." مون کي ٻڌايائين.

"آئون نٿو سمجهان ته هاڻي ٻيهر اهو ناول پڙهي سگهان. تون ڪهڙا ڪتاب ٻيهر پڙهي سگهندي آهين؟"

"ڪنهن لکڻيءَ کي ٻيهر پڙهي وڃڻ مون لاءِ سولو ڪم آهي ۽ پڙهندي رهندي آهيان, پر هاڻي دل تي چوي ته دوستو وسڪيءَ کي ٻيهر پڙهان."

ڪانئس پڇيم, "سائوٿ آفريڪا کي بهتر نموني سمجهڻ لاءِ ٻيو ڪنهن ڪنهن کي پڙهان؟"

"سائوٿ آفريڪا ۾ ڪيترائي سُٺا ليکڪ آهن." نٿڊائين گورڊيمير ايترو چئي راڪ ۽ مئرين کي چيو ته اُهي مون کي سائوٿ آفريڪا جي سُٺن ڪتابن جي فهرست جوڙي ڏين. انهن جي ڇاٽايل فهرست ته وڏي هئي, پر انهن ڪتابن ۾ جيڪي خاص ڪتاب ٻڌايائون, اُهي هئا: گووان مُبيڪي جو ڪتاب "The peasent's Revolt", هُو ليون جو ڪتاب "Bandit", راڪيس من جو ڪتاب "Ways of dying", البي ساچز جو ڪتاب "Soft vengeance of a Freedom Fighter" ۽ ڊان ماتيرا ۽ جيرمي ڪرونين جي شاعري.

"آئون ته چاهيان ٿي ته راڪ ٻيا ڪتاب به لکي." مئيرين چيو.

اوچتو ئي اوچتو راڪ جو موبائيل فون وڳو. انهيءَ موبائيل فون جي واهيات رنگ جي آواز تي نٿڊائين گورڊيمير زور سان ڏکهو ساهه ڀريو. راڪ کي خبر هئي ته نٿڊائين موبائيل فون تي چڙندي آهي, سو راڪ اُتان اُٿي ڳالهائڻ لاءِ هليو ويو.

"مون وي ايس نائپال تي لکيل تنهنجو ڪتاب (Sir Vidia's Shadow – مترجم) پڙهيو ته ڏاڍي خوش ٿيس." نٿڊائين چوڻ لڳي, "پر جڏهن انهيءَ ڪتاب تي لکيل تبصرا پڙهيم ته مورڳو تبصرن پڙهڻ تان ارواح ئي ڪڇي ويم. ڪنهن تبصري ۾ اهو لکيو ته اهو ڪتاب نائپال تي نه پر ليکڪ پنهنجو پاڻ تي لکيو آهي, پر ڪنهن وري اهو لکيو ته ڪتاب ۾ نائپال کي ذليل ڪيو ويو آهي, پر اهو ڪتاب ايڏو ته سُٺو آهي جو ڇا چوان. وڏي آزاديءَ سان ڪتاب لکيو اٿئي."

"نائپال جي منهن تي سدائين ٻارهن وڳل هوندا آهن." مئرين چوڻ لڳي, "پر سندس ناول "A house of Mr. Biswas" واهه جو لکيل آهي."

"پر ماڻهن جڏهن انهيءَ ڪتاب جي ٻنهين گهٽي واڪاڻ ڪئي ته هاڻي نائپال پنهنجي انهيءَ ڪتاب کان باقاعدي نفرت ٿو ڪري ته سندس رڳو اهو ڪتاب وڃي واکاڻ لاءِ بچيو آهي, ٻيو ڇو نه؟" مون چيو.

انهيءَ تي نٿڊائين چيو "اهو ته مون سان به ٿيندو آهي ته جيڪو ماڻهو ملندو آهي اهو رڳو منهنجي ڪتاب "July's People" جو ذڪر ڇيڙي ويهي رهندو آهي. ٻيءَ ڇا تي ٻيو؟"

"پئٽرڪ وائيٽ (آسٽريليا جو نوبيل لاريٽ – مترجم) کي به اها شڪايت آهي ته ماڻهو رڳو سندس ناول "Voss" جي ايڏي واکاڻ ڇو ڪندا آهن؟ پر حقيقت اها آهي ته اهو ناول ادبي دنيا جو وڏو ڪارنامو آهي." (اهڙي ساڳيءَ طرح قرت العين حيدر پنهنجي شاهڪار ناول "آگ ڪا دريا" جي گهڻي تذڪري تي چڙي پوندي هئي – مترجم)

نئڊائين منهنجي اها ڳالهه ته مڃي، پر واکاڻ وري پئٽرڪ وائيٽ جي هڪ ٻئي ڪتاب "A fringe of leaves" جي ڪرڻ لڳي. نئڊائين گورڊيمير جيئن وڏي دل ڏاري پنهنجي هم عصر ليکڪن جي ڪندي آهي، ايئن ٻيا ليکڪ نه ڪندا آهن. ٻيا ته وڏا ليکڪ هڪ ٻئي کي سهن ئي ڪونه. مجال آهي جو هڪ ٻئي جي ڪم کي مڃتا ڏين. مون چيومانس، "جي دل ۾ نه ڪرين ته توکان تنهنجي ناول "July's People" جي باري ۾ پڇان؟"

اها ڳالهه ٻڌي نئڊائين کِلي پئي ۽ مون کي چوڻ لڳي ته اڪثر ماڻهو انهيءَ ڪتاب جي واکاڻ انهيءَ ڪري ڪندا آهن جو انهيءَ ڪتاب ۾ سندن ڳُجها خوف بيان ڪيل آهن. انهيءَ ناول ۾ پُرتشدد سياسي تبديليءَ جو ڊپ، جلاوطن ٿيڻ جو خوف ۽ پنهنجي ئي ملڪ ۾ روپوشيءَ جو انديشو موجود آهي. اهو ڇاڻايو اٿم ته دنيا ماڻهن لاءِ ڪيئن تي اونڌي ٿئي. اصل ۾ سائوٿ آفريڪا جي گورن لاءِ اهو ڪتاب اوٿارو (ڊيچاريندڙ خواب) بڻجي ويو آهي. اهي گورا پنهنجن ڪارن نوڪرن کان ڊنل آهن ته متان اهي منجهانئن ڪسرون ڪڍن. هاڻي ته مورڳو گورن پوئتي پيل ننڍن ڳوٺن ۾ رهڻ شروع ڪيو آهي.

"اصل ۾ مون جڏهن اهو ناول پئي لکيو ته اُهو انهيءَ وقت جي حالتن تي هو. هتي اُهو وقت ڏاڍو ڏکيو وقت هو. جنهن کي جيئن پئي آيو اُنهيءَ ايئن پئي ڪيو. مون اها سڄي صورتحال ناول ۾ لکي ڇڏي." نئڊائين اهو وقت ڳڻائيندي چيو.

پاڻ وڌيڪ ٻڌايائين ته هُن جڏهن اهو ڪتاب پئي لکيو ته اهو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو هئائين ته يلي ڇا به ٿي پوي، ڪيس سائوٿ آفريڪا ۾ ئي رهڻو آهي. "مون کي اڳ ۾ ئي اها خبر هئي ته اِهي ڏينهن اچڻا آهن." پر تنهن هوندي به هڪڙو وقت اهڙو اچي ويو جو نئڊائين گورڊيمير ڳڻپيرتا سان سوچڻ شروع ڪيو هو ته سائوٿ آفريڪا ڇڏي هليو وڃجي، پر پوءِ اهو ارادو ختم ڪري ڇڏيائين. 1960ع جي آخر ۾ هن "Guest of Honor" جي عنوان سان ڪتاب لکيو هو. جنهن ۾ ڇاڻايو هئائين، "اسان آفريڪا ۾ چوڌاري گهمندا رهندا آهيون. اسان جي سنگت ساٿ زمبابوي ۽ زيمبيا ۾ به آهي. مون محسوس ڪيو ته مون کي انهن ٻنهين ملڪن مان

ڪو هڪ ملڪ چونڊيو آهي. آئون آفريڪا ڇائي آهيان. اِهي بئي ملڪ بہ آفريڪا جا ئِي آهي.“ اصل ۾ نئڊائين جي مرضي اها پئي لڳي تہ جي لڏجي بہ ڪٿي تہ سائوٿ آفريڪا جي پاڙي ۾ ئي وڃي رهجي.

”يا وري اهو سوچيم تہ...“، هن ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چيو ”ڏسان تہ ڪهڙا ويجها ۽ پنهنجا اٿم. انهن مان گهڻائي تہ انهن ئي گورن جي هئي، جيڪي ٻاهران لڏي آيل هئا، پر سندن وفاداريون آفريڪا جي بدران ٻين هنڌن سان هيون. جي وچي ٿي اهڙن دوستن جي پاناري پوان تہ پوءِ منهنجي زندگي ڪنهن ڪم جي نہ رهندي. منهنجون ڪجهہ اهڙيون گوريون سهيليون ضرور هيون، جن جي دلچسپي تہ ڪارن سان هئي، پر اُهي بہ پنهنجي مرضيءَ جي خلاف ٻاهران آيل گورن جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاٿل هيون ۽ پنهنجي ڪميونٽيءَ کان ڌار نہ پئي ٿي سگهيون. انهن وٽ بہ وڃڻ مون لاءِ ڏکي ڳالهہ هئي. سو سائوٿ آفريڪا ڇڏڻ کان ئي ڪٿي هٽ ڪنيم.“

پڇيومانس، ”تون ڪنهن سياسي پارٽيءَ جي ميمبر رهي آهين؟“

انهيءَ سوال تي مرڪي ڏنائين، ”پهرين خيال آيو تہ لبرل پارٽيءَ ۾ شامل ٿي وڃان، پر پارٽيءَ جو صفا حال نہ هو. ڪنهن جي ٿي نمائندگي ڪيائون؟ ڪنهن جي بہ نہ. تنهن کان پوءِ وري انهيءَ ڳالهہ تي گهڻو سوچيم تہ سائوٿ آفريڪا جي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ هلي وڃان، پر جيستائين وڃي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيان، تيستائين دير ٿي وئي هئي. اهو ڪم مون کي اڳ ۾ ئي ڪرڻ گهرجي ها. تنهن هوندي بہ اڃا تائين منهنجيءَ دل ۾ سائوٿ آفريڪا جي ڪميونسٽ پارٽيءَ لاءِ وڏي عزت آهي، جو اسان سندن مدد کان سواءِ ڪڏهن بہ آزادي حاصل ڪري نہ سگهون ها.“

موبائيل فون تي ڪجهہ وقت ڳالهائڻ کان پوءِ راڪ موٽي آيو. موٽي اچي پنهنجي سياسي جدوجهد ۾ رابن ٻيٽ ۾ گهاريل قيد جي باري ۾ ٻڌائڻ لڳو. اُتي اخبارن تي پابندي پيل هئي. اُتي سياسي خبرون يا تہ ڪنو ڪن نياپن وسيلي ملنديون هيون يا وري ٻڌ سُڌ تي پونديون هيون. پر نئڊائين گورڊيمير جو ڏيان اڃا تائين پنهنجين ٻڌايل ڳالهين تي هو. چوڻ لڳي، ”مون ملڪ ڪونہ ڇڏيو. هتي ئي ترسي پيس. گورن دوستن جي دل ڪٽي ٿي پئي هئي. مون هتي رهي ڪري سڀ ڪجهہ ڏٺو. ٻيا گورا ليکڪ؟“ ايئن چئي هوءَ ڪنڌ ڌوڻڻ لڳي، ”ملڪ تہ ڇڏي ڏنائون، پر لکيائون وري ڇا؟“

مٺرين چيو ”جيڪي بہ هيءَ ملڪ ڇڏي ويا. اهي هاڻي هن ملڪ کي ياد ڪندا هوندا. اُهي سال تہ گذري ويا. پر انهن سالن کان پوءِ هتي گهڻو ڪجهہ ٿي گذريو. نيلسن منڊيلا بہ آزاد ٿي ويو.“

”اڃا تہ سياسي ڳُڙٻڙ ناهي؟“ مون پڇيو.

”ها، بلڪل آهي. تون انهيءَ جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ لکي سگهين ٿو.“ نئڊائين جواب ڏنو.

جڏهن ريسٽورينٽ مان ٻاهر نڪتاسين ته آئون نئڊائين جي ڪار ۾ ٽي وينس. رينمولڊ جي صحت جي باري ۾ پڇيومانس ته ٻڌايائين ته رينمولڊ کي انهيءَ حال ۾ ڏسي تڪليف ته ٿئي ٿي پر پوءِ به سندن خوشنصيبي آهي جو شاديءَ ۾ ايڏا لاها چاڙها ڪونه آيا هئا ۽ ٻنهين جو وقت هڪ ٻئي سان گڏ رهندي خوشيءَ ۾ گذريو آهي. ”رينمولڊ سگريٽ مٿان سگريٽ ڇڪيندو رهيو پر مون کي سندس سگريٽ نوشي وڻندي آهي. تو ڪڏهن تماڪ ڇڪيو آهي؟“ اها ڳالهه پڇڻ کان پوءِ پاڻ ئي مون کي وڏي آواز ۾ ٻڌائڻ لڳي ته شهر جي وچ ۾ آهيون پوءِ به شهر خالي لڳو پيو آهي. انهيءَ کان پوءِ اسين ٻئي جڻا پنهنجي پنهنجي اولاد جي باري ۾ حال احوال ڪرڻ لڳاسين. پوءِ نيٺ هڪٻئي کان موڪلائڻ لڳاسين ته نئڊائين ٻيهر مون کي سالگرهه جي مبارڪباد ڏني.

ڪير به هجي ڪيئن به هجي پر جيڪڏهن ڪيس ڪنهن ٻئي هنڌ ويٺو پئجي وڃي ته سوچي سمجهي پير کڻي. جيڪڏهن سفر دوران ڪير ڪنهن کان ڊار ٿي وڃي ته انهيءَ سان گڏاريل گهڙين کي قيمت سمجهي ته هائو ٻيلي، ڪنهن سان مليا هئاسين.

نئڊائين گورڊيمير ۾ مون کي ڪيتريون ئي قوتون نظر آيون. هوءَ هر ڳالهه کي چڱيءَ طرح ٿاهي ٺوڪي پُروڙي ڄاڻي هڪ تمام سُٺي ليکڪا جي حيثيت ۾ هوءَ سڄو ٻار پنهنجي سِرَ تي وسائي سگهي ٿي ۽ سندس مشاهدو بي رحم آهي. مون کي خبر هئي ته هُن منهنجو چيتن وارو ڪوٽ، منهنجي جهَبُو پئنٽ، منهنجا گنل جوتا، منهنجيءَ ٻانهن تي نڪتل ٿانچُوئا، منهنجا ڪتل وار ۽ گذريل ويهن سالن ۾ مون ۾ آيل تبديليءَ کي ضرور محسوس ڪيو هوندو ۽ نه ئي وري مون کو انهيءَ باري ۾ ڪيس ڪجهه ٻُڌايو. ڪيس خبر هئي ته زندگي انهن حقيقتن جو ئي نالو آهي، پر هوءَ پاڻ اڃا تائين ٿڙت، برجستي، ذهين ۽ ٺهڪ توڙي مُرڪون ورهائڻ واري لڳي پئي هئي ۽ منجهس ڪابه تبديلي نه آئي آهي.

*نئڊائين گورڊيمير (Nadine Gordimer) ڏکڻ آفريڪن ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار آهي جنهن کي 1991ع ۾ ادب جو نوبل پرائيز مليو. هوءَ 1923ع ۾ جوهانسبرگ لڳ ڪاٺن واري هڪ ننڍي شهر ۾ ڄائي جتي هن جي ماءُ توڙي پيءُ هجرت ڪري آيل يهودي هئا. هن جي اهم ڪتابن ۾ "The Soft Voice of the Serpent," (1952) "Friday's Footprints" (1960), "A Guest of Honor"(1970), "Livingstone's Companions" (1971),"Something Out There," (1984), , "A World of Strangers (1958), "Burger's Daughter", "The Conservationist","My Son's Story"(1990) "July's People," (1981) ۽ ٻيا شامل آهن. هن نوبل پرائيز جي اعلان بعد ڪيل پريس ڪانفرنس ۾ چيو هو ته" مان پرائيز جي ڪجهه رقم "بليڪ ڪانگريس آف سائوٿ آفريڪن رائيٽرس" کي ڏيندس جنهن جي مان باني پڻ آهيان..اڪثر ڪارا ليکڪ انگريزيءَ ۾ لکن ٿا، پر مان اميد ڪريان ٿي ته اهي پنهنجو پاڻ کي اصلوڪين آفريڪي ٻولين ۾ اظهارڻ شروع ڪندا." (ايڊيٽر)*

○●○



# زندگيءَ جي راهن تي ڪيفي سان گڏ گڏ

شوڪت ڪيفي

ترجمو: منوج ڪمار

*[ شوڪت ڪيفي جو تعارف رڳو اهو ڪونهي، تہ هوءَ مشهور ترقي پسند شاعر ڪيفي اعظمي جي زال ۽ مشهور اداڪاره شبانہ اعظميءَ جي ماءُ آهي. شوڪت پاڻ بہ استيج ۽ فلمن جي بهترين ادڪاره رهي آهي. استيج ڊرامن ۾ ادا ڪيل سندس ڪردار ۽ 'امرائو جان'، 'بازار'، 'گرم هوا' ۽ 'سلام بمبئي' جهڙين جڳ مشهور فلمن ۾ سندس اداڪاريءَ کي تمام گهڻو ساراهيو ويو آهي. هتي اسان سندس آتم ڪهاڻي "ياد ڪي رهگذر" جو اختصار سان ترجمو پيش ڪري رهيا آهيون. انتهائي سادي پيرايي ۾ لکيل سندس هيءَ جيون ڪٿا نہ رڳو هڪ عورت جي جدوجهد جو داستان آهي، پر انهيءَ سان گڏوگڏ ان دور جي ڊِنگ ترقي پسند اديبن جي حياتين کان سواءِ فلم ۽ استيج جي دنيا ۾ جهاتي پائڻ جو موقعو پڻ فراهم ڪري ٿي. سندس هيءَ آتم ڪٿا نہ رڳو انگريزيءَ پر ان سان گڏ مراٺي ۽ جاپانيءَ ۾ بہ ترجمو ٿي چڪي آهي. هن آتم ڪٿا تي هڪ انتهائي ڪامياب ڊرامو بہ استيج ٿي چڪو آهي ۽ خبرون اهي بہ آهن تہ ويجهي مستقبل ۾ انهيءَ تي هڪ فلم ٺهڻ جون تياريون بہ هلن پيون۔منوج ]*

مون جنهن ماحول ۾ اک کولي، سو نيم ترقي پسند هو يعني منهنجو والد تہ ڇوڪرين جي تعليم جي حق ۾ هو پر منهنجو ڏاڏو ۽ چاچو سخت خلاف هوندا هئا. منهنجي پيءُ مون کي ۽ منهنجي ڀينرن کي ڪٽنب وارن جي مرضيءَ جي ابتڙ 1938ع ۾ مشن اسڪول ۾ داخل ڪرايو. جتي اسين ڇوڪرن سان گڏ پڙهندا هئاسين.



زندگي اڳتي وڌندي رهي ۽ اسان بہ وڏا ٿيندا وياسين. منهنجي پيءُ جي اورنگ آباد ۾ بدلي ٿيڻ بعد اسان بہ حيدرآباد دکن مان اوڏانهن منتقل ٿي وياسين. منهنجي وڇين ڀيڻ جي شادي اختر حسين سان ٿي، جيڪو هڪ ترقي پسند شاعر ۽ هڪ اخبار جو ايڊيٽر هو. سندس گهر ترقي پسند شاعرن جو مرڪز هوندو هو. فيبروري 1947ع ۾ حيدرآباد ۾ ترقي پسند اديبن جي ڪانفرنس ٿي ۽ منهنجي ڀيڻيوي اختر جي ڀيڻ جي گهر ڪيفي اعظمي ۽ مجروح سلطان پوريءَ کي ترسايو ويو. آئون بہ پنهنجيءَ ڀيڻ سان ملڻ حيدرآباد آيل هئس ۽ اتي ئي پهريون ڀيرو انهن ترقي پسند اديبن کي ڏٺم، جن جي باري ۾ اسان ڪافي ٻڌندا هئاسين. رات جو مشاعرو هو ۽ آئون ڏاڍي تيار ٿي، ڀاءُ سان گڏ مشاعرو ٻڌڻ ويس. جڏهن ڪيفي پنهنجو شعر پڙهڻ شروع ڪيو تہ آئون هڪ ٽِڪ ٿي کيس ڏسڻ لڳيس. ڏٺي قد جو ۽ سنهڙو سيپڪڙو نوجوان، پر آواز ۾ ايڏو رعب، جو خدا جي پناهہ. سندس نظم جو عنوان هو :"تاج." جيڪو حيدرآباد دکن جي حاڪم نظام جي خلاف هو جنهن کي اتي 'تاج' چيو ويندو هو. مشاعرو ختم ٿيو تہ سڀ ڪيفي اعظمي، سردار جعفري ۽ مجروح کان آٽوگراف وٺڻ لاءِ ڊوڙيا. ڪيفي چوطرف کان ڇوڪرين جي گهيري ۾ هو. مون ڪيفي تي نظر وڌي، ڇوڪرين جو ميڙ ڏسي، سردار جعفري ڏانهن مُڙيس ۽ کانئس آٽوگراف ورتم. جڏهن ڪيفي تان رش گهٽ ٿي، تہ ڪيفي کان آٽوگراف وٺڻ ويس. ڪيفي تيڏيءَ اک سان مون کي سردار جعفريءَ کان آٽوگراف وٺندي ڏسي ورتو هو. هُن منهنجي آٽوگراف تي هڪ بيحد مشڪل شعر لکيو. جڏهن تہ منهنجي ساهيڙي جي آٽوگراف تي انتهائي پيارو شعر لکيو هئائين. جڏهن اسان واپس موٽي رهيا هئاسين تہ گهر جون چاڙهيون

چڙهندي، مون ڪيفي کان پڇيو تہ هن منهنجي آٽوگراف تي ايترو ڏکيو شعر ڇو لکيو. هُن مسڪرائيندي، شرارتي لهجي ۾ چيو تہ”پوءِ تو جعفريءَ کان ڀلا ڇو آٽوگراف ڇو ورتو.“ مون کان ٽهڪ ڇڏائجي ويو. مشاعرو ۽ ڪانفرنس ختم ٿيڻ کان پوءِ منهنجي پيٽيوي اختر اهو طئي ڪيو تہ سردار جعفري، مجروح ۽ ڪيفي کي اورنگ آباد گهمائبو. اتي مشاعرو بہ ٿيندو ۽ سيني کي اجنتا جي غارن جو سير بہ ڪرائبو. اورنگ آباد ۾ منهنجا گهر ڀاتي بہ هئا. اسان سڀ بنا رزرو سيٽس جي ريل ۾ چڙهي پياسين. اورنگ آباد جي مشاعري کان پوءِ اسان ايلورا ۽ اجنتا جي غارن گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو. آئون جاٽي واٽي انهيءَ گاڏي ۾ وينس، جنهن ۾ ڪيفي وينو هو. سڄي سفر دوران مجروح ۽ ڪيفي گانن جون پيرو ڊيون ٺاهيندا رهيا ۽ لکنوءَ جي شاعرن جي مصرعن تي مشڪريون ڪندا رهيا ۽ اسان کي کلي کلي پيٽ ۾ سُور پئجي ويو. جڏهن اجنتا ۾ هئاسين تہ آئون ڪيفي کان پري رهيس، جو منهنجي وڏي ڀيڻ ڪرڙيءَ اک سان نگراني پئي ڪئي. هڪ هنڌ مون ڪيفي کي وڻ هيٺان اڪيلو ۽ اداس ڏٺو ۽ خاموشيءَ سان ڪيفي وٽ اچي ويهي رهيس. ڪيفي اداس لهجي ۾ چيو تہ”ٻن چئن ڏينهن ۾ اسان هليا ويندا سين ۽ پوءِ شايد اوهان سان ملاقات بہ نہ ٿئي.“ آئون خاموش رهيس ۽ پنهنجي پير جي آڱوٺي سان زمين ڪرڇيندي رهيس. اکين ۾ ڳوڙها هئا، جيڪي مون ڪيس ڏيکارڻ نہ ٿي چاهيا. هن مون کي چيو تہ ”جيڪڏهن توهان اجازت ڏيو تہ آئون توهان تي لکيل هڪ نظم پيش ڪريان.“ منهنجو مٿو جهُڪيل هو. مون ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي. هن اتي هڪ نظم پڙهيو، جنهن جو عنوان هو:”تُم“. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ سردار ۽ مجروح هليا ويا، پر ڪيفي اسان جي گهر رهي پيو. منهنجي والد ۽ ننڍين ڀينرن کي ڪيفي پسند هو پر منهنجي ڀائرن ۽ وڏيءَ ڀيڻ کي اها ڳالهہ پسند نہ هئي تہ آئون ڪو اڪيلي ڪيفي سان ويهان يا ڳالهايان. هڪ ڏينهن مون تڪڙي ماني کاڌي ۽ ڪيفي جي ڪمري ۾ هلي آيس، جتي هو اڪيلو وينو هو. مون ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ڪيس چيو تہ هو بمبئي واري ڇوڪريءَ سان شادي ڪري، پوءِ سڀ نيڪ ٿي ويندو. ڪيفي چيو تہ ”آئون اوهان جي هر ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار آهيان. پر جيڪڏهن اوهان چوندا تہ آئون وچي تيل جي شيشيءَ سان شادي ڪريان تہ ائين تہ ڪونہ ٿيندو نہ“. مون کي ڪل اچي وئي. مون ڪيس چيو تہ” ڀلا پنهنجو هٿ تہ ڏيکار.“

ڪيفي پنهنجو سڄو هٿ اڳيان ڪيو ۽ مون سندس هٿ پيار سان جهلي، سندس هٿن جي ريکائن کي ڏسڻ لڳيس. هڪ ريکا تي اچي مون چيو تہ”اوهان جي پيار جي شادي ٿيندي“.

”سچي.“ ڪيفي مون کي ڏسي چيو. ”ها. اهو جو اوهان جي ڏسٽي آڱر جي هيٺان هڪ تاري وانگر ٽهيل آهي، سو انهيءَ جي نشاني آهي.“ اتي ئي مون ڪاڳر ڪنيو ۽ انهيءَ تي لکيو ته ”جيڪڏهن زندگيءَ جي سفر ۾ توهان منهنجا همسفر هجو ته زندگي ائين گذري ويندي جيئن گلن تي صبح جي ٿڌڙي هير“. مون ڪاغذ ڪيفي ڏانهن وڌايو ۽ هن پڙهي مون ڏي ڏٺو ۽ چيائين: ”منهنجي زندگيءَ جي قسمت اوهان جي اکين ۾ آهي“.



اسان جي وچ ۾ خطن جو سلسلو شروع ٿي ويو. جنهن ۾ مون تي لکيل نظم هوندا هئا. پوءِ منهنجي مائٽن کي خبر پئجي وئي ۽ گهر وارن طرفان پابنديون لڳي ويون. اسان جي وچ ۾ خطن جو سلسلو رڪجي ويو. منهنجو ماروٽ جنهن سان منهنجي شادي طئي ٿيل هئي، سو منهنجي پيءُ جو پستول کڻي ڌمڪيون ڏيندو هو ته هو خودڪشي ڪري ڇڏيندو. هڪڙي ڀيري زهر کائي ڇڏيائين. پر جلدي اسپتال ۾ وٺي ويس ۽ ٺيڪ ٿي ويو. هوڏانهن ڪيفي کي منهنجا خط نه پئي مليا ته هُن پنهنجي رت سان مون ڏي خط لکيو. مون کي اهو خط ڪنهن ذريعي سان مليو ته منهنجو مٿو چڪرائجي ويو. مون بابا کي چيو ته آئون ڪيفي کان سواءِ ڪنهن سان به شادي نه ڪنديس. مون اهو خط به ڪيس ڏيکاريو. بابا جا سيني ٻارن سان دوستاڻي ويجهڙائي هوندي هئي. هُن خط پڙهي مسڪرايو ۽ چيو:

”پٽ، اهي شاعر ماڻهو ڏاڍا رومانوي ٿيندا آهن. لکندا آهن ته آئون تنهنجي ياد ۾ پنهنجو مٿو پٿرن سان پيو ٽڪرايان ۽ رت سان پيو خط لکان. ٿيندو ائين آهي ته وڻا وڻ هيٺان ٿڌي هوا ۾ آهن ۽ ٻڪريءَ جي رت سان پيا لکندا آهن. خير، آئون تو کي بمبئي وٺي ٿو هلان، پوءِ تون هن جي زندگي ڏسي پاڻ ئي فيصلو ڪر“.

هوڏانهن ڪيفي جي خراب حالت ڏسي پارٽي (ڪميونسٽ پارٽي) ۾ بہ سڀني کي مٿس رحم اچي ويو ۽ خاص طور تي ڪامريڊ مرزا اشفاق بيگ جيڪو پارٽيءَ جو ڪُل وقتي ڪارڪن، وڪيل هو ۽ انگريزي اخبار "نيو ايج" ۾ ڪم ڪندو هو تنهن کي ڪيفي جي اون هوندي هئي. هن هڪ ڏينهن لکندي لکندي قلم بند ڪيو ۽ پارٽي جي جنرل سيڪريٽري پي سي جوشي کان اجازت وٺي سڌو اورنگ آباد اچي نڪتو. بابا جي آفيس جي پٽيوالي کي چيائين تہ "هو سي آءِ ڊي جو آفيسر آهي ۽ صاحب سان ملڻ ٿو چاهي." بابا يڪدم کيس گهرائي ورتو. اندر وڃي هن بابا کي اصليت ٻڌائي ۽ کيس منهنجي ۽ ڪيفي جي شاديءَ جي لاءِ راضي ڪري ورتو. انهيءَ رات بابا امان کي چيو تہ "سائنڻ پاڻ سدائين تہ جيئرا ڪو نہ رهنداسين. جيڪڏهن چوڪريءَ جي شادي زوريءَ ڪنهن ٻئي سان ڪرائينداسين تہ ٽئين مهيني گهر ويٺي هوندي ۽ جڏهن پاڻ نہ هونداسين تہ کيس ڪير سنڀاليندو؟ پر جيڪڏهن پاڻ سندس شادي ڪيفي سان ڪرايون تہ اها سندس چونڊ هوندي. هوءَ پاڻ ذميوار هوندي ۽ اسان سان شڪايت نہ ڪندي ۽ پاڻ پنهنجي زندگي نڀائيندي". پوءِ بابا مانڙي ڪري مون کي چيو تہ "بمبئي هلي اوهان پاڻ فيصلو ڪيو تہ اوهان ڇا ٿا چاهيو. جيڪڏهن اوهان کي سندن زندگي پسند اچي تہ اوهان جي اتي ئي شادي ڪرائي ڇڏينداسين." جڏهن بمبئي پهتاسين تہ هوٽل ۾ سامان رکي، تيار ٿي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي آفيس پهتاسين. بابا مٿي آفيس ويو. ٿوريءَ دير کان پوءِ آيو تہ هڪ وجيهہ نوجوان ساڻس گڏ هو. انهيءَ نوجوان چيو تہ "منهنجو نالو مهري آهي. ڪيفي اڃا نہ آيو آهي. هو بمبئيءَ جي علائقي 'انڌيري' ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ ڪارڪنن جي گڏيل رهائش ۾ رهندو آهي. توهان ڪجهہ دير انتظار ڪريو." اسان کيس چيو تہ "اسان هوٽل واپس ٿا وڃون. ڪيفي اچي تہ کيس اتي موڪلجو." شام جو ڪيفي ۽ مهري آيا. ڪيفي کي يقين ئي نہ پئي آيو تہ ڪو اسان ائين اچي نڪرنداسين. مهري بہ ٺهڪ ڏيندي چيو تہ "ڪيفي ذري گهٽ گاڏي هيٺان ٿي آيو جڏهن کيس خبر پئي تہ توهان هوٽل ۾ ٿا رهيا پيا آهيو. بني ڀائي (سجاد ظهير) ۽ سندس گهر واري رضيہ کي جڏهن توهان جي اچڻ جي خبر پئي تہ هنن توهان کي پنهنجي گهر رهائڻ لاءِ چيو آهي. توهان سڀاڻي کان انهن جي گهر هلي رهو".

اسان ٻئي ڏينهن سجاد ظهير وارن وٽ وڃي رهياسين. رضيہ آپا مون سان انتهائي خلوص سان ملي ۽ چيائين: "سنو ٿيو جو تون اچي وئينءَ، نہ تہ منهنجو غاليچو تہ ڪيفي جي ڳوڙهن سان خراب ٿي وڃي هان".

ٻئي ڏينهن اسان ڪيفي سان لوڪل ٽرين ذريعي انڌيري جي علائقي ۾ واقع ڪميون تي پهتاسين. انڌيري واري ڪميون ۾ ڪيفي جو هڪ ننڍڙو ڪمرو هو جنهن ۾ هڪڙو سادو پلنگ، گدو چادر، هڪ ننڍڙي ميز ۽ ڪرسي، جنهن تي اخبارن ۽ ڪتابن جا ڍير. چانهن جو ڪوپ ۽ هڪڙو گلاس رکيل هو. مون کي ڪمري جي سادگيءَ تي ڏاڍو پيار اچي ويو. اتي ماني کائڻ لاءِ ڪميون جي گڏيل هال ۾ آياسين، جتي اسان کي دال ۽ ڀاڄي ڏني وئي. اتي سڀني کي پنهنجا ٿانوَ خود ڌوئڻا پوندا هئا. بابا کي انهن ٿانوَن ۾ ماني کائڻ پسند نه پئي آيو. ماني کائي بابا مون کي آهستي چيو ته"ٿانوَ آئون ڪونه ڌوئيندس". مون جلدي پنهنجا ۽ بابا جا ٿانوَ ڌوئي رکيا. اسان اتي ڪجهه دير ترسي واپس سجاد ظهيروارن جي گهر آياسين. ٿوري دير آرام ڪرڻ کان پوءِ بابا مون کي چيو ته"تيار ٿي پاڻ ٿورو چڪر ڏئي ٿا اچون." آئون ڊڄندي ڊڄندي تيار ٿيس. سمنڊ ڪناري آهستہ آهستہ هلڻ لڳاسين. رستي ۾ بابا ٿورو سنجيدگيءَ سان چيو ته"پٽ، اها آهي انهن ماڻهن جي زندگي. اوهين هاڻ پاڻ فيصلو ڪريو ته اوهان ڪيفي صاحب سان شادي ڪرڻ ٿا چاهيو يا واپس هلڻ ٿا چاهيو. اسان جي خاندان ۾ شادي فقط هڪ ڀيرو ٿيندي آهي. سياڻي ائين نہ چئجو ته ڪيفي جا پير ڏاڍوڙا آهن



۽ مون کي پسند نہ آهي يا هو ڪُل وقتي ڪارڪن آهي ۽ ڪمائي ڪجهه نہ ٿو- يا ٻئي ڪنهن سبب آئون طلاق وٺڻ ٿي چاهيان." مون هلندي هلندي رُڪي بابا کي چيو:"بابا هي چڱا ماڻهو آهن. ڪيفي جيڪڏهن مزدور بہ هجي هان تہ بہ آئون هن سان شادي ڪريان هان. مٽي ڍوئي بہ گذاروڪريان هان. منهنجو فيصلو اٽل آهي ۽ ڏٺيءَ گهريو تہ توهان کي ڪڏهن بہ شڪايت جو موقعو نہ ڏيندس."

بابا مطمئن ٿي، سجاد ظهير کي چيو ته"سياڻي ٿي هنن ٻنهي جو نڪاح ڪرائي ڇڏيو. آئون بنا موڪل جي آيو آهيان. هاڻ گهڻا ڏينهن رڪجي نہ ٿو سگهان." جڏهن ڏينهن مقرر ٿي ويو تہ پارٽيءَ ۾ جشن ٿي ويو. پارٽيءَ جو خزانچي ڪامريڊ 'گهاٽي'، جو ننڍي قد جو سنهڙو سيپڪڙو ۽ انتهائي ڪنجوس شخص هو تنهن پارٽي فنڊ مان سٺو

رپيا ڏيندي چيو تہ”ائين تہ ڪونهي تہ هيءَ شادي ليلا مجنون جو ڊرامو هجي ۽ چئن مهينن کان پوءِ سڀ ختم ۽ پارٽيءَ کي هروڀرو سئو روپين جو گهاٽو پئي.“ ڪامريڊ سيئي کليا. انهن کي ڪهڙي خبر اهو ڊرامو اڌ صديءَ کان پوءِ بہ ختم نہ ٿيندو. ٻئي ڏينهن رضيہ آپا منهنجي هٿن کي ميندي لڳائي رهي هئي ۽ مان روئي رهي هيس. سجاد ظهير جيڪو پلنگ تي ويٺو هو، تنهن چيو تہ”ڇوڪريون بہ عجيب آهن... هاڻ پسند جي شاديءَ تي روئڻ ڇا جو؟ کلو خوش ٿيو“. مون کي پنهنجو گهر پئي ياد آيو. رضيہ آپا بلڪل ماءُ وانگيان پئي ورتاءُ ڪيو. هوءَ پنهنجا شاديءَ جا ڪپڙا کڻي آئي ۽ پنهنجون سون جون ٻہ چوڙيون بہ ۽ ڪيفي جي طرفان هڪ ننڍڙي سونَ جي منڊي.

شام جو مهدي ۽ منيش وچي قاضيءَ کي وٺي آيا. وچ وارو ڪمرو مهمانن سان ڀريو پيو هو. تقريبن سڀ ترقي پسند اديب اتي موجود هئا، جن ۾ جوش مليح آبادي، مجاز، ڪرشن چندر، ساحر، پطرس بخاري ۽ سند س ننڍو ڀاءُ ذوالفقار بخاري، وشوا متر عادل، سردار جعفري، ميرا ڄِي وغيره شامل هئا. سڪندر ۽ سردار جعفري نڪاح جا شاهد ٿيا ۽ مون کان اچي پڇيائون تہ”توکي اطهر حسين رضوي ولد فتح حسين رضوي نڪاح ۾ قبول آهي.“ تڏهن مون کي پهريون ڀيرو خبر پئي تہ ڪيفي جو اصل نالو ڇا آهي. جڏهن قاضي گهوٽ جو مسلڪ پڇيو تہ سڀ هڪ ٻئي جي شڪل ڏسڻ لڳا. ڇاڪاڻ تہ ڪيفي شيعو هو ۽ آئون سُني. اهڙين شادين ۾ اڪثر بہ قاضي هوندا آهن، جيڪي ٻنهي مَسلڪن جا هوندا آهن. غريب پارٽي، هڪڙو ئي قاضي ڪافي مشڪل سان وٺي آيا ۽ هاڻ وري ٻيو قاضي ڪٿان اچي. سو سجاد ظهير مسڪرائيندي چيو ”گهوٽ سُني مَسلڪ جو آهي.“ جوش کي ڳالهہ ڏکي لڳي، پر سجاد ظهير ڪيس اک ڀڃي ماٺ ڪرڻ لاءِ چيو. بس نڪاح ٿي ويو. نڪاح کان پوءِ مشاعرو ٿيو. مجاز پنهنجو مشهور نظم ”آج ڪي رات“ ٻڌايو ۽ جوش رباعيون ٻڌايون. پوءِ مهدي ۽ منيش جوش کي شرارت مان چيو تہ حيدرآباد دکن جي رواج مطابق گهوٽ جي پيءُ جي مٿي تي زري واري چمڪ ملبي آهي. هن وقت گهوٽ جا پيءُ اوهان آهيو سو اها زري توهان تي ملبي.“ معصوم جوش يڪدم تيار ٿي ويو ۽ سيني جوش جي گنجي مٿي کي زري هٽي، ڪيس چمڪائي ڇڏيو ۽ ائين اسان جي زندگيءَ جو آغاز ٿيو. انهن ڏينهن ۾ ڪيفي جو ڪتاب ”آخرِشب“ ڇپائيءَ هيٺ هو. سردار جعفري هڪڙي ئي ڏينهن ۾ ڪتاب جي هڪڙي ڪاپي چمڙي جي جلد ۾ ڇپائي، مون کي تحفي ۾ ڏني. انهيءَ تي ڪيفي پنهنجن هٿن سان پنهنجو نظم ”عورت“ جو هڪ بند لکي ڏنو. ڪتاب جو انتساب بہ هن طريقي سان منهنجي نالءِ ٿيل هو:’ش جي نالي‘. ”مان تہ پنهنجي فن کي آخرِشب تائين کڻي آيو آهيان. تون اچين تہ سحر تي وچي“. جوش صاحب جي محبوبہ مون کي مُنهن ڏيکارڻ واريءَ رسم ۾ ٻہ رپيہ خرچي ڏنا.

هئي ڏينهن بابا کي اسان ترين تي چاڙهي چڏيو. سڏو ڪميون ۾ پنهنجي ڪمري ۾ پهتاسين. سڀ کان پهرين مون ٻهاريءَ سان ڪمري جي صفائي ڪري، شيون ترتيب ۾ رکيون ۽ ٿانوَن کي ڌوئي صاف ڪيو. ڪميون جي دنيا منهنجي لاءِ ڏاڍي نئين هئي. پيپر جي وٽن سان ڍڪيل اها جڳهه ڪافي خوبصورت هئي. اتي هندستان جي مختلف شهرن جا ماڻهون هڪ خاندان وانگر رهندا هئا ۽ اهي مظلوم ماڻهن لاءِ هڪ نئين دنيا ٺاهڻ جي جدوجهد ۾ مصروف هئا. سڀ هڪ ٻئي کي ڪامريڊ ڪري سڏيندا هئا ۽ ان وقت ڪامريڊ جو مطلب هوندو هو هڪ مڪمل انسان.

انهن ڏينهن ۾ هر آچر تي سجاد ظهير جي گهر ترقي پسند ليکڪن جي گڏجاڻي ٿيندي هئي، جنهن ۾ اديب پنهنجيون لکڻيون پيش ڪندا هئا، جن تي زوردار تنقيد ۽ بحث ٿيندو هو. آئون ۽ ڪيفي اڪثر سجاد ظهير جي گهر وڏو پنڌ ڪندي ئي نڪري پوندا هئاسين. رستي ۾ مڪئيءَ جو سنگ کائيندي، کلندا، ڪڏندا، زندگيءَ جي هيٺ مٿاهين کان بي خبر، هڪ ٻئي سان پيار ۾ محو روشن مستقبل جو هڪ حسين خواب اکين ۾ کڻيو.

ڪيفي شاديءَ کان پوءِ جيڪو پهريون تحفو ڏنو سو هڪڙو ڪتاب هو جنهن جو نالو هو "انسان جو عروج." جنهن ۾ انسان جي ارتقا کي بيان ڪيو ويو هو. مون کي محسوس ٿيو ته حيدرآباد دکن جي جاگيردارانه ماحول جا جيڪي جارا منهنجي ذهن تي چڙهيل هئا، سي آهستي آهستي هاڻ صاف ٿيڻ لڳا هئا.

پوءِ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پندرهين آگسٽ جو ڏينهن به آيو. ڪميون ۾ صبح کان هلچل متل هئي. سڀ ڪامريڊ وهنجي سهنجي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي آفيس ٻاهران اچي بيٺا. هندستان جو جهنڊو ڦڙڪايو ويو ۽ انقلاب ۽ آزاديءَ جي حق ۾ نعري بازي ڪئي وئي. پر پوءِ قيامت خيز فسادن جون به خبرون اچڻ لڳيون. ڪميونسٽ پارٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري پي سي جوشي سيني کي حڪم ڪيو ته ڪير به شيرواني پائي ٻاهر نه نڪري ۽ سڀ پينٽ شرٽ پائين. پارٽيءَ جي اها به ڪوشش رهي ته انهن فرقيوارانه فسادن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪجي. انڊين پيپلز ٿئيٽر (اپٽا) جيڪو ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ئي هڪڙو ادارو هو، تنهن فسادن خلاف ڊراما شروع ڪيا. آئون انهن سيني ڳالهين کان پنهنجي ئي دنيا ۾ بي نياز رهندي هئس. هڪڙي ڏينهن مان پنهنجي ڪمري ۾ چانهن پي رهي هئس ته ڪامريڊ جوشي منهنجي ڪمري ۾ گهڙي آيو. آئون پريشان ٿي ويس. مون کيس ڪڏهن به ويجهي کان نه ڏٺو هو. هن مون کان پڇيو ته "تون سڄو ڏينهن ويٺي ڇا ڪندي آهين؟" مون شرمائي چيو ته "ڪجهه به نه." هن چيو ته "ڪميونسٽ مڙس جي زال ڪڏهن به واندي نه ويهندي آهي. هن کي مڙس سان گڏ پارٽيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي. پئسا ڪمائڻ

گهرجن. ٻار ٿين تہ انهن کي مڪمل انسان ٺاهڻ گهرجي. تڏهن ئي هوءَ مڪمل ڪميونسٽ جي زال ٿي سگهي ٿي.“ سندس لهجي جي سادگيءَ ۾ ايترو تہ اثر هو جو مون پڪو پهہ ڪيو تہ هن جيڪو چيو آهي سو ڪري ڏيکاريندي. ڳالهہ اها بہ هئي تہ مان پارٽيءَ جي ميمبر نہ هئس ۽ پارٽي منهنجي ڪاڏي جا 30روپيا نہ ڏيندي هئي. اهي پئسا ڪيفي کي ڪمائڻا پوندا هئا. ڪيفي ڇاڪاڻ تہ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ڪُل وقتي ڪارڪن هو. سو ان ڪري پئسا ڪمائڻ کي گهڻو وقت نہ ڏئي سگهندو هو. منهنجي خرچ جي پورائي لاءِ ڪيفي هڪ اردو اخبار ”جمهوريت“ لاءِ پنج روپيا روز تي هڪ مزاحيہ نظم لکندو هو. ڪيس روز ڪو نہ ڪو موضوع ڳولهڻو پوندو هو. سو هو روز صبح جو وڻ هيٺان ويهي لکڻ لڳندو هو. منهنجيءَ دل ۾ تہ ڏاڍو ارمان ٿيندو هو تہ آئون سندس ڪجهہ مدد ڪريان. مون ڪامريڊ جوشيءَ واري ڳالهہ بہ ڪيفي سان ڪئي. ڪيفي کلڻ لڳو ۽ چيائين:”تون مئٽرڪ پاس آهين ۽ تو کي ڪهڙي نوڪري ملندي؟“ مون ڪيس چيو تہ”آئون اسڪول جي سالياننِ پروگرامن ۾ حصو وٺندي هئس. جيڪڏهن مون کي ريڊئي يا فلمي گانن جي ڪورسن ۾ ڳائڻ جو موقعو ملي تہ آئون پئسا ڪمائي سگهان ٿي.“ ڪيفي چيو تہ ”ٺيڪ آهي. آئون سڀاڻي تو کي ريڊيو اسٽيشن تي وٺي ويندس. اتي هڪڙو پروڊيوسر منهنجو دوست آهي.“ اتي وياسين. منهنجو آڊيشن ڪامياب ويو. ريڊيو تي ڪم ڪرڻ لاءِ مون کي پهريون معاوضو ڏهہ روپيا مليو. مون کي اهي ڏهہ روپيا ڪمائي جيڪا خوشي ٿي، سا بيان کان ٻاهر آهي. انهن ڏينهن ۾ هڪ ڪامريڊ فلمن ۾ گانا لکندو هو. تنهن کي مون چيو تہ ”مون کي گانن جي ڪورس ۾ ڪم وٺي ڏي“. هُن چيو”ٺيڪ آهي. سڀاڻي ايس ڊي برمن منهنجي گاني جي ريهرسل ڪرائي پيو. تون اتي اچي وڃجانءِ آئون تو کي ان سان ملائي ڇڏيندس“. اتي مون کي هڪ خوبصورت ڇوڪرو بہ گاني جي ريهرسل ڪندي نظر آيو. پوءِ خبر پئي تہ اهو خوبصورت ڇوڪرو مڪيش هو جيڪو پوءِ هندستان جو وڏو ڳائڻو ٿيو. برمن دا منهنجي آواز کي پاس ڪيو. ہ ڏينهن مون کي ريهرسل ڪرڻي پئي. ريڪارڊنگ کان پوءِ مون کي ٽيهہ روپيا مليا. انهن ٽيهن روپين جي منهنجي آڏو ڪهڙي حيثيت هئي، تنهن جو اندازو نہ ٿا لڳائي سگهو. پوءِ مون کي ڊبنگ وغيره جو ڪم بہ ملڻ لڳو جتان ڪڏهن بہ سئو تہ ڪڏهن پنج سئو بہ ملي ويندا.

ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڊرامن ڪرڻ واري تنظيم اپٽا جو بنياد وجهڻ وارن ۾ سردار جعفري، انيل ڊسلوا ۽ خواجہ احمد عباس وغيره هئا. تڏهن انهيءَ ۾ وڏا وڏا ماڻهو ڪم ڪندا هئا، جنهن ۾ ٻيشم ساهاني ۽ بلراج ساهاني، دينا ڦاٽڪ ۽ خواجہ عباس

جي زال مجي شامل هئا. هڪ ڏينهن مجي مون وٽ آئي ۽ چيائين ته"ڇا تون اپٽا ۾ ڪم ڪندينءَ؟" مون پڇيو:"ڪهڙو ڪم؟" هن چيو ته "عصمت چغتائيءَ جو هڪڙو ڊرامو آهي، هندو مسلم فسادن جي باري ۾. انهيءَ ۾ نئين شادي ڪري آيل ننهن جو ڪردار آهي." مون خوشيءَ سان ها ڪئي. ڇاڪاڻ ته مون پڻ چاهيو پئي ته آئون پارٽيءَ جي ڪنهن اداري ۾ ڪم ڪريان. ڪيفي کي به ڪو اعتراض ڪو نه هو. ٻئي ڏينهن آئون ڪيفي سان اپٽا جي آفيس پهچي ويس. جتي سڀ خلوص سان مليا. ان ڊرامي ۾ زهره سهگل هڪري چُوڙيءَ واري جو ڪردار پئي ڪيو. مون ڏٺو ته زهره پنهنجي اڇي اجري برقعي کي پٽ تي ڪيرائي، ميرو ڪري رهي هئي. مون ڪانئس انهيءَ جو سبب پڇيو ته هن کلي وراڻيو ته "پلا چوڙيءَ واري به ڪو اڇو اجرو برقعو پائيندي ڇا؟" ڊرامو ٿيو ۽ ڪامياب ويو. سڀني ڪامريڊن انهيءَ کي ساراهيو پر منهنجو آواز آخر تائين نه پئي پهتو. پيشم ساهاني يڪدم هڪڙو ٻيو ڊرامو ڪيو. جيڪو هڪڙي انگريزي ڊرامي تان ڪنيل هو. انهيءَ ۾ منهنجو ڪردار بظاهر هڪ معصوم پر اندر جي مڪار ۽ انگريزن جي ايجنٽ ڇوڪريءَ جو هو. جيڪا هندن ۽ مسلمانن کي ويڙهائڻ لاءِ ڪين الڳ الڳ هٿيار پهچائيندي هئي. مڪار ڇوڪريءَ جو ڪردار ڪرڻ ڪو سولو نه هو. آئون ۽ ڪيفي ڊڄي وياسين ته متان اهو ڪردار ڪري نه سگهان. مون انهيءَ ڪردار تي ڏاڍي محنت ڪئي ۽ احمد آباد ۾ اپٽا جي ڪانفرنس جي موقعي تي اهو ڊرامو ٿيو ۽ ڏاڍو ڪامياب ويو. ٽيهن سالن کان پوءِ به جڏهن آئون شبانه سان گڏ احمد آباد ويس، ته ماڻهن کي منهنجو اهو ڪردار ياد هو.

جڏهن 1948ع ۾ مون کي پهريون ڀار ٿيڻ وارو هئو ته ڪيفي مون کي لکنوءَ ۾ پنهنجي گهر وٺي هليو جتي سندس وڏو ڀاءُ ۽ ڀيڻ رهندا هئا. جيتوڻيڪ آئون پردو به نه ڪندي هئس ۽ منهنجو تعلق سُني مسلڪ سان هو پوءِ به ڪيفي جا گهر وارا مون سان ڏاڍي خلوص سان مليا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪيفي جا والدين به مون کي ڏسڻ لکنوءَ آيا. ڪيفي جو والد اعظم ڳڙهه ضلعي جي هڪڙي ڳوٺ مجوان جو زميندار هو. منهنجو پهريون پٽ لکنوءَ ۾ 26 اپريل 1948ع تي پيدا ٿيو. منهنجيءَ سس کان جڏهن پاڙي واريون پڇڻ آيون ته "تنهنجي نُنهن کي ڇا ٿيو آهي؟" ته هن چيو ته ڏيءُ ٿي آهي. هن انهي ڪري چيو جو متان منهنجي پٽ کي نظر نه لڳي وڃي. پنهنجي پٽ تي ڪيفي مشهور شاعر خيام جو نالو رکيو. ڪجهه وقت کان پوءِ اسان لکنوءَ کان بمبئي واپس وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ڪيفي وٽ ڪمائيءَ جو ڪو ذريعو نه هو. پوءِ اسان اهو طئي ڪيو ته آئون پنهنجي ننڍڙي پٽ سان لکنوءَ ۾ ئي رهان. اتي ڪجهه وقت رهي، پوءِ بمبئيءَ آيس. تيسيتائين بمبئيءَ جي دنيا ئي بدلجي چڪي هئي.

ڪميون ٺٺي چڪو هو. سجاد ظهير کي پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي پاران وٽ گهرائي ورتو هو ۽ رضيه آپا پنهنجي ننهي ڏيئرن نجمه، مونا ۽ نادره کي وٺي لکنوءَ شفٽ ٿي وئي هئي. [نوٽ: نادره پوءِ مشهور اداڪاره راج ببر سان شادي ڪئي.] هوءَ اتي هڪڙي ڪاليج ۾ ٽيچر ٿي وئي.

1949ع جي ڳالهه آهي. ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ به وڏي تبديلي اچي چڪي هئي. پي سي جوشي جي جڳهه تي بي ٽي رنديوي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل ٿي ويو. جوشيءَ تي الزام هو ته هو اصلاح پسند ۽ ڪانگريس جو طرفدار هو ۽ هو انقلاب آڻي نه سگهيو. بي ٽي رنديوي هڪ رپورٽ ٺاهي، جنهن ۾ هن اهو لکيو ته مسلح انقلاب جو وقت اچي ويو آهي ۽ عوام اسان سان گڏ آهي. جوشي انهيءَ رپورٽ کي رد ڪندي، اهو موقف اختيار ڪيو ته اجا پارٽيءَ جو ڪم پورو نه ٿيو آهي ۽ عوام ۾ اجا مسلح انقلاب لاءِ شعور پيدا ڪرڻ ۾ ڪافي وقت پيو آهي. پر ڪميونسٽ پارٽيءَ جا گهڻا ماڻهو رنديوي واري مسلح جدوجهد واري پاليسيءَ جي حمايت ۾ هئا ۽ پارٽيءَ جي پاليسي تبديل ڪئي وئي. حڪومت کي انهيءَ جي خبر پئجي وئي ۽ پارٽيءَ تي پابندي لڳائي وئي. پارٽيءَ جا اڳواڻ يا ته جيل ۾ قيد ٿي ويا يا وري انڊر گرائونڊ هليا ويا. ڪيفي جا وارنٽ نڪري چڪا هئا، ۽ هو انڊر گرائونڊ ٿي ويو هو. هوڏانهن مون وٽ رهڻ لاءِ گهر به ڪو نه هو. آئون پنهنجي ماٽٽن جي گهر هلي ويس. منهنجو پٽ ٽن ڏينهن ۾ يارنهن مهينن جو ٿي ويو هو ۽ ڏاڍو سهڻو هوندو هو. هڪ ڏينهن اوچتو کيس بخار ٿي پيو. مون وٽ سندس علاج لاءِ پئسا به ڪو نه هئا ۽ نه ڪو مون پنهنجي ماٽٽن کان پئسا وٺڻ پئي چاهيا. آئون کيس پنهنجي پراڻي هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر وٽ وٺي ويس، جيڪو اسان کان پئسا ڪو نه وٺندو هو. تنهن دوا ڏني، پر فائدو نه ٿيو. ٻئي ڀيري به وٺي ويس، پر سندس دوا سان ڪو به فائدو نه ٿيو. ٽئين ڀيري هن دوا ته ڏني، پر مون کي دڙڪا به ڏنائين. مان روئيندي پنهنجي پيءُ وٽ آيس. مون ڪنهن ايلوپيٿڪ ڊاڪٽر وٽ نه پئي وڃڻ چاهيو جو مون ماٽٽن تي بار ٿيڻ نه پئي چاهيو. جڏهن بخار تيز ٿي ويو ته منهنجي پيڻ وڃي ڊاڪٽر جيسوريا کي وٺي آئي، جيڪو سروجني نائيڊو جو پٽ هو. تنهن ٻار کي ڏسندي چيو ته هي ٻارنهن ڪلاڪن جو مهمان آهي. ڇاڪاڻ جو کيس ٽئين درجي جي ٽي بي آهي. انهيءَ شام جو ئي منهنجو پٽ مون کي ڇڏي ويو. اها 19 اپريل 1949ع جي تاريخ هئي. 26 اپريل تي خيام جي سالگره هئي. مون انهيءَ ڏينهن هن لاءِ هڪ ننڍڙو ڪڙتو ٺاهيو هو ۽ اهو ئي ڪڙتو پوءِ اکين تي رکي، اتي روئيندي رهيس، جتي منهنجو خيام کيڏندو هو. ماٽٽن ڪيفي کي خبر ڏني، جيڪو مون کي بمبئي وٺي آيو.

پارٽيءَ تي پابنديءَ کان پوءِ پارٽيءَ جو نقشو ئي بدليل هو. ڪامريڊن واري نرمي ۽ پيار الائي ڪيڏانهن هليو ويو هو. هر هڪ ٻئي کي شڪ سان ڏسڻ لڳو جڻ اڳيون

ڪو جاسُوس هجي. هوڏانهن مون کي وري گرپ ٿيو. منهنجي ٻار جي موت کان پوءِ اها مون لاءِ ڏاڍي خوشيءَ جي خبر هئي، پر پارٽيءَ کي اها ڳالهه پسند نه آئي. پارٽيءَ حڪم ڪيو ته آئون ٻار ڪيرائي ڇڏيان، ڇو جو ڪيفي انڊر گرائونڊ هو ۽ مان بيروزگار. آخر ٻار جي ذميواري ڪير کڻندو؟ انهيءَ لاءِ پارٽي جي ميٽنگ به ٿي. آئون مضبوطيءَ سان ان تي بيهي رهيس، ته اهو ٻار مون کي کپي ۽ آئون ڪيئن به انهيءَ کي پاڻ سنڀاليندس. فقط اسان جي دوست مهري انهيءَ جي حمايت ڪئي. منهنجي ضد جي ڪري پارٽي مون کي ٻار ڄڻڻ جي اجازت ڏني. پوءِ سترهن سيپٽمبر تي مون کي شبانه ڄائي. اها ئي شبانه جنهن کي اوهان شبانه اعظمي جي نالي سان سڃاڻو ٿا.

1951ع ۾ اسان کي پارٽيءَ جي هڪڙيءَ عمارت ريڊ فليگ هال ۾ هڪڙو ڪمرو مليو. اصل ۾ اهو هڪڙو وڏو فليٽ هيو جنهن ۾ اٺ ڪمرا هئا. هر فليٽ ۾ هڪڙي ڪامريڊن جي فيملي رهندي هئي. اتي ئي مون کي سردار جعفريءَ کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ جو موقعو مليو. هو پنهنجي گهر واريءَ ٻارن ۽ پيئرن سان اسان جي سامهون واري ڪمري ۾ رهندو هو. ڪڏهن ائين به ٿيندو هو جو رات جو دير سان آئون ڪيس پنهنجي ڪمري ۾ ڪيفي جي ٽيبل وٽ ڏسندي هئس، جتي هو ڪيفي جا لکيل نظم ڳڏ ڪندو رهندو هو. جيڪي ڪيفي ماچيس جي دٻي يا ڪنهن ڪاغذ جي ٽڪري تي لکي ۽ لاپرواهيءَ سان اڇلائي ڇڏيندو هو. سردار اهي نظم ڳڏ ڪري ڇپائيندو هو. ريڊ فليگ ۾ فقط هڪ ئي باٿ روم هوندو هو پر اسان اٺن خاندانن جي وچ ۾ ڪڏهن به انهيءَ تان جهيڙو نه ٿيو. سڀني جا مذهب ۽ مسلڪ الڳ الڳ هوندي به هڪ ٻئي جا پنهنجا هوندا هئا ۽ سڀني جا ٻار هڪ ٻئي کي انهن ئي رشتن جي حوالن سان سڃاڻندا هئا. ڪيفي کي ڪڏهن ڪڏهن فلمن جا ڊائلاگ يا گانا لکڻ جا ڪجهه پئسا ملي ويندا هئا. انهيءَ وچ ۾ مون کي 1953ع ۾ پٽ ڄائو. جنهن کي اسين بابا چوندا آهيون. ائين وقت گذرندو رهيو. هڪڙو ڏينهن اهڙو به آيو جو مشهور ڊائريڪٽر گُرو دت ڪيفي کي پنهنجِي فلم "ڪاغذ ڪي پهول" لکڻ لاءِ گهرايو. پوءِ ته سڀئي وڏا وڏا ڊائريڪٽر ڪيفي کي گانا لکڻ لاءِ گهرائڻ لڳا. پر بد قسمتيءَ سان اهي فلمون فلاپ ٿي ويون البت انهن جا گانا ڏاڍا مقبول ويا. انهيءَ ڪري ڪيفي کي فلمن لاءِ اياڳو سمجهڻ لڳا ۽ فلمون بند ٿي ويون. هڪڙي شام ديو آنند جو ڀاءُ چيتن آنند آيو ۽ ڪيفي کي چيائين ته مان به فلاپ فلمن مان تنگ اچي ويو آهيان ۽ تون به۔ به ڪاٽو مِلي هڪڙو واڌو ناهيندا آهن. سو منهنجي فلم جا گانا اوهان لکو. انهيءَ فلم جو نالو هو:"حقيقت." جيڪا انتهائي ڪامياب وئي. پوءِ ڊائريڪٽر چيتن آنند، موسيقار مدن موهن ۽ شاعر ڪيفي اعظميءَ جو جڙ ته هڪڙو گروپ ٺهي ويو. انهن ئي گڏجي

فلم "هير رانجها" ناهي. فلم جي خاص ڳالهہ اها هئي تہ فلم جا سمورا ڊائلاگ شاعريءَ ۾ هئا. جيڪي ڪيفي لکيا هئا. راجڪمار جي اداڪاري ڪري اها فلم ڏاڍي ڪامياب ٿي ۽ ڪيفي جو وڏو نالو ٿيو. ڪيفي جي ڪامياب فلمن ۾ "گرم هوا" بہ قابل ذڪر آهي، جنهن جي ڪري ڪيفي کي نيشنل ايوارڊ ۽ ڪهاڻي، ڊائلاگ ۽ اسڪرپٽ پلي لاءِ ٿي فلم فيئر ايوارڊ بہ مليا هئا.

1951ع ۾ مون پرٿوي ٿئيٽر ۾ شموليت اختيار ڪئي. اهو فيصلو مون پرٿوي ٿئيٽر جي ڊرامي "پٺاڻ" ڏسڻ کان پوءِ ڪيو جيڪو مون کي اپنا ۾ ڪم ڪندڙ زهره سهگل ڏيکاريو هو. زهره پوءِ مون کي پرٿوي راج وٽ وٺي هلي. [نوٽ: پرٿوي راج مشهور اداڪار راج ڪپور جو پيءُ ۽ تمام وڏو اداڪار هو.] سندس شخصيت ۾ ڏاڍو رعب هوندو هو. مون جيئن ئي کيس ڏٺو تہ اٿي بيٺس. هن مسڪرائيندي مون کي چيو تہ"اوهان تي ڏنڊ لڳندو." مون پڇيو "ڇو؟" هن چيو تہ" جيڪو بہ کيس ڏسي اٿي بيهندو آهي، انهيءَ جي اها ئي سزا هوندي آهي." مون کي اتي پنهنجائپ جو احساس ٿيو. مون ٻئي ڏينهن کان اتي وڃڻ شروع ڪيو. انهن ڏينهن ۾ ڇئن مهينن جي شبانہ منهنجي ڪڇ تي هوندي هئي، جنهن کي آئون اسٽيج جي ڪنهن ڪنڊ تي گاديلو رکي، ليٽائي ڇڏيندي هئس. جتي هوءَ هٿ پير هڻندي ۽ غُون غان پئي ڪندي هئي.

پرٿوي ٿئيٽر جا ڊراما گهڻو ڪري سماجي موضوعن تي هوندا هئا، جيئن "پٺاڻ" هندو مسلم اتحاد تي هو ."غدار" ۽ "آهوتي" ورهاڱي جي باري ۾ هئا. "ڪسان" هارين جي زندگيءَ جي باري ۾ تہ "پئسہ" دولت جي حوس جي باري ۾. ٽن ڪلاڪن جي شو کان پوءِ پرٿوي راج ڪنڌ هيٺ ڪري، جهولي ڦهلائي، ٿئيٽر جي ٻاهران بيهي رهندو هو ۽ ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان جيترو پچندو هو اوترا پئسا وجهندا هئا. اهي پئسا هو ٿئيٽر جي مئنيجر حوالي ڪري، پاڻ ميڪ روپ روم ۾ هليو ويندو هو. انهن ئي پئسن مان اداڪارن کي پگهار ۽ ضرورت وقت قرض ڏنو ويندو هو. مون ڪافي پيرا انهيءَ فنڊ مان قرض ڪنيو هو. هڪ ڀيري منهنجو پٽ بابا ائن مهينن جي عمر ۾ بيمار ٿيو تہ مون اتان ئي قرض کڻي علاج ڪرايو هو. مون سڄو هندستان بہ پرٿوي ٿئيٽر جي ٽوئرن ذريعي ئي ڏٺو هو. ڪڏهن ڪڏهن رستي تي ڇانهن وغيره لاءِ بيهندا هئاسين تہ پرٿوي راج پنهنجي فنڪارن کي چوندو هو تہ"هي وقت آهي تہ اوهان ڪريڪٽرن جو مطالعو ڪريو. چوڌاري ماڻهن کي ڏسو ۽ سندن اٿڻي ويهڻيءَ تي غور ڪريو. ٿي سگهي ٿو تہ سڀاڻي ڪنهن ڪردار ڪرڻ ۾ توهان کي ڪم اچي".
پرٿوي راج جو ڪاڏو بہ الڳ ڪو نہ ٺهندو هو. وڏي ڪا چادر پَٽ تي وڇائبي هئي، جنهن تي سڀ آرٽسٽ ويهي ماني کائيندا هئاسين. پرٿوي ٿئيٽر ۾ منهنجي لاءِ ڪو

اصلوڪو ڪردار نہ هو. تنهن ڪري منهنجي دلچسپي گهٽ ٿيندي وئي، ۽ مون پرٿوي ٿئيٽر کي الوداع ڪيو۔ پر پرٿوي ٿئيٽر سان وابستہ يادون منهنجيءَ دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اجا تائين سانڍيل آهن. انهيءَ کان پوءِ مون ٿئيٽر گروپ سان بہ ڪم ڪيو جتي مون ٽينسي وليم جي انگريزي ڊرامن تان ماخوذ ڊرامن ۾ ڪم ڪيو. انهن ڏينهن ۾ مون کي آل انڊيا اناؤنسر جي نوڪري بہ ملي وئي، جتي مون کي 175 روپيا پگهار ملندي هئي. اتي ئي اسان اسٽيشن ڊائريڪٽر کي اهو ميرايو هو تہ گاني جي اناؤنسمينٽ ڪرڻ وقت شاعر ۽ موسيقار جو نالو بہ اچڻ گهرجي. اها روايت آل انڊيا تي اجا تائين هلندي اچي. انهيءَ سان ساحر ڏاڍو خوش ٿيو جو تن ڏينهن ۾ فلمن لاءِ وڌ ۾ وڌ گانا ساحر ئي لکندو هو.

انهيءَ کان پوءِ مون هڪ ٻئي ٿئيٽر گروپ "ترويني رنگ منچ" ۾ شموليت اختيار ڪئي، جنهن ۾ پهريون ڊرامو هو "پگلي." هن ڊرامي ۾ منهنجو مکيہ ڪردرا هو. اهو ڪردار هڪ چريءَ عورت جو هو. انهيءَ جي ريهرسل دوران مون کي ڪيفي ڏاڍي مدد ڪندو هو. گهر ۾ ريهرسل دوران منهنجي نوڪر سمجهيو تہ آئون واقعي ئي چري ٿي وئي آهيان ۽ هو ڀڄي ويو. شبانہ جيڪا ان وقت ڏهن سالن جي هئي، تنهن بہ اهو ئي سمجهيو جنهن کي ڪيفي سمجهايو تہ" تنهنجي ماءُ ڊرامي ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ريهرسل ڪري رهي آهي." انهيءَ ڊرامي کي پوءِ ڊرامي فيسٽيول ۾ پهريون انعام مليو ۽ مون کي بهترين اداڪاره جو ايوارڊ مليو. 1950ع ۾ اي ڪي هنگل بہ پاڪستان مان هندستان اچي ويو. هو پارٽيءَ جو ميمبر هو.

[ نوٽ: اي ڪي هنگل ڪراچيءَ ۾ سوڀي گيانچندا ڻيءَ سان مزدور يونين ۾ ڪم ڪندو هو.] انهيءَ ۽ آر ايم سنگهہ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ٿئيٽر گروپ 'اپٽا' کي سنڀاليو. انهن هڪڙو ڊرامو "ڈمرو" نالي سان ڪيو. انهيءَ جو مرڪزي ڪردار هڪ نوجوان کي ڏنو ويو جنهن جو نالو هري جري والا هو. منهنجو ڪردرا انهيءَ جي زال جو هو. حالانڪ اهو ڪردار هڪڙي پوڙهي شخص جو هو پر انهيءَ نوجوان اهو ڪردار نهايت سهڻي نموني ادا ڪيو. اهو نوجوان پوءِ فلمن ۾ ويو جتي هُن سنجيو ڪمار جي نالي سان تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي. افسوس جو هو ننڍي وهيءَ ۾ ئي گذاري ويو. اپٽا سان گڏجي پوءِ مون ڪافي ڊراما ڪيا، جن ۾ گهڻو ڪري منهنجا مرڪزي ڪردار هئا.

1970-71ع ۾ اپٽا جي ساٿين اهو سوچيو تہ ڪا فلم ناهجي. اسان عصمت چغتائيءَ جي ڪهاڻي "گرم هوا" ڪنئي. ڪيفي انهيءَ جو اسڪرپٽ لکيو ۽ فلم فائنانس ڪارپوريشن انهيءَ لاءِ پئسا ڏنا. ان جو مرڪزي ڪردار ڪرڻ لاءِ بلراج ساهاني وٽ ويا سين ۽ کيس اهو ڪردار ڪرڻ لاءِ راضي ڪيوسين. انهيءَ ڪردار کي

بهتر طريقي سان ڪرڻ لاءِ بلراج کي هڪڙي مسلمان ڪامريڊ جي گهر رهايوسين. تہ جيئن هو ان ڪامريڊ جي پيءُ جو مشاهدو ڪري سگهي. گيتا ۽ فاروق شيخ ياءُ پيڻ جو ڪردار ڪيو ۽ مون سندن ماءُ جو. مون کي اهو ڪردار ڪندي ڏکيائي ڪو نہ ٿي، جو ڪيفي اهو ڪردار منهنجي ماءُ کي سوچي لکيو هو. "گرم هوا" کي ڪافي ايوارڊ مليا، جن ۾ نيشنل ايوارڊ ۽ فلم فيئر بہ شامل آهن. اها فلم ورهاڱي تي ٺهندڙ بهترين فلمن ۾ ڳڻبي آهي. ان کان پوءِ مون کي ڊائريڪٽر مظفر علي "امراءُ جان" ۾ خانم جي ڪردار جي آڇ ڪئي. ريکا جي مکيہ ڪردار ۾ اها فلم ڏاڍي ڪامياب ٿي. طوائفن جي انهيءَ خانم واري منهنجي ڪردار جي ڏاڍي تعريف ٿي ۽ ڪيفي مذاق ۾ چوندو هو تہ "جنهن خوبيءَ سان تو اهو طوائف جو ڪردار ادا ڪيو آهي، جيڪڏهن شاديءَ کان اڳ اهو ڪردار ڏسان هان، تہ تنهنجو شجرو گهرائي ڏسان هان تہ آخر تنهنجو خانداني سلسلو آهي ڪهڙو؟" [نوٽ: اهو ساڳيو ڪردار وري "امراءُ و جان" جي ري-ميڪ ۾ شوڪت جي ڌيءُ يعني شبانہ ڪيو هو.مترجم]

ڪجهہ وقت کان پوءِ وري ميرا ناٿر جو فون آيو. جنهن مون کي چيو تہ هو هڪ طوائفن تي فلم ٺاهي رهي آهي، "سلام بمبئي." انهيءَ ۾ مون لاءِ گهر والي جو ڪردار رکيو اٿن. مون پڇيو مانس تہ"گهر واري ڇا هوندي آهي؟" هن چيو تہ گهر والي انهيءَ عورت کي چئبو آهي، جيڪا ڇوڪرين کان ڌنڌو ڪرائيندي آهي. مون چيو تہ مون تہ اهڙو ڪردار ڪڏهن ڏٺو بہ ڪونهي، آئون ڪنديس ڪيئن؟ ميرا مون کي چيو تہ هو انهيءَ ماحول ۾ مون کي وٺي ويندي ۽ اهڙن ڪردارن سان ملائيندي. بئي ڏينهن اسان بمبئيءَ جي مشهور چڪلي ڪماٺي پوره وياسين. مون پنهنجي ڪردار لاءِ ڪا اهڙي عورت پئي ڳولڻ چاهي، ۽ نيٺ مون کي وچولي عمر جي هڪ عورت نظر آئي، جنهن اتي چڪلي ۾ هڪ مرد سان پتي راند پئي ڪيڏي. مون چيو تہ"مون کي پنهنجو ڪردار ملي ويو." آئون پوءِ اتي چار پنج ڏينهن ويس ۽ اتي ماحول کي ڏٺم. اها فلم اصلي لوڪيشن تي شوٽ ٿي هئي ۽ منهنجو گيٽ اپ ڏسي، چڪلي ۾ اهي ڇوڪريون چونديون هيون تہ "ڪير ٿو چوي تہ هيءَ ڪا شبانہ اعظمي جي ماءُ آهي. هيءَ تہ واقعي اهڙي آهي جڻ اسان جي گهر والي هجي." اُها فلم ڪافي ڪامياب وئي. انهي کان پوءِ مون بيون بہ آرٽ فلمون ڪيون، جنهن ۾ "بازار" ۽ "انجمن" وغيره شامل آهن.

1960ع واري دور ۾ آئون ياءُ سان گڏ پاڪستان آيس. منهنجا بيا ياءُ پيڻ گهڻو ڪري پاڪستان لڏي ويا هئا. اتي انهن مون کي ڏاڍو گهمايو ۽ خاطري ڪيائون. آئون اتي سنڌ ۾ حيدرآباد بہ ويس، جتي منهنجو ننڍڙو ياءُ نصرالله بئنڪ ۾ مئنيجر هو. اتي هنن مون کي پراڻي شاهي بازار بہ گهمائي ۽ مون کي ٽِڪ جي ڪم وارا گج بہ وٺي ڏنا.

مون وٽ تہ پئسا ڪو نہ هوندا هئا. بس پائر ۽ پيئرون تحفا ڏيندا هئا. منهنجو سوٽ جيڪو مون کي شاديءَ کان اڳ ڪيفي جا خط آڻي ڏيندو هو. سو بہ پاڪستان اچي ويو هو. ان مون کي وري نئو گهمايو. اتي آئون حيران ٿي ويس تہ عورتون بنان ڪنهن ڊزائين جي خوبصورت پرت پري رهيون هيون. اتان مون ڪافي گج ورتا هئا. جڏهن مون فلم "هيررانجها" ۾ هير جا ڪاسٽيوم ڊزائين ڪيا هئا تہ انهيءَ ۾ هير جي ڪپڙن تي نئي جا ئي گج لڳايا هئا.

1959ع ۾ اسان کي ريڊ فليگ هال کي ڇڏڻو پيو. پوءِ ڪيفي جي مداحن جي مهربانيءَ سان اسان کي جُوهو تي ڪرايي جي هڪ جڳهہ ملي. شاديءَ جي ٻارنهن سالن کان پوءِ پهريون ڀيرو مون کي پنهنجي گهر هئڻ جو احساس مليو. ٻن ڪمرن جي هن گهر ۾ پٽيون پلستر کان عاري هيون. آئون ۽ ڪيفي جُوهو جي سمنڊ ڪناري تان وچي سپيون ۽ پٿر چونڊي آياسين ۽ پٽ ۾ هنياسين تہ سهڻي لڳندي هئي ۽ پوءِ انهيءَ تي پلستر ڪرائڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ٿي. جانڪي ڪٽر وارو اهو گهر پوءِ ڪيفي جي ساٿين، شاعرن، شبانہ سان گڏ فلمن ۾ جدوجهد ڪرڻ وارن ۽ منهنجي ٿئيٽر جي ساٿين جو مرڪز بڻجي ويو. شبانہ جو اسڪول هن گهر کان ڪو 14 ڪلوميٽر پري هو ۽ شبانہ پنهنجو اسڪول ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئي. ڪجهہ مهينا تہ آئون کيس ڇڏي ايندي هيس، پر پوءِ نون سالن جي شبانہ ايتري سمجهدار ٿي وئي، جو پاڻ ئي ايندي ويندي هئي. ايتري ننڍڙيءَ عمر ۾ هوءَ ڏاڍي حساس هئي ۽ هرويرو پنهنجي خواهشن جو اظهار بہ ڪو نہ ڪندي هئي. سندس اسڪول ۾ ڪپڙي جو ٿهيل سفيد جوتو پائڻ يونيفارم جو حصو هوندو هو جيڪو ٻئين ٽئين مهيني ڦاٽي ويندو هو. مون کيس دڙڪو ڏيندي چيو تہ"ڏاگهن جهڙا تہ پير اٿئي، جو هر ڀيري جُوتو ڦاڙيو اچين." ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ مون ڏٺو تہ جُوتو ڪنڊ وٽان ڦاٽل هو پر شبانہ پاڻ ئي پاٽي جو ٽڪرو انهيءَ کي لڳائي ڇڏيو. منهنجي هانوَ ۾ چير پئجي ويو ۽ مون ڪيئن بہ هتان هُتان پئسا بچائي، کيس نئون جُوتو وٺي ڏنو. شبانہ کي بس ۾ اچڻ وڃڻ لاءِ 30 پئسہ ملندا هئا. کيس جيڪڏهن ڪا شئي ڪائڻ تي دل چوندي هئي تہ بہ اسٽاپ اڳ لهي، پنج پئسا بچائي، چٽا يا ڪاچا وٺي ميل کان وڌيڪ پنڌ ڪري گهر ايندي هئي، پر مون کان اهي پنج پئسا ڪو نہ گهرندي هئي. جڏهن هُن مئٽرڪ فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪئي ۽ ڪاليج ۾ داخلا لاءِ ٽن مهينن جو وقت هو تہ شبانہ مون کي ٻڌائڻ کان سواءِ پيٽرول پمپ تي ڪافي وڪڻندي هئي، جتان کيس 30 روپيہ روز ملندا هئا. مهيني جي آخر ۾ نوَ سئو ڪٽي منهنجي ترڪيءَ تي رکيائين. مون ڪانئس پڇيو تہ "اهي پئسا ڪٿان آيا؟" تہ هُن مون کي سڄي حقيقت ڪري ٻڌائي ۽ منهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا.

بي اي ڪرڻ کان پوءِ شبانہ پونا انسٽيٽيوٽ ۾ اداڪاري سکڻ لاءِ وئي، جتي کيس اڍائي سؤن جي اسڪالرشپ بہ ملندي هئي ۽ اسان کي فيءَ واري پريشانيءَ کان آجپو مليو. کيس پهرئين سال ۾ ئي فلمن جي آڇ ٿي، پر هن فيصلو ڪيو تہ هوءَ ٻن سالن جو ڪورس ختم ڪري، پوءِ ئي فلمون ڪندي. هن اهو ڪورس فرسٽ ڪلاس ۾ پورو ڪيو ۽ کيس گولڊ ميڊل مليو. سندس پهرين فلم شيام بينيگل جي "انڪور" هئي ۽ ان پهرين ئي فلم تي کيس نيشنل ايوارڊ مليو. پوءِ تہ سندس لاءِ فلمن جون قطارون لڳي ويون. هن ڪجهہ ڪمرشل فلمون بہ ڪيون، تہ جيئن وري سندس نالي جي ڪري ماڻهو آرٽ فلمون بہ ڏسڻ اچن. 1985ع ۾ شبانہ مشهور بنگالي ڊائريڪٽر گوتم گهوش جي فلم "پار" ۾ ڪم ڪيو جنهن ۾ سندس ڪردار بهار جي ننڍڙي ڳوٺ مان مڙس سان ڀڄي اچي شهر ۾ نوڪري ڪرڻ واري غريب عورت جو هو. انهيءَ فلم جي شوٽنگ دوران اسان هڪڙي گيسٽ هائوس ۾ رهيل هئاسين، جتي ٻهاري ڏيندڙ هڪ غريب عورت سان شبانہ ڪافي ويجهي ٿي وئي. ڇاڪاڻ تہ فلم ۾ سندس ڪردار بہ ان طبقي جي عورت جو هو ۽ هن پنهنجي ڪردار لاءِ انهيءَ عورت جو مطالعو ڪرڻ پئي چاهيو. جڏهن شوٽنگ ختم ٿي، تہ شبانہ چيو تہ"مون هن عورت مان ڪافي ڪجهہ سکيو آهي ۽ هاڻ سياڻي فلم رليز ٿيندي تہ سڀ منهنجي تعريف تہ ڪندا، پر هن عورت کي ڇا ملندو؟ اها خود غرضي ٿيندي تہ آئون پنهنجيءَ شهرت خاطر هن جو استعمال ڪري، هن کي وساري ڇڏيان. تنهن ڪري ان طبقي جي ماڻهن لاءِ مون کي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ گهرجي." حقيقت ۾ ڪيفي پارٽيءَ جي ڪم سانگي شبانہ کي اڪثر مزدورن جي وسندين ۾ وٺي ويندو هو ۽ اسان جي گهر بہ وڏن ترقي پسند اديبن جو اچڻ وڃڻ رهندو هو جن ۾ سجاد ظهير، جوش، فراق گورکپوري ۽ مخدوم محي الدين اهم هئا. شبانہ ننڍپڻ کان کين ڏسندي ۽ ٻڌندي آئي هئي ۽ انهن جي تصورن ۽ خيالن جو شبانہ جي شخصيت تي وڏو اثر بہ هو. بمبئي واپس اچي شبانہ شهر ۾ ڪچين وسندين ۽ جهوپڙين ۾ رهندڙ ماڻهن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيم نيوارا حق سرڪشا سميتي سان جڙي وئي. تن ڏينهن ۾ ميونسپلٽي وارن سنجي نگر نالي هڪڙي ڪچي وسنديءَ کي رات وچ ۾ ڊاهي ڇڏيو. اتان جي رهواسين پنهنجي لاءِ بدلي ۾ ٻيءَ جڳهہ جي حصول لاءِ بک هڙتال شروع ڪئي تہ شبانہ بہ انهيءَ بک هڙتال ۾ شامل ٿي وئي. منهنجيءَ دل ان کي ڪو نہ پئي مڃيو. ڇاڪاڻ تہ آئون اڻ ڄاڻايل مدي تائين واري بک هڙتال جي حق ۾ نہ هئس. ڪيفي ان وقت پٽنا ۾ هو. انهيءَ فون ڪري کيس همٿائيندي چيو تہ"بيسٽ آف لَڪ، ڪامريڊ." تيز اُس ۾ رستي جي ڪناري ڦاٽل چادرن تي پنج ماڻهو بک هڙتال تي ويٺا هئا، جن ۾ منهنجي شبانہ بہ

هئي. حالانڪ منهنجي دل ٻڏل هئي، پر پوءِ بہ مون ڪوڙا سُوڙا نعرا پئي هنيا تہ جيئن منهنجي ٻچڙيءَ جي همت ٻڏل هجي. پر گهر اچي آئون چرين وانگر پئي روئيندي هئس. بک هڙتال جي پنجين ڏينهن مشهور اداڪار ششي ڪپور بہ آيو. تيسيتائين شبانہ ڏاڍي ڪمزور ٿي چڪي هئي ۽ سندس رت جو دٻاءُ بہ گهٽجي چڪو هو. ششي يڪدم وزيراعليٰ سان مليو ۽ چيائينس تہ"اسان اوهان لاءِ شو پيا ڪندا آهيون، پر اسان جي هڪ ساٿي موت ۽ زندگيءَ جي جدجهد ۾ آهي ۽ توهان انهيءَ لاءِ ڪجهہ بہ نہ ٿا ڪري سگهو؟".

وزيراعليٰ يڪدم بک هڙتالين جا مطالبا پورا ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ منهنجو ساهہ ۾ ساهہ پيو تہ منهنجي ڌيءُ بچي وئي. اهو شبانہ جو سماجي ڪارڪن جي حيثيت سان پهريون قدم هو. سندس زندگيءَ ۾ اهم موڙ صفدر هاشميءَ جو بيدرديءَ سان ٿيل قتل هو. صفدر هاشمي هڪ سماجي ڪارڪن ۽ هڪ سٺو ليکڪ هو ۽ گهٽين ۾ سماجي موضوعن تي ناٽڪ ڪندو هو. جنهن کي ڪانگريس پارٽيءَ جي غنڊن ڏينهن ڏٺي جو قتل ڪري ڇڏيو. ٽن ڏينهن ۾ دهليءَ ۾ انٽرنيشنل فلم فيسٽيول ٿي رهيو هو. جنهن ۾ شبانہ جي پهرين انگريزي فلم "مئڊم سوزڪا" جو پريميئر ٿيڻ وارو هو. شبانہ کي اسٽيج تي گهرايو ويو. شبانہ هٿ ۾ مائيڪ وٺي چيو تہ"هڪڙي پاسي تہ هيءَ سرڪار اسان جي فلمن جا پريميئر ڪرائي رهي آهي تہ ٻئي طرف اسان جي ثقافتي ڪارڪنن کي قتل ڪرايو پيو وڃي." اهو ٻڌندي ئي سڄ سماءُ جو وزير اسٽيج تي چڙهي آيو ۽ واقعي کان انڪار ڪرڻ لڳو. اسان ٽي وي تي شبانہ جي جرائت ڏسي خوش ٿي رهيا هئاسين. ان کان پوءِ فلمن جا پروڊيوسر، وڏا وڏا اداڪار شبانہ کان لهرائڻ لڳا ڇڻ تہ ڪيس سڃاڻندا ئي نہ هجن. وزير ٽي وي ۽ ريڊيو تي شبانہ جا پروگرام بند ڪرائي ڇڏيا. پوءِ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ راجيو گانڌي جيڪو ان وقت وزيراعظم هو تنهن چيو تہ" اها بيوقوفي آهي ۽ شبانہ تي لڳل پابندي ختم ڪئي وڃي." انهيءَ عزم ۽ حوصلي سان ڪم ڪندي، 1992ع ۾ شبانہ پارليامينٽ جي راجيہ سڀا [اسان جي ملڪ جي سينيٽ] جي ميمبر ٿي. کيس تنهن وقت جي وزيراعظم اندر ڪجرال ۽ صدر وينڪٽ رامن نامزد ڪيو هو. انهيءَ حيثيت سان شبانہ بہ يُوپي ۽ بمبئي لاءِ ڪافي ڪم ڪيا.

منهنجو پٽ احمر جنهن کي سڀ بابا اعظمي جي نالي سان سڃاڻن، سو ڪئميرامين جي حيثيت سان فلمن ۾ پنهنجو نالو ڪمائي چڪو آهي. هن جو گهڻو ڪري ڪم ڪمرشل سئنيما ۾ آهي، جيئن مسٽر انڊيا، دل، تيزاب وغيره ۾. ڪنهن وقت چوندو هو تہ آرٽ فلمون ڏاڍيون بورنگ آهن، پر هاڻ جڏهن پاڻ فلمون ڊائريڪٽ ڪرڻ جو سوچي رهيو آهي تہ انهيءَ لاءِ هن هڪ اهڙي ڪهاڻيءَ جي چونڊ ڪئي،

جنهن جو موضوع سماجي جاڳرتا سان واسطو رکي ٿو. سندس شادي به هڪ سٺي اداڪارا ۽ ذهين ڇوڪري تنوي سان ٿي آهي، جيڪا اسان جي گهر جي ماحول ۾ چڱيءَ طرح رلي ملي وئي آهي.

1997ع ۾ مون کي دل جو دورو پيو ۽ جڏهن ڊاڪٽر کي ڏيکاريوسين ته هُن چيو ته منهنجي دل جون پنج شريانون 90 سيڪڙو بند ٿي ويون آهن. ڊاڪٽر يڪدم آپريشن لاءِ چيو. شبانه ۽ سندس مڙس جاويد اختر رت لاءِ ڪيترن نوجوانن کي گهرايو جن ۾ سندس ڀيڻيءَ زال مان پٽ ۽ هاڻوڪو مشهور ڊائريڪٽر فرحان اختر به هو. شبانه اُهي ويهه ڏينهن ڪمري مان ڪو نه نڪتي ۽ پٽ تي چادر وڇائي سمهي رهندي هئي. ڪيس نه ته پنهنجي گهر جو خيال هو ۽ نه ئي وري شوٽنگ جو.

هتي آئون ڪيفي جي بيماريءَ جو ذڪر به ڪندي هلان، جنهن منهنجي زندگيءَ کي لوڏي ڇڏيو. 1973 ۾ فلم "گرم هوا" جي شوٽنگ ختم ڪرڻ کان پوءِ ڪيفي جي طبيعت خراب رهڻ لڳي ۽ ڊاڪٽر کان چيڪ ڪرايوسين ته هن ٻڌايو ته سندس رت جو دٻاءُ وڌيل آهي. 9 فيبروري 1973ع تي ڪيفي ڪنهن پارٽيءَ ۾ ويل هو. پر رات جو ڪيفي کي چار ماڻهو لاش وانگر کڻي آيا. منهنجي ته پيرن هيٺان زمين ئي نڪري وئي. مون چيتن آنند [مشهور اداڪار ديو آنند جو ڀاءُ] کي فون ڪئي، جيڪو پنهنجي پيٽيوي کي وٺي آيو. هن ته چيو ته مڙئي خير آهي، گهڻو پِي ويو هوندو ۽ صبح تائين نيڪ ٿي ويندو. مون چاڪاڻ ته ٿوري گهڻي هوميوپيٿي پڙهي هئي ته مون کي لڳو ته آثار برين هيمريج جا هئا، پر هن مذاق ۾ ڳالهه ٽاري ڇڏي. رات جو ٽين وڳي ڪيفي جو ڪابو هٿ ڪاٺيءَ وانگر ڪري پيو. مون کي لڳو ته ڪيس فالج ٿي پيو آهي. رات جو منهنجو پٽ ڊاڪٽر کي وٺڻ ويو پر ڊاڪٽر کي سندس زال نه اٿاريو. جڏهن اچو صبح ٿيو ته مون سردار جعفريءَ جي پيڻ کي فون ڪيو ۽ هن سموري حقيقت سردار سان ڪئي. سردار مون کي چيو ته تون ڪيفي کي وٺي برج ڪئنڊي اسپتال اچ. اسان اتي ڪمرو بڪ ٿا ڪرايون. مون وٽ سٺو روپيين کان سواءِ ڪجهه به نه هو. سو به مون ڪيفي جي وهاڻي جي هيٺان خيرات لاءِ رکيو هو. پر ڪيفي جا دوست ايمبولينس وٺي آيا ۽ اسان ڪيفي کي کڻائي اسپتال پهتاسين. پر تيسيتائين منجهند جا ٻارنهن ٿي ويا. اتي ڊاڪٽرن چيو ته سندس حالت نازڪ آهي ۽ ايندڙ 72 ڪلاڪ هن لاءِ ڏاڍا خطرناڪ آهن. جيڪر ڪيفي اهو وقت ڪڍي ويو ته پوءِ بچي ويندو. ڇئين وڳي ڪيفي اکيون کوليون ۽ مون کي سڏڻ لڳو پر وري مٿس بيهوشي طاري ٿي وئي. ڪيفي جي بيماريءَ جي خبر اخبار ۾ اچي چڪي هئي. ساڻس ملڻ لاءِ ملاقاتين جي قطار لڳي وئي، پر ڊاڪٽرن هن سان ملڻ لاءِ منع ڪئي هئي. ٻئي ڏينهن تائين شبانه به

دهليءَ مان اچي وئي. سردار جعفريءَ وارن جو گهر ويجهو هو ۽ آئون اتي رهي پيس. آئون تہ پئي روئندي هئس ۽ سردار جي گهر واري سلطانہ مون کي آٿت ڏيندي هئي. ڪيفي سان ملڻ لاءِ منسٽر ڪان وٺي مالهين تائين سڀ پيا ايندا هئا ۽ هن لاءِ دعائون پيا گهرندا هئا. اهي خطري واريون گهڙيون ٽري ويون. ڪيفي مهينو کن اسپتال ۾ رهيو پر فالج جو اثر تمام گهڻو هو جنهن ۾ ساڄو هٿ ۽ پير ونجي ويا. پير جو تہ خير آهي، منڊڪائي بہ ماٺهو هلي ويندو پر لکڻ وارو ساڄو هٿ صفا مفلوج ٿي ويو. ڪيفي بہ ڏاڍو مايوس ٿي ويو. ڪڏهن ڪڏهن چوندو هو تہ چانهن ۾ زهر ڏئي ڇڏ، يا ڪو مون کي گولي هڻي ڇڏي تہ هن بيمار زندگيءَ مان ڇوٽڪارو ملي وڃي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ اسان ڪيس ڪيرالا جي آيورويدڪ اسپتال ۾ وٺي وياسين. اتي فائدو تہ خير نہ ٿيو پر گهٽ ۾ گهٽ ڪيفي ڊپريشن مان نڪري آيو. مهري جيڪو اسان جو پراڻو دوست هو. تنهن ڪيفي لاءِ دهليءَ ۾ پروگرام ڪرايو. انهيءَ ۾ مشهور ڳائڻي بيگم اختر بہ آئي تہ ڪميونسٽ ليڊر پي سي جوشي بہ هو. اتي جوشي چيو تہ روس جي ليکڪن جي تنظيم کي گهرجي تہ ڪيفي کي روس گهرائين. ائين روس وارن ڪيفي کي علاج لاءِ گهرايو. اتي ڪيفي جو علاج ٿيو ۽ فائدو بہ ٿيو پر سندس ساڄو هٿ هميشہ لاءِ مفلوج ٿي چڪو هو. انهيءَ دور ۾ اسان جشن ڪيفي جي سلسلي ۾ دبئي بہ وياسين. اتان جي مشاعري جي منتظمين ڪيفي کي سٺ ستر هزار روپين جي ٿيلهي پيش ڪرڻ پئي چاهي، پر ڪيفي ان جي بدلي ۾ پارٽيءَ جي ٿيئٽر گروپ لاءِ سامان يعني ڪمپيوٽر ۽ ڪئيمرا وغيره گهرايا. انهيءَ کان پوءِ آمريڪا بہ وياسين. پر انهيءَ دوري مون کي بہ بيمار ڪري ڇڏيو. پارٽي اسان ٻنهي کي وري روس موڪليو. اتي مون کي نئين زندگي ملي، جو ڇاتيءَ ۾ ڳوڙهو هو ،جنهن جي چڪاس ٿي ۽ جيڪڏهن انهيءَ کي تڏهن آپريشن ڪري نہ ڪيڻ ها تہ شايد اهو ڪينسر ۾ تبديل ٿي وڃي ها. اتي ماسڪو ۾ خبر پئي تہ فيض احمد فيض بہ آيل هو. اسان ڏاڍو خوش ٿياسين ۽ تيار ٿي فيض سان ملڻ سندس هوٽل وياسين. تن ڏينهن ۾ فيض وسڪي ڇڏي چڪو هو. اسان وائين پيتي ۽ دير تائين فيض جي زباني سندس شاعري ٻڌندا رهياسين. اسان روس جا شهر گهمياسين. اهو دورو اسان ٻنهي کي ڏاڍو پانءِ پيو ۽ ڪيفي تي ڪو وقت انهيءَ جي خوشي طاري هئي.

پنهنجي زندگيءَ جي آخرين ڏينهن ۾ ڪيفي اهو فيصلو ڪيو تہ پنهنجي ڳوٺ مجوان ۾ رهندو ۽ جيترو ٿي سگهيو. هو پنهنجي ڳوٺ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندو ۽ چڱي حد تائين هو انهيءَ ۾ ڪامياب بہ ويو. ڦول پور کان مجوان تائين ڪو پڪو رستو بہ ڪو نہ هو. پر رستي ٺهڻ لاءِ ڪو زمين ڏيڻ لاءِ تيار ڪو نہ هو. طرح طرح جون

ڏکيائون آيون، پر نيٺ رستو نهي ويو. هاڻ اهو رستو ڪيفي اعظمي روڊ جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي. پوءِ ڪيفي کي اسڪول ٺهرائڻ جي ڳڻتي لڳي. سرڪاري زمين تي ماڻهن جا قبضا هئا. ڪيفي اهي قبضا هٽرائي، اسڪول ٺهرايو تہ ماڻهن اعتراض ڪيو تہ ”ڪيفي اسان کان زمين کسي پنهنجي ٻارن لاءِ اسڪول ٿو ٺهرائي.“ اسان وٽ ڪم ڪندڙ هاري سيتارام انهن کي سمجهايو تہ ڪيفي جا ٻار وڏا ٿي ويا آهن ۽ هي اسڪول اسان جي ٻارن لاءِ آهي. اسڪول ٺهڻ کان پوءِ جيڪي اسڪول جا سڀ کان وڏا مخالف هئا، سي بہ پنهنجن ٻارن کي اسڪول موڪلڻ لڳا. اهو اسڪول هاڻ هاءِ اسڪول ۾ تبديل ٿي ويو آهي، جتي ٻين ڳوٺن جا ٻار بہ پڙهڻ ايندا آهن. ڪيفي کي پوءِ ڳوٺ ۾ گهر ٺهرائڻ جو خيال بہ ٿيو ۽ مون کي انهيءَ لاءِ راضي ڪيائين. آئون سڄي عمر شهر ۾ رهي هئس ۽ منهنجو ڳوٺ ۾ رهڻ جي خيال کان ئي ساهہ پئي نڪتو پر ڪيفي مون کي راضي ڪيو ۽ اسان گهر ٺهرايو. ڪيفي پنهنجي گهر ۾ هڪڙو وڏو هال ٺهرايو جتي ڳوٺ جا ماڻهو ٽي وي ڏسڻ ايندا هئا. ڪيفي ان لاءِ خاص جنريٽر بہ خريد ڪيو. ڳوٺ جا گهڻي ڀاڱي ماڻهو ڪنڀارن جي برادريءَ جا هئا ۽ شيعہ مسلمانن جا رڳو چار گهر هئا. صبح جو گهر جي لان ۾ جڏهن ڇوڪرين کي يونيفارم پائي اسڪول ويندي ڏسندو هو تہ ڇوندو هو تہ ڪيڏي نہ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو سندس برادريءَ جون ڇوڪريون، جن تي ڪالهہ تائين ٻاهر ڏسڻ جي بہ پابندي هئي، هاڻ يونيفارم پائي اسڪول پيون وڃن. اتي ڳوٺ ۾ بہ ڪيفي ضلعي جي عملدارن سان پيو ملاقاتون ڪندو هو تہ جيئن روزگار يا امن امان جا مسئلا حل ٿي سگهن. شام جو مون وٽ عورتن جو ميڙ هوندو هو. جڏهن ڳوٺ ۾ سرنهن جي پوک ٿيندي هئي تہ سڄو ڳوٺ ائين لڳندو هو ڄڻ ڪا سهڻي عورت پيلي رنگ جي ويس ۾ ڊڪيل هجي. اسان جي ڳوٺ جون راتيون بہ سهڻيون هونديون هيون. ڇوڏس ڪڙڪيتا پيا اڏامندا هئا. رات جي سانت ۾ اسان پنهنجا پلنگ ٻاهر وڇائيندا هئاسين. اتي ڪيفي پنهنجو وسڪي جو گلاس ڪٽي گول وهاڻي جي ٽيڪ تي ويٺل هوندو هو. آئون ڪو ڪلاسيڪي گانو لڳائي ڇڏيندي هئس يا ڪڏهن ڪڏهن منهنجي فرمائش تي ڪو نظم يا غزل ٻڌائيندو هو. تڏهن ڪيفي شايد لکيو هو تہ:

مهَڪ خلوص ڪي اس صندلين غبار مين هي،
محبت آج بهي زنده ميري ديّار مين هي.

جڏهن ڳوٺ جي اسڪول ۾ ٻار وڌڻ لڳا تہ ڪيفي کي ڳڻتي ٿي تہ هاڻ ان ۾ استاد بہ وڌيڪ هجڻ کپن ۽ اسڪول بہ مئٽرڪ تائين هجي. تن ڏينهن ۾ شبانہ کي مڊر ٽريسا

سان گڏ فرانس ۾ صدر متران جي هٿان بين الاقوامي انساني حقن جو ايوارڊ مليو هو. تن ڏينهن ۾ ملائم سنگهه يادو يُوپي جو چيف منسٽر هو. جنهن اهو طئي ڪيو هو تہ اهي شبانہ کي 'اَوڌ رتن' ايوارڊ ڏيندا ۽ اها تقريب شبانہ جي ڳوٺ مجوان ۾ ٿيندي. پهريون ڀيرو ڳوٺ ۾ هيليڪاپٽر لٿو. مون گهر ۾ وزيراعليٰ ۽ گورنر جي مانيءَ جو انتظام ڪيو ۽ سڄي ڳوٺ جي بہ دعوت ڪئي سين. پنڊال ۾ ڳوٺ جي ڇوڪرين پوربي ٻوليءَ ۾ گيت ٻڌايا. وڏيون تقريرون ٿيون. شبانہ چيو تہ "اسان جي ڳوٺ لاءِ تہ وڏيون گهرجون آهن. پر اسان جي سڀ کان وڏي گهرج اها آهي تہ اسان کي ڳوٺ لاءِ ڇوڪرين جو هاءِ اسڪول ۽ پوءِ ڊگري ڪاليج کپي." ملائم سنگهه يادو يڪدم اتي انهيءَ لاءِ پنجويهہ لکن جو اعلان ڪيو. ڪيفي ڏاڍو خوش ٿيو. پر پوءِ اهي پئسا پر واري ڳوٺ جي ڪاليج وارا وڃ مان ڪٽي ويا. ڇاڪاڻ جو آئون بہ بيمار ٿي پيس ۽ ڪيفي کي بہ واپس بمبئي اچڻو پيو. پر ڪيفي همت نہ هاري ۽ پوءِ بہ ڇوڪرين جو هاءِ اسڪول قائم ڪرائي ساهہ پٽيائين.

هن اتي تنظيم مجوان ويلفيئر سوسائٽي نالي سان بہ ناهي ۽ ڇوڪرين جي هنري تعليم لاءِ پنهنجي ٻنيءَ تي سينٽر بہ قائم ڪرايائين. لکنوءَ ۾ عورتن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيم جي هڪ اڳواڻ رونا بئنرجي جو هٿ قابو جهلي ٻيهي رهيو ۽ تيسيتائين نہ ڇڏيائين، جيسيتائين هن هڪ سٺي استاد نہ موڪلي، جيڪا ڇوڪرين کي چِڪني جي پرت جو ڪم سيکاري. هاڻ ڳوٺ جون ڇوڪريون گهر ويٺي بہ ٽي هزار پاڻ ئي ڪمايو وٺن. شبانہ بہ جڏهن پارليامينٽ جي ميمبر هئي تہ کيس هر سال بہ ڪروڙن جا ترقياتي ڪم ملندا هئا. هوءَ اهي ڪٽي بہ خرچ ڪري سگهي پئي. هن مجوان ۾ نديءَ تي پل ٺهرائي ۽ اعظم ڳڙهہ ۾ شبلي ڪاليج جي ڇوڪرين لاءِ هاسٽل بہ ٺهرائي. اعظم ڳڙهہ جي ماڻهن ان جي مٽتا عيوض هڪڙي روڊ جو نالو شبانہ اعظميءَ جي نالي تي رکيو آهي. ساڳئي ضلعي ۾ هڪڙو رستو پيءُ جي نالي تہ ٻيو ڌيءُ جي. جڏهن هڪڙو ڪم پورو ٿيندو هو تہ ڪيفي ٻيو ڪم شروع ڪرڻ لاءِ سوچيندو هو. ائين ڳوٺ جي ٻارن لاءِ هُن ڪمپيوٽر ڪلاس بہ هلرايا. ڪيفي ڪو معمولي انسان ڪو نہ هو. سندس حياتيءَ جو مقصد ڏاڍو متاهون هو جنهن تي هو مرڻ گهڙيءَ تائين قائم رهيو. عام ماڻهن لاءِ خيال، ڪميونزم تي اعتماد، دل جي ڳالهہ زبان تي. منهنجي نگاهہ ۾ تہ هن جهڙو شاندار ماڻهو ڪو ٿيو ئي ڪونهي. ڪيفي تي جاويد اختر جيڪو شاندار نظم لکيو هو سو سئو سيڪڙو صحيح آهي.

هو عجيب ماڻهو هو
محبتن جو گيت هو
بغاوتن جو راڳ هو
ڪڏهن گل هو ڪڏهن باهہ هو
هو مفلسن کي چوندو هو
تہ ڏينهن بدلجي بہ سگهن ٿا
هو جابرن کي چوندو هو
تنهنجي مٿي تي جي سونا تاج آهن
سي ڪڏهن بہ وگهري سگهن ٿا
هو بندشن کي چوندو هو تہ
آئون توهان کي ٽوڙي بہ سگهان ٿو
هو سهولتن کي چوندو هو تہ
آئون توهان کي ڇڏي بہ سگهان ٿو
هو هوائن کي چوندو هو تہ
آئون توهان کي موڙي بہ سگهان ٿو
هو خواب کي چوندو هو تہ
آئون توهان کي سچ ڪري ڏيکاريندس.
هو آرزوءَ کي چوندو هو تہ
آئون توهان جو همسفر آهيان
تون پلي ڪيتري بہ پري ٿاهين منزل
ڪڏهن ڪو نہ ٿڪجندس.
هو زندگيءَ کي چوندو هو تہ
آئون توکي سجائيندس
تون مون کان چنڊ گهر
آئون چنڊ ڪٽي ايندس.
هو انسان کي چوندو هو
تہ انسان سان پيار ڪر
سُنڌ پئي ٿئي هيءَ ڌرتي
انهيءَ جو ڪجهہ هار سينگار ڪر.
هو زندگيءَ جي سيني ڏکن کي چوندو هو

تہ توهان کان ڪٿي ويندس آئون
۽ توهان کي ختم ڪري ڇڏيندا هي انسان
منهنجو الڳ آهي داستان.
اهي اکيون جن ۾ خواب آهن
اها دل جنهن ۾ آرزو آهي
اهي ٻانهون جن ۾ ستَ آهي
اهي چَپ جن تي لفظ آهن
رهندس انهن وچ ۾
جڏهن گذري ويندس...
هُو عجيب ماڻهو هو.

فالج جي حملي کان پوءِ بہ مسلسل ڪم ڪرڻ نہ رڳو حيرت انگيز پر معجزي جهڙي ڳالهہ هئي. سردار جعفري اڪثر چوندو هو تہ ڪيفي فالج سان اهڙو حشر ڪيو آهي، جو اها بيماري ٻئي شاعر تي نازل ٿيڻ جي جرئت نہ ڪندي. ڪيفي پنهنجي بيماريءَ جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي ڪم ۾ لڳو پيو هوندو هو ۽ نہ تہ ڪيس دوائن جي اونَ هوندي هئي ۽ نہ ئي ڪو ماني ٽڪيءَ جي ڳڻتي. تنهن ڪري سندس صحت خراب رهندي آئي. 14 جنوري 2002 تي شبانہ مجوان آئي. هونئن تہ ڪيفي جي جنم ڏينهن جي ڪاخبر ڪو نہ هئي، پر سندن دوستن ئي اهو طئي ڪري ڇڏيو تہ 14 جنوري ڪيفي جو جنم ڏينهن آهي، تڏهن کان 14 جنوري ڪيفي جو جنم ڏينهن ڪري ملهائيندا آهن. شبانہ جي اچڻ سان ميلو مچي ويندو آهي ۽ ڳوٺ جا ماڻهو پنهنجا مسئلا حل ڪرائڻ جي لاءِ وٽس پهچي ويندا آهن. سو شبانہ بہ ڪائڻ پيئڻ جي پراوهہ بنا ساڻن ويني هئي. ڪيفي پنهنجي پلنگ تان اٿيو ۽ مون کي چيائين تہ سئو رپيا ڏي. پڇيو مانس:"ڇا لاءِ؟" هُن چيو:"بحث نہ ڪر. بس ڏي." مون کيس پئسا ڏنا. هو ٻاهر ويو ۽ ڪلاڪ کن کان پوءِ واپس آيو. شبانہ کي گهرائي چيائين تہ "صبح کان ڳوٺ وارا تو وٽ ويٺا آهن ۽ تو نہ تہ ڪاڌو آهي ۽ نہ ڇا. سو آئون تنهنجي لاءِ تنهنجي پسند جا سموسا وٺي آيو آهيان." شبانہ خوش ٿي سموسا کائڻ لڳي ۽ شايد هڪ اڌ ڪو ڪيفي بہ کاڌو. اهو آخري ڀيرو هو جو ڪيفي پاڻ اٿي ٻاهر ويو.

سُتت ئي، اسان ويٺا هئاسين تہ ڪيفي کي اوچتو دورو اچي پيو. مون گهبرائي پنهنجي پٽ بابا ۽ جاويد کي فون ڪئي. جاويد چيو تہ"شوڪت آپا! توهان ڳڻتي نہ ڪريو. اوهان جيڪڏهن ڪيفي صاحب کي بنارس ۾ داخل ڪرائڻ چاهيو تہ اتي انتظام ڪريون، نہ تہ دهلي انتظام ڪرايون".

ٻئي ڏينهن بابا بہ اچي ويو. ڪيفي جي حالت نازڪ هئي. اسان کي هڪڙي ڀڳل سڳل ايمبولنس ملي، جنهن ۾ ڪيفي کي کڻائي بنارس پهتاسين ۽ اتان پوءِ جهاز ۾ دهلي. اهو جهاز جو ڪلاڪ جو سفر منهنجي لاءِ صديءَ جي برابر هو. ايئرپورٽ کان سڌو اسپتال ۾ آياسين، جتي کيس آءِ يو سي ۾ داخل ڪيائون. اتان پوءِ شبانہ کيس بمبئي وٺي آئي. انهن ڏينهن ۾ گجرات ۾ فساد شروع ٿي ويا هئا. فالج جي هن دوري ۾ سندس ڳالهائڻ جي طاقت تہ ختم ٿي وئي، پر هو ٽي وي تي پنهنجي ملڪ ۾ ٿيندڙ اهي هندو مسلم فساد ڏسي ڏاڍو مايوس ٿيو هو. هوڏانهن شبانہ امر سنگهہ راج ببر ۽ ٻيا گجرات جي گاديءَ واري هنڌ احمد آباد پهتا، پر گجرات جي وزيراعليٰ کين اهو چئي متاثر ٿيل علائقن جو دورو ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني تہ اهي معمولي واقعا آهن. پر پوءِ انهيءَ رات پنجويهہ ماڻهن کي ماريو ويو. بمبئي اچڻ کان پوءِ ڪيفي کي ٻيهر دورو پيو. کيس رات وچ ۾ هسبلوڪ اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. ٻن مهينن تائين بمبئي جي سيني وڏن ڊاڪٽرن سندس سار سنڀال لڌي.

انهيءَ وچ ۾ ساهتيہ اڪيڊمي ڪيفي کي سندس خدمتن عيوض ساهتيہ اڪيڊمي فيلوشپ ايوارڊ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. ڇاڪاڻ تہ ڪيفي بيمار هو تنهنڪري دهليءَ مان ڪيترييون ئي ادبي شخصتيون کيس اهو ايوارڊ ڏيڻ اسپتال ٿي آيون.

هڪ ڏينهن مان جڏهن ڪيفي کي ڏسڻ اسپتال پهتس تہ بستري تي ليٽيل ڪيفي جون اکيون نَم هيون. مون کيس ڪڏهن بہ روئيندي ڪو نہ ڏٺو هو. پنهنجي پاءُ يا پنهنجي پهرئين پٽ جي مرڻ تي بہ نہ. مون کي لڳو تہ ٿي سگهي ٿو هو ڊپريشن سبب روئي رهيو هجي. کيس پوءِ هڪڙي نارمل ڪمري ۾ شفٽ ڪيو ويو. ٻئي ڏينهن مون کي صبح جو ڇهين وڳي فون آيو. مون گهڻي 'هلو هلو' ڪئي، پر ڪو بہ جواب نہ مليو.

اهو فون هُن جي نرس ڪيو هو جنهن فون جو رسيور ڪيفي جي ڳن تي رکي، منهنجو نمبر ڊائل ڪيو هو تہ متان منهنجو آواز ٻڌي، هو ڪجهہ ڄِي پئي- پر ان منحوس صبح جو ئي هو مون کي ڇڏي، هميشہ لاءِ وڃي چڪو هو. مون هُن سان زندگيءَ جا پنجونجاهہ سال گڏ گهاريا هئا، ۽ هاڻ بس دل ۾ اهو خيال وري وري ٿو اچي، تہ "ڪيفي! تو کان سواءِ مان ڪيڏي نہ اڪيلي ٿي وئي آهيان...!"

■■

هڪ پيري مدهوشيءَ جي حالت ۾، هڪ باذوق خاتون سان پنهنجيءَ شاعريءَ بابت ڪچهري ڪندي، مجاز چيو:"مان ڊڪشن جو ماسٽر آهيان."
"تہ پوءِ جوش مليح آبادي ڇا آهي؟" مائيءَ ڪانئس سوال ڪيو.
"ڊڪشنريءَ جو ماسٽر!"



# تيرٿ بسنت: هڪ اِتهاسڪار طور

هيرو ٺڪر

تيرٿ بسنت هڪ انوکو شخص هو. سنڌيءَ جي علم ۽ اِدراڪ واري ميدان ۾ مون کي جهڙَسِ ٻيو ڪو ڪو نہ سُجهي. هو هڪ ٻهڳڻي شخصيت هو جنهن علمي توڙي تخليقي، هر طرح سنڌيءَ جي خدمت ڪئي. هو مضمون نويس هو ڪهاڻيڪار هو شاعر هو ڊرامن جا ڪتاب بہ رچيائين تہ فلاسافي بہ. بهرحال، بنيادي طرح هو هڪ مفڪر هو انفرادي ۽ آزاد سوچ وارو مفڪر. سچي علم جو ڳولهائو جنهن ڪري سندس تصنيفن تي سندس اهڙيءَ سوچ ۽ اهڙي علم جي ڇاپ نمايان آهي. هن مقالي ۾ تيرٿ بسنت جي هڪ خالص اِتهاسڪار(مورخ) طور ڪردار تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

اِتهاس لفظ اِتِ+ هہ+آ س جو اشتقاق آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”ائين ٿيو هو“ يا ”ائين ٿي گذريو آهي.“ يعني تہ جيڪي ڪجهہ ٿي گذريو آهي، ان جو حقيقي احوال درجُ ڪرڻ ’اِتهاس‘ آهي. پر اُهو احوال درج ڪندي، اُن ۾ ”ٿي گذريل“ کي ڏسي احوال لکندڙ يا ٻڌي احوال لکندڙ جي پنهنجي درشٽي، پنهنجي سوچ، پنهنجا عقيدا، پنهنجا سوارٿ ۽ اعتقاد بہ گهُسي ايندا آهن، جنهن ڪري عرف عام اتهاس يا تاريخ جي معنيٰ، ڪن وڏن ماڻهن راجائن، مهاراجائن، مها ٻلي پُرشن ۽ هلنديءَ وارن يا ماڻهن جي دلين تي، ڪنهن بہ طرح قبضو ڪندڙن ۽ مهارَٿين جا احوال بڻجي پيئي آهي. جڏهن تہ دنيا جي واقعن کي موڙ ڏيڻ ۾ عام ماڻهن، عام گهٽنائن ۽ ڪئين اهڙن شخصن جو بہ رول رهيو آهي، جن ڪڏهن بہ پاڻ ڪوشش وٺي پاڻ کي روشنيءَ هيٺ آڻڻ جو جتن نہ ڪيو بلڪ پنهنجن چڱن ڪمن کي، پنهنجي فرض بجا آوري ليکيندي، انهن جي واڪ نہ ڪئي.

تيرٿ بسنت صاحب، جنهن وقت سنڌيءَ جي علمي ۽ ادبي دنيا ۾ قدم رکيو ته ان وقت اسان وٽ اتهاس جي نالي ۾ موجود هيون يا ته متعدد تاريخون: تاريخ طاهري، تاريخ معصومي، تاريخ مظهر شاهه جهاني وغيره ۽ ٻيو هئا ناما: بيگلار نامه، چچ نامه، بابر نامه ۽ ٻيا، جيڪي يا ته وقت جي حاڪمن، شاهن. شهنشاهن جي شُجاعت ۽ سخاوت، دليري ۽ دل آوريءَ سان پُريا پيا هئا، يا ته انهن جي ملڪ گيري، جنگجوئي ۽ رقابتن جا رڪارڊ هئا، يا وري انهن جي محبتن، عاشقي ۽ دلربائيءَ جا قصا ۽ داستان هئا. ٻيا وري هئا، تذڪره، جن ۾ نبين ۽ ولين، درويشن ۽ الله لوڪن جي ڪشف ۽ ڪانيءَ، ڪرشمن ۽ ڪرامتن جا قصا درج هئا. تحفته الڪرام، تاريخ معصومي ۽ ٻيون تاريخون ۽ تذڪره گهڻو تڻو اهڙن ئي قصن ڪهاڻين جا ئي مجموعا آهن. ٻيا وري هئا ڀارت جي گوروَ مئي اتهاس ۽ سنڌي تلوار جي ساک کي ڦهلائڻ جي مقصد سان لکڻ وارا، جن جي لکڻين ۾ اتهاس گهٽ پر گوروَ مئتا وڌيڪ يا تلوار جي ٽِڪاڻ وڌيڪ هئي.

تيرٿ بسنت هڪ وسيع اڀياس ۽ آزاد سوچ وارو شخص هو جنهن مذڪور قسم جي ڳالهين تي افسوس ظاهر ڪندي، اهڙيءَ روايت کي رد ڪيو ۽ اتهاس- ليکن يا تاريخ نويسيءَ جي ڪم لاءِ خالص علمي نڪته نگاهه کي اختيار ڪيو. ”اِتهاس درشن“ نالي پنهنجي تصنيف ۾ هو لکي ٿو:”ارمان اهو آهي ته گذريل هزار ٻن ورهين جو لکيل اتهاس به ”چندر ڪانتا“ جي افساني سان وڏي مشابهت ٿو رکي، پر نوس حقيقت جي ڇنڊڇاڻ سان ان جو بلڪل گهٽ تعلق آهي. خالص علمي نڪته نگاهه کان اها هڪ ڪمبختي ڇئبي، جو برک اتهاسڪار پڻ ڪنهن ڌرمي سڌانت يا سياسي نظريي يا قومي جذبي جو شڪار بڻجي ويا آهن، جنهن ڪري سندن تصنيفن تي اهڙو ڪامڻ چڙهيل آهي، جو هر حقيقت پنهنجي اصلي رنگ ۾ نروار ٿيڻ عيوض، پِيلي يا زرد، سياهه يا سُرخ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، حالانڪ، انساني ڪارنامه ڪنهن هڪ رنگ ۾ رڱيل نه ٿيندا آهن.(ص:66_65)

انهن آڳاٽن تاريخدانن تي ته بسنت صاحب کي خاص ڏمر هو. انهن کي ته هو گهڻي قدر راجائن جي ريڇڪن ۽ اڙٻنگاين ۽ ڌرمي اڳواڻن جي اُپديشن سان ٿڦيل ڪٽائون ڪري ليکيندو هو. ساڳئي ئي ڪتاب، ”اتهاس درشن“ ۾ ان سلسلي ۾ لکي ٿو:

”آڳاٽيون تاريخون ته هونئن ئي ناقص ۽ اڻ پوريون آهن. ڇو ته انهن جو اسي سيڪڙو ته راجائن جي ريڇڪن ۽ اڙٻنگهاين ۽ ڌرمي نيتائن جي اُپديشن سان ٿڦيل آهي. ڇيني سمرات ته پگهاردار تاريخ نويس رکندا هئا. جي سندن گڻن ۽ سوڀن جي ساراهه ڪن ۽ عيبن ۽ اوگڻن تي سفيد پوچي لڳائين. ٻين ملڪن جا اتهاسڪار به تقريبن اهڙي ئي ماحول جي پيدائش آهن.(ص:67)

ان جي بر عڪس بسنت صاحب جو اتهاس ڏانهن رُخ رويو خالص علمي ڍنگ وارو رهيو. سندس اڀياس ڪي تہ حد هئي ئي ڪا نہ. سندس درشٽي بہ بي حد وشال رهي. هن جڏهن اتهاس تي لکيو تہ سندس لکڻين ۾ راجائون، مهاراجائون، ولي بزرگ، مها پُرش ۽ مهاتمائون فقط ايتري ۾ اهڙي جاءِ حاصل ڪري سگهيا، جيتري جي اهي لائق هئا. هن جو سڀ کان پهرين ۽ سڌو ڌيان ڪائنات جي آغاز ۽ ڌرتيءَ جي اُتپتيءَ جي اتهاس طرف ويو. ان ڏس ۾ هن ويدن، پراڻن ۽ اتهاس کان اڳ وارن ماخذن مان حوالا تہ ڏنا ئي آهن، پر مغربي اتهاسڪارن جي تازين کوجنائن، علم الانسان، علم آثار، جيالاجسٽن، ڀوگول شاسترين ۽ موسم وگيانين جي هاڻوڪن راين جي بہ ڦولهہ ۽ اُپٽار ڪئي اٿائين."اتهاس درشن" ڪتاب ۾ پرٿويءَ جي اُتپتيءَ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:"آدي آريا لوڪن جو اهو ويچار هو تہ برهمانڊ ڪي نڪا آهي آد، نڪا انت. وشوَ رچنا ۽ وناش آهي، برهما جو پُراڻ. جو جڏهن ٻاهر نڪري ٿو تہ سرشٽي سرججي ٿي ۽ جڏهن اندر ڇڪجي ٿو تہ سرشٽي سميٽجي ٿي."

ساڳيءَ ساهيءَ ۾ اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ هاڻوڪا ڀوتڪ وگياني بہ تقريبن ساڳيو سُر آلاپين ٿا. ڇاڪاڻ تہ ٻولار اندر گئسن جي غبارن مان جيڪي تارڪا منڊل جڙن ٿا، سي پڻ مدت جي سڙڻ يا ٺرڻ پڄاڻان گئسن ۾ ونڊيو وڃن.... انومان آهي تہ مهاتيجسوي سورج منڊل بہ ٻري ٻري ڀخ تي ويندا ۽ سندن گرهہ گوچر چندرما جهڙا ڀڙ ڀانگ، جتي ڪو بہ جَڙ ڀوتو نہ اُسري سگهي. هي اسان جو سُوريہ ديوتا، مَها ٻلي تارن جي ڪٽنب ۾ بلڪل ننڍڙو تارو آهي، جنهن جي جوڀن جو جوش ايامن کان گهٽجي ويو آهي ۽ هاڻي تارن جي ٻڍا آشرم ۾ داخل ٿيڻ وارو آهي.(ص:6)

پنهنجي "اتهاس درشن" ۽ "هندي اتهاس" ڪتابن ۾ پرٿويءَ جي اُتپتيءَ کان اڳ برهمانڊي ۽ آڪاش منڊل جا جيڪي ورڻن ٿو ڪري، سي پڙهي ڪارل ساگان جو "دي ڪاسموس" ياد اچيو وڃي.

بسنت صاحب جي تاريخ نويسي حقيقتن جي پڪي پختي بنياد تي بيٺل آهي. وسيع اڀياس سندس سنبل ۽ سهارو آهن ۽ منطق ۽ دليل سندس رهبر ۽ رهنما. هو ڪتي بہ ڪوڙو جاتيہ يا قومي ايمان، پُراڻي يا نئين، ڪنهن بہ وقت طرف تعصب، ڪنهن هنڌ يا شخص ڏانهن ڪو جهڪاءُ نٿو رکي. "هندي اتهاس" ۾ لکي ٿو:"اتهاس جو لاڳاپو حقيقتن سان آهي، جيڪي ڪنهن رڪارڊ مان ملڻ گهرجن. هن وقت آڳاٽي ۾ آڳاٽو رڪارڊ پئليوليٿڪ ماڻهن جو آهي. جي پٿر جا اوزار ڪم آڻيندا هئا ۽ گوشت، مڇي، ڀاڄي ۽ ڦل تي گذران ڪندا هئا. هنن کي کيتي ڪرڻ ڪا نہ ايندي هئي، نڪي ٻاهہ ٻارڻ سکيا هئا. سندن قد ننڍو، وار کُهرا، نَڪ ڦتل ۽ چمڙي ڪاري هئي.(ص:7)

اسان ۾ عام طرح اها ڌارڻا آهي تہ ڌرتيءَ تي پهرين پهرين اسان جو پارٽ ورش ئي پيدا ٿيو هو ۽ مها پرلئہ کان پوءِ سڀ کان پهريون انسان اسان جي ڀوميءَ تي ئي نروار ٿيو هو پر بسنت صاحب پختي ڌراتل تي بيهي ڳالهائيندي چوي ٿو تہ:

"ڀوگول شاستر انوسار هي ديس دنيا جي آڳاٽين ايراضين ۾ شماري نٿو سگهجي، سواءِ دکن جي، جنهن جو اُتاهون پٽ آڳاٽو آهي. اوائل ۾ اتر هندستان سمنڊ جي تري ۾ هو ۽ هماليہ جنهن جا شِکر دنيا جي پهاڙن ۾ اوچا آهن، سو پڻ سرن درياهہ هو. ساڳيءَ ريت، هتي جي آدم جي اصليت اهڙي قديم نہ آهي، جهڙو ڪِن کي وهم ويٺل آهي. ڪن رايو ڏنو آهي تہ آدي بن مانس جو واسو شِوالڪ پهاڙن ۾ هو. مگر تازين کوجنائن ثابت ڪيو آهي تہ اهڙي شروعات گهٽ ئي هنڌن تي ٿي آهي ۽ ماڻهو باندر جي اولاد ناهي، پر آڳاٽي بن مانس (Primate) جو نسل آهي. اهڙن بن مانسن جون هڏيون گهٽ ئي هنڌن تي لڌيو اٿن ۽ تخمينو آهي تہ اِدائي لک کان ڇهہ لک. بلڪہ ڏهہ لک ورهيہ اڳ. پرٿويءَ تي اُن اُپ منش (Sub Man ) جو واسو هو. هن وقت، پروفيسر ريمنڊ ڊريءَ جون بيچئووانالئنڊ "دکني منش" يعني (Austretorp Thicus) تو چئجي. اهڙيءَ طرح جاوا مان (Pithecan Thropus ) اُپ منش لڌو اٿن. جنهن جو مغز باندر جي مغز کان ڏيڍو آهي. اُهو سنئين لِڱين بيهي سگهندو هو..... ان سواءِ پيڪنگ کان چاليهارو ميل پري، جاوا منش جهڙي چنبي جون هڏيون لڌيون آهن، جنهن کي Sinan Thropus تو چئجي. اهو اُپ منش پٿر جا اوزار ڪم آڻي سگهندو هو ۽ باهہ ٻارڻ جو فن ايندو هوس ۽ شايد آدم خور هو." (ص:6)

ان کان پوءِ، ٽئنگنيڪاجي Zinjan Thropus ، يورپ جي Neander Thal ، ايشيا يورپ جيHomo Sapieus يعني "عاقل انسان" ۽ Cronagnon اُپ مانشن جو ذڪر ڪيو اٿس، جيڪي موريويا Moravia مان آيا، ۽ فرنگين جا ابا ليکجن ٿا. چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ هو جڏهن ڪنهن بہ اتهاس تي نظر وجهي ٿو تہ سندس نظر پوري ڪائنات، پوري وشوَ طرف ڦري ٿي ۽ ڪنهن مخصوص ملڪ يا مخصوص جذبي جي اثر هيٺ اچي نتيجا نٿو ڪڍي. سندس اڀياس ۽ سندس سُوجهہ ڏسي، ماٺ وٺيو وڃي. اڄ ڪالهہ تہ انٽرنيٽ تي نيشنل جاگرافڪ، ياهُو گوگل، ڊِسڪوري، وڪي پيڊِيا وغيره جهڙين سرچ انجنس ۽ ويب سائيٽس تي ٿوري وقت لاءِ آگريون ڦيرائڻ سان تازه ترين ۽ اٿاه ڄاڻ حاصل ڪري وٺجي ٿي، پر اهو ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ تيرٿ بسنت صاحب پنهنجا هي ڪتاب سٺ، ستر واري ڏهاڪي ۾ رچيا هئا، جنهن وقت اهڙي قسم جي ڪا بہ سهوليت ميسر نہ هئي ۽ گيان حاصل ڪرڻ جو واحد وسيلو واسطيدار شعبن تي لکيل مهارت ڀريا ڪتاب ۽ انسائيڪلو پيڊيا هيون ۽ فقط بسنت

صاحب جهڙا جاکوڙي ئي ڏينهن جا ڏينهن لئبريرين ۾ ٺورنچوئي اهو گيان حاصل ڪري سگهندا هئا ۽ راتيون جاڳي انهن بابت لکندا بہ هئا.

اتهاس لکڻ يا اتهاس جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ رکڻ جي سلسلي ۾ بسنت صاحب جو مقصد هو ماضيءَ جي بي رياء نموني چڪاس ڪري هلندڙ حال ۾ آڳاٽين غلطين ۽ گمراهين کان ڪنارو ڪري بهتر آئينده اڏڻ.

ان سلسلي ۾ هن جو خيال هو تہ زندگيءَ جو سچو فلسفو بہ ڪنهن من گهڙت سڏانت عيوض، خود اتهاس مان ئي ملڻ گهرجي. بلڪہ سموري سماجڪ سکيا جو تاڃي پيٽو ان جي تندن مان ئي ٺهڻ گهرجي. ليڪن، ان ڳالهہ تي ڪيس ارمان هو تہ اتهاسڪار ڪنهن مغزي غبار جي وڪڙ ۾ اچي تاريخون لکندا ويا آهن، جن مان سندن عقيدي ۽ ايمان جي تہ ساک ملي ٿي، پر حقيقت جي ڄاڻ گهٽ پوي ٿي. (اتهاس درشن، ص:72)

جيسيتائين ملڪن، شخصن يا سياسي ۽ فلسفيانہ نظرين جي اتهاس جو واسطو آهي، تہ ان ڏس ۾ بسنت صاحب جو زور ملڪي حالتن ۽ سببن تي هو. حقيقتن ۽ حالتن بابت بہ سندس مُراد بہ فقط ظاهري ڳالهين سان نہ ظاهريءَ سان گڏ باطني ڳالهين سان بہ هئي. جيوني، جنهن کي هو اتهاس جي جان ٿو سڏي، (ساهت سِرج، ص:175)

تنهن مان هن کي توقع ۽ تقاضا آهي تہ ان ۾ نہ فقط واسطيدار شخص جي ظاهري زندگي، پر سندس وقت جي حالتن، انهن حالتن سبب سندس من جي دشا، سندس من ورتين، سندس چرترِ ۽ مانوي گُڻن، سندس ذهني قوتن، وقت جي حالتن ڏانهن سندس رد عمل، ان طرح جي سمورين حقيقتن جو بيان هئڻ گهرجي، جنهن سان ئي اتهاس کي پورڻتا ملي ٿي.

ان سلسلي ۾ هن چغتي ترڪي زبان ۾ لکيل بابر جي آتم ڪٿا "بابر نامي" ۽ فارسيءَ ۾ جهانگير بادشاهہ جي لکيل "جهانگير نامہ" ۾ آيل تواريخي احوالن کي ساراهيو آهي. (ساهتيہ سِرج، ص: 188)

تاريخ نويسيءَ ۾ ملڪي محبت ۽ وطن ڏانهن رغبت وارن لاڙن کان هو ونءُ ويندو هو. شايد اهو ئي سبب آهي، جو وڏي ڄاڻ رکندي ۽ هڪ زياده نويس هوندي بہ هُن سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي تهذيب جهڙن موضوعن تي تمام گهٽ لکيو آهي. قوميت ۽ ٻين تنگ خيال نظرين کان محرڪ ٿي، اتهاس جي رچنا ڪندڙ کي هو پسند ئي ڪو نہ ڪندو هو ۽ 19 صديءَ ۾ دنيا اندر قوميت جي زور وٺڻ ۽ مئزنيءَ جي سرجوش مذهب گاڏڙ قوميت کان آماده ٿي، اتهاس لکندڙن تي چوهہ چنبيندي، پنهنجي "اتهاس درشن" ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ اُهي ليڪڪ، ٻهرين وطن پرست ۽ پوءِ اتهاسڪار هئا.

يعني هنن سچ جي ساک ۽ حق پرستيءَ کي ايتري اهميت نہ ٿي ڏني، جيتري ان ڇيڙي ۽ لڏي جي ايراضيءَ کي، جتي سندن جنم ٿيو هو. ۽ پوءِ مٿن طنز ڪندي لکي ٿو تہ "سندن ملڪ هو الله تعاليٰ جو خاص خلقيل مڪان ۽ هيا ملڪ هئا ابليس جا آستان. (اتهاس درشن، ص: 68)

سندس لکڻيءَ کي پنهنجو زيب آهي.

تيرٿ بسنت گهڻن ئي موضوعن تي لکندڙ ليکڪ هو ان ڪري ڪنهن بہ هڪ موضوع تي هن جا ڪي تمام گهڻا ڪتاب نہ ملندا. ان طرح اتهاس تي بہ هن جا ڪي گهڻا ڪتاب نہ آهن. خالص اتهاس تي هن جا بہ ڪتاب "اتهاس درشن" ۽ "هندي اتهاس" يا انهن ۾ اگر مانوَ اتهاس ۽ وڪاس واد (Evolution ) تي لکيل سندس ڪتاب "پرگتي" بہ جوڙجي، تہ ٽي ڪتاب ملن ٿا. "مها ڀارت جو سارُ" کي بہ اتهاسان اڳ واري مضمون جي حوالي سان. لاڳو موضوع سبب غور هيٺ آڻي سگهجي ٿو. ٻيو وري هن جون لکيل آهن جيونيون، "جواهر جيوني" (ٻہ ڀاڱا)، "گانڌيجي" (ٽي ڀاڱا)، "ڪنور". جيونيءَ کي بسنت صاحب اتهاس جي جان ڪري سڏيندو هو ۽ آهي بہ ائين.

بسنت صاحب جون رچيل جيونيون واسطيدار شخصيتن جي وقت، حالتن، سياسي ۽ ويچارڪ اُٿل پُٿل جي احوالن سان ڀريون پيون آهن، ان ڪري هتي ٿورو ذڪر انهن جو بہ ڪبو. سندس لکيل هڪ ٻيو ڪتاب، "دهلي (لاڏلي دلي)" جيتوڻڪ آهي تہ دهليءَ جي رُتبي، دهليءَ جي سئر سفر وغيره ۾ دلچسپي رکندڙن لاءِ لکيل هڪ جنرل قسم جو ڪتاب، جنهن ۾ اجوڪي دهليءَ جا بہ احوال آهن. پر ان ڪتاب ۾ دهليءَ جي پراچين سمي واري ۽ وچولي زماني جي اتهاس تي، جنهن غير روايتي ڍنگ سان، جيتري تفصيلي ۽ جنهن انداز ۾ ڄاڻ ميسر ڪئي ويئي آهي، تنهن جي مد نظر ان ڪتاب کي بہ اتهاس جي ڪتابن ۾ شمارڻ بي واجب نہ ٿيندو. هيٺ سندس انهن اتهاس سبنڌي تصنيفن تي ٿوري روشني وجهجي ٿي.

"اتهاس درشن" سرشٽيءَ جي سرجنا، ڌرتيءَ جي اُتپتي، مانو جيون جي وڪاس جهڙن غير رواجي ۽ ڳوڙهن وشين تي لکيل، سنڌيءَ ۾ ان قسم جي دُرلڀ ڪتابن مان آهي. اڳ ۾ مرزا قليچ بيگ، جيٺمل پرسرام، ڀيرو مل مهر چند، ڇيتن ماڙيوالا ۽ لالسنگ اجواڻيءَ جهڙن عالمن بہ اهڙن وشين تي ٿوري گهڻي روشني وڌي هئي، پر هن ڪتاب جي خوبي اها آهي، جو هن ۾ اتهاس بابت نئين زماني جي نون نظرين ۽ نين کوجنائن کي روشنيءَ ۾ آڻيندي، سنڌي پاٺڪ کي، اتهاس بابت نئين سوچ، نئين ٻُوجهہ ۽ نين ڏسائن کان روشناس ڪرايو ويو آهي. ليکڪ جو پنهنجو ابياس ۽ پنهنجي درشٽي ايتري تہ وشال آهي، جو هو هالو چالو اتهاس کي ليکي ئي نہ ٿو. انساني اتهاس تي نظر وجهندي

پنهنجي ان رچنا ۾ چوي ٿو:"تنهن هوندي به عبرت آهي ته پنجن لکن ورهين جي جاکوڙ ۽ مصيبتن پڄاڻان، هزارين سور ۽ صدما سهي، انسان قدرت جي هر مشڪل مٿان غالب پيو آهي ۽ اڄ نه فقط ڌرتيءَ جي آنبن ۽ ساگر جي پيٽ ۾ نوس نوس ٿو ڪري، عرشين پار گرهن گوچرن کي به پنهجي گرفت هيٺ آڻڻ جي خفت ۾ آهي. ليڪن انهيءَ جاکوڙ ۽ جوکي، جانبازيءَ جو رڪارڊ غيب جي ورقن ۾ لڪل آهي ۽ اسين جنهن کي اتهاس چئون ٿا، سا ته ڪالهه ڪلهوڻي ڳالهه آهي. (ص: 65)

اڳتي هلي، ڌرم، سڌانت، قوميت، سياسي ۽ مذهبي نظرين جي وَهَ ۾ وهي، اتهاس لکندڙن تي افسوس ظاهر ڪندي، هو اتهاس رچنا ۾ جاگرافيائي ۽ طبعي اثرن، آبهوائي حالتن، علم الانسان، علم الآثار، ڏڪار سوڪ، ٻوڏ وارين حالتن، ندين پهاڙن جي بيهڪ، مذهبي اثرن، اُتر ۽ ڏکڻ جي پيد جهڙن تتون کي به اتهاس رچنا لاءِ ڌيان ۾ آڻڻ ضروري ڄاڻائي ٿو. آبهوائي اثر ۽ اُتر ۽ ڏکڻ جي پيد تي روشني وجهندي لکي ٿو:"گرم ملڪ جي ماڻهن کي سدائين ٻوڏ، سوڪ، ضعف ۽ مرض، مُنگهڻ ۽ مڇر، بلائون ۽ جانور اڪثر گهر جي ديوارن اندر رهڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا. جنهن ڪري هنن جو چت پورهئي کان ڪيٻائي ٿو. هو نويڪلائي، فراغت ۽ آسائش چاهي ٿو ۽ نشڪريا ۽ نرواڻ کي ئي جيون جو اُديش سمجهي ٿو. آريه لوڪ اوائل ۾ نهايت جفا ڪش ۽ جانباز هئا. ڇاڪاڻ ته اولهه ايشيا جي ٿڌ ۽ پڙيانگ سُج ٿائينڪر تيڻ نٿي ڏنُن. مگر هندستان جهڙي گرم ملڪ ۾ داخل ڪرڻ پڄاڻان، روچڪ نظارن ۽ اڪيچار پدارٿن، گهٽ محنت ۽ گهڻي اُپت، ڪين نستو ۽ سست بڻائي ڇڏيو ۽ هو شانتي، شانتيءَ کي ئي غنيمت سمجهڻ لڳا..... اڻ وڻندڙ ماحول سخت محنت ۽ جفا ڪشيءَ لاءِ مجبور ٿو ڪري ۽ سردي شرير کي سگهارو ۽ صحتمند رکڻ لاءِ اڪسير آهي. شايد اهو ئي سبب آهي، جو حاڪم اڪثر اُترادي هوندا آهن ۽ محڪوم دکني."(اتهاس درشن، ص: 76)

چوڻ جو مطلب اهو آهي ته هر ڳالهه کي ڪئين ڪنڊن ۽ پاسن کان جاچي ـ ٽپاسي پوءِ ئي ڪي نتيجا ڪيڍي ٿو ۽ اهڙا نتيجا جيڪي حقيقت ٻڌا هجن ٿا ۽ دل کي آٿڙن ٿا.

"هندي اتهاس" نالي گرنٿ وري ڀارت جي پراچين وچين دور جي تاريخ بابت آهي، جنهن جي آرنڀ ۾ ڀارت جي پراڻن ۽ هاٺوڪن نالن ـ جمبو دويپ، آريه ورت، سپت سنڌو يا هپت هندو، ڀارت درش، اِند، اِندو هند، هندستان ۽ انڊيا وغيره تي بحث ڪندو ويدڪ سمي کان اڄ تائين، مختلف سانسڪرتڪ ۽ سياسي حالتن ۾ ڀارت جي جاگرافي، ڀارت ۾ رهندڙ ملڪي ۽ غير ملڪي جاتين، انهن جي سنسڪرتين ۽ انهن سنسڪرتين جي رل مل جو ذڪر ڪندي، قسمين قسمين ڳالهين تي روشني وجهي ٿو.

ان ڪتاب ۾ ليکڪ اسان کي ٻڌائي ٿو ته پتنجلي ۽ پاڻنيءَ جي پراچين سنسڪرت گرنٿن موجب پارت جون ڀوگولڪ حدون ڪهڙيون هيون. ته ساڳئي وقت ايراني مذهبي رهنما زردشت جي "ازويستا" ۽ يوناني اتهاسڪارن هيرو ڊوٽس، ٽالمي ۽ سڪندر جي سپهه سالار نِئارڪوسس ۽ چيني ياترين فاهيان وغيره جي، پارت بابت تاريخي لکيتن مان به حوالا پيش ڪري، پراچين پارت جي جاگرافيءَ بابت بهو طرفو علم ميسر ڪري ٿو. پارت جي آڳاٽن ماڻهن بابت سندس راءِ آهي ته اُهي، Ausevi نسل جا هئا، جن جي ملايا، جاوا، سماترا ۽ باليءَ جي ماڻهن سان مشابهت آهي.

تيرٿ بسنت جو هيءُ اتهاس گرنٿ، جيڪو اٽڪل 500 صفحن ۽ 19 بابن تي مشتمل آهي، تنهن ۾ ويدڪ سمي کان وٺي، پارت ۾ انگريزن جي آمد کان اڳ تائين جو سمورو سياسي، سانسڪرتڪ، آرٿڪ، ساهتيڪ ۽ سيپتڪ احوال، مختلف ماهرن جي حوالن، شاهدين ۽ دليلن سان، فنائتي ۽ روچڪ ڍنگ سان پيش ڪيو ويو آهي، جيڪو روح رُچندو ته آهي ئي، ساڳئي وقت علميت ياور ۽ فڪر افروز به آهي. مثال طور آريا جاتيءَ تي بحث ڪندي، هو ارجن کي، گيتا ۾ آيل سندس نالي 'پارٿ'جي حوالي سان ۽ پڻ ڪرشن جي اصل نسل کي، پارٿ آرين ڏانهن ڇڪي وڃي ٿو ۽ خود "پارت" شبد جي اُتپتيءَ کي به پارٿ سان جوڙي ٿو.

"هندي اتهاس" جي "موريه پس ڪال" باب ۾ هو لکي ٿو:

"پارٿ اصل ۾ پارٿ ساگر (Caspian Sea) جي ارد گرد ايراضيءَ ۾ رهندا هئا، جنهن کي پارٿيا ٿو چئجي. پارٿيه مشهور تير انداز هئا ۽ سواري ڪندي، پٺ ورائي دشمن کي تير هڻي سگهندا هئا، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Parthian Shot چئبو آهي. ڪي هنن کي پهلو (پهلوي) به چوندا آهن. گيتا ۾ ارجن کي به پارٿ چيو اٿن. روم سلطنت جون پارٿين سان گهٽيون ئي ڇڪريون لڳيون ۽ ڪنهن وقت اُها ايراني ايراضي روم سلطنت جو حصو هئي. (هندي اتهاس، ص: 90)

راجپوت جاتيءَ بابت به بسنت صاحب جا ويچار فڪر افروز آهن، جو هو اسان کي ٻڌائي ٿو ته اهي راجستان يا راجپوتانا جا اصلوڪا رهواسي نه آهن، پر ٻاهران لڏي آيل جاتين جي گڏيل سنتان آهن. "هندي اتهاس" جي "راجپوت ڪال" باب ۾ چوي ٿو:

"راجپوت ڪير آهن؟ پنجين ڇهين صديءَ کان اڳ، هنن جو نالو نشان به ڪونهي. حقيقت اها آهي ته ڪا نرالي جنس ناهن. اتر اولهه سرحد کان جيڪي پارٿ، سٿين، ساڪ، ڪُشڻ، هُڻ وغيره آيا، تن جي هو گڏيل سنتان آهن. هو گهٽي قدر ايراني ۽ ٿوري قدر ترڪي جنسن جي ملاوت آهن. سندن مشهور خاندان جهڙوڪ چوهاڻ، راٺوڙ پرمار، ششوديا وغيره هندستان ۾ ڦهليل آهن ۽ انهن جون ڪيترين ئي

شاخون آهن. هو ڪنهن هڪ وقت هن ديس ۾ داخل نہ ٿيا ۽ لڙاڪ پيشي جا هئڻ سبب راجپوت شماريا ويا. (هندي اتهاس، ص: 318)

"هندي اتهاس" ۾ "پراچين ڪال"، "سنڌو ماترئ جي ڪلچر"، "آريہ لوڪ"، "آريہ پنگت" چئپٽرن سان شروعات ڪندي ڀارت جي پراچين اتهاس متعلق موريہ گپتا گهراڻن، ٻڌ، جين، هندو ڌرم، ارٿ شاستر، ڌرم شاستر عنوان سان 18 چئپٽر ڏنا ويا آهن. هر دور جو ذڪر معقول ۽ موزون ڍنگ سان ڪيو ويو آهي. ڪٿي بہ ڪا رواداري نظر نہ ٿي اچي. مثال طور سنڌوماترئ جي ڪلچر بابت ٻين سنڌي ليکڪن ۾ جيڪو سمرتي گورو (Nostalgia) ڏسڻ ۾ ايندي آهي، سا هِن جي لکڻ ۾ ڪونهي. سچو حقيقت ٻڌو احوال آهي. سنڌو سڀيتا لاءِ چوي ٿو تہ اها عيسيٰ کان اٽڪل 2300 ورهيہ اڳ جي آهي. صفحي 11 تي مختلف سڀيتائن جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو تہ ان مان معلوم ٿو ٿئي تہ انساني تهذيب جي اوسر جو ڪو هڪ مرڪز ڪو نہ هو پر ايامن کان هجرتون پئي ٿيون آهن. ان ئي حوالي سان اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ فارس ۾ ايلمي، عراق ۾ سميري، مصر ۾ فرعوني، لبنان ۾ متني ۽ ڪريٽ ۾ منوئن سڀيتائون موجود هيون. سميري ماڻهن بابت سندس خيال آهي تہ اُهي Semitic يعني سامي نسل جا هئا.

بسنت صاحب جي هندي اتهاس جي وڏي خوبي اها آهي جو ان ۾ حڪومت ۽ طاقت ڀُنيان ڊورندڙ ونشن ۽ راجائن مها راجائن سان گڏ، ڪتاب جي آخر ۾ 51 مهان شخصيتن جا جيون چرتر ڏنا ويا آهن، جن ۾ ڪاليداس، جئہ ديو، ڀرتري هريءَ جهڙا ڪوي، ڀرت منيءَ جهڙا ناٽڪ ڪار، چرڪ جهڙا وئديہ، ناگا رجن ۽ آريہ ڀٽ جهڙا وگياني ۽ ارٿ شاستر، ڪام شاستر، اشٽا ڌيائيءَ جهڙا مهان گرنٿ بہ تفصيل سان ذڪر هيٺ آيا آهن.

'پرگتي' بسنت صاحب جو وڪاس واد تي Evolution of life & Culture تي خيال آرائيءَ پريو ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڪروڙين ڪروڙ سالن ۾ ڪئين برهماندن جي پيدا ٿيڻ ۽ ناس ٿيڻ، ڌرتيءَ جي جنم، جيوَ ۽ زندگيءَ جي وڪاس، جڙ چيتن جي ڀيل، مادياتي ۽ روحاني ترقيءَ تي هن پنهنجا فلسفيانہ ويچار ظاهر ڪيا آهن ۽ ان دوران جيو- جگت جي سبنڌ، پراچين ۽ نئين، سنائي ۽ برائي، پاپ پڃ، دک سک جهڙن انيڪ معاملن کي بحث جي لپيٽ ۾ آٽي، ان تي دنيا ڀرجي پرسڌ ودانن ۽ وگيانن جا رايا ۽ پنهنجا اُدگار پيش ڪيا آهن.

هن ڪتاب ۾ موضوع کي ايترو تہ ڦهلايو ويو آهي، جو ان ۾ هڪ طرف تہ رشي وسشٽ جو اهو فلسفو اچي ٿو تہ هيءَ دنيا نهي ئي ڪانهي، وجود ۾ ئي نہ آهي تہ ان جي بد هجڻ يا ان کي بهتر بنائڻ جو سوال ئي نہ ٿو اُٿي- تہ ويد وياس جي ورڌاتا واد جو بہ ذڪر آهي جيڪو چوي ٿو تہ پرالبڌ انساني ابلاڪائن جو قدر نہ ڪري، بهترين

يوجنائن کي بہ اُلٽ پُلٽ ڪيو ڇڏيو، تہ ساڳئي وقت گوتم ٻُڌ، چيني دارشنڪ ڪنفيوشس ۽ ڪئين مغربي عالمن جي فلسفي کي بہ روشنيءَ ۾ آندو ويو آهي.

هن ٺي ڪتاب ۾ آرين جي وچ ايشيا مان دنيا جي مختلف حصن ۾ ڦهلجڻ جو ذڪر بہ آهي تہ يوناني ۽ رومن جي سلطنتن جي ٺهڻ ۽ ڊهڻ، انهن جي عروج ۽ زوال جا ڪارڻ ۽ نتيجا ۽ ٻيا ڪيئي معاملا روشنيءَ ۾ آڻي، انساني جيوت ۽ خيال (ويچار) ۽ ڪلچر جي لنبي سفر کي پرڪاش ۾ آندو ويو آهي. وشو اتهاس جي اپياسن ۽ ڪلچر ۽ فلاسافيءَ ۾ دلچسپي رکندڙن لاءِ تہ هيءَ ڪتاب هڪ بي نظير ۽ بي بها ذهني لقمو آهي، باقي ڪهاڻين، قصن ۽ ناولن ۾ دلچسپي رکندڙن لاءِ آهي، دبي ۾ ٽڪريون.

تيرٿ بسنت جي لکيل ٽن جيونيءَ جي ڪتابن "جواهر جيوني" (ٻہ ڀاڱا)، "گانڌيجي" (ٽي ڀاڱا) ۽ "ڪنور" ۾ پڻ اسان کي ڪئين تواريخي حقيقتون ملن ٿيون. اهي ٽي ٺي شخص جن تي اهي جيونيون لکيون اٿائين، سي ليکڪ جا همعصر رهيا. جنهن ڪري انهن جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ ڳالهيون ۽ گهٽنائون هو ويجهڙائيءَ تان ڏسي سگهيو يا معلوم ڪري سگهيو. جنهن جو هن هوبهو عڪس پنهنجي رچيل انهن جيونين ۾ چٽيو آهي.

جواهر جيونيءَ ۾ فوڪس ۾ تہ جواهر لال نهروءَ جي شخصيت آهي، پر ان جي پس منظر ۾ ملڪ ۾ آزاديءَ جي هلچل، ماڻهن ۾ آزاديءَ لاءِ پيار، ڪانگريس جي ڪوشش جو بہ وستار سان ورڻن آهي.

"گانڌيجي" جيونيءَ ۾ مهاتما گانڌيءَ لاءِ محبت ۽ شرڌا سان گڏ، هن جي زندگيءَ جي عملي پهلن کي گهڻو اجاگر ڪيو ويو آهي. آزاديءَ جي يُڌ ۾ گانڌي جيءَ جي حڪمت عملي ڪهڙي رهي، ان کي چٽيءَ طرح اُجاگر ڪرڻ لاءِ گانڌي جي ۽ سندس ساٿين وچ ۾، گانڌي جي ۽ برطانوي حڪومت وچ ۾، گانڌي جي ۽ وائسراءِ وچ ۾ ٿيل ڪيتري لکپڙه، جيڪا مخفي رهي هوندي، سا راشٽريہ اپيلڪاگار ( National Archives ) جواهر لال نهرو ميموريل ميوزيم ۽ لئبريري ۽ ٻين اهڙن هنڌن تان هٿ ڪري، انهن جا پوري جا پورا ترجما هن ڪتاب ۾ درج ڪيا ويا آهن. جنهن سان هيءَ ڪتاب گهڻو معتبر بڻجي پيو آهي. اهڙو ٺي هڪ خط "گانڌي جي" جيوني ڀاڱو ٻيو ۾ مهاتما طرفان، سول نافرماني تحريڪ شروع ڪرڻ کان اڳ، ريجينالڊ رينالڊس جي هٿان، وائسراءِ ڏي موڪليل خط آهي، جنهن ۾ هن سول نافرماني تحريڪ جهڙي سخت قدم کڻڻ کان اڳ وائسراءِ کي آگاهي ڏني آهي. اهو هڪ لنبو خط آهي، جيڪو يقينن مخفي رهيو هوندو پر بسنت صاحب اهو خط ۽ ان جهڙا ڪيترا ٺي اهم دستاويز هٿ ڪري، وڏيءَ محنت سان ترجمو ڪري هنن جيونين ۾ ڏنا آهن، جن سان اتهاسڪ واقعا چٽا ٿي بيٺا آهن.

صفحي 640 تي سنڌي هندن جي لڏپلاڻ، ص 646 تي ورهاڱي کان ترت پوءِ وارين حالتن جو ذڪر، ورهاڱي وقت، پاڪستان کي پنجونجاھ ڪروڙ ڏيارڻ تي عوام ۾ ٿيل رنجش ۽ ناراضگيءَ جو چترڻ، اهي ۽ اهڙيون ڪئين بيان ڪيل گهٽنائون، هنن جيونين کي، جيونين کان وڌيڪ اتهاس جا گرنٿ بڻائين ٿيون.

ان ئي قسم جو ٽيون ڪتاب، بسنت صاحب جو رچيل "ڪنور" پستڪ آهي، جنهن تي 1959ع ۾ کيس سنڌيءَ ۾ ساهتيہ اڪادمي جو پهريون ايوارڊ مليو هو. "ڪنور" ۾ ڀڳت ڪنور رام جي مثالي زندگيءَ جو چتر چٽڻ کان سواءِ، ان زماني جي سنڌي لوڪن ۾ موسيقي ۽ ڀڳت لاءِ چاهہ، هندو- مسلم مشترڪ تهذيب، ان وقت ۾ سنڌ جي ڀهراڙين جي زندگي، سنڌ ۾ فرقي پرستيءَ جي اُڀرڻ، ڪٽر پنٿين جي غير انساني حرڪتن جو جيڪو ورڻن آهي، سو اتهاس جو ئي حصو آهي ۽ آئينده جي اتهاسڪارن لاءِ بہ گهڻو ڪارگر ثابت ٿي سگهي ٿو.

"مهاڀارت جو سارُ" چئجي ڪٿي تہ مهاڀارت جي ٽيڪا آهي، جنهن ۾ بسنت صاحب مهاڀارت جي گهٽنائن، چريترن ۽ فلسفي جي کول سول ڪندي، ان مها ڪاويہ جي، پنهنجي نڪتہ نظر کان صحيح معنيٰ ۾ صحيح فلسفو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. باقي، پستڪ جي آرنڀ ۾ "مهاڀارت" جي نالي سان مختلف ڪاوين جي رچنا ڪارن، دوپاين (ويد وياس)، وئشمپائن، سئوتي وغيره جي زندگي، انهن جي وقت ۽ کهڙين حالتن سبب، ان مهاڪاويہ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون تبديليون ڪيون ويون. مهاڀارت، جيڪو اصل ۾ "وجيہ گرنٿ" هو تنهن جي وِٿ ۽ مقدار ۾ ڪهڙن ڪهڙن رچناڪارن ڪهڙيون ڪهڙيون تبديليون ڪيون، ان بابت ڏنل اتهاس پنهنجي ليکي اهميت ڀريو آهي. ٻئي طرف تيرٿ صاحب جي ڪهاڻي ٻڌائڻ جي شئلي بہ گهڻي روچڪ آهي ۽ سڄي ڪهاڻي پڙهيل، ٻڌل، ڏٺل هوندي بہ ائين ڀيو لڳي ٿو تہ ڄڻ ڪا نئين ڪهاڻي پئي ٻڌجي.

آخر ۾ مان بسنت صاحب جي دلي (لاڏلي دلي) ڪتاب جو ذڪر ڪندس، جيڪو آهي تہ دهليءَ بابت هڪ جنرل ڪتاب، جنهن ۾ هاڻوڪي دهليءَ جو بہ ورڻن آهي ۽ سير سفر جي شوقينن لاءِ بہ دلچسپيءَ ڀريو آهي، پر ان ۾ مهاڀارت واري وقت جي، دهليءَ جي پراڻي حيثيت اِندر پرسٿ، هستنا پُور تي روشني وجهندي، دهليءَ جي اصلوڪن رهواسين، ڪُرو جاتيءَ وارن جي اصل نسل بابت پَتا ۽ پار بيان ڪرڻ کان علاوه، جدا جدا زمانن ۾ دهليءَ جي حيثيت کي دلچسپ انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ان ۾ مغلن جي ايامڪاريءَ ۾ دهليءَ جي اوج ۽ عروج جا احوال، مغلن طرفان جوڙايل تاريخي عمارتن جو احوال تہ آهي ئي، ساڳئي وقت دهليءَ سان مرهٽن، راجپوتن ۽ ٻين گهراڻن جي سُٻنڌ ۽ دهليءَ تي انگريز حڪومت جي قائم ٿيڻ ۽ هلندي رهڻ جو بہ

سربستو احوال ڏنو ويو آهي. مهروليءَ جي پر واري پراڻي لال ڪوٽ، سورج ڪنڊ، قسطن ۾ قطب مينار ۽ ان ڪان اڳ وحيبه اِستنبپ جي ٺهڻ جو اتهاس لاشڪ گهڻو دلچسپ آهي.

ان قسم جا حڪومتن جي فروغ ۽ زوال جا احوال ته ٻين به گهڻن ئي ڪتابن ۾ موجود آهن. پر هن ڪتاب ۾ جيڪا ڳالهه ڌيان ڇڪائيندڙ آهي، سا اها ته ان ۾ دهليءَ جي گهٽ ظاهر ٿيل ماڳن مڪانن، ڪيترن ئي لڪل گلين ڪوچن ۽ اهڙن تڪين ۽ حويلين جي اهميت جا داستان ۽ انهن تي مُروج نالا پوڻ جو اتهاس به بيان ڪيو ويو آهي. مثال طور بسنت صاحب ٻڌائي ٿو ته، "نمڪ حرامي ڪي حويليءَ" تي اهو نالو ان ڪري پيو، جو اتي منشي پواني شنڪر نالي شخص رهندو هو جيڪو گواليار جي سِنڌيا راجائن وٽ ملازم هو. سنڌيائن جو جڏهن حڪم دهليءَ تي به هلڻ لڳو ته منشي مالڪن سان دوکو ڪري، انگريزن سان ٺهي ويٺو. جنهن ڪري مرهٽن سندس حويليءَ کي نالو ئي ڏيئي ڇڏيو: "نمڪ حرام ڪي حويلي". دريبان ڪالان، جيڪو اڄ ڪلهه هيرن جواهرن جي واپار جو مشهور مرڪز آهي، ان بابت ٻڌائي ٿو ته ان جو اصل نالو "دُرناياب" هو جو غلط العام جي واهپي سان بدلجي، "دريبان" ٿيو آهي. هاٿوڪي درياگتي بابت ٻڌائي ٿو ته ان جو اڳوڻو نالو "پلنڙ بزار" هوندو هو.

هن ڪتاب ۾ ڪيترا ئي مزيدار راز به کوليا ويا آهن. جواهر لال نهروءَ جي سماڌي "شانتي ون" جي سامهون واقع "آفيمي ڪا تڪيه" لاءِ ٻڌايو ويو آهي ته اتي هڪ درويش شاهه ٻڙي جي مزار هئي، جتي پاسي ۾ آفيم به وڪامندو هو. جنهن تان ان جڳهه تي اهو نالو پيو. بسنت صاحب اهو به ٻڌائي ٿو ته دهليءَ ۾ چلم ڇڪائڻ لاءِ به دوڪان هوندا هئا، جتي ڪيترا شوقين پُڙڪا پرڻ لاءِ اچي مڙندا هئا ته هڪڙو استاد باقر علي به هوندو هو. جيڪو پئسا وٺي، اتي جو اتي ڪهاڻي ٺاهي ٻڌائيندو هو ۽ وندرائيندو هو.

دهليءَ جو جنتر منتر هونئن به گهڻو پَرسڌ آهي ۽ ڪيترا ئي دفعا مون پڻ ڏٺو آهي ۽ دوستن کي گهمايو آهي. اهو اسان مان گهڻن نه فقط دهليءَ ۾، پر جئپور ۽ اُجين ۾ به ڏٺو هوندو. ان جنتر منتر جي اڏاوت ڪرائيندڙ جئپور جي راجا جئي سنگهه بابت به گهڻن کي ئي خبر هوندي، پر بسنت صاحب، ان ڪان به اڳتي وڌي، اسان کي وستار سان ٻڌائي ٿو ته ان جنتر منتر پنيان، آڪاس جي تارن، ڪتين، نکترن کي ماپڻ ۽ موسم بابت اڳڪتيون ڪرڻ جو نجومت جو علم، تيمور لنگ جي پوٽي اُلوگ بيگ جي دين آهي، جنهن کي دانش ۽ فلاسافيءَ سان سندس محبت ۽ قرآن ڏانهن بي رُخيءَ سبب مُلن مولوين ملڪ مان پڃائي ڪڍيو ۽ بعد ۾ سندس هڪ دوست علي ڪشچي، ڳجهه ڳوهه ۾ هن جا آڪاش لوچن ۽ گرهه گوچر جاچڻ سبنڌي ڪتاب کڻي، راتو واهه

اِستنبول ڏي لڏي ويو جتان بعد ۾ قاهره ۽ دمشق مان عربيءَ ۾ پرڪاشت ڪرايائين، جيڪي پوءِ انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي لنڊن، پئرس، جنيوا ۽ فلارينس مان ڇپيا ۽ اهو ٿي علم ان جتنر منتر جي جُڙڻ ۾ ٻه ڪم آيو.

اهڙي قسم جا ڪي ٿي اتهاسڪ احوال هن مختصر ڪتاب ۾ ميسر آهن.

تيرٿ بسنت صاحب جي جوڙيل اتهاس جي گرنٿن ۾ ان قسم جو گهڻو ٿي مواد ميسر آهي. سندس وسيع اڀياس، امتيازي سوچ جدا جدا ماخذن کي پيٽي ڪڍيل وثوق ڀرين نتيجن سبب ان کي وڏي اهميت آهي. هن جو ٻي لاڳپٽو ۽ فطرتي خارجيت، سندس ميسر ڪيل مواد کي ملهائتو بڻائي ٿي. اهو حال جي پاٺڪن لاءِ روچڪ ۽ دلچسپي ڀريو ته آهي ٿي، آئينده جي اتهاسڪارن لاءِ به ڪارائتو ٿي سگهي ٿو.

Address:
C-27, Subhavana Niketan, Pitampura, Dehli- 110034(India)
Mobile: 09810290066

○○




سنڌ جي ڏند ڪٿائي خطي ڪاڇي کي
دريافت ڪرڻ جي هڪ خوبصورت ڪوشش

**ڪاڇو، هڪ اڀياس**

**ليکڪ: عزيز ڪنگراڻي**

هن ڪتاب ۾ پهريون ڀيرو سنڌ جي جابلو پٽي ۽ ان جي ڪڇ سان واسطو رکندڙ قبيلن، سنڌن رهڻي ڪهڻي، تاريخي ماڳن مڪانن، ڏند ڪٿائن، مذهبي جاين، ريتن رسمن، ڳوٺن، نين ۽ لڪن جو به احوال ڏنو ويو آهي. ڪاڇي کي سمجهڻ ۽ ڏسڻ لاءِ هيءَ ڪتاب نصاب جو درجو رکي ٿو.



# امداد حسيني
# سنڌيءَ جو البيلو شاعر

ولي رام وليپ

سنڌي ادب ۾ جن شاعرن پنهنجي فن وسيلي پاڻ مڃايو آهي، انهن ۾ امداد حسينيءَ جو نالو مُک ۽ اهم آهي. هو مڃيل شاعر تہ آهي ئي، پر هن ڪهاڻيون بہ لکيو آهن. نہ رڳو اهو پر تحقيق، لسانيات، لطيفيات، لوڪ ادب، ڪلاسيڪي شاعري، ايتري قدر جو ترجمي جي ميدان ۾ بہ سندس ڪاوشون ياد رکڻ جوڳيون آهن. ڪيترن شاعرن جي مجموعن تي لکيل مهاڳ سندس ادب ۽ شاعريءَ تي گهريءَ نظر ۽ وسيع مطالعي جو ڏَس ڏين ٿا. انهن مجموعن ۾، سندس ڪيل تصحيح ۽ اصلاح دوران، هن جون پنهنجيون اصلوڪيون سٽون بہ شامل آهن، جنهن ڪري سندن شاعريءَ جو معيار اُڀري بيٺو آهي. انهيءَ کان سواءِ، ان ڳالهہ کان بہ ڪنهن کي انڪار ٿي سگهي ٿو تہ ٽماهي 'مهراڻ' جي ايڊيٽريءَ دوران هن ڪيڏي سيبتي انداز ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج شمارا نہ رڳو ايڊٽ ڪيا، پر نواڻ جو اهو ٿڇ ڏنو جنهن کي اسان اڄ بہ "ٽرينڊ سيٽ" جو نالو ڏيون ٿا. اها نواڻ مواد جي چونڊ ۾ پيش ڪيل ڪنٽينٽ جي بہ هئي، تہ پرنٽنگ جي پيشڪاريءَ ۾ بہ هئي. ريڊيو تي سندس گيتن ڀريون ڊرامائي ڪهاڻيون اڄ بہ ٻڌندڙن لاءِ وڏي ڪشش جون ڪارڻ آهن. هن موقعي جو فائدو وٺندي، اهو بہ ٻڌائڻ چاهيندس تہ هن ڪتابي سلسلا شايع ڪرڻ جا تجربا بہ ڪيا، جهڙوڪ، "چوڏس" ۽ "مُٺل ماٺهو جِيٽري پيڙا"- جيڪي هر لحاظ کان جدت يا نواڻ ڏانهن جرئتمندانہ قدم هئا. انهن راهن ۾ هلندي، هو ماهوار "روح رهاڻ"، ماهوار "سهڻي" ۽ ماهوار "سوجهرو" جي صفحن ۾ ڇپيل شاعريءَ تي پنهنجي نظر ڪيميا بہ وجهندو هو جنهن ڪري انهن رسالن جا اهي حصا اڄ بہ ڀرپور ۽ زوردار آهن.

پر ايٽرن ميدانن ۾ ڪم ڪرڻ جي باوجود، امداد بنيادي طور تي شاعر آهي. هن پنهنجي اظهار جا جيڪي به ميڊيم اختيار ڪيا آهن، اهي پنهنجا گهاڙيٽا وٺي پاڻ ڪٺي آيا آهن. ادب جي ميدان ۾ هو طبعي لاڙي سبب ننڍپڻ کان واڳيل آهي. سنڌس نالو 1960ع واري ڏهاڪي ۾ تڏهن ڪان عام ٿيو جڏهن ماهوار "روح رهاڻ" جو اجراءَ ٿيو. "جشنِ روح رهاڻ" ساليانه ميڙ ٿيا ۽ هنڌ هنڌ لطيف جا ڏهاڙا ملهائجڻ لڳا، جتي شيخ اياز نياز همايوني، تنوير عباسي، شمشيرالحيدري ۽ ٻيا ڪيترا ئي اديب ۽ شاعر ادبي اُڀ تي هڪ ڪير ڏارا مثل نظر ايندا هئا، اتي امداد حسيني اڻ تر طور تي هڪ ايرنڊڙ ستاري وانگر نظر ايندو هو جيڪو اڃ به پنهنجيِ آب و تاب سان ٽِڪ ٻڌي بيٺل نظر اچي ٿو.

امداد حسينيءَ جي شاعري چاليهه سالن ڪان وڌيڪ عرصي تي ڦهليل آهي. پهريون مجموعو "امداد آهي رول" 1976ع ۾ شايع ٿيو هو جنهن ۾ پهرين ڏهاڪو سالن جي شاعريءَ جي چونڊ ڪيل هئي. ان ڪان پوءِ 2000ع ۾ سنڌس شاهڪار نظم "شهر" شايع ٿيو هو ۽ هڪ ڊگهي وٿيءَ ڪان پوءِ 2002ع ۾ سنڌس 197 نظمن، آزاد نظمن، غزلن، گيتن، ترائيلن، وائين، بيتن ۽ ٻين صنفن تي مشتمل شعري مجموعو "هوا جي سامهون" ڇپجي پڌرو ٿيو. انهيءَ سموري مواد کي ڏسي، اهو چئي سگهجي ٿو ته هن جي شاعريءَ جو وڏو ڀاڱيٽو وٽس رکيو پيو آهي يا وري مختلف رسالن ۾ پکڙيو پيو آهي ۽ مجموعن ڪان ٻاهر رهجي ويو آهي. ٿيڻ ته اهو کپي ها ته هيل تائين سنڌس رهيل شاعريءَ جو مجموعو يا وري سنڌس سموري شاعريءَ جو ڪليات، سنڌس لکيل ڪهاڻين جو مجموعو، مختلف شاعرن جي لکيل مجموعي تي مهاڳ ۽ ريڊيو تي پيش ٿيل گيتن پرين ڪهاڻين جا مجموعا ڇپجي وڃڻ گهرجن ها، جيئن سنڌس فن ۽ شخصيت تي تحقيق ۽ اڀياس ڪرڻ ۾ سولائي پيدا ٿئي ها. ان سلسلي ۾ اسان جي ڪوتاهي اها آهي جو جيئرن اديبن ۽ شاعرن تي اڀياسي قسم جو مواد دستياب نه ٿو ٿئي. آئون سمجهان ٿو ته اهو ئي ڪارڻ آهي، جو شيخ اياز کي ڇڏي ٻين تي ايترو تجزياتي، تحقيقي ۽ تنقيدي نه ڪم ٿيل آهي ۽ نه ئي اهو مواد ڇپيل صورت ۾ موجود آهي. مون جڏهن امداد جي باري ۾ تنقيدي، تجزياتي يا اڀياسي قسم جو مواد حوالي طور ڏسڻ چاهيو، ته تمام مختصر طور تي مواد مليو. جن ۾ مولانا غلام محمد گرامي، تنوير عباسي يا ڪجهه ٻين جا امداد بابت مختصر نوٽس مليا، جيڪي ڪنهن به صورت ۾ هڙي پايي جي شاعر ۽ ليکڪ جي حيثيت متعين ڪرڻ ۾ مددگار ثابت نه ٿا ٿين.

ايڏي ڊگهي عرصي ڪان پوءِ جيڪڏهن سنڌس شاعريءَ ۽ شخصيت جي باري ۾ يا شاعريءَ جي فني پهلوئن ۽ قدرن جي باري ۾ ڪا ڀرپور لکڻي نظر مان گذري آهي، ته اها

سحر امداد جو لکيل مهاڳ آهي، جيڪو ”هوا جي سامهون“ ۾ شامل آهي. هونئن به مهاڳ، ڪنهن ڪتاب جو تعارف ٿي هوندو آهي، جنهن ۾ رڳو ان ڪتاب جي مواد جا محاسن ۽ ليکڪ جي تعارف ۾ سندس تعريف ڪيل هوندي آهي، پر جس هجي سحر امداد کي، جنهن نه رڳو شاعريءَ جو تجزيو ڪري حق ادا ڪيو آهي، پر جيون ساٿي هجڻ جي رشتي کي پڻ پليءَ پت نڀايو آهي. جيتري قدر آئون ڄاڻان ٿو ته سحر، امداد تي هرک هاريو به سندس شاعريءَ جي ڪري هو جيڪا هن اول ته پنهنجي پهرين محبت جي ويوگ ۽ سنجوڳ لاءِ ڪئي هئي، پر هاڻي سحر ماڻي ٿي. سحر پنهنجي مهاڳ ۾ امداد جي شاعريءَ جي انهن پهلوئن جي اُپٽار ڪئي، جيڪا هونئن جيڪر ٻيو ڪو ڪري ها ته يقينن سندس ڊائريڪشن ۽ اپروچ ٻي نه ته مختلف ضرور هجي ها.

امداد پنهنجي شاعريءَ جي مجموعن مان، ڪنهن جي به باري ۾ ڪجهه نه لکيو آهي ۽ ضروري به ناهي ته لکيو وڃي، پر ڏِکي وڃوٽيءَ کان پوءِ سندس پاران چاليهن سالن دوران ادب ۾ ڪيترا ئي نوان واقعا ٿيا آهن ۽ تحريڪون هليون آهن. انهن جي منزلن ۽ مرحلن جو ذڪر ڪري ها ۽ انهن جي وچ ۾ آيل موڙ ۽ انهن تي بيٺل پاڻ کهڙين ڪيفيتن ۽ نتيجن جو شاهد آهي. ڪن ليکڪن ۽ شاعرن جو ان باري ۾ اهو خيال آهي ته جيڪي ڪجهه چوڻو هو يا لکڻو هو اهو ڪتاب جي اصل مواد ۾ اچي چڪو باقي سموري ڳالهه بي سود، اجائي ۽ ورجاءُ آهي. باقي رهي ان جي اپٽار ته پڙهندڙ پاڻ مواد مان ڇَهني وٺي. پڙهندڙ خاص ڪري ادب ۽ شاعري پڙهندڙ وٽ سوال پوءِ به هوندا آهن، ته لکندڙ يا شاعر لکڻيءَ بابت ڇا ٿو چوي، جنهن ۾ پڙهندڙ جي دلچسپي هوندي آهي. سندس پهرئين مجموعي جي مهڙ ۾ آغاز جي عنوان سان لکيو اٿس:

سنڌڙي جندڙي
ساهه سِر
ٻار گهر
ماءُ پيءُ
لفظ سُر
ڏيان ۽ گيان کي
سوچ ۽ لوچ کي
لڙڪ ۽ مُرڪ
آئون سڀ
تو مٿان
گهوريان
ٻاجهه ڪج
هن مٺيءَ
کي چُمي
چنگ تو چوريان.

امداد جو هي آغاز سنڌ تان. پنهنجي جنم ڀومي ءَ تان سڀ ڪجهه گهورڻ جي وچن جو ورجاءُ آهي، جنهن مان اهو پُرجهجي ٿو تہ شاعر جي من ۾ ڌرتيءَ جو درجو سڀ کان مٿانهون آهي. ايتري قدر جو پنهنجا سڳ سياپا ۽ پاڻ مٿائنس واري وڃڻ جي تمنا ڪري ٿو. حياتي جيڪا نعمت آهي، ان جو اصل ڪارڻ بہ ان ۾ ڏسي ٿو ۽ ٻاجهہ بہ ڌرتيءَ کان ٿو ٻني. گويا ڌرتي ئي آد جڳاد آهي.

سندس مجموعي جي نظم "حمد" جي نرالي لهجي ۾ شاعر پنهنجي محبوب جي هستيءَ کي پنهنجي هستيءَ سان ملڻ واري گهڙيءَ کي امر ٿو ڪوٺي ۽ چوي ٿو ان کي:"حمد جي گهڙي":

رات پوئين پهر ۾
آرزوءَ جي شهر جا مينار سڀ روشن هئا
بانسريءَ جي لهر ۾
اي سرپاءِ وصال زندگي
ڪير ٿو ڄاڻي تہ ڪهڙي پور ۾
تنهنجي هستي منهنجي هستيءَ سان ملي
مُرڪي ڪلي
ٿي ويئي آهي امر!

۽ "هوا جي سامهون" ۾ حمد ۾ مال متاع ۽ ٻئي جهان ۾ حورن ۽ غلمانن جي بدران ڏسو تہ سهي ڇا گهريو اٿس:

مون تہ رڳو
هڪ گيت گُهريو
مَن ميت گهريو!
۽ ڪيس پڪ آهي تہ :
۽ تنهنجي در تان
پالو پاند ڪٺي
ڪو بہ نہ موٽيو.

"اپراڌ" نظم ۾ شاعر نهايت نفيس تصور پيش ڪيو آهي. واردات ٿي ويئي. واردات ڪندڙ ڏوهاريءَ کان پڇيل سوال جي جواب ۾ هڪ خوبصورت تصور ڏنو اٿس، اڻ ڏٺل قوت جو:

"پاڳل ۽ ڇڙواڳ هوا/ سر ٽڪرائي/ بند ٽيل ڪڙڪيءَ کي کولي/ ڇٽي پيل شيشي کي آخر ڪجهہ تہ چيو هو/ چٽنگ بخاري منجهہ ڏٺي هئي/ چُنڊڙ لٽل پٽ تي/ ڪئلينڊر



# رنگ رتي آڪاس جو شاعر

خليل ڪنيار

مُرشد اياز لکيو آهي ته "شاعر جي انفراديت ان ۾ نه آهي ته هو ڪنهن پولار ۾ پيدا ٿئي ۽ هن تي ڪنهن جو به اثر نه هجي. هن جي انفراديت ان ۾ آهي ته هو هر خوشگوار اثر قبول ڪري به سڀ کان نيارو هجي." علي دوست عاجز شعوري طرح پاڻ تي استاد بخاريءَ جي ڇاپ کي برقرار رکڻ جا جتن ڪيا آهن ۽ آئون سمجهان ٿو ته هڪڙي عقيدتمند، هڪڙي تخليقڪار سان زيادتي ڪئي آهي، نيٺ اهو تخليقڪار "رنگ رتي آڪاس ۾" ۾ پنهنجي رنگ سان نروار ٿي بيٺو. جنهن جي نراڙ تي عقيدت جي سجدن جا نشان ته موجود آهن، پر هُن جي جهوليءَ ۾ "ورڇ" هن جي پنهنجي آهي.

چاهه جا چڙا ٻارِن،
خيال جا گهڙا تارِن-
ڪيئن درياءَ جواني جو؟

ڪيترو ته ٿهندو آ،
ساهه سنگتياڻيءَ سان
۽ درياهه پاڻيءَ سان!

ايئن الاءِ ڇو آهي!
دل کي ڪنهن به تڙپايو،
خيال تنهنجوئي آيو!

شاعر ”ڏوڙ- ڏيو“ هوندو آهي. سونارا صبح جو دوڪانن مان ٻهاري ڪڍي گهٽيءَ ۾ اُڇلائيندا آهن. ”ڏوڙ-ڏيو“ ان ڪچري ۾ لٽجي ويل ۽ وڃائجي ويل سون ڳوليندو آهي. بلڪل ايئن ئي شاعر وقت ۽ حالتن جي ڦيري ۾ لٽجي ۽ وڃائجي ويل تهذيب رهڻي- ڪهڻي ۽ ٻوليءَ جا ڏوڙ- ڏيا هوندا آهن. جيڪي روايتون ۽ قدر دنيا جي رنگيني قومن کان کسي وٺندي آهي، هي انهن کي پنهنجي شاعراڻي تخيل سان، ساڳيا اوج ڏيڻ جي سگهه رکندا آهن.

”ڪي لانگوٽي ئي لال، ڪي ڪپڙن ئي ڪوجها“

جيڪي لفظ ٻولين مان ميسارجي ويندا آهن ۽ انهن جي جاءِ تي ڪي ٻيا ڌارين ٻولين جا لفظ رائج ٿي ويندا آهن. شاعر انهن کي پڻ پهنجي شعر ۾ ايئن خوبصورتيءَ ۽ حُسن سان بيان ڪندا آهن، جو اُهي نئين سر عام گفتگوءَ ۾ استعمال ٿيڻ لڳندا آهن.

شـــروع ڪـــان ڏڪـــن ۾ هٿـــي شـــاهه دل،
متـــان ڪـــو چـــوي پـــوءِ- ڊائـــي هٿـــي.

اهي چوٽيون جيڪي هاڻ اسان جي ٻوليءَ ۾ صرف لڪيل ملن ٿيون، اهي ”رنگ رتو آڪاس“ ۾ نئين رنگ سان استعمال ڪري، علي دوست جڻ ته ان کي نئون اوج ۽ نئين معنيٰ ڏيئي ڇڏي آهي، نه ته اسان وٽ عام طور تي ”اڳ ڊائو ۽ پوءِ ڊائو“ ته جاگيرداراڻي سماج جو دفاع ڪندڙ آهي.

آئون پوري ايمانداريءَ ۽ ذميواريءَ سان راءِ ٿو ڏيان ته ”اچن پيئونر پنيوليا“ ۽ ”خوشبو خوشبو خواب“ جي قيدي تخليقڪار ”رنگ رتو آڪاس“ ۾ آزادي ماڻي آهي. هن پيار، محبت ۽ وطن کي الڳ اک سان ڏٺو آهي. اسين هن وقت هڪ اهڙي ڪافر دور مان گذرون پيا، جڏهن پري پري تائين سُڃ واڪا پئي ڪري، شاعري وطن کان لاتعلق ٿي وئي آهي، ۽ وطن هيروز کان خالي ٿي پيو آهي. شاعري ڪجهه وقت تائين لڙڪيل ڪنڌن کي ٽيڪ ڏيندي رهي، ۽ ان شاعريءَ جي ردم تي رقص ڪندي قتل گاهن تائين اوچي ڳاٽ پهتل اُبراڻي سنڌ، ڪنڌ جهڪائي موٽي آئي، ۽ اسان جي رهبرن شاعرن کان قصيدا لکڻ جي فرمائش ڪئي، ۽ شاعري اهڙي نيچ ڪم کان انڪار ڪيو ته نند-وڏائيءَ جي جنگ ۾ وچڙائي هن قبيلي ۾ به قبيلا ٺاهيا ويا، انهن سيني جهيڙن جهميلن کان دور سائين علي دوست عاجز خاموشيءَ سان پنهنجي حصي جو ڪم ڪندو رهيو، هن جي شاعريءَ ۾ جي وطن جو سڏ آهي ته اهو هيئن آهي:

هن درد جي رستي سان،
رت جا نه ڇڏين نشان
ڳوڙها ئي به هاري هل.

۾ جي وطن جي ويڙهن جو درد آهي تہ اهو هيئن آهي:

وچـــايون ســـين اکڙيـــون ۾ ڪانگـــا اُڏاريـــا،
ســـڄو ســـال ڪـــاڇي ڪڪـــر پئـــي نهاريـــا،
تنبـــوري جـــون تـــارون تـــي رڳ رڳ وڄـــي تـــي.

علي دوست عاجز هڪ اهڙي سادي ماڻهوءَ جو نالو آهي، جيڪو پنهنجي حصي جي مشهوري بہ ڪونہ ماڻي سگهيو آهي. هن کي بہ ڪم تہ ايڏو سليقي سان اچن ٿا، جو هو ئي بهتر ڪري سگهي ٿو. هڪ لطيفي ٻڌائڻ جو فن ۾ پيو دوستن سان پيار ڪرڻ. لطيفو هو ڪنهن لوڪ ڪٿا جيئن شروع ڪندو آهي ۽ ماڻهو هڪ- ڪنو تي پيو ٻڌندو. آخري جملي تي ڪچهري کِل ۾ ويڙهجي ويندي ۽ هيءُ همراهہ پيو مُرڪندو آهي. ڪنهن ڏينهن ڏيهاڙي سندس در تي مهمان تي وڃبو تہ "اوريان- گهوريان" پيو ٿيندو. اسان جو هيءُ دوست علي دوست ۽ صادق فقير دوستن سان تہ ٻچن جيئن پيار ڪندا آهن، انهن جي هر ڏک- سک جا ڀاڱي-ڀائيوار مطلب تہ برابر جا حصي دار. سائين علي دوست پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ بہ رَڄ اشراف ماڻهو آهي. رشتا رت جا هجن يا هٽ جا هجن، علي دوست تن سان ڇڻ تہ هڪ عمر کان ڪچي ڌاڳي ۾ ٻڌل آهي.

ساجان جي سار سنڌي شاعريءَ تي ڇڻ تہ ڪو احسان ڪري وئي آهي. ساٿس گهاريل ۾ ھتس گهوريل گهڙيون "رنگ رتو آڪاس" ڪري ويون. سائين علي دوست عاجز جي تخليقي سفر کي مون کي حسن درس جي اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي تہ "شاعريءَ تي ڳالهائبو ڪونہ آهي، شاعري پاڻ ڳالهائيندي آهي." ۽ آئون بہ اهو ئي چاهيان ٿو تہ سائين علي دوست جي شاعري پاڻ ڳالهائي.

ابـــاڻن کـــان ڦيـــرائجن ڪيـــئن اکيـــون،
امـــڙ ســـاڻ ڪهـــڙي ڪـــو آڪـــڙ ڪـــري.

خـــدا ڏنـــيم طاقـــت اُتـــاري وجهـــان،
ضـــميرن مُـــئن کـــي وڏي رڙ ڪـــري.

انهـــيءَ ڄـــار کـــي مـــارَ شـــل ڪـــا پـــوي،
مـــري ويـــا پکـــي جـــنهن ۾ ڦـــڙ ڦـــڙ ڪـــري.

پُڄـــي ڳـــاج ســـان ســـگهندي عـــاجز ڪٿـــي،
ڳهُڳهـــي چـــونـــ ڪيـــڏي بـــ گـــڙ گـــڙ ڪـــري.

□□



# هر ماڻهو پنهنجو منفرد دوزخ آهي

آدرش

مان دنيا جا مذهبي ڪتاب پڙهندو آهيان. هر مذهبي ڪتاب ۾ نيڪيءَ تي ئي زور ڏنل آهي ۽ اسان انهن سٺين ڳالهين کان ڪوهين پري آهيون.

تازو مون پراڻو ۽ نئون عهد نامو پڙهيو. ڏاڍيون سٺيون ڳالهيون آهن.

هڪ انگريزي فلم ۾ قيديءَ کان سپاهي پُڇندو آهي: ”ڇا تون سدائين بائيبل پڙهندو آهين؟“ قيدي وراڻي ٿو:”ها! هي دماغ جا دروازا کولي ڇڏي ٿو.“

ان ڪتاب جي هيٺين ڳالهين منهنجي منَ کي ڇُهي ورتو.

- چڙ بي عقل ماڻهوءَ کي ماري ٿي ۽ ساڙُ نادان ماڻهوءَ کي کُهي ٿو.
- ماڻهو تڪليف جي لاءِ ڄائو آهي.
- منهنجا ڏينهن ڪوريءَ جي نڙي کان بہ تکا آهن ۽ اُميد کان سواءِ گذريو وڃن.
- ياد رکو! اسان جي حياتي هوا وانگر آهي.
- جيئن ڪو ڪڪر وسي گُم ٿي وڃي، تيئن جيڪو هيٺ قبر ۾ وڃي ٿو سو وري مٿي نہ ٿو اچي.
- جيڪڏهن گناهہ تنهنجي هٿ ۾ هجي، تہ اهو اُڇلائي ڇڏ.
- ڏاهپ ڳُراڙن وٽ آهي ۽ سمجهہ وڏيءَ عمر ۾ آهي.
- بي دين ماڻهو پنهنجي لاءِ ڪيڏي بہ دولت حاصل ڪري، تہ بہ انهيءَ جي اُميد ڪهڙي آهي، جڏهن خدا هن جو روح ٿو ڪڍي؟
- هن کي خوفَ پاڻي وانگر وڪوڙي وڃن ٿا. (اَيوب)

● سنو ماڻهو ان وڻ وانگر ٿيندو آهي، جو پاڻيءَ جي نَهرن جي ڪنڌيءَ تي لڳايل آهي ۽ پنهنجي مُند تي ميوو ڏئي ٿو ۽ ان جا پَن بہ نہ ٿا سڙن.

- ٻچڙا ماڻهو اُن ٻهه وانگر آهن، جن کي واءُ اُڏايو ڇڏي.
- سچي جي اُميد خوشي ڏيندي، پر شرير جي آس ڇَٽ ٿي ويندي.
- جيڪو ٻئي کي پاڻي ڏئي ٿو تنهن کي پنهنجي لاءِ بہ پاڻي ڏنو ويندو.
- سچائيءَ جي رستي ۾ حياتي آهي ۽ ان جي ڏِگ تي موت ڪونهي.
- سياڻو ماڻهو علم لڪائي ٿو.
- نيڪ زال پنهنجي مڙس جو ڇٽُ آهي.
- شرير جو گهر ڪري پوندو، پر سچي جو تنبو آباد رهندو.
- نرم جواب ڪاوڙ وڃائي ڇڏي، پر ڏکوئيندڙ ڳالهہ ڪاوڙ پيدا ڪري ٿي.
- ڏکويل ماڻهوءَ جا سڀ ڏينهن خراب آهن، پر خوش مزاج لاءِ هميشہ عيد آهي.
- خوشيءَ واري دل چڱي دوا آهي، پر شڪستو روح هڏا سُڪائي ڇڏي ٿو.

● سعيد اختر اسان جي ملڪ جو ناميارو چترڪار آهي. هو نيشنل ڪاليج آف آرٽس لاهور ۾ پڙهائيندو آهي. سعيد اختر کي علم البدن تي وڏو عبور آهي، علم البدن مان مراد زائفاڻو جسم آهي. سعيد اختر پاڻيءَ کان سواءِ اڄ تائين ڪجهہ ناهي پيتو. نماز ۽ روزي جو پابند آهي، پر هن جهڙيون NUDE پينٽنگس ڪنهن ٻئي چترڪار جي وس ۾ ناهن، جو ناهي سگهي.

● فرينچ چترڪار پال گوگين پئرس ۾ عالي شان زندگي گذاريندو هو. هو هڪ بينڪر هو. ٻارن ٻچن وارو هو ۽ هڪ ڇئن گهوڙن واري بگيءَ ۾ سفر ڪندو هو. سنڊس من ۾ الائي ڇا سمايو جو سڀ ڪجهہ تياڳي ڇڏيائين. چڱي وقت تائين گند جي پيتين مان کاڌو ڳولي کائيندو هو پر چترڪاري ڪو نہ ڇڏيائين.

فرانس کان سفر ڪندو تاهيٽيءَ ۾ هڪ جزيري ۾ وڃي پهتو. اتان جي مقامي عورتن مان ٻار پيدا ڪيائين ۽ نيٺ ڪوڙهہ جي مرض ۾ مبتلا ٿي ويو. جڏهن هن جون آڱريون ڳري ويون تہ هٿن تي بُرش ٻڌي، چترڪاري ڪندو هو. پال گوگين مئو تہ، جنهن جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو ان کي بہ لاش سان گڏ ساڙيو ويو.

● مائيڪل اينجلو ورهين جي محنت کان پوءِ هڪ رات حضرت موسيٰ جو مجسمو مڪمل ڪيو تہ همراهہ هٿوڙي ۽ ڇيڻي کڻي، هن جي سامهون ويهي، هن جي ڳالهائڻ جو اوسيئڙو ڪندو رهيو. مجسمي نہ ڳالهايو. تہ مجسمي جي گوڏي تي هٿوڙي هڻي چوڻ لڳو: "مڪمل تہ آهين. پوءِ ڳالهائين ڇو نہ ٿو."

● ناميارې ليکڪ طارق عالم ابڙي، پنهنجي هڪ انٽرويوءَ ۾ پنهنجي وَني رضيہ لاءِ هڪ زبردست جملو چيو هو تہ "هوءَ منهنجي لڙڪن جو رومال آهي."

● سچ کي لهنديءَ شام جو پکين کي واپس ورندي ڏسندو رهيم.
۽ اهو سمجھڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳم ته :
سچُ لهڻ کان اڳ پکين جي راهه ڏسندو آهي
يا پکي سچ لهڻ جي؟ (هندي فلم ”ايڪ“ جو مڪالمو)
● ”جيڪڏهن توکي سئو صوف گهر جي ته وڻ مان پٽِ!“
پر وڻ ڪٿان آڻيان؟ (نامعلوم)
● هر ماڻهو پنهنجو منفرد دوزخ آهي. (آنائِس نِن)
● عورت سان سمهڻ پنهنجو پاڻ کي مارڻ کان وڌيڪ مزيدار عمل آهي. (ليڪڪ علي الاسوائيءَ جو انٽرويو)
● يقين جي حالت ۾ سمهي رهڻ، شڪ جي حالت ۾ نماز پڙهڻ کان بهتر آهي. (حضرت علي ع)
● جنت بابت منهنجي ذهن ۾ هميشه هڪ لائبريري جو تصور آهي، بيا ماڻهو باغ يا محل سوچيندا آهن. (خورخي لوئيس بورخيس)
● مون انيڪ ڀيرا ان ڳالهه تي غور ڪيو آهي، ته موت ڇا آهي.
هڪ ڀيري مون سامونڊي جهاز ڏٺو. جڏهن اهو ڪناري کان پري ٿيندو نظرن کان غائب ٿي ويو ته اتي موجود ماڻهو چوڻ لڳا: ” هليو ويو“.
مون سوچيو پري هڪ بندرگاهه هوندو اتي موجود ماڻهو جهاز کي ڏسي چئي رهيا هوندا: ”اچي ويو“.
۽ شايد ان جو نالو ئي موت آهي.
هڪ پراڻي زندگيءَ جو انت ۽ هڪ نئين زندگيءَ جي شروعات. (خليل جبران)
● زندگي تلخ ڇو؟
سٺي آهي، گذارڻ جو ڍنگ ڪونهي ڪو. (محسن ڪڪڙائيءَ جي خطَ مان)
● منهنجي شهر شڪارپور جو املهه شخص عرض محمد شيخ هو. مرحوم 1960ع ۾ پرائمري اسڪول، هائي اسڪول ۽ هڪ ڪاليج قائم ڪيا. مرحوم عرض محمد در در تي وڃي ٻارن جي والدين کان سندن ٻار پڙهائڻ لاءِ وٺي ايندو هو. شاهه لطيف جي نالي سان اڄ به اهي اسڪول ۽ ڪاليج سرڪاري طور هلن ٿا. پر انهن ۾ علم ناهي! مرحوم پٽي جڏهن اهي اسڪول نيشنلائيزڊ ڪيا ته مرحوم عرض محمد شيخ کي ته ڪو سرڪاري اعتراض واري، سندس مُٺ خالي ئي ڪٽي وئي ۽ هو پڇاڙڪا ڏينهن ٽائيپ ڪري، پيٽ گذران ڪندي مري ويو.
شڪارپور جو عرض محمد شيخ، سر سيد احمد خان هو. پر هن بي قدري ملڪ ۾ سندس قدر نه ڪيو ويو.
”ويا مورَ مري، هنج نه رهيو هيڪڙو.“

شاهہ لطيف هاءِ اسڪول ۾ هڪ محنتي اُستاد آهي انور علي سومرو. انور علي نہ رڳو استاد آهي، گڏوگڏ اديب پڻ آهي ۽ سنڌي ادبي سنگت شڪارپور شاخ جو سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهي. انور علي سومرو هڪ پڙهائيندڙ ۽ ذميوار استاد آهي. ڪلاس ۾ گائون پائي پڙهائيندو آهي. ڪو شاگرد گهٽو گسائيندو تہ ان جي گهر لنگهي ويندو آهي.

هڪ ڏينهن مان پڇيومانس تہ"سائين! ڪو قدر بہ اٿو."

چوڻ لڳو : "اجرالله ڏيندو. قدر اهو آهي جو هڪ ڏينهن بہ پيرڊ سوپر موڪل تي. مان مٿي پڙهائڻ ۾ رڌل هيم. موڪل جو پتو ڪو نہ هو. هيٺ پٽيوالا دروازن کي ڪلف ڏئي بيٺي ڳالهائن پيا تہ هڪ پٽيوالي ٻئي کي چيو:"يار! خيال ڪجانءِ، اهو چريو ماستر اجا مٿي پڙهائيندو هوندءِ." سو سائين! آهي نہ وڏو قدر!"

- نينهن نياپي نہ ٿئي، جي تون نہ وڃين پاڻ.
- اڳوڻو يوگو سلاويا جو صدر سِلو بوڊان ميلا وسيوڪ، جيل ۾ 11 مارچ 2006ع تي مري ويو. ڏاڍو حرامي صدر هو هن جي موت تي روزاني "تربيوٽ" سرخي ڏني تہ:

Milosevic was found lifeless on his bed in his cell.

- جرمن فلسفي شوپنهار پئرس جي هڪ باغ ۾ ويٺو هو ۽ گلن جي ٿاري جُهڪائي پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو. مالهي سمجهيو تہ هو گلن سان ڳالهائي رهيو آهي.

مالهيءَ ڪانئس پڇيو: "اوهان ڪير آهيو؟"

شوپنهار کيس ورندي ڏني:"دلبر! جيڪڏهن تون مون کي ٻڌائي سگهين تہ مان ڪير آهيان تہ مان سڄي عمر تنهنجو ٿورائتو رهندس."

- مان سيپٽمبر 2009ع ۾ ڏاڍو ڊپريشن جو شڪار ٿيم. هن ملڪ جي نظام ۾ يا ٻار خوش گذاري سگهي ٿو يا وري ڪو وري چريو ماڻهو. مان علاج لاءِ ڪراچي ويم. علاج کان پوءِ ڪجهہ طبيعت ۾ بهتري آهي.

منهنجو دلبر دوست شفقت سومرو آهي. تمام سٺو شاعر پر کيس صحافت ۽ گهرو مسئلن شاعريءَ جي ديويءَ کان پري ڪري ڇڏيو آهي.اڄ ڪلهہ پي. پي. آءِ ۾ نيوز ايڊيٽر آهي. مان شام جو اڪثر گهران نڪري شفقت ڏانهن ويندو هيم. هڪ شام جو هن چانهہ پيئندي پڇيو:"تنهنجا خوشيءَ وارا لمحا ڪهڙا آهن؟"

"مون لاءِ خوشي لوڪ ڪهاڻي واري اُها پَري آهي، جيڪا ديوَ جي قيد ۾ آهي."

"پوءِ بہ."

"شفقت ميان! منهنجا خوشيءَ وارا لمحا اهي آهن، جڏهن مان ڪراچيءَ ۾ هوندو آهيان. اڪيلو ڪمرو هوندو اٿم. سگريٽ هوندا اٿم ۽ محبوب ناولسٽ جيمس هيڊلي چيز جو ناول هوندو اٿم."

● مان مرڻ چاهيان ٿو. اُن ڪالهه وانگر، جيڪو گذري ويو. (لورڪا)
● انساني تجربي جون ٽي ڳجهيون شيون آهن: جنس، فن ۽ مذهب. (جان اپڊائيڪ)
● ياڳ واري ڪي نيل نديءَ ۾ اُڇلائيندئو ته به هو نه ٻُڏندو. هو سلامت موتي ايندو ۽ مڇي سندس وات ۾ هوندي. (مصري چوڻي)
● سچي محبت ۾ روحُ جسم سان پاڪر پائيندو آهي. (موپاسان)
● جنهن محبت کي ڇُهيو ناهي، سو اوندهه ۾ پٽڪندو رهندو آهي. (افلاطون)
● شادي شده زندگي رڳو مردن جي خراب ناهي هوندي، زائفن جي به هوندي آهي.
● اُردو تنقيد ۽ ڪهاڻيءَ ۾ ممتاز شيرين تمام وڏو نانءُ آهي. هن جهڙي تنقيد، اڄ تائين ڪنهن ناهي لکي. مرحوم وڏي پڙهاڪو هئي. هن جو تنقيدي ڪتاب "معيار" مشهور ڪتاب آهي. هوءَ ڪينسر جي مريضه ٿي پئي ته ڪوئي ڪيس پڇڻ ڪو نه ايندو هو. ڪينسر وارڊ ۾ اڪيلي پئي هوندي هئي. هڪ ڏينهن هن جو بيوروڪريٽ مڙس صمد شاهين هن کان پڇڻ آيو ته مرحومه ڪانئس آئيس ڪريم جي فرمائش ڪئي. هن جي مڙس ڪيس دڙڪو ڏيندي چيو "توکي جيڪي اسپتال ۾ ملي، اهو کاءُ."
نيٺ هڪ ڏينهن مري وئي. آمريڪا ۾ رهندڙ سندس پٽ به ڪو نه آيو.
● I don't believe in God, but I miss him. (Julian Barnes)
● مان ڪتاب ائين لکندو آهيان، ڄڻ اهو ڪتاب منهنجو آخري هجي. (وي. ايس. نائپال)
● مون کان جيترو ممڪن ٿي سگهيو آهي، سنڌي، اردو ۽ پرڏيهي فڪشن ۽ شاعري چڱي خاصي پڙهي اٿم. مان جڏهن به خوشيءَ جا پل حاصل ڪرڻ چاهيندو آهيان ته پنهنجي محبوب ليکڪ جيمس هيڊلي چيز جا ناول پڙهندو آهيان. هن جي ناولن جي خاصيت اها آهي جو هيءُ هڪ وندرائيندڙ دوست ليکڪ آهي. هر ناول مختلف هوندو آهي. هندي ليکڪ ڏيراج شرما جي چواڻي ته "هو سسپينس جو موسيقار اعظم آهي."
جيمس هيڊلي چيز (James Haley Chase) جو اصل نالو رئن براباذڪ ريمنڊ آهي. هيءُ 24 سيپٽمبر 1906ع تي هڪ آرمي آفيسر ڪرنل فرانسس ريمنڊ جي گهر ۾ ڄائو. هن جي جنم ڀومي ايلِنگ، لنڊن آهي. پڙهائيءَ کان پوءِ بئنڪ ۾ ملازم ٿيو. پوءِ 18 ورهين جي عمر ۾ لکڻ ڇڏيائين ۽ مختلف نوڪريون ڪندو رلندو ٻي عظيم جنگ ۾ لکڻ جي شروعات ڪيائين. RAF ۾ ڀرتي ٿيو جتي هو اسڪوارڊن ليڊر هو. ان سان گڏوگڏ رائل فورس جو مئگزين پڻ ايڊٽ ڪيائين. 1934ع ۾ ايم.ڪين جي هڪ ڪهاڻي "ٽپالي به پيرا گهنٽي وڄائيندو آهي" کان متاثر ٿي، لکڻ جو فيصلو ڪيائين. چيز 89 ناول لکيا، جيڪي 35 ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن، جن ۾ سنڌي ٻولي پڻ

شامل آهي. هن جي ناولن تي آمريڪا، جرمني، روس، فرانس ۽ انڊيا ۾ فلمون ٺهي چڪيون آهن. چيز ڪي نقادن گهٽوٽي نشانو بڻايو ته هو خاص طور تي عورتن جي ناولن ۾ تذليل ڪري ٿو وغيره. پر چيز نقادن ڏانهن ڌيان ئي نه ڏيندو هو.
هو اخبارن ۽ رسالن جي نمائندن کي انٽرويو به نه ڏيندو هو ۽ نه ڪنهن ناول تي ڪنهن کان مهاڳ لکرائيندو هو. هو چوندو هو ته "جڏهن ڪنهن ليکڪ جا ليک سڄيءَ دنيا ۾ وڪامن ۽ پڙهيا وڃن ته هن کي ڪهڙي ضرورت آهي، جو هو وتي انٽرويو ڏيندو ۽ مهاڳ لکرائيندو."
جيمس هيڊلي چيز 6 فيبروري 1985ع ۾ ڪارسيوئيڪس، سئيزرلينڊ ۾ وفات ڪري ويو. هن جي آخري رسمن ۾ سندس ونني سلوياري کان سواءِ ڪيترا ئي پاٺڪ شامل هئا.
● البرٽ آئن اسٽائن جرمنيءَ جو نه سڄيءَ دنيا جو سائنس دان هو.
هو هڪ وڏو پڙهاڪو به هو. فرانز ڪافڪا لاءِ هن جي ڳالهه ڪيڏي نه وڏي آهي. هن ڪافڪا لاءِ چيو هو ته"هي ليکڪ دماغ کي رهنڌون پائيندو آهي."
آئن اسٽائن جون هينئن کي ڇهڻ جهڙيون ڳالهيون:
-جڏهن توهان ڪنهن سهڻي ڇوڪريءَ سان ٽيهه منٽ گذاريو ٿا، ته اُهي هڪ پل برابر آهن. جڏهن توهان هڪ پل ڪنهن گرم چلهه پرسان گذاريو ٿا ته اُهو ٽيهن منٽن جي برابر آهي.
- مان مستقبل لاءِ نه سوچيندو آهيان. ڇو ته اهو ضرور ايندو.
- تخيل، معلومات (ڄاڻ) کان وڌيڪ آهي. ڄاڻ محدود هوندي، تخيل سڄيءَ دنيا کي ياڪر ۾ آڻيندو آهي.
- ماٺهو فوٽوگراف ۾ ڪراڙو ناهي ٿيندو.
- جيڪڏهن مون کي پتو هجي ها، ائٽم بم هيروشيما تي اڇلايو ويندو ته مان ڪلڪ ناهيان هان.
- مان گهرو بي دين آهيان ۽ اهو دين جو هڪ نئون انداز آهي.
- بيوقوف ۽ سياڻي ۾ اهو فرق آهي ته سياڻي وٽ محدوديت هوندي آهي.
- سائنس، مذهب کان سواءِ گونگي آهي ۽ مذهب سائنس کان سواءِ انڌو آهي.
- اسان جي زندگي گذارڻ جا ٻه طريقا آهن. هڪ اهو ته ڪو به معجزو ناهي. ٻيو اهو ته سڀ ڪجهه معجزو آهي.
- بکايل ڪڏهن به سنو سياسي صلاح ڪار نٿو ٿي سگهي.
- منطق اوهان کي الف-ب ڏانهن وٺي ويندو پر تخيل اوهان کي هر هنڌ وٺي ويندو.
● اسان ٻاڻيءَ جا ڦڙا آهيون ۽ سمنڊ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. (وِل ڊيورانٽ)

● 1974ع ۾ احمد فراز پاڪستان نيشنل سينٽر پشاور جو ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر هو. هڪ وفاقي وزير هن جي بدلي ڪوئيٽا ڪرائي ته فراز ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو. ڪورٽ ۾ جج فراز کي چيو ته "اوهان کي هڪ سهڻي شهر ۾ بدلي ڪيو ويو آهي، جتان جي موسم عالي شان آهي ۽ اهڙي موسم کي قائداعظم محمد علي جناح ترجيح ڏني، اوڏانهن ويو هو. توهان کي اها موسم نه ٿي وڻي؟"
احمد فراز کيس برجُستجو جواب ڏنو هو ته"ماءِ لارڊ! اوهان اهو به ته ڏسو ني! ته هو موٽيو ڪيئن هو." (حميد آخوند جي "ڊان" ۾ لکيل مضمون مان)

● ساڳ وڃهي مڇيءَ کي لڪائي نه ٿو سگهجي.

● ماڻهوءَ ڪان وڻن جي عمر ڪيتري وڏيڪ ٿيندي آهي.

● پاليل جهرڪي هڪ وار ڇٽي وڃي ته وري واپس نه ايندي

● دوا بيماريءَ کي ته ٺيڪ ڪري سگهي ٿي، پر موت کي ٽاري نه ٿي سگهي.

● پتي پتنيءَ جي جيون- گاڏي نه هلڻ جي اَشانتي بي ڪانهي.

● سج ايرڻ ۽ سج لهڻ جو آنند هڪڙو ئي آهي، جدا ناهي.

● دنيا ۾ بي عزتيءَ جي باهه جيءَ کي جلائڻ واري ٿيندي آهي.

● ڪا ڳجهي ڳالهه لڪل پريشانيءَ وانگر منَ ۾ قيد ٿيل هجي ته ان کي ظاهر ڪري هانءُ هلڪو ڪريو.

● اميد ئي بي سهارا ماڻهوءَ لاءِ واحد سک جي ننڊ آهي.

● مان گهري رات جي تارن وانگر جاڳي رهيو آهيان.

● دنيا سک دک جي آهي، جيترو سک آهي اوترو ئي دک آهي. (تارا شنڪر بندو پاڌياجي بينگالي ناول مان)

● اسان صحرا جو خواب ڏسي رهيا هياسون.
جيئن ڪو راهب هڪ عورت جي ٻانهن جو خواب ڏسي.
يا ڪو يتيم هڪ بئنسريءَ جو. (محمد الماغوط جي نظم جون سٽون)

● بخشيو آهي تخيل اهو ڏانءُ مون کي.
شعلي کي نپوڙيان ته ماڪ ٽمي پئي. (جوش مليح آبادي)

● "اوهان شاعري ڇڏي ڇو نه ٿا ڏيو؟" منهنجي گهر واري زرينه سڏڪا ڀريندي چيو.
مون هن کي ڪوئي جواب نه ڏنو ۽ رڳو هن جا ڳوڙها اگهيا.
مون دل ۾ چيو"شاعريءَ کي ڇڏڻ جو فقط هڪ طريقو آهي، ته مان ريوالورجي گوليءَ سان ان دل کي ختم ڪريان. جنهن تولاءِ مصيبت پيدا ڪئي آهي." (ساهيوال جيل جي ڊائري-شيخ اياز)

● منهنجو هڪ دوست جيڪو جج هو، مذهب ۾ اعتبار نہ ڪندو هو. هڪ ڀيري هن جو پيءُ، هن جي چئمبر ۾ آيو تہ ڏٺائين تہ ٻين قانوني ڪتابن سان گڏ هن جي شيلف ۾ "هدايا"، "فتا واءِ عالمگير"،امير عليءَ جو "محمدن لا" ۽ ٻيا اهڙا اسلامي قانون تي ڪتاب رکيا هئا. ان تي هن جي پيءُ چيو تہ"بابا! ماڻهو تہ ڏاڍا ڪُوڙا آهن، مون کي چوندا آهن تہ تنهنجو پٽ ڪافر آهي. تو وٽ تہ ڪهڙا نہ چڱا ڪتاب پيا آهن."

ان تي جج صاحب ٺهڪ ڏيندي چيس"بابا! توهان ڇا اهو سمجهيو هو تہ مان بنان پڙهڻ جي ڪافر ٿيو آهيان؟" (ساهيوال جيل جي ڊائري-شيخ اياز)

● جڻ ڪي انگيءَ ڄار ۾ تتر ٿا تڙڦن!
پاڻيءَ ۾ پاڇو پيو ڏنو مُنڌ لڱن!
ترنيءَ پنهنجي تن، هِر ڪي هٿ گهمائيا.
هي اياز جو بيت آهي يا ڪا عاليشان پينٽنگ؟

● فلسفي برٽرينڊرسل پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ مها ٻڌ کي تاريخ جو پهريون نمبر انسان سڏيو آهي. اهو ان ڪري جو مهاتما ٻڌ نہ مڃيندڙن ۽ ساڻس اختلاف رکندڙن کي ڪنهن بہ عذاب يا دوزخ جو دڙڪو نہ ڏنو هو. برٽرينڊرسل 1970ع ۾ فوت ٿي ويو. آخري وقت ۾ ڪنهن هن کان پڇيو تہ "جيڪڏهن تنهنجي خدا سان ملاقات ٿئي تہ ڪهڙو عذر ڪندين؟"

وراڻيائين:"مان هن کي خود پنهنجي وجود جو ثبوت پيش نہ ڪرڻ تي، ساڻس جهيڙو ڪندس."

● هن ملڪ ۾ زندگي گذارڻ دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل آهي.

● اوچتو درياءَ مان چنبڙ اهڙي طرح ظاهر ٿيو جڻ ڪنهن نازنين جو ڪُلهو اگهاڙو ٿي ويجي. (اناطول فرانس جي ناول تان)

● تنهنجو پيار مون تي حملو ڪري ٿو.
ان خوشبوءَ وانگر
جيڪا ڪائي عورت ڏاڪڻ چڙهندي
پٺتي ڇڏي ويندي آهي.

● منهنجو پيار اهو قانون آهي
جيڪو مون پاڻ ٺاهيو آهي
تنهنجو ڪم منهنجي ٻانهن وچ ۾
گل جيان سمهڻ آهي.

● تنهنجي ايندي ئي

پٽ تي ٽنگيل تصوير جا ٻڪندڙ گهوڙا
مون کي ڇڏي تو ڏانهن ڊوڙيا.
مارچ جي ان صبح جو جڏهن تون مون سان ملڻ آئي هئينءَ
زمين ڏڪي وئي هئي ۽ هڪ چمڪندڙ تارو
ڪٿي ڪِري پيو هو.
● اهي ٻه سال
جڏهن تون منهنجي محبوبا هئينءَ
جديد محبت جي ڪتاب جا
سڀ کان اهم صفحا آهن. (نزاز قاباني جي نظمن مان سٽون)
● منهنجي محبوبا پڇيو:
مون ۾ ۽ آسمان ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
فرق اهو آهي مٺي!
جڏهن تون کلندي آهين
ته مان آسمان کي وساري ڇڏيندو آهيان. (نزاز قاباني جو نظم)
● جيڪڏهن ٻار جا هٿ ڏوتل هجن ته هو بادشاهن سان ويهي ماني کائي سگهي ٿو.
● سج پهريون انهن مٿان چمڪندو آهي، جيڪي هُن کان اڳ اٿندا آهن.
● جڏهن چنڊ چمڪندو آهي ته منڍن کي به گهمڻ جي خواهش ٿيندي آهي.
● اسان دولت جا طالبو ناهيون. ڇو ته جنهن وٽ صحت ۽ ٻار هوندا، دولت ان وٽ هلي ايندي.
● جهڙو جيئڻ نچندو، تنهن لاءِ دهل به اهڙو وڄندو. (چينو آچيبي جي ناول مان)
● گهر جي ڇٽندڙيتين مٿان ڇت ائين لڳي رهي هئي ڄڻ ڪنهن جهُڪيل ٽوپ پاتو هجي.
● ايڪنيهن سالن جي عمر. نه ڪراڙپ. نه جواني. پر جيئڻ لائق مرڻ جي عمر.
● راهل شادي ڪرڻ ۾ اها ئي بيتابي ڏيکاري جيئن ڪو مسافر ايئرپورٽ جي لائونج ۾ خالي ڪرسيءَ ڏانهن ڊوڙندو آهي.
● پئسو ڪڏهن به پورو ناهي پوندو. (ارونڌتي راءِ جي ناول مان)
● هڪ پيري ڪنهن مسجد مان هن جا جُوتا چورايا. اهو چوندي پيرن اگهاڙو واپس آيو ته "الله جو شڪر آهي جو چور جا ٻه ئِي پير سلامت آهن."
● منجهند جو ننڍڙو پوٽو اسڪول کان موٽيو ته گهر ۾ گهڙندي ئي چوڻ لڳو:"ڏاڏا! سڀ چون ٿا اوهان چريا آهيو ڇا سچ پچ اوهان چريا آهيو؟"
وراڻيائين"ها پٽ! لالو کيت ۾ رهان ٿو ان ڪري ماڻهو چون ٿا ته چريو آهيان. ڊفينس ۾ رهان ها ته ماڻهو چون ها نروس بريڪ ڊائون ٿي ويو اٿس."

● "مان پاڻ دوزخ ۾ وڃڻ چاهيان ٿو."
"ڇو ڀلا؟"
"اتي مُلان نہ هوندو." (رضا علي عابديءَ جي ڪهاڻين مان)
●دنيا هڪ شاعر جو لکيل دردن ڀريو ناٽڪ آهي.
ـ من چاهي ٿو منهنجون چُميون تنهنجي بدن جو لباس ۽ مٿي جو تاج هجن.
ـ خدا جي ديدار لاءِ مري وڃڻ ئي ڪافي ناهي.
ـ دنيا ۾ نيڪ رهڻ لاءِ وڏيون تڪليفون سهڻيون پون ٿيون.
ـ پفنوتوس، دنيا جي هن ڪارخاني کي ماڻهوءَ جي اک وانگر نہ، پر گهوڙي جي وحشي نظرن سان ڏسندو آهي. (اناطول فرانسس جي ناول "تائيس" مان)
● هوءَ ائين اتي جيئن گل مان خوشبو.
ـ مان هڪ چميءَ لاءِ بادشاهي ڇڏي سگهان ٿو.
ـ اولاد ڪارڻ ماڻهو ڪيترائي سمجهو تا ڪندو آهي. (قاضي عبدالستار)
● فراق گورک پوري اردوءَ جو تمام سٺو شاعر هو. هو ذهين ۽ حاضر جواب بہ هو.
هڪ ڀيري نامياري اردو ليکڪا چوڻ لڳي:"آخر اهو ڪهڙو ڪم آهي، جيڪو عورت مرد کان سوا نہ ٿي ڪري سگهي؟"
فراق مرحوم وراڻيس:"عورت سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿي، پر ٻار پيدا نہ ٿي ڪري سگهي."
● جيڪو سڀ جو ڀلو چاهيندو هجي، ان کي ڪهڙو ڀوءُ؟ ان کي هٿيار جي ڪهڙي ضرورت؟
ـ جڏهن بي هوش رام کي سيتا اسپتال وٺي آئي تہ هن جي حالت ان گل جهڙي هئي، جيڪو ڪنهن فوجيءَ جي ڳوري بوٽ هيٺان لتاڙجي ويو هجي.
ـ موت ڇا آهي؟ نئون سلسلو- پراڻو سڀ ڪجهہ ڇڏڻو پوندو. ان ڪنوار وانگر جيڪا پيءُ ماءُ جو گهر ڇڏي، ڪنهن نئين ديس، نئين سماج، نون ماڻهن وچ ۾ گهر ٺاهيندي آهي.
ـ پيهہ ۾ ائين گم ٿي ويو جيئن سمنڊ ۾ ڦڙو.
ـ ڏکي جيئڻ سان زندگي گهٽجي ويندي آهي.(عابد سورتيءَ جي ناول مان)
● ذوالفقار علي ڀٽو جنرل گل حسن (گل حسن محمد علي جناح جو اي ڊي سي رهي چڪو هو) سان اسلام آباد وڃي رهيو هو. ڀٽي صاحب هن کان پڇيو :"جناح صاحب جي ڪهڙي ڳالهہ اوهان کي وڻي؟"
گل حسن چيو "اسان گاڏيءَ ۾ وڃي رهيا هئاسون تہ سگنل وٽ ڳاڙهي بتي ڏسي، جناح صاحب گاڏي روڪائي."

اها ڳالهہ ٿي پئي تہ هڪ چوواٽي تي بتي ڏسي ڊرائيور گاڏي روڪي، تہ پٺتي صاحب چيس: ”تون چوڀڏي رهيو هئين. تون تہ هلُ. مان ڪو جناح صاحب ٿورئي آهيان.“

● گهر جا ياڳ دروازي سان ئي سجاتا ويندا آهن.

ـ اوهان بادشاهہ هجو يا فقير، بگهيءَ واري اڳيان اوهان رڳو سواري آهيو.

ـ گهر ڏانهن ماڻهو بي اختيار هليو ويندو آهي، پلي هن جو گهر ڪنهن باغ جي ڪا بئنچ ئي ڇو نہ هجي.

ـ مٽي جي وارن جي ڪوئي ڳڻپ ڪري سگهي ٿو پر تو سان منهنجي محبت جو ڪوئي اندازو بہ نہ ٿو ڪري سگهي. (او. هينريءَ جي ڪهاڻين مان)

● تلوارن جي جنگ هجي ها تہ مان وڙهان هان. هيءَ نصيبن جي جنگ آهي، ان ڪري حيران پريشان بيٺو آهيان. (پشتو شعر)

● ”تون اداس ڇو آهين؟“

” هر وقت تہ خوش نٿو رهي سگهجي.“ (ٽالسٽائي جي آتم ڪهاڻيءَ مان)

● ۽ جڏهن تون وئين

تہ مون ڏٺو تہ

خدا جي پيرن جا نشان فرش تي ٽهيل هئا. (ٽئگور جي نظم مان سٽون)

● دنيا خواب ۽ خيال آهي ۽ خدا جي شاعري آهي.

ـ گهڻا ئي بيمار اُهي ماڻهو آهن، جيڪي شاعري ڪندا آهن ۽ خدا جي ڳولا ۾ هوندا آهن.

ـ بزدل ڏاڍا هوشيار هوندا آهن.

ـ چور بہ ننڊ جي اڳيان حياءُ ڪندو آهي. هو رات جو آهستي هلندو آهي. (نٽشي جي ڪتاب مان)

بادشاهہ، ڪي بہ رشڪ ايندو آهي،

مون جنهن شان سان فقيري ڪئي. (جمال احساني جو شعر)

● چانڊوڪي رات هجي

سارڻ پرين هجي

پر ۾ ڪو جهرڻو جَهر جَهر وهندڙ هجي.

رات چمڪندڙ هجي

گهاٽي وڻڪاري هجي

جيڪڏهن ائين هجي

تہ پوءِ جنت ڇا لاءِ گُهران؟ (نيپالي نظم)

□ □



# مان لکان ٿو، ان ڪري تہ مان جيئرو آھيان...

زيب سنڌي

اندر ۾ ڪا بيچيني تہ شايد جنم ڏينھن کان وٺي موجود ھئي، پر چٽيءَ طرح جون يادگيريون مون کي پنھنجي پنجن سالن واريءَ عمر کان وٺي آھن. انھيءَ پنجن سالن جي معصوميت واري عمر ۾ ئي مون پنھنجي اندر ۾ شدت جي بيچيني محسوس ڪئي ھئي، جيڪا عمر جي وڌڻ سان وڌندي ئي رھي. سمجھہ ۾ ڪجھہ بہ نہ ايندو ھو تہ اندر ۾ اھا اٿل پٿل ۽ بي قراري ڇو ڇالاءِ ۽ ڇا جي آھي. نتيجي طور ننڍڙيءَ عمر ۾ ئي اڪيلائي پسند ٿي ويس. سوچن ۾ گم سم رھڻ لڳس ۽ ڪڏھن بہ سٺو شاگرد نہ ٿي سگھيس. تڏھن بہ مون کي چڱيءَ طرح ياد آھي، تہ پھرئين ڪلاس ۾ داخلا واري ڏينھن، جڏھن منھنجي استاد غلام رسول منھنجو ھٿ جھلي سليٽ تي مون کي الف۔ بي جا ٻہ اکر لکڻ سيکاريا ھئا، تڏھن مان ڪيتريءَ دير تائين انھن ٻن اکرن کي غور سان ڏسندو رھيو ھئس. سليٽ تان اھي اکر ڊاھڻ بجاءِ، ڏاڍي حفاظت سان سليٽ کي ھٿ ۾ سڌو جھلي، گھر کڻي ويو ھئس. ڇو تہ استاد جي ھٿ جي مدد سان، پنھنجي ھٿان لکيل الف۔بي جا اھي ٻہ اکر مون کي ڏاڍو وڻيا پئي.

مون لکڻ جي شروعات ٻاراڻي وھيءَ ۾ ڪئي ھئي. تڏھن مان لاڙڪاڻي جي گورنمينٽ پائليٽ ھاءِ اسڪول ۾ ستين ڪلاس ۾ پڙھندو ھوس. حساب ڪرڻ مون کي ڪڏھن بہ نہ آيا. اڄ بہ پندرھن کي ٽن سان ضرب يا ونڊ جھڙا ننڍڙا حساب ڪرڻ بہ مون کي نٿا اچن. مان حسابن جي پيرڊ دوران اسڪول کان ڀڄي ويندو ھوس، پر امان جي دڙڪن جي خوف کان گھر وڃڻ بجاءِ ڪنھن پارڪ ۾ ھليو ويندو ھوس. گلن، پکين، پنيورين ۽ پوپٽن سان وقت گذاريندو ھوس. پوپٽن پويان ڊوڙندو تہ ھوس، پر ڪڏھن بہ ڪنھن پوپٽ کي پڪڙي مون پنھنجي ڪتاب ۾ وجھي، سندس زندگي نہ

ڦري يونيورسٽيون پڪڙيم تہ ڏسي، ڪجھہ دير ڪان پوءِ وري اڏائي ڇڏيم. پوپٽن ۽ يونيورسٽين پويان ڊوڙي جڏهن ٿڪبو هوس تہ پارڪ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي گم ٿي ويندو هوس. انهيءَ اڪيلائيءَ وارين سوچن ۾ منهنجي اندر ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون ڪهاڻيون سرجنديون هيون. تن ڏينهن ۾ ٿي اردو اخبار "مشرق" جو ٻارن وارو صفحو نظر مان گذريو. انهيءَ ۾ ٻاراڻيون ڪهاڻيون پڙهي خيال آيو تہ انهن ڪان بهتر ڪهاڻيون تہ روز ٿيون منهنجي ذهن ۾ سرجن. سو ائين هڪ ننڍڙي ڪهاڻي اردوءَ ۾ لکي "بچون ڪا مشرق" ۾ موڪليم تہ هڪدم ڇپجي ويئي. ان ڪان پوءِ اردو توڙي سنڌي اخبارن ۾ ٻارن جي صفحن ۾ لڳاتار منهنجون ڪهاڻيون (اصل نالي محمد خان شيخ سان) ڇپجنديون رهيون. انهن ڪهاڻين سبب اسڪول ۾ ڪئين ڀيرا مار بہ ملي. جڏهن استاد هوم ورڪ چيڪ ڪرڻ لاءِ ڪاپي وٺندو هو ۽ ڪاپيءَ ۾ هوم ورڪ بجاءِ ڪهاڻي ڏسندو هو تہ پوءِ ڪهاڻيون لکندڙ منهنجا نازڪ هٿ رُول سان ڳاڙها ٿي ويندا هئا. پر منهنجا هٿ ڳاڙها بہ ٿيندا رهيا ۽ ڪهاڻيون بہ لکندا رهيا.... ۽ پوءِ .... جڏهن منهنجي عمر سترهن سال هئي، تڏهن مون ڪان اهڙي سنڌي ڪهاڻي لکجي ويئي، جو لڳو ننڍپڻ ڪان پوءِ چوڪراڻپ وارو زمانو اوچتو وچ ۾ ڪٽي گم ٿي ويو هجي. اها پهرين ڪهاڻي هئي، جيڪا ٻارن جي اخباري صفحن بجاءِ وڏن جي رسالي "رهبر ڊائجسٽ" جي آگسٽ 1974ع جي شماري ۾ "زخمي دل" جي عنوان سان ڇپي هئي. انهيءَ ڪهاڻيءَ سان مون پنهنجي اختياري نالي زيب سنڌيءَ سان باقائدي سنڌي ادب ۾ پير پاتو هو. جڏهن زيب سنڌيءَ جي نالي سان لکيل اها پهرين ڪهاڻي ڇپجي منهنجي هٿن ۾ پهتي هئي، تڏهن پهريون ڀيرو مون کي اها خبر پئي هئي، تہ سانيڙ جي پهرئين سال ڪان وٺي منهنجي اندر ۾ بيچيني ڇو هئي. سبب تہ سمجھہ ۾ اچي ويو. پر اها بي قراري گهٽجڻ بجاءِ اجا بہ وڌي ويئي.... بس اها ڳالهہ سمجھہ ۾ اچي ويئي تہ منهنجي اندر ۾ ڪجھہ آهي، جنهن کي مان اظهارڻ ٿو چاهيان.

پنهنجي اندر ۾ پيدا ٿيندڙ خيال کي، منهنجي اندر جي اها بي قراري ئي اظهار ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي آهي.

اهو ئي سبب آهي تہ لکڻ واري ڇٽيهن سالن جي ڊگهي عرصي ۾ ڪڏهن بہ ڪا وڏي وٿي ناهي آئي، جو مان نہ لکي سگهيو هجان. ها، منهنجي لکڻ جي صنف ڪا هڪڙي ناهي رهي. 1974ع ۾ ڪهاڻيءَ سان ابتدا ڪيم، 1977ع ۾ پهريون شعر لکيم ۽ 1986ع ۾ پهريون ٽي وي ڊرامو لکيم. منهنجي تجربي مطابق ڪابہ تخليق پنهنجو فارميٽ پاڻ کڻي ٿي اچي. اهو ئي سبب آهي جو مون شاعري بہ ڪئي. نہ تہ مان ڪڏهن بہ ڪو شعر نہ لکان ها. منهنجي زندگيءَ ۾ هڪڙو مهينو تہ اهڙو بہ رهيو

آهي، جڏهن شاعريءَ کي مون پنهنجي چوڌاري هوائن ۾ پئي محسوس ڪيو ۽ شعر مينهن ڪڻين جيان منهنجي مٿان پئي برسيا. ان مسلسل ڪيفيت ۾ هر وقت شعر لکي پئي سگهيس. دوستن پاران ڏنل قافيي تي، دوستن جي سامهون ئي پنجن منٽن کان بہ گهٽ وقت ۾ پورو غزل مڪمل ڪري پئي ورتم. جنهن ۾ نواڻ بہ هئي. ڪيترا ئي شعر لکيم ۽ هِتي هُتي رکي وساري ڇڏيم. اڄ بہ هڪ ڪتاب جيتري شاعري مون وٽ موجود آهي، پر شعري مجموعو نہ ڇپرايو اٿم.

ڪهاڻيون مون مسلسل بہ لکيون آهن، تہ ڪڏهن وري ڪهاڻيءَ ۽ قلم جي وچ ۾ فاصلو بہ رهيو آهي. پنجن ستن سالن جي وٿي بہ اچي ويئي آهي، پر اهي سال بہ مان خاموش نہ رهيو آهيان. انهن سالن ۾ لڳاتار ٽي وي ڊراما لکندو رهيو آهيان.

ٽي وي ڊرامو لکڻ جي ابتدا 1986ع ۾ پنهنجي ڪهاڻي "وچايل ٻار" جي ساڳئي نالي سان ئي ڊرامائي تشڪيل ڪري ڪئي هيم. پنجويهن منٽن جو هڪڙو ڊرامو ٽي ويءَ تي ڇا هليو جڻ شهرتن جي شاهراهہ تي پاڻ کي بيٺل ڏٺم. هر طرف کان ميڄتا جا گل ملڻ لڳا. اِهو اُهو زمانو هو جڏهن پاڪستان ۾ هڪڙو ئي ٽي وي چينل هو پي ٽي وي، سڀ ماڻهو اهو هڪڙو ئي ٽي وي چينل ڏسڻ لاءِ مجبور هيا، ۽ هفتي ۾ هڪڙو ئي پنجويهہ منٽن جو ڊرامو هلندو هو جنهن جو خلق سڄي هفتي تائين انتظار ڪندي هئي. ٻن ادائي سالن ۾ ڍاڪو سولو پلي لکيم. جيڪي محمد بخش سميجي، بيدل مسرور ۽ سميع بلوچ ڪيا. انهن ئي ڏينهن ۾ پهرين ڊراما سيريل "سمنڊ جون سرحدون" بہ لکيم. جنهن جو پروڊيوسر بيدل مسرور هو. سو شهرتن جي اها شاهراهہ مون کي ڪهاڻيءَ کان ڪجهہ پرتي وٺي ويئي.

حقيقت اها آهي تہ ڪهاڻيءَ تي مشق ڪرڻ واري دور کان اڃا اڳتي مس وڌيو هوس، تہ پي ٽي وي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتي ۽ پوءِ جيڪي بهتر ڪهاڻيون لکان ها، اهي ڊرامن جي صورت ۾ هوا ۾ اڏامي ويون. پوءِ جو وري ڪهاڻي لکڻ ويٺس تہ "ڏنڌ ۾ گم ٿيل منظر" جهڙي ڪهاڻي لکي ورتم. جنهن هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ مون کي هڪ نئين ميڄتا ڏني. تڏهن فيصلو ڪيم تہ هاڻي ٽي وي ڊرامو نہ لکندس، پر ادب ۾ پنهنجي پهرين محبت ڪهاڻيءَ سان ئي توڙ نڀائيندس.... پر ائين ڪري نہ سگهيس....!

پاڪستان ۾ ٽيليويزن لاءِ پرائيويٽ پروڊڪشن جو سلسلو شروع ٿيو تہ عبدالقادر جوڻيجي، نورالهديٰ شاهہ ۽ آغا رفيق کان پوءِ مان بہ انهن جي وڪڙ ۾ اچي ويس. مون کي بہ پي ٽي ويءَ جي سرڪاري ريٽ کان چئوڻ تي پئسا مليا تہ وري ڊرامو لکڻ ويهي رهيس. ان کان پوءِ هڪ ٻئي پويان اردوءَ جا پرائيويٽ چينل کلڻ لڳا تہ ڳالهہ ويتر اڳتي وڌي ويئي. مٿان وري شهرتن، رنگن ۽ روشنين جي هڪ نئين دنيا......

۽ پئسا پلا ڪنهن کي نٿا ڪپن. موٽرسائيڪلن ۽ رڪشائن ۾ رلڻ بجاءِ ايئرڪنڊيشن ڪار ۾ سفر ڪرڻ ڪنهن کي سٺو نہ لڳندو... پر انهيءَ جي بدلي ۾ ڪجهہ ڏيڻو تہ پوندو. سو منهنجون بہ ڪيترين ئي ميچوئر ڪهاڻين جهڙيون تخليقون سولو پليز جي صورت ۾ ٽي وي اسڪرين تان گذرنديون هليون ويون. ناول جهڙا وڏا تخيل، سيريلز جي صورت ۾ هٿن مان نڪري ويا..... پر وقت کي مون ڪڏهن بہ وڃڻ ناهي ڏنو. ان ڪري ڪهاڻي بہ مون کان هٿ ڇڏائي نہ وئي آهي. هڪ وٿيءَ کان پوءِ 2007ع کان ڊرامن سان گڏ وري ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون اٿم. تہ اهو سلسلو هاڻي روڪيو نہ اٿم. نتيجي طور منهنجي ڪهاڻين جون نئون مجموعو ”حيدرآباد 47 ڪلو ميٽر“ ڇپجي رهيو آهي. ساڳئي وقت منهنجو پهريون ناول ”سيتا زينب“ بہ منهنجي ٽيبل تي آهي ۽ مڪمل ٿيڻ وارو آهي.

ٽي وي ڊرامي وسيلي مليل شهرتن ۽ آسائشن کان پوءِ بہ منهنجيءَ نظر ۾ اهميت ۽ اوليت ڪتاب جي آهي. ابتدا ۾ تہ مون ٽي وي ڊرامو پنهنجيءَ ڳالهہ کي گهڻن ماڻهن تائين پهچائڻ خاطر لکيو هو (ان ڳالهہ کان هاڻي بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي) پر هاڻي ٽي وي ڊرامو منهنجي لاءِ مزدوريءَ جو ۽ ڪهاڻي عشق جو درجو رکي ٿي.

سو مان، ڪڏهن پورهئي خاطر لکان ٿو تہ ڪڏهن وري پنهنجي عشق جي تجديد خاطر..... پر پنجن سالن جي عمر واري، پنهنجي پهرينءَ سانپر کان وٺي محسوس ڪيل اندر جي بيچيني اڄ بہ برقرار آهي. اها ئي اندر جي بي قراري اڄ بہ مون کان لکرائي ٿي. هاڻي تہ لکڻ منهنجي لاءِ ايترو ضروري ٿي پيو آهي، جيترو کاڌو کائڻ، پاڻي پيئڻ، ننڊ ڪرڻ ۽ ساهہ کڻڻ.

مان لکان ٿو ان ڪري تہ مان جيئرو آهيان.....

جي مان نہ لکي سگهندس، تہ جيئري ئي مري ويندس.....

اصولي طرح ڪهاڻيءَ سان ڪجهہ ”ضروري“ جوڙڻ کي انرٽ مڃيندي، مان هوند اميد ڪريان تہ جيڪر ڪهاڻيءَ جو سياءُ هوا ۽ روشنيءَ جهڙو هجي. روشني اهڙي، جنهن ۾ ڪجهہ بہ ڏسي سگهجي، سڀ ڪجهہ بہ (ان جو مطلب اهو ڪونهي تہ روشنيءَ ۾ جيڪو ڏٺو ويندو اهو اجلو ئي هوندو يا ڪا ئي چيز ان ڪري اجلي هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ روشنيءَ ۾ ڏٺي ويندي آهي.) هوا کي شڪل ڪونهي تہ ڇا ٿيو! ڏسي سگهڻ لاءِ بہ ٻوسات جي نہ پر روح جي روانيءَ جي ضرورت هوندي آهي. ڏسي جيئڻ ۽ ڇِي ڏسڻ ۾ منهنجي ليکي هرويرو وڏو فرق ڪونهي. (ڪتاب: 40_84، هريش واسواڻي)



# ڏاند گاڏي

صباح الدين عالي

ترجمو: عائشه الاهي

صباح الدين عالي 1906ع ۾ ڄائو ۽ 1948ع ۾ لاڏاڻو ڪيائين. ايئن هن زندگيءَ جا ڪل ٻائيتاليهه سال ماڻيا. ان مختصر زندگيءَ ۾ ئي هن ترڪيءَ جي مشهور اديب طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪري ورتي هئي. پڙهائي پوري ڪرڻ کان پوءِ هو سال کن تائين پڙهائيندو رهيو. ان بعد ترڪيءَ جي حڪومت کيس جرمنيءَ موڪليو جتي ٻن سالن تائين وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ واپس وطن موٽي آيو ۽ جرمن ٻولي پڙهائڻ لڳو. صباح الدين عالي ادبي زندگيءَ جي ابتدا شاعريءَ سان ڪئي، پر شاعري ۽ ناولن بجاءِ هن جون ڪهاڻيون وڌيڪ پُراثر محسوس ٿين ٿيون. انهن ڪهاڻين ۾ اناطوليه جي ڳوٺ ۽ ڳوٺاڻن جي زندگيءَ تي ٻڌل هيءَ درد ڀري ڪهاڻي به شامل آهي، جيڪا تمامي ادبيات پاران 1992ع ۾ ”اسلامي ملڪن جون ڪهاڻيون“ واري خاص نمبر ۾ شامل ڪئي وئي. سندس لکڻي نهايت سادي ۽ حقيقت پسنديءَ تي ٻڌل آهي. هن جي ڪهاڻين جي خاص خوبي منظر نگاري آهي، جيڪا هن ڪهاڻيءَ ۾ به جا بجا ڏسي سگهجي ٿي. سندس جيئري ئي ڏهه ڪتاب شايع ٿيا، جيڪي ادبي حلقن ۾ ڪافي مقبول رهيا آهن. اڪثريت ڪهاڻين جي مجموعن جي اٿس. چند ناول ۽ شعري مجموعا پڻ ڇپيل اٿس.

زمين جي تڪرار تان حسين، اڪبر کي قتل ڪري ڇڏيو. ان سانحي ٿيهن گهرن تي ٻڌل ان ڳوٺ جي گهر گهر کي ڏپ جي ور چاڙهي ڇڏيو هو. هر شخص حيران ۽ پريشان هو. سڀ ان انتظار ۾ هئا ته سرحدي پوليس جا اهلڪار اچن ۽ ضروري ڪارروائي ڪري، معاملي کي توڙ تي پڄائن. هونئن ته سرحدي پوليس جي چوڪي رڳو ڇهن ڪلاڪن جي پنڌ تي واقع هئي، پر جيسيتائين ڳوٺ جو ڪو ماڻهو انهن تائين اطلاع نه پهچائيندو هو پندرهن ڏينهن تائين به اها ڳوٺ جو رخ نه ڪندي هئي. جڏهن ماڻهن کي ان ڳالهه جو احساس ٿيو ته ڳوٺ جا وڏڙا کهوه واريءَ هوٽل تي قاتل حسين جي پيءُ آغا وٽ گڏ ٿيا. مقتول اڪبر جي وارثن ۾ پوڙهيءَ ماءُ کان سواءِ ٻيو ڪوبه نه هو. ان کي به سڏائي ويهاريو ويو. پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪرڻ کان پوءِ واري واري سان پوڙهيءَ کي سمجهائڻ شروع ڪيائون، ته معاملي کي اتي ئي لئه متي ڪري ۽ حسين خلاف خوامخواهه پوليس ۾ دانهين نه ٿئي. مسجد جو پيش امام پوڙهيءَ کي چوڻ لڳو:

”امڙ جي تو ڪيس به ڪيو ته توکي ان مان ڇا حاصل ٿيندو؟ ڳوٺ جو ڪهڙو ماڻهو شاهدي ڏيندو ته قتل مولود آغا جي پٽ حسين ڪيو آهي. ڀلا جيڪڏهن ڪنهن شاهدي ڏني به سهي، ته تون اجايو هر مهيني به ٽي پيرا شهر ويجي، پنهنجا چار پنج ڏينهن برباد ڪنديئن. ان عرصي ۾ تنهنجي پاران پوکي راهيءَ جو ڪم ڪير ڪندو؟ تنهنجن ٻين ڪمن ڪارين جي سار سنڀال ڪير لهندو؟ خبر اٿئي! شهر وڃڻ لاءِ روز روز جو پنڌ ڪيڏو خوار ڪندو آهي. مٿان وري تون اتي پهچين ۽ پتو پوئي ته تنهنجو شاهد حاضريءَ تي نه آيو آهي، ته وري تاريخ سُرڪي ويندي. هفتي يا ڏهن ڏينهن کان پوءِ ٻيهر سڏ ٿيندءِ. جي توکان نئين تاريخ وسري ويئي ته پوليس گاڏي ڪاهي اچي در جهليندءِ ۽ هٽڪڙيون هڻي توکي شهر ڪٺي ويندي. پوءِ تون چاهيندي به انهن ماڻهن مان جان ڇڏائي نه سگهنديئن. بي سبب تنهنجو گهر برباد ٿي ويندو. اهو سمجهه ته تنهنجي پٽ جو موت هڪ حادثو هو. الله جي رضا اها ئي هئي. جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو. تون عدالت ذريعي الله جي حڪم کي ته پُٺي ڏيئي نٿي سگهين. تون جيڪو وڃئي، سو ڪر، پر تنهنجو پٽ ته واپس وري نٿو سگهي نه. سو اسان جي صلاح اها ئي اٿئي، ته معاملو وڌائڻ بجاءِ اتي ئي ختم ڪري ڇڏ. هونئن به ان نالائق پٽ مان توکي ڪو فائدو ته ڪو به ڪونه هو. تون جيڪو فصل ڪپائيندي هئينءَ ۽ چار ڏوڪڙ ڪمائيندي هئينءَ. سو سڀ هو ٻين عورتن تي خرچ ڪري ڇڏيندو هو. ڏس مولود آغا سيني جي آڏو حامي ڀري ٿو ته اڄ کان هو تنهنجو هر قسم جو خيال رکندو. ٻڌاءِ ڇا ٿي چوين؟“

پوڙهي جتي ويٺي هئي، اتي ئي ڪنڌ لوڏيندي، مسجد جي پيش امام جون ڳالهيون ٻڌندي رهي. هن جي ٿلهن ۽ ڳرن هٿن جون ڪلون پڻ لٽيون پئي. هاڻ اهي

ايئن تي لڳا. جهڙوڪ ڪنهن وڻ جي ٿلهن ڏارن تان تاريون وڏي ڇڏيون هجن. هوءَ انهن هٿن سان پنهنجين اکين مان وهي ايندڙ ڳوڙها اُگهندي رهي. سندس اکيون باهه جيئن ڳاڙهيون ٿي چڪيون هيون. مسجد جي پيش امام جي ڳالهه پوري ٿيڻ کان پوءِ به پوڙهي ايئن ئي ڪنڌ ڌوڻيندي رهي- ڪيس مٿي تي ميرو ۽ ڇتيون لڱل رَئو پهريل هو جنهن هيٺان سُڪل گاهه جي مُٺ جهڙا اڇا وار جن تي لڱل مينديءَ جو رنگ گهڻو عرصو اڳ لهي چڪو هو سي چڳن جي صورت ڳوڙهن سان پريل ڳلن کي ڇُهنتي رهيا هئا. منهن تي پکڙيل پُسيل وار هٽائيندي، هن ڇپن ئي ڇپن ۾ ڪجهه پڙهيو.

ڪهوي واريءَ هوٽل ۾ موجود ماڻهن مان ڪجهه ماڻهو واري واري سان پوڙهيءَ سامهون پلٿي ماري ويٺا ۽ ڪافي دير تائين کيس ٻڌائڻ، ان ڳالهه تان هٽائڻ، ڊيڃارڻ ۽ ڌمڪائڻ ۾ مصروف رهيا.

"ڳالهائين ڇو نه ٿي؟ اسان صحيح پيا چئون نه؟ سمجهه ۾ آيو نه توکي؟ ڳالهاءِ... ڳالهاءِ پلا....."

ان دوران مقتول جو لاش ڪهوه خاني جي پارڪ ۾ هڪ پٽراڻيءَ تي پيل رهيو. کيس هڪ پراڻي ۽ ميري چادر سان ڍڪي ڇڏيو هئائون. لاش جي سيرانديءَ کان مکيون پُون پُون ڪري اُڏامي رهيون هيون. ان جي آسپاس ٻارن جو مُچڪو هو. سندن اکيون سج جي تيز روشنيءَ سبب ڇُنجهيون ٿي ويون هُيون. هٿن ۾ پنهنجي قد کان ٻيڻيون ڪاٺيون جهليو پراڻيءَ چادر هيٺ سُتل مُردي جي نڪتل پيرن تي نظرون وجهيو چُپ چاپ بيٺا هئا. مقتول جي پيرن ۾ جوراب هُئا، جن جا ترا ۽ کڙيون ٽنگن سبب ڇاڻيءَ جو ڏيک ڏئي رهيا هئا. اُنهن سوراخن اندران ڦڪي ڦڪي پيلاڻ صاف ڏسڻ ۾ پئي آئي. ٻي جان پير ۽ انهن جي اردگرد پُون پُون ڪندڙ مکيون ٻارن لاءِ وڏي وندر هُيون. جڏهن اهي مکيون اُڏرندي اُڏرندي سج جي سامهون تي آيون، ته گهري سائي رنگ جي چمڪ پيدا ٿي ٿي پئي. ڪنهن به ٻار جي ماءُ جيڪڏهن کين سڏ تي ڪيو ته هو ڊوڙندو پئي ويو ۽ ٿوريءَ ئي دير ۾ ٽڪڙو موٽي اچي، ساڳئي هنڌ تي بيهي ٿي رهيو. ڪهوه خاني ۾ گڏ ٿيل ماڻهو هوريان هوريان، هڪ هڪ ٿي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن ويندا رهيا. پوڙهي اُتي ۽ پنهنجي پٽ جي لاش جي سيرانديءَ کان وڃي ويٺي. هڪ هٿ سان مکيون پئي اُڏاريائين ته ٻئي هٿ سان پنهنجا ڳوڙها پئي اُگهيائين. اکيون، جيڪي پيري ۽ بيماريءَ سبب سوڙهيون ٿي، ڇٽي جي داڻي جيتريون مَس وڃي بچيون هُيون. پوڙهيءَ کي ڏسي ايئن ٿي لڳو ڄڻ ته ڪنهن مريض مٿان ويٺي هئي ۽ سندس تيمارداري ڪندي هجي. ايتري ۾ پوڙهي پنهنجي ويٺل آواز ۾ رڙيون ڪري، ٻارن کي لاش کان پري هٽڻ ۽ پنهنجي پنهنجي گهر وڃڻ لاءِ چيو. پوءِ

ڪجھ نوجوانن لاش کي ڪٽ تي رکي، پوڙهيءَ جي گهر پهچايو. شام ٿيڻ تائين هر شيءِ پنهنجي معمول مطابق هلڻ شروع ٿي وئي هئي. لاش کي غسل ڏئي، خاموشيءَ سان ايئن دفن ڪيو ويو جيئن مقتول ڪنهن ڏکي بيماريءَ جي نتيجي ۾ قدرتي موت مري ويو هجي. شام جي آذان کان اڳ مولود آغا ٻه سُوٽا ٻڪريون، اٽي جو هڪ ٿيلهو ۽ کنڊ جو هڪ پاڪيٽ مقتول اڪبر جي ماءُ جي گهر موڪلي ڏنو.

لڳ ڀڳ هڪ مهيني کان پوءِ پوليس جا ٻه گهوڙي سوار ڳوٺ اچي پهتا. ڪهوه خاني جي سامهون گهوڙي تان لٿا. انهن کي ڏسي، اُتي موجود علائقي جي هڪ چڱي مڙس جي دل ڌڙڪڻ شروع ڪيو. ڇو ته وردي پهريل همراهه هن ويجهي چوڪيءَ جا سپاهي نه هئا، پر صوبائي دارالحڪومت مان موڪليل ٿي لڳا. انهن مان هڪڙو سپاهي ڪاغذ ۽ قلم کڻي، ڪهوه خاني ۾ ويهي رهيو- هن شاهدين ۽ پڇا ڳاڇا جي ابتدا چڱي مڙس کان ڪئي ۽ سمورن ڳوٺ وارن جون شاهديون قلمبند ڪرڻ ۾ جنبي ٿي ويو. ٻيو سپاهي ٻاهر ميدان ۾ هيڏانهن هوڏانهن چڪر ڪاٽيندو رهيو.

اها خبر جلد ئي سڄي ڳوٺ ۾ پکڙجي وئي. خبر پئي ته اڪبر جي قاتل حسين جو ڪنهن زماني ۾ محمود نالي هڪ موچيءَ سان جهيڙو ٿي پيو هو. محمود انهن ڏينهن ۾ ڳوٺ وارن جون جُتيون ڳنڍيندو هو. هن کي جيئن ئي ڳوٺ وارن کان ان سانحي جي پٽڪ پئي، ته سرڪار کي اطلاع ڏئي ڇڏيائين. فريادي ته گهٽو ڪري پاڻ ئي هڪ ڊاڪٽر سان گڏ ويجي تحقيقات جو ارادو ڪيو پر پوءِ سوچيائين ته آگسٽ جي هن گرميءَ ۾ گهوڙي تي سوار ٿي ايڏي وڏي سفر جي تڪليف ڇو ڪجي. جيتوڻيڪ هن تحقيق ۽ تفتيش جو ڪم ٻن هوشيار سپاهين جي حوالي ڪيو هو. ڊاڪٽر انهن کي تنبيهه ڪئي هئي ته جيڪڏهن ان سانحي جو ڪو ڪُر پتو ملي ته لاش قبر مان ڪڍي، پاڻ سان گڏ ڳوٺ ۾ ڪٺائي اچجو.

مقتول جي ماءُ ڪوبه بيان نه ڏنو. هن بس ايترو ئي چيو:"مان ڪنهن جي خلاف ۽ ڪهڙي شڪايت ڪيان. بس رب جو لکيو هو..."

"ٻڌاءِ ته تنهنجو پٽ پنهنجي سِر مُئو آهي يا ڪيس ڪنهن ماريو آهي؟"

ان سوال جو جواب به پوڙهيءَ ساڳئي ئي جملي سان ڏنو.

جيتوڻيڪ پٽ جو ڏک اجا تائين هن جي دل مان ختم نه ٿيو هو پر حڪومت جي ور چڙهڻ ڪيس پٽ جي موت کان به وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ محسوس پئي ٿيو. اڄ کان ٽيهه سال اڳ ۾ ڪنهن ڳوناٽي کي اٽي جو ٿيلهو چورائيندي پڪڙيو ويو هو. ان سلسلي ۾ هن شاهد ٿيڻ جي غلطي ڪئي هئي. پورا ڇهه مهينا ويچاري عدالتن ۾ جُتيون گسائيندي رهي. ان عرصي ۾ هن جو سڄو فصل پڻ تباهه ٿي ويو. جڏهن ته

انهن ڏينهن ۾ هيءَ جوان هئي.... پر هاڻ تہ اڪبر بہ واپس نٿو اچي سگهي. ان صورتحال ۾ مولود آغا سان دشمني ڏارڻ ڪنهن بہ ريت عقلمنديءَ جو ڪم نہ هو. ان سان دشمني ڪري ڳوٺ ۾ بکئي مرڻ کان سواءِ وٽس ٻيو ڪو چارو نہ بچي ها. اهو سڀ ڪجهہ سوچي، پوڙهي ڪنهن تي بہ الزام هڻڻ يا سچ ٻڌائڻ کان لنوائيندي رهي.

ٻنپهرن جي وقت سپاهي قبرستان ويا ۽ ڳوٺ وارن جي مدد سان مقتول اڪبر جو لاش قبر مان ڪڍي آيا. لاش جيڪو رڳو اڌ ميٽر جي گهرائيءَ ۾ دفن ڪيو ويو هو تنهن ۾ سخت بدبوءِ پيدا ٿي چڪي هئي. قبر کُلي تہ ڌپ جي ڪري هر شخص پنج ڏهہ وکون پوئتي هٽي ويو. سپاهين مقتول جي ماءُ کي حڪم ڏنو:"پوڙهي، تڪڙي وڃ ۽ پنهنجي ڏاند گاڏي ڪاهي اچ. معائني لاءِ تنهنجي پٽ جو لاش ڳوٺ پهچائڻو پوندو." پوڙهي جيڪا اناطوليہ جي عام عورتن جيان ٻيڏڪارون ڏئي روئڻ بجاءِ زمين تي ويٺي سڏڪي رهي هئي، تنهن اهو ٻُڌي چيو:"هي ماڻهو تہ منهنجي ٻچڙي کي قبر ۾ بہ آرام ڪرڻ نہ ٿا ڏين." هن مسلسل تيز پئي ڪاڏا. خشڪيءَ سبب هنڌان هنڌان ڦاٽي پيل پنهنجا هٿ منهن ۾ اکين تائين آڻي، ڳڙيل ڳوڙهن کي صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي.

ايتريءَ دير ۾ هڪ سپاهيءَ پير سان ٺوڪر هڻندي کيس چيو:

"هاڻي هل، اُٿڻ جي ڪر!"

پوڙهي اٿي ۽ ڪجهہ دير اندر پنهنجي ڏاند گاڏي ڪاهي اچي پهتي. پٽ جي لاش کي پنهنجن هٿن سان هڪ ڦاٽل پراڻيءَ سوڙ ۾ ويڙهڻ لڳي. لاش ۾ ڪيڙا پئجي چڪا هئا. ڏاند گاڏيءَ ۾ هڪ پراڻي پٽراڻي وڇائي، ان تي لاش کي ليٽائي چڏيائين ۽ پوءِ پٽراڻيءَ سوڏو کيس ويڙهي، ٻڌي ڇڏيائين. اهو سڀ ڪجهہ ڪندي، رکي رکي هوءَ ڪجهہ دير لاءِ لاش جي مختلف عضون کي ڏسندي بہ رهي ۽ خاموش ٿي بيهي بہ رهي. رکي رکي سڏڪن ۽ سسڪين ۾ تي ڇتڪي. گونگا ڳوڙها قطارون ڪري وهندا تي رهيا. هن پنهنجو پاڻ سان بہ پئي ڳالهايو ۽ پوءِ وري لاش ويڙهڻ ۽ ٻڌڻ ۾ مصروف تي پئي وئي. جڏهن سچ لٿو ۽ اونداهي ڦهلجڻ لڳي تہ هوءَ اڪيلي سر لاش کڻي نڪتي. ان وچ ۾ سرحد کان آيل سپاهي چڱي مڙس، مسجد جي پيش امام ۽ قاتل حسين کي هڪ ٻئي سان گڏ ٻڌي، ڪِهليندا، پاڻ سان گڏ وٺي، ڳوٺ مان روانا تي چڪا هئا.

پوڙهيءَ جي هٿ ۾ لڪڻ هو ۽ هوءَ ڏاند گاڏيءَ جي ٻنيان لڙڪندي پئي وئي. سندس اگهاڙا پير پٿرن سان ٽڪرائجي رهيا هئا. گاڏيءَ ۾ جوٽيل هيٺا وهٽ قد ۾ گڏهن کان وڏا نہ هئا. پوڙهي پنهنجي ڳوڙهن ۾ ٻُڏل آواز ۾ کين هڪلڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. گرمين واريءَ رات جي چنڊ جي روشنيءَ ۾، گدڙن جي اوناين کان بہ

وڏيڪ ڏاند گاڏيءَ جي ڦيٿن جا چيڪاٽ ٻڌڻ ۾ پئي آيا. ڏاند گاڏي هورڙيان هورڙيان ڳوٺ طرف وڌندي ٿي رهي. گاڏي ڏسي، ڪنهن کي معمولي شڪ به نه پئي ٿي سگهيو ته اها ڪا جنازو ڍوئيندڙ گاڏي آهي. ڪمزور ڏاندن جي چيلهين مٿان پوندڙ روشنيءَ جي ڪري، ٻئي ڏاند سچا ساوا ۽ طاقتور نظر ٿي آيا. پراڻي چتيون لڳل سوڙ بلڪل نئين ڏسڻ ۾ پئي آئي. هٿ ۾ لڪڻ کڻي، ڏاند گاڏيءَ پٺيان هلندڙ پوڙهيءَ جو پاڇو ڪئين ميٽر پري تائين اچن پٿرن ۽ مٽيءَ سان پريل ٻوٽن تان اُڏرندي نظر اچي رهيو هو، ڄڻ رقص ڪري رهيو هجي. لاش مان اُٿندڙ بدبوءِ جي ڪري، سٺ سالن جي پوڙهيءَ جو مٿو ڦري رهيو هو. هوءَ لڙڪندي لڙڪندي ٿي اڳتي وڌي، ڪيڏي ڪيڏي مهل ڏاندن جي رفتار اوچتو تيز ٿي پئي وئي ته هنَ ڊوڙي ڊوڙي انهن تائين پهچڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. هلندي هلندي هوءَ ايتري ته ٿڪجي چڪي هئي، جو هن جا پير ڳهلجڻ شروع ٿي ويا هئا. اندر ئي اندر روئڻ جي ڪري، سندس ڇاتيءَ ۾ ايترو ته ريشو جمع ٿي ويو هو جو هاڻ هن لاءِ ساهه کڻڻ به مشڪل ٿي ويو هو. هوءَ ڏاند گاڏيءَ کي جهلي، ڪجهه پنڌ تائين هلندي رهي. هاڻ هن جا پير ٿڙندي ٿڙندي هڪ ٻئي سان ٽڪرائجڻ لڳا هئا. هن ڏاندن کي هڪلڻ جي لاءِ دانهن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس آواز نڙيءَ ۾ ئي اٽڪي پيو. هن جي هٿن مان ڏاند گاڏي ڇٽي وئي ۽ هوءَ زمين تي ڪِري پئي- پر پوءِ وري اُٿي ۽ مٽيءَ جي سمنڊ ۾ ڊوڙڻ شروع ڪيائين. سامهون تيز هوا جا جهوٽا اچي رهيا هئا، جنهن سبب هن جي قميض جو پلئه ۽ شلوار جا پانچا زور زور سان اُڏري رهيا هئا ۽ مٽي تي پاتل ڦاٽل رَئو ڪاري جهنڊي جيان جهُولي رهيو هو. ان کان اڳ ۾ جو هوءَ ٻيهر گاڏيءَ تائين پهچي، ٻيهر زمين تي ڪِري پئي. هن جو چهرو رستي جي ڦلهيار جهڙي مٽيءَ ۾ پيوت ٿي ويو.

ڏاند گاڏي پٿرن سان ٽڪرائيندي، ٻڌل لاش کي ڪيڏي مهل هڪ پاسي ته ڪيڏي مهل ٻئي طرف اُڇلائيندي، وڏا وڏا پُرسوز آواز ڪيندي، رات جي خاموشيءَ ۾ پنهنجي پويان مٽيءَ جي هلڪي ڌنڌ ڇاهيندي، چنڊ جي روشنيءَ ۾ پنهنجيءَ سمجهه مطابق منزل طرف اجا به پنڌ ۾ هئي!

••



# خدا حافظ

شريمتي سانيا
ترجمو: جهانگير عباسي

مينهن بند ٿي چڪو هو پر آسمان تي اڃا ڪجهه ڪڪر نظر پئي آيا. سج پوين پساهن ۾ هئو جنهن سبب آسمان تي شام واري ڳاڙهاڻ ڦهليل هئي. چارو دريءَ کان ٻاهر مينهن جي پاڻيءَ ۾ پُسيل باغيچي کي تڪي رهي هئي. هن جي ڪمري ۾ رکيل وڏيءَ ميز تي ٽپاس جو سامان، دوائن سان ڀريل الماڙي ۽ ڀتين تي لڳل مختلف مرضن جي تشخيص وارا چارٽ لڳل هئا. ڪجهه ڪرسيون، مريضن جي ويهڻ لاءِ وڏو لوهو اسٽول، ڪنڊائتو رکيل وڏو گلدان..... هي چارو جي اسپتال هئي، جتي هر نئين ڏينهن مختلف مرضن ۾ وڪوڙيل مريض اهنج ۽ ڏک مان هن وٽ اچي نڪرندا هئا.... ڪنهن کي بخار، زڪام، کنگهه ته وري ڪو زخمي ۽ سوڄ ورتل. مطلب ته هر ڪوئي پنهنجي پنهنجي سُور ۾ سوڙهو نظر ايندو هو ۽ هڪ هڪ تي نمبر وار چارو جي ٻر ۾ رکيل لوهي اسٽول تي اچي ويهندو هو. پر اڄ مينهوڳيءَ سبب مريض نه هجڻ جي برابر هئا. تڏهن ئي ته هوءَ دري کان ٻاهر شام جي سمي واري هن قدرتي منظر مان لطف اندوز ٿي رهي هئي، جتي هاڻ سج پوين پساهن ۾ هو ۽ ڇپر تي پوندڙ سج جي ڳاڙهاڻ ڏاڍو وڻندڙ ڏيک ڏئي رهي هئي. اوچتو ٻاهر دروازي تي سڏ ٿيو ته چارو کي ڪي قدر حيرانگي ٿي، جو اهو پهريون ڀيرو هئو جو اسپتال جي در وٽ بيهي، ڪنهن مريض سڏ ڪيو هو.

”لڳي ٿو ته ڪو نئون مريض آهي، تڏهن ئي ته اجازت ٿو گهري.“ چارو اهو سوچيندي جيئن ئي دروازو کوليو هن جي آڏو ٻه پيءُ پٽ بيٺل هئا. پيءُ جي عمر لڳ ڀڳ پنجٽيهه سال کن هئي، پٽ ستن سالن جو هو. پيءُ کيس ڪا ڳالهه سمجهائڻ ۾ رڌل هو پر پٽ ڪنڌ سان نهڪر ڪندي، ضد ڪيو بيٺو هو.

”اوهان ڊاڪٽر آهيو نه؟! مان منوهر پنڊت ۽ هيءُ منهنجو پٽ آشيش.“ پوءِ ٻئي ڪلينڪ اندر هليا آيا ته پٽ پيءُ جو هٿ ڇڏائي، ڪاوڙيل انداز ۾ ڪرسيءَ تي ٿي ويٺو. پيءُ لڇي ٿيندي، چارو کي ٻڌائڻ لڳو: ”هن جي طبيعت خراب آهي، اُن ڪري...... “

”ويهو“ چارو پيءُ کي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو.

”مون کي لڳي ٿو ته پيٽ خراب ٿي پيو اٿس.“ منوهر ڪرسيءَ تي ويهي ٻڌائڻ لڳو. چارو چوڪري ڏانهن ڏنوءِ چپن تي هلڪڙي مسڪراهٽ آڻيندي، چوڻ لڳي:

” هيلو... تنهنجو نالو ڇا آهي؟!..... پاڻ ٻڌائيندين يا مان تنهنجي ابوءَ کان.... “

”هونئن ته هي هر ڳالهه سمجهي ويندو آهي، پر ڳالهه ٻولهه رڳو انگريزيءَ ۾ ڪندو آ..... “ پٽ بدران وري به پيءُ جواب ڏنو.

پيءُ پٽ جي ڳالهه ٻولهه جي انداز سپاءِ ۽ لباس کي ڏسي، چارو کي پڪ ٿي وئي ته هنن ٻنهي جو تعلق سندس علائقي سان هر گز به نه آهي. تڏهن هن کي وڌيڪ پڪ ڏياريندي، منوهر پاڻ ئي ٻڌائڻ لڳو:”اسين آمريڪا ۾ رهندا آهيون... ڪجهه ڏينهن ٿيا آهن جو هتي موڪلون گذارڻ آيا آهيون.... هيءُ پاڻي اوباريل پيئي ٿو پر شايد کاڌي جي ڪري هن جو پيٽ خراب ٿي پيو آهي.“

”تو اڇا تائين پنهنجو نالو به ناهي ٻڌايو.... پوءِ آئون تو کي دوا ڪيئن ڏيندس؟!!“ منوهر جي ڳالهه کي اڻ ٻڌو ڪري، چارو آشيش سان مخاطب ٿي.

”مون کي دوا نه گهرجي.“ آشيش چڙ ۽ ڪاوڙ مان چارو کي انگريزيءَ ۾ جواب ڏنو.

”ٺيڪ آ..... پلي نه وٺ.... پر مون کي چيڪ ڪرڻ ته ڏي“ هوءَ سندس ٽپاس ڪندي، وري چوڻ لڳس: ”تنهنجي عمر ڇا آهي؟ “ آشيش تڏهن به چپ رهيو۔ پوءِ چارو ميز جي خاني مان پيڊ ڪڍي، ان تي ڪجهه دوائون لکڻ لڳي ته منوهر شروع ٿي ويو.

”توهان جي اسپتال کان به گهٽيون ڇڏي، منهنجو گهر آهي.“

منوهر جنهن گهر بابت ٻڌايو هو اهو گهر وڪيل پنڊت جو هو جنهن کي هوءَ ٿورو گهڻو سڃاڻندي هئي. اهو به ان ڪري ته مريض جي ناتي هو چارو وٽ دوا درمل لاءِ ايندو ويندو هئو. ڊاڪٽر جي حيثيت سان ته هوءَ علائقي جي ماڻهن کي چڱيءَ ريت سڃاڻيندي هئي، پر پنهنجي باري ۾ ٻئي ڪنهن کي ڄاڻ رکڻ جي اجازت نه ڏيندي هئي. چارو محسوس ڪيو ته منوهر ضرورت کان وڌيڪ پئي ڳالهايو.

”پوئين ڀيري جڏهن هيءُ ماءُ سان گڏ آيو هو ته ان وقت ڇئن مهينن جو مس هو. تڏهن به گهڻو بيمار ٿي پيو هو. ايتري قدر جو اسپتال ۾ ڊاڪٽرن هن کي گلوڪوز جون ٿيلهيون چاڙهيون هيون..... مون نه چاهيندي به ڪيس ٻيهر پاڻ سان گڏ آندو آهي. منهنجي ماءُ هن کي ڏسڻ لاءِ بيچين هئي.. پاڻ ته گهمڻ ڦرڻ کان لاچار آهي..... منهنجي گهر واري آمريڪا ۾ سائنسدان طور ڪم ٿي ڪري، ان ڪري هن لاءِ موڪل تمام ڏکي آهي.. هونئن به هوءَ هندستان اچڻ لاءِ تيار نه هئي، جو هاڻ هتي هن جو ڪو به رشتو نه رهيو آهي.... هن جا ماءُ پيءُ پرلوڪ پڌاري ويا. هڪڙو ڀاءُ ۽ هڪڙي ڀيڻ اٿس، جيڪي به ٻاهرين ملڪن ۾ آباد آهن..... بس! ڇا ڪجي، امڙ جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ مون کي ئي آشيش کي وٺي اچڻو پيو.“

آشيش هن سموري گفتگو ۾ سڄي ماحول کان بي خبر، ميز تي رکيل چارو جي ڊاڪٽريءَ وارن اوزارن سان راند رهڻ ۾ پورو هو. ڪيس ائين ڏسي هڪدم چارو جي ذهن ۾ ڪو خيال ڊوڙي آيو. ساڻس انگريزيءَ ۾ مخاطب تي چوڻ لڳي: " اچ... هن ميز تي اچي ليٽ تہ مان ورائي تنهنجو پيٽ چيڪ ڪريان." پر موٽ ۾ ڪنڌ جي لوڏ سان آشيش نہ نہ ڪندو رهيو. منوهر ڪيس گهڻو ئي سمجهايو لالچون ڏنيون. پر سڀ ڪوششون فضول ثابت ٿيون، جو آشيش زور زور سان رڙيون ڪندي، پنهنجا پير زمين تي هڻي رهيو هو. پٽ جي اهڙي حرڪت تي منوهر پيشمان ٿيندي چيو: "ڏاڍو ضديرو آهي.... ماءُ کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي ڳالهہ مشڪل سان سمجهندو آ... هت گهر ۾ بہ وڏي پاءُ ۾ پاجائيءَ سندن ٻارن سان هٽي وس ڪيا آهن، پر مجال آ جو ڪنهن سان ڪو اکر بہ زبان مان ڪڍيو هجائين.. هر وقت مون سان پاڇي وانگر لڳو ٿو رهي.. معمولي ڪو امان جي ٻڌي ٿو جيڪا هن کي رڳو ٻڌندي رهي ٿي، جو هن جي انگريزي هن کي پلئہ نہ ٿي پوي... سڀ ڪم ڪار بہ هن جا مون کي ئي ڪرڻا ٿا پون." اها ڳالهہ ختم ڪندي، منوهر هڪدم چپ ٿي ويو جو ڪيس پنهنجي گهڻي ڳالهائڻ جو احساس ٿي ويو هو.

"ڪا ڳالهہ ناهي.... توهان جي ٻڌايل صورتحال کي سمجهندي، مون دوا لکي آهي.. پندرهن منٽن تائين پاڻي اُباري هن کي هر هر پيئاريو.. کاڌو في الحال گهر جو ئي کارايوس ۽ صفائيءَ جو خاص خيال رکو. گهڻي پريشانيءَ جي ڳالهہ ناهي.. ٻاهر رهندڙ ٻارن کي هتي اچي ٿورڙي گهڻي پريشاني ٿيندي آهي. اهو سڀ ماحول جي تبديليءَ جو اثر آهي." منوهر جون نظرون چارو ۾ اٽڪيل هيون، جن کان بچڻ لاءِ هن وري کلندي چيو:

"فڪر مند ٿيڻ جي ڪا بہ ڳالهہ ناهي، سڀ نيڪ ٿي ويندو.... ۽ ها! توهان هت ڪيتري وقت لاءِ آيا آهيو.؟"

"آيا تہ ٻن مهينن جي لاءِ آهيون، پر هن جو حال اهڙو رهيو تہ شايد جلد ئي واپس موٽي وڃون."

" توهان جي نوڪري؟!!"

"ان جو ڪو بہ فڪر ناهي، وري ملي ويندي... تڏهن ئي تہ مان ايتري موڪل ڪري آيو آهيان تہ جيئن هر هڪ سان تفصيلي ميل ميلاپ ڪري، سيني کي راضي ڪري وڃان... پر لڳي ٿو تہ ائين نہ ٿي سگهندو."

منوهر جي بيوسي ڏسي، چارو کي ساڻس ڪجهہ وقت لاءِ همدردي ٿيڻ لڳي، جو سندس پٽ غير معمولي حد تائين ضديرو هو.. منوهر لکيل دوائن جو پرچو ڪنيو. ڪجهہ دوائون هن کي چارو بہ ڏنيون. هن في ادا ڪئي تہ چارو آشيش کي خدا حافظ چيو پر هن ڪاوڙ ۾ اهڙي نموني منهن ٻئي پاسي ڦيريو جو چارو مسڪرائيندي رهجي وئي. هو جيئن ئي نڪتا تہ هڪ ٻيو مريض ڪنجهندي ڪلينڪ اندر داخل ٿيو.

هن واقعي ڪي اجا به ڏينهن مس گذريا هئا. چارو جي در تي لڳل اليڪٽرڪ بيل زور زور سان وڄڻ لڳي. هوءَ ڏاڪا لهندي در وٽ آئي ۽ جيئن ئي در کوليائين ته منوهر، آشيش جو هٿ جهليو سندس نظرن آڏو بيٺو هو.

"اسپتال جو در بند هيو ان ڪري گهر جي بيل وڄائي."

"مان رڳو شام جي وقت اسپتال ۾ ويهندي آهيان." چارو بيزاريءَ مان وراڻيو.

"معافي ٿو گهران... پرچي تي لکيل وقت ڪونه پڙهيو اٿم سو ائين ئي هن کي وٺي آيو آهيان."

"پر هاڻي ته اچي ويا آهيو نه... خير آ..... صبح جي وقت جيڪڏهن ڪو اچي ويندو آهي ته مان هروڀرو به واپس ناهيان ڪندي.... مٿي هليا اچو.." ائين چئي، چارو واپس ڏاڪا چڙهڻ لڳي ۽ سندس پٺيان هي ٻيئ پٽ به مٿي وڃڻ لڳا... جڏهن وڏي هال ۾ داخل ٿيا ته منوهر کي اهو هال بيحد ڪشادو نظر آيو جنهن جي فرش تي هڪ پراڻو قالين وڇايل هئو. هال اندر خوبصورت صوفا سيٽ، گهڻن خانن واري دلفريب ڪاٺ جي وڏي ميز... ڪرسيون ۽ اهڙيون ڪيتريون ئي شيون سجاوٽ سان رکيل هيون، جن سان هيءُ هال وڻندڙ ٿي پيو هو.

"اوهان وٽ ته پراڻو ۽ ناياب فرنيچر رکيل آهي." منوهر ساراهه ڪندي چيو.

"ها! پر هي سڀ شيون منهنجي سهري جون آهن. هو پراڻي فرنيچر جو شوقين آهي." چارو مختصر جواب ۾ وراڻيو.

منوهر جي نظر هڪ بڪ شيلف ۾ ترتيب سان رکيل ڪتابن تي پئي، ته هن وڏي ڪتابن کي ويجهي کان ڏٺو. منوهر جي اهڙي عمل تي چارو پاڻ مٿان ڪاوڙ ڪائڻ لڳي ته هن مريض جي حيثيت ۾ آيل ماڻهن کي پنهنجي گهر اندر ڇا جي ڪري آندو جيڪي گهر اندر رکيل شين کي مهمانن جيان ڏسي رهيا هئا- پر پوءِ پاڻ تي قابو پائيندي، هن منوهر کي ويهڻ لاءِ چيو. جڏهن هو صوفا سيٽ تي ٿي ويٺو چارو ڪانئس معلوم ڪرڻ لڳي:

"آشيش کي فائدو آهي يا نه؟!..... "

"في الحال ته فرحت اٿس.... پر پيٽ جي سُور جي شڪايت برقرار آهي. ان ڪري گهٽ ٿو کائي پيئي."

"هُونهه!.... ته پوءِ هن جي هيٺ هلي چڪاس ڪرڻ گهرجي." پر هيٺ وڃڻ بدران چارو فقط زبان سان ائين وراڻيو هو. آشيش نهايت غور سان هال ۾ رکيل شين کي گهوريندو وڃي هڪ وڏي گهڙيال سامهون ٿي بيٺو.

"هن قسم جو گهڙيال شايد پهريون ڀيرو ڏسي رهيو آهي." منوهر پٽ جي ڪيفيت جي ترجماني ڪئي.

چارو جي گهر ۾ پير رکندي ئي آشيش بلڪل بدلجي ويو هو. هن جي چهري تي ڪاوڙ بدران مسڪراهٽ تري آئي هئي ۽ هو پاڻ کي خوش خوش محسوس ڪري رهيو

هو. پٽ جي ڪيفيت کي پرکيندي، منوهر سرهائي وچان وڌيڪ چيو. "توهان جو گهر وٽي ويو اٿس... هن وڏي گهر جي سار سنڀال ڪير ڪندو آهي؟!"

"مان ڪندي آهيان." چارو وراڻي ڏني. "هنن شين کان سواءِ هن گهر ۾ ٻيون به ڪئين قديم ۽ ناياب شيون موجود آهن. پر انهن تي هينئر مٽيءَ جا تهه چڙهي ويا آهن. ڇا ڪجي، واندڪائي نٿي ملي جو انهن جي صفائي ڪرائجي."

"توهان جو مڙس ۽ سهرو ڪهڙو ڪاروبار ڪندا آهن؟"

"هڪ ڪارخانو آهي جنهن کي ٻئي گڏ سنڀالي رهيا آهن." هڪدم چارو کي محسوس ٿيڻ لڳو ته هوءَ آيل مريض سان ذاتي ڳالهيون ڪري رهي آهي. تڏهن پاڻ سنڀاليندي، هن موضوع بدلايو ۽ چيو:"اچو ته هيٺ هلون."

اسپتال جي ڪمري ۾ داخل ٿي، هن آشيش کي اسٽريچر تي ليٽايو جنهن هاڻ ڪو به ضد نه پئي ڪيو. چڪاس کان فارغ ٿي، هن ڪجهه دوائون بدلائي لکيون. پوءِ وڃڻ وقت درڪان مڙندي، منوهر معذرت ڀريل لهجي ۾ چيو: "مون اوهان کي صبح سان تڪليف ڏني، جنهن لاءِ بيحد معذرت خواهه آهيان."

"مان صبح جو واندي هوندي آهيان. هونئن به اهو منهنجو ڪم آهي، اوهان دلجاءِ ڪريو."

"هڪ ڳالهه ڇوان..... صبح جو واندڪائي اٿو ته پوءِ اسپتال ڇو نه ٿيون کوليو؟"

"بس ائين ئي.... " چارو ڀهريون ڀيرو منوهر جي خوبصورت چهري ڏي نهاريندي، مسڪراهٽ سان وراڻيو.

"توهان جي مرضي، پر اسان کي اهو فائدو پيو ته ان بهاني سان توهان جو دلڪش ۽ حسين گهر ڏسڻ جو موقعو مليو." منوهر به مسڪرائي ڏنو.

"ماڻهن جي وجود کان خالي ۽ ويران گهر اوهان کي خوبصورت لڳو.... وڏي تعجب جي ڳالهه ڇئبي."

"اوهين ان گهر ۾ ڪل ڪيترا ڀاتي آهيو؟ "

"هُون! ٽي." چارو آڱرين سان ڳڻپ ڪندي، پوءِ وراڻيو."مان! منهنجو مڙس ابي ۽ سهرو..... اسان کي اولاد ناهي. بس! ابي ئي پنهنجي پيءُ جي اڪيلو اولاد آ."

چارو جي باري ۾ ايترو ڪجهه ته هن جي پاڙي کان وٺي تر جي ڳوٺن تائين جا ماڻهو به ڄاڻندا هئا. هونئن به هوءَ مريضن کي پنهنجي باري ۾ ڪجهه به نه ٻڌائيندي هئي، پر خبر ناهي الائي ڇو اهو ڀهريون ڀيرو، هيو جو منوهر کي سڀ ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ تيار هئي. کين ويندو ڏسي، هوءَ اسپتال کان ٻاهر آئي هئي. باغ ۾ تازن گلن جي مهڪار سان معطر خوشبوءِ جڏهن چارو پنهنجي ساهه ۾ سمائبي محسوس ڪئي، ته هوءَ وڏي وڃي بوٽن جي ويجهو بيٺي. هن جي نظر پنهنجي گهر آڏو باغ ۾ ڪجهه اهڙن وڻن تي پئجي وئي، جن ۾ هاڻ ميوو تيار بيٺو هئو..... مينهوڳيءَ بعد وڻن تي قدرت جي خاص ٻاجهه پوندي آهي، جو هو تازا توانا ۽ دلفريب ٿي پوندا آهن.

منوهر ٽن ڏينهن جي وٿيءَ کان پوءِ، آشيش کي ساڻ ڪري، وري چارو وٽ پهتو ته هن معمول وانگي آشيش جي چڪاس ڪئي. هن پيري آشيش اڳي جي ڀيٽ ۾ گهڻو بهتر نظر ٿي آيو ۽ خوش پڻ.

"هن جي بيماري ختم ٿي چڪي آهي. پوءِ به هن کي احتياطن به ڏينهن وڏيڪ دوا ڪارائڻي آهي."

"اهو ڏاڍو سٺو ٿيو. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي پريشاني ته گهٽجي پوندي" منوهر خوشيءَ پرئي انداز ۾ ورائيو.

"گهر ۾ ڪنهن سان رلي ملي ويو آ.... يا اڃا ساڳي حالت اٿس."

"ڪو خاص نه..... ننڊ مان جاڳ ٿيندي ئي منهنجو هٿ پڪڙيندو آ..... هن کي تيار ڪرڻ، کاڌو کارائڻ، سائنس راند ڪرڻ، ڪتابن مان ڪهاڻيو پڙهي ٻڌائڻ، سڀ منهنجي ذمي آهي." چارو جو نظرون آشيش ۾ ڪتل هيون. هو سٽن سالن جي عمر واري پيءُ جيان خوبصورت نقشن وارو هڪ سهڻو ۽ معصوم ٻالڪ هو جنهن کي قيمتي ڪپڙن غير معمولي حد تائين وٽندڙ ٻڌائي ڇڏيو هو.... هيڏانهن منوهر جي رام ڪٿا جاري هئي.

"ماءُ سان ڪي گهڙيون سڪون سان ويهڻ لاءِ سڪي رهيو آهيان.... مون ته ان خيال کان ڪيس هٿ آندو ته پنهنجن سان ملي خوش گذاريندو پر هاڻ ته اهي به هن جي بي رخي ڏسي مايوس ٿي ويا آهن. مون کي ڪهڙي ڪل هئي ته ڪو هٿ اچي مون لاءِ ممڻ مچائي ڏيندو."

"اتي به هن جو ورتاءُ اهڙو هوندو آ ڇا؟ "

"نه....نيڪ ٺاڪ هوندو آهي... صبح جو مان ۽ گهر واري پنهنجي پنهنجي ڊيوٽيءَ تي نڪري ويندا آهيون ۽ رستي ۾ دي ڪيئر سينٽر آهي، جتي هن کي ڇڏي ويندا آهيون. اتي ئي هن جو اسڪول آهي. سينٽر جون ملازم عورتون هن کي کاڌو کارائينديون آهن.... ننڊ ڪرائينديون آهن..... ڪجهه ته هن جي تعريف ڪندي ٿڪبيون ئي ناهن. جڏهن گهر موٽي ايندو آهي ته به نيڪ هوندو آهي. ماءُ جي ڪنهن به ڳالهه تي ضد ناهي ڪندو... سندس شمار سينٽر جي مثالي ٻارن منجهه ٿئي ٿو."

"اهو به ممڪن آهي ته ڪيس ماءُ ياد ايندي هجي."

"ٿي سگهي ٿو پر هن پنهنجي ڪنهن عمل مان ائين محسوس ناهي ڪرايو... پر ائين ممڪن آهي ڇا؟!!"

"ٻارن جي باري ۾ ڪجهه به يقين سان نٿو چئي سگهجي. هنن جي دل ۾ ڪا ڳالهه ضرور هوندي آهي جيڪا ڪنهن نه ڪنهن عمل جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي. ڇو ته هو لفظن ذريعي کلي اظهار ڪري ناهن سگهندا." چارو ڏيان سان منوهر کي ٻڌڻ لڳي.

آشيش ميز تي پيل ليٽر پيڊ تي پين سان ليڪا پائي رهيو هو. بلڪل ائين جيئن ڪو مصور جهان کان بي خبر پنهنجي تصوير ۾ رنگ ڇٽيندو رهندو آهي. منوهر ڪيس ائين ڪندو ڏسي، منع ڪئي ۽ اٿاري پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ لڳو.

"توهان اسان جي گهر ايندئو ته ڏاڍي خوشي ٿيندي، پر ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ نه، هڪ مهمان جي حيثيت ۾." وڃڻ مهل منوهر چارو کي دعوت ڏني.

"مان!.... معاف ڪجو.... مان تمام گهٽ ايندي ويندي آهيان. شام جي وقت جڏهن بين عورتن کي واندڪائي ٿئي ٿي، ته آءٌ هت اسپتال ۾ مصروف هوندي آهيان.... ۽ صبح جو وري مون کي پنهنجي مصروفيت ٿئي ٿي."

"پليز! مون کي غلط نه سمجهجو.... مون انهيءَ خيال کان چيو ته امان ۽ پاچائيءَ سان ملي، اوهين تازه دم ٿي ويندئو ۽ ان بهاني توهان جي مڙس سان به ملاقات ٿي پوندي."

"ڪنهن سان؟.... او اپي ته تمام دير سان گهر ورندو آهي."

"خير.... جيڪا توهان جي مرضي."

آشيش ۽ منوهر وڃڻ لڳا ته چارو ليڪا پاتل پني کي ڦاڙي، ذرا ذرا ڪري ڊسٽ بن ۾ اڇليو ۽ شين کي ترتيب سان رکڻ لڳي، جيڪي آشيش ڊاهي وڌيون هيون.

"مون کي توهان سان معذرت ڪرڻي آهي؟" رات جو منوهر فون تي چارو سان مخاطب ٿيو.

"معافي! پر ڇا جي؟!!"

"دراصل آشيش توهان جي ٽيبل تان ويٽ کڻي آيو آهي. سچ ته اها وڏي غير اخلاقي حرڪت آهي." منوهر جو لهجو شرمساريءَ وارو هيو.

"ڪا وڏي ڳالهه ناهي.... ٻار ته حرڪتون ڪندا ئي رهندا آهن... ٻار جو ٿيا!......"

"پر هيءَ غلطي نه چوري آهي..... مون کي ان ڪري به شرم محسوس ٿي رهيو آهي، ته هن کان اڳ هن اهڙي حرڪت ڪڏهن به ناهي ڪئي."

"ضروري ناهي ته هو هيراڪ هجي. مون چيو نه ته ٻار اهڙي ٻاراٽي ڪندا ئي رهندا آهن.... اوهان به هاڻ ان کي وساري ڇڏيو ۽ خيال رکو ته هو وري ٻيهر ائين نه ڪري" چارو چڻ انهيءَ قصي کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو. "هو ننڊ آهي يا جاڳي پيو؟ "

"هينئر هينئر ستو آهي. تڏهن ئي توهان ڏي فون ڪئي اٿم."

"توهان گهر اچڻ جي دعوت ڏني ۽ مون انڪار ڪيو.... اميد ته منهنجي انڪار کي اوهان غلط نه سمجهيو هوندو."

"نه نه.... اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي..... اوهان هن علائقي ۾ رهو ٿيون... ڪلينڪ هلايو ٿيون.... سو ماڻهن سان لڳ لاڳاپو به سٺو عمل آهي.... مون انهيءَ خيال سان چيو هو."

"ها! چو نه. ماڻهن سان منهنجا تمام سٺا تعلقات آهن. پر هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾." چارو ڳالهه پوري ڪئي ته منوهر وري نئين سر ڳالهه رکي.

"اوهان ڪڏهن ٿا اچو؟!!"

"مون چيو نه. ته مون وٽ وقت بلڪل ناهي هوندو... " چارو پنهنجي انڪار کي ورجايو.

"هونئن ايترو وقت ڪهڙي قسم جي ڪتابن جو مطالعو ڪنديون آهيو."

"ميڊيڪل سائنس جي دنيا ۾ هر نئين ڏينهن نيون شيون اچن ٿيون. انهن ڪتابن جو مطالعو ڪندي آهيان ته جيئن مريضن جي مرض کي پرکي سگهان. اوهان ڏسي چڪا آهيو مون وٽ ٻي به ڏاڍي سٺي ڪليڪشن ڪتابن جي."

"هائو سٺي ڳالهه آهي. ڇا مون کي به ڪو ڪتاب پڙهڻ لاءِ اڌارو ملي سگهندو! "

"ذاتي لائبريري ناهڻ ڏاڍي ڏکي هوندي آهي. اهو ته توهان به ڄاڻو ٿا. سو مان معذرت ٿي ڪريان. هي منهنجي شهري جي لائبريري آهي."

"مان سمجهي سگهان ٿو....پر مون کي ان ڳالهه جي به خوشي آهي ته اوهان جو سهرو علم ادب سان چاهه رکندڙ شخص آهي."

"نه.... ائين نه آهي. هن ته رڳو ڪتاب ميڙيا آهن. ته جيئن هال جي خوبصورتيءَ ۾ واڌارو اچي.... پڙهندي ته مان ئي آهيان."

سندن وچ ۾ ڳالهه ٻولهه هلندي، وقت جا ڪيترا ئي پل چپ چاپ لنگهي ويا ۽ هو ٻئي خاموش رهيا. پوءِ وڌندڙ خاموشيءَ کي ٽوڙيندي آخر منوهر وري چيو:

"مون توهان جو چڱو وقت وڃايو آهي، سو مان معذرت خواهه آهيان."

"خير آهي، مان به مطالعو ڪري رهي هيس.... هونئن به گهر ۾ ڪو به ناهي."

"ڇو؟.... ڪارخاني ۾ ايتري دير تائين ڪم هلندو آهي ڇا؟"

"نه... ڪارخانو ته گهڻو وقت اڳ ۾ بند ٿي ويندو آهي. اپي ۽ سندس پيءُ بزنس جي سلسلي ۾ اڪثر پارٽين سان ملندا آهن ۽ پوءِ وري ڪلب ۾ تاش کيڏندا آهن."

"مطلب ته توهان اڪيلا آهيو..... ايڏي وڏي گهر ۾ خوف ناهي ٿيندو توهان کي؟!! "

"پوءِ....!! " چارو ڪلندي وراڻيو "ڪهڙيءَ ڳالهه جو....."

"مان ويهين صديءَ جي هڪ لکيل پڙهيل عورت آهيان."

"منهنجو مطلب هيو ته جنن ڀوتن جو."

"رات جو چوڪي هلي ٿي. گهر ۾ پراڻو نوڪر به خبردار هوندو آهي. هونئن به ٻئي ڪان ڌجي ماڻهو ڪيستائين زندگي گذاريندو سو ڊپ ڪجي ته ڇا جو؟ "

"اوهان جون ڳالهيون ٻڌي، مون کي ته اوهان هڪ بهادر عورت ٿيون لڳو."

"بهادر.... ۽ آءٌ...." منوهر جي اهڙيءَ ساراهه تي چارو کي حيرت ٿي. "توهان کي مون بابت ايتري ڄاڻ ته آهي ئي ڪو نه. پوءِ مان بهادر ڪيئن ٿيس!."

"ڪنهن کي ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ لاءِ به چار ملاقاتون به ڪافي ٿينديون آهن."

"هينئر رات جو هڪ ٿي رهيو آهي.... جي اوهان پنهنجي گهر ڀاتين سان ڪچهري ڪريو ته وڌيڪ سٺو ٿيندو." چارو ڇڻ وڌيڪ ڳالهائڻ کان لنوايو پئي. "چڱو... مان فون رکان ٿي." ۽ پوءِ چارو فون جو رسيور رکيو ته هن جي ڪمري اندر ڇڻ ازل جي خاموشي ٻيهر ڊوڪي آئي هجي.

صبح کان ئي مينهن جون ڪڙيون تيز تيز وسي وري ائين ماٺيون ٿي ٿي ويون جيئن ڪو جهونو مڙس گاڏيءَ کي ڌڪ ڏيڻ لاءِ ٽڪريون وکون کڻندي ٿڪجي پوي ۽ وڏا وڏا ساهه کڻڻ لڳندو هجي... رستن، روڊن ۽ باغن ۾ پير پسائڻ جيترو پاڻي گڏ ٿي ويو هو. آسمان تي ڪارا ۽ ميرانجهڙا ڪڪر ڇانيل هئا، جنهن ڪري ڏينهن ميرانجهڙو ٿي لڳو.... هوا ۾ به هلڪي هلڪي ٿڌ سمايل هئي... چارو ڪلينڪ جو دروازو کوليو ته سڀ کان اڳ منوهر اچي نڪتو جنهن بعد ڪجهه بيا مريض به پهچندا ويا. پر منوهر هڪ جاءِ تي ڪنڌائتو ٿيو ويٺو رهيو ۽ ٻين آيل مريضن کي موقعو ڏنائين. جن جي تپاس ڪندي چارو منوهر جي موجودگيءَ کي شدت سان محسوس ڪندي رهي. ٻن ڪلاڪن بعد جڏهن هوءَ واندي ٿي، ته منوهر اٿي اچي هن جي سامهون ويٺو.

"توهان ته سڀ کان پهريان آيا هئو پوءِ ائين ويهي ڇو رهيا؟ "

"اڄ مان مريض جي حيثيت سان ناهيان آيو."

"مطلب!"

"اڄ آشيش پهريون پيرو امان سان گڏجي گهمڻ ويو آهي.... آءٌ واندو هيس ۽ سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڪاڏي وڃان. بس بي سبب هيڏي هوڏي چڪر ڏيندو رهيس ۽ انهيءَ دوران مينهن وسي پيو سو هيڏانهن هليو آيس.... "

"توهان وٽ ته ڪرڻ لاءِ ڪوڙ سارا ڪم هئا، پوءِ ائين وقت ڇو ٿا وڃايو."

"ها! هيا ته سهي.... " منوهر ذهن تي زور ڏئي، ڄڻ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

"سوچيو هيم ته ڪاليج مان ڇڪر هڻي اچان... پراڻن يارن دوستن سان ملي اچان ۽ هي هوٽل، سينيمائون، بازارون ۽ جايون گهمي اچان. جن سان منهنجي زندگيءَ جو وڏو عرصو گذريو آهي.... پر الائي ڇو اهو سڀ مون کي فضول لڳي رهيو آهي... منهنجو هيئن اچڻ توهان کي خراب ته نه لڳو نه.... " منوهر جي ڏکهي وضاحتي جواب جي موٽ ۾ چارو خاموش رهي ۽ پنهنجي ڪم ۾ رڌل رهي. پوءِ ٽيبل تي ڪئلينڊر ۾ اکيون کپائي چڏيائين.

"توهان پنهنجي پريڪٽس کي ڪنهن ٻئي هنڌ وڏايو ڇو نه ٿا!"

"آءٌ فقط ايم.بي.بي.ايس آهيان.... پوسٽ گريجوئيٽ ناهيان.... "

"ان ۾ ڪهڙو هرج آهي.... " منوهر جي ڳالهين چارو کي منجهائي وڌو هيو. ڇو ته گذريل وڏي عرصي کان وٽي ڪنهن به ماڻهوءَ سان سندس اهڙي ويجهڙائپ نه ٿي هئي.... چارو کي خيال آيو ته جيڪر منوهر کي هڪدم هلئي وڃڻ لاءِ چوي ۽ کيس ٻيهر ڪڏهن به نه اچڻ ڏئي. پر هوءَ ائين نه ڪري سگهي. جو ٻيءَ گهڙيءَ کيس هي خيال به تري آيو ته ڪو منوهر هميشه لاءِ ته هتي ڪو نه رهندو. پوءِ ايڏي بيزاري ڇا لاءِ؟.... هو ته فقط ڏيڍ مهيني جو مهمان آهي ۽ هن جي زندگي گذارڻ جو ڍنگ ۽ سڀاءُ به عام ماڻهن کان نرالو آهي. ان ڪري هن سان ڳالهه ٻولهه جاري رکڻ ۾ ڪو به حرج ناهي... پر هوءَ اڃا تائين منوهر جي سوالن ۾

منجهيل هئي. تڏهن بہ چئي ڏنائينس:"اوهان منهنجو گهر تہ ڏسي آيا آهيو... ان گهر کي ٺاهڻ... سنوارڻ گهر جي هر شيءِ سان رشتو جوڙي رکڻ... مطلب تہ پنهنجي زندگيءَ کي ڪنهن مقصد خاطر وقف ڪري ڇڏڻ.... سڀ ڪجهہ ايترو سولو ناهي هوندو. "

چارو جو لهجو ڏکارو ٿي ويو. هوءَ ڪرسيءَ تان اٿي، دريءَ وٽ اچي بيٺي. ٻاهر هاڻ فضا خوشگوار نظر پئي آئي، پر هن جي من تي مايوسي لٿل هئي، جنهن کي لڪائڻ لاءِ هن پاڻ کي سنڀاليو. هڪدم واپس ڪرسيءَ تي ٿي ويٺي ۽ ٽيبل لئمپ جو بلب ٻاري ڇڏيائين... منوهر دل ئي دل ۾ اهو سڀ محسوس ڪندو رهيو هو. پوءِ هن چارو کي وڏيڪ کولڻ چاهيو."ڪجهہ بہ هجي، پر هن علائقي ۾ توهان جي پنهنجي خاص سڃاڻپ آهي. تڏهن ئي تہ اوسي پاسي جا مريض هيڏي اچن ٿا.... "

"اهي برابر ايندا آهن، جو ڪين مان دوائون بہ هڙان ڏيندي آهيان..... جي موجود نہ هونديون اٿم تہ گهرائي ڏيندي آهيان... فيس بہ معمولي چارج ڪندي آهيان.... سندن خبر چار الڳ لهندي آهيان. تڏهن ئي تہ هو خوشي خوشي مون وٽ اچن ٿا." هنن ٻنهي جي ڳالهہ ٻولهہ جاري هئي تہ هڪ جوڙو پنهنجي معصوم ۽ ابهم ٻارڙي کي ڇتيءَ جي پاڇي ۾ لڪائي، ڪلينڪ اندر داخل ٿيڻ لڳو. جن کي ڏسي منوهر وڃڻ لڳو تہ چارو هن کي ويندو ڏسي، پنهنجائپ واريءَ نظر سان تڪيندي مسڪرائي ڏنو هو.

پنڊت صاحب جي در تي لڳل اليڪٽرڪ بيل تيز تيز وڄڻ لڳي. هن جي وڏي پٽ تڪڙ ۾ وڃي دروازو کوليو تہ ٻاهر چارو بيٺل نظر آيس. هن ڪيس وڏي قرب ۽ عزت وچان ڪيڪاريندي، گهر اندر اچڻ لاءِ چيو.

"اوهان.... اچو اچو.... پليز اندر هليا اچو..... امان جي تڪليف اسان کي هڪ عجيب خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي."

چارو کيس ڪو بہ جواب نہ ڏنو ۽ سڌو ان طرف وڌي، جتي منوهر جي ماءُ سور وچان ائين تڙپي رهي هئي جيئن مڇي پاڻيءَ کان ٻاهر ڦٿڪندي رهندي آهي. بستر جي چوگرد گهر جو هر ننڍو وڏو ڀاتي هڪ عجيب پريشانيءَ ۾ مبتلا بيٺو هو. جنهن جي هڪ ڪنڊ کان ويٺل چارو منوهر جي ڀاڄائيءَ طرف اشارو ڪندي سيني سان مخاطب ٿي: "توهان مون سان هت ترسو ۽ باقي سڀ مهرباني ڪري ٻاهر هليا وڃو."

"هن جي پنيءَ جون رڳون سُڪڙجي ويون آهن..... في الحال تڪليف ختم ڪرڻ لاءِ مان سور واري انجيڪشن ڏيان ٿي. جي آرام نہ مليو تہ پوءِ وري ڏسنداسين.... ڪجهہ ڏينهن لاءِ امان کي هيٺ پٽ تي سمهڻو پوندو..." ڪمري کان ٻاهر اچي، چارو سمورن گهر ڀاتين سان ڳالهايو.

"ڊاڪٽر صاحبا پريشاني جهڙي تہ ڪا ڳالهہ ناهي نہ... "

"بلڪل نہ...... اوهين سڀ دلجاءِ ڪريو... " چارو آشيش طرف نهاريندي جواب ڏنو جيڪو هن صورتحال سبب هراسجي ويو هو.

"ڀڳوان جي ڪرپا ٿي وئي... نہ تہ مون کي پڪ هئي امڙ کي اسپتال داخل ٿيڻو پوندو." منوهر جي وڏي ڀاءُ تشويش واري لهجي ۾ چيو.

"امان ڪائي ڳري وزن واري شيءِ کنئي آهي. ان ڪري ائين ٿيو آهي."

"اچو... آءٌ اوهان کي ڇڏي اچان." منوهر احسان مند لهجي ۾ چيو.

"تڪليف نہ ڪريو... آءٌ پاڻ ئي هلي ويندس."

"اهو ڪيئن ممڪن آهي. رات جي هن وقت ۾ اڪيلا نہ وڃو.... منوهر توهان کي ڇڏي ٿو اچي." منوهر جي ڀاءُ جي ڳالهہ کي چارو رد نہ ڪري سگهي ۽ پوءِ ڏگ ۾ هوءَ سوچڻ لڳي:"جڏهن مان آئي اڪيلي هيس، تڏهن ڪنهن بہ نہ پڇيو ۽ هاڻي منهنجي وڃڻ جو وڏو فڪر اٿن...... ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي." پوءِ هوءَ منوهر ڏي تڪڻ لڳي تہ هن ڳالهائڻ شروع ڪيو: "سوچي رهيو آهيان تہ جلد موٽي وڃان..... اڄ امڙ جي حالت ڏسي آشيش ڊڄي ويو آهي."

"پنهنجي ماءُ ياد ايندي هوندس. ممڪن آهي، گهر کي ياد بہ ڪرڻ لڳو هجي."

"۽ توهان؟ "

"مان !!..... .مان ڇا؟ "

"منهنجو مطلب آهي تہ توهان کي ياد نہ ٿو اچي."

"مون کي..... ڪو خاص نہ ..... آءٌ هاڻ عمر جي اهڙي حصي ۾ آهيان، جتي اهي ڳالهيون بي معنيٰ آهن.... هونئن بہ اسين پنهنجن پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ ايترو مصروف هوندا آهيون جو اهو سڀ سوچڻ جو وقت ئي ناهي ملندو."

هو ٻئي ڳالهيون ڪندا اچي گهر وٽ پهتا هئا..... چارو جي گهر جي مٿئين حصي ۾ روشني ڦهليل هئي، جنهن طرف نهاريندي منوهر ڪائنس ساڳيو سوال پڇيو هو.

"اوهان واقعي هن وقت تائين گهر ۾ اڪيلا آهيو؟... ٻيو ڪو بہ اوهان سان گڏ ناهي!"

"نہ " چارو ڪنڌ سان نهڪر ۾ وراڻيو.

"پر اهي ايڏيءَ دير تائين ٻاهر..... "

"هر ڪو پنهنجي پنهنجي ڪرت ۾ مصروف رهي ٿو.... بس اسان جي اها ئي زندگي آهي."

"هن وقت رات جا ساڍا نوَ ٿي رهيا آهن."

"خبر آهي.... پر هو سادي يارهين کان اڳ ناهي ايندو."

"اهو ڪجهہ ٺيڪ ناهي... ميان ٿو تہ ڪم ڪار بہ لازمي آهي، پر جيون ۾ هر وقت رڳو ڪم ڪار ئي تہ سڀ ڪجهہ ناهي هوندو."

"ها! پر منهنجي اها ئي زندگي آهي." چارو جي لهجي ۾ مايوس پرڇي آئي هئي.

"اوهان پاڻ کي هر ويرو هن قسم جي زندگيءَ ۾ قيد ڪري رکيو آهي. جڏهن تہ توهان هڪ باصلاحيت ڊاڪٽر آهيو. ۽ پنهنجي پيرن تي بيٺل آهيو پوءِ بہ.... "

"مان توهان کي ٻڌائي چڪي آهيان تہ هن گهر اندر گهر جو حصو بڻجي رهڻ بعد آزاديءَ جو تصور ڪوڪلو آهي." چارو گيٽ وٽ مڙندي، وري ڳالهائڻ لڳي. "ماڻهو جي وجي بہ

تہ آخر ڪيڏانهن وڃي... هن گهر.... گهر جي هر هڪ شيءِ سان منهنجو سالن جو ناتو آهي، جنهن کان مان چاهيندي بہ پري نٿي وڃي سگهان.... مڃان ٿي تہ دل جي ڪا نہ ڪا خواهش.... آرزو آهي، پر درست ۽ غلط جو فيصلو منهنجي اختيار ۾ ناهي..... تنهن ڪري ئي تہ مان پاڻ کي هن گهر تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي."

"هر ماڻهوءَ جي ذاتي زندگي بہ ٿئي ٿي..... ڇا توهان ڪڏهن ان کي محسوس ناهي ڪيو؟!"

"اهو ضروري ناهي تہ هر انسان جون سموريون خواهشون پوريون ٿين..... ڪيترن ئي انسانن کي رهڻ لاءِ گهر ناهي.... کائڻ لاءِ پئسو ناهي.... هٿن...... ڪنن..... پيرن کان معذور هوندا آهن.... اهي بہ جيئن پيا... پوءِ؟"

"توهان کي ائين نہ سوچڻ گهرجي.... اوهين ٻين کان منفرد آهيو."

"نہ مان ائين ئي آهيان..... ڪنهن سان بہ ناهيان ڳالهائيندي.... بس رڳو اوهان سان ئي ڳالهايو اٿم.... منهنجو خيال آ تہ توهان کي هينئر وڃڻ گهرجي، گهر ياتي انتظار ۾ هوندا."

"توهان فڪر نہ ڪريو. بس رڳو آشيش کي انتظار هوندو."

چارو ڪجهہ پل چپ رهي ۽ پنهنجي چوگرد جي ماحول ۾ نهارڻ لڳي، جتي رڳو خاموشي ڇانيل هئي ۽ خود چارو جو گهر ڪنڊر جهڙو ڏيک ڏئي رهيو هو. ٿوريءَ دير رکي هن وري ڳالهايو: "توهان جي واپسي ڪڏهن آهي؟"

"ٻن هفتن کان پوءِ.... پر وڃڻ جي تاريخ اڃا مقرر ناهي ٿي." منوهر وراڻيو.

"وري هت اچڻ جو خيال آهي يا نہ؟" چارو جي هن قسم جي سوال تي منوهر کي پنهنجائپ واري حيرانگي محسوس ٿيڻ لڳي."في الوقت تہ من ۾ اهڙي ڪابہ خواهش ناهي، پر ايندڙ وقت جي باري ۾ ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهان."

"آءٌ هاڻ وينديس. ڪتاب اڌ ۾ ڇڏي آئي هيم.... رات جو دير تائين پڙهڻ منهنجي روٽين جو حصو آهي. اهو تہ توهان ڄاڻو ٿا..." چارو ايئن چئي هلڻ لڳي. اوچتو جڻ ڪيس ڪا ڳالهہ ياد اچي وئي هجي. پٺتي مڙي، هن چيو: "جيڪڏهن امڙ کي آرام نہ اچي تہ مون کي فون ڪري ونجو."

ڪجهہ ڏينهن اندر ئي منوهر جي ماءُ چاق ٿي وئي ۽ هلڻ ڦرڻ شروع ڪري ڏنائين. هڪ ڏينهن آشيش کي ساڻ ڪري، چارو جي ڪلينڪ هلي آئي. چارو سمجهيو تہ شايد هن جي طبيعت ٺيڪ نہ آهي.

"ڪيئن آهي هاڻ طبيعت.... دوائون هلن ٿيون يا بند ڪيون اٿوَ."

"ڊاڪٽر! مان تہ خوش آهيان، پر هن کي آندو اٿم." آشيش طرف نهاريندي، هوءَ چوڻ ٿي لڳي. "هت اچڻ کان پوءِ ڪو نہ ڪو مرض لاحق ٿو ٿئيس.... منوهر سان تہ اڪثر ايندو رهندو اٿوَ نہ؟"

"ها امان! آمريڪا جي ماحول جو هيراڪ آ، سو هتان جي آب هوا هن لاءِ سٺي ثابت ناهي ٿي."

”نہ، ائين نہ آهي... هيءَ ماءُ جي ياد ۾ ائين ٿي پيو آهي.“

پوءِ چارو مڪمل ڌيان سان آشيش جو چيڪ اپ ڪرڻ لڳي، پر هن جون نظرون آشيش جي وجود ۾ ڪتل هيون، جنهن جو گلاب جهڙو مُک ڪومايل ٿي لڳو. اکين ۾ بيقراريءَ جا ترورا رقص ڪري رهيا هئس ۽ رنگ زردو ٿي چڪو هيس. اج هو غير معمولي حد تائين نراس نظر ٿي آيو.

”معمولي بخار سان گڏ اکين ۾ انفيڪشن ٿي پيو اٿس... دوا سان گڏ مان ڊراپس بہ لکي ڏيان ٿي. اهي هر ٽن ڪلاڪن جي وقفي سان ٻنهي اکين ۾ ٻن ڏينهن تائين وجهندا رهو.“

”منهنجو ٻچڙو! پرديس ۾ جائو... پرديس ۾ نپنو... هي پرديس جو هيراڪ اسان سان ڪيئن رلندو... اهو مون کي ئي نياڳ ڪنيو هو جو ڪيس اکين جي سڪ لاهڻ لاءِ هٿ گهرايو اٿم.“ منوهر ماءُ پاڻ کي برو پلو چوڻ لڳي تہ چارو موضوع مٽائيندي سوال ڪيس. ”اج هن جو پيءُ ساڻس گڏ ناهي آيو؟!“

”منوهر...؟ هُو تہ پنهنجن پراڻن دوستن سان ملڻ لاءِ ويل آ.“

”هي ڪهڙي تاريخ تي واپس پيا موٽن؟“

”اج اربع آهي سو... ايندڙ خميس تي يعني پورن اٺن ڏينهن کان پوءِ.“ منوهر جي ماءُ اکيون پوريندي، هٿ جي آڱرين تي حساب ڪرڻ کان پوءِ چيو هو.

”تون هاڻ واپس وڃي رهيو آهين، سو خوش گذار....“ چارو پيار پريل لهجي ۾ آشيش کي چيو ۽ پوءِ پنهنجي ڪم ۾ جنبي وئي.

چارو ڪلينڪ بند ڪري جيئن ئي ڊاڪٽڻ ۾ پهتي تہ در جي ڪال بيل زور سان وڄڻ لڳي. هوءَ ڪي پل بيٺي سوچيندي رهي ۽ پوءِ جيئن ئي در کوليائين، منوهر هن جي سامهون بيٺل هو.

”مون ڀانيو تہ ڪلينڪ کليل هوندي... “

”هينئر ئي بند ڪئي اٿم.... ۽ آشيش بہ اجا هاڻي ئي هتان ويو آهي.“

”ها! امڙ مون کي ٻڌائي چڪي آ....“

”امان....“ چارو وري ڳالهايو. ”امان تہ اج توهان جي باري ۾ مون کي گهڻو ڪجهہ ٻڌايو آهي.... پر مون اهو سڀ ذاتي طور ناهي پڇيو.“

”توهان بہ پاڻ بابت ڪڏهن ڪجهہ ناهي ٻڌايو.“

”مان.... مان پاڻ بابت ڪنهن کي ڪجهہ ناهيان ٻڌائيندي.. هن وقت ڇا توهان مون سان اها ڳالهہ ڪرڻ آيا آهيو.“ چارو پنهنجي دل تي دٻاءُ محسوس ڪندي چيو.

”منهنجو مقصد هيءُ آهي تہ پاڻ ڪيترا ئي ڀيرا مليا آهيون.... ڳالهيون بہ ڪيون آهن، پر مون ڪو بہ تڪلف ناهي ڪيو.... جيڪڏهن توهان بہ ائين ئي ڪريو ها تہ اعتماد بحال رهي ها... دوستيءَ جا بہ ڪي اصول ٿيندا آهن.“ منوهر جي هن قسم جي ڳالهين ٻڌڻ بعد چارو کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ ڇا چوي، هوءَ منجهي پئي هئي. ٻهانو ڪندي ورائيائين. ”توهان

ترسو.... مان پاڻي پي موتي تي اچان.“ پوءِ هوءَ بيڊروم ۾ هلي آئي ۽ فرج مان بوتل ڪڍي ٻه ڍڪ پيتائين. باقي ٿڌي پاڻيءَ جا منهن تي ڇنڊا هڻڻ لڳي ته ڪيس مونجهه گهٽجندي محسوس ٿي. جڏهن واپس ٻاهر آئي، ته منوهر وڃي چڪو هو..... هڪدم پريل گهر ۾ اڪيلائيءَ جو احساس ڪيس ڪاريهر بڻجي ڏنگڻ لڳو. تڏهن پنهنجي گهر جي هر هڪ شيءِ کان ڪيس بيزاري ٿيڻ لڳي. اڄ هن پنهنجو پاڻ کي اڪيلائيءَ جي گهاٽي ۾ پيڙهبي محسوس ڪيو هو. هن کي اها ويل ياد اچڻ لڳي هئي، جڏهن هن گهر مان هن جو پيءُ ۽ ڀيا مٽ مائٽ ڪيس وٺڻ لاءِ آيا هئا ته هن وڏي اعتماد سان جواب ڏنو هو:”مان ڪنهن ٻئي جي رحم ڪرم ۽ اشارن تي نچڻ واري ناهيان.... مون کي پنهنجي ڪم ۽ صلاحيتن تي مڪمل ڀروسو آهي..... هونئن به مان هن گهر ۾ محفوظ آهيان.“

ان وقت چارو جي اهڙي جواب سڀني کي حيران ڪري وڌو هو پر اڄ خير ناهي ته منوهر جي ماءُ منوهر بابت هن سان الائي ته ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون هيون. جو هاڻ هن جي در تي اچي دوستيءَ جي تقاضا ڪرڻ لڳو هو- پر هن جي اچا به اها ساڳي سوچ هئي ته مان پاڻ بابت ٻئي کي ايترو حق ڇا جي ڪري ڏيان. جو ان جي رحم تي رهان ۽ سندس همدرديءَ جي محتاج رهان. جڏهن ته هن جو خيال هو ته منجهس فيصلو ڪرڻ سان گڏ همٿ ۽ بهادري به اڃا قائم هئي.... هوءَ پاڻ کي هڪ اها ايماندار ڊاڪٽر تصور ڪندي هئي، جنهن وٽ هر ڪو مريض پنهنجي پنهنجي مرض سان اچي نڪرندو هو ۽ هن جي ئي ڏنل دوا سان صحتياب ٿي، سندس اڳي کان به وڌيڪ عزت ڪندي روانو ٿيندو هيو. جي نه ته هيءَ به عام گهريلو عورتن جيان ئي هجي ها، پر هيءَ هڪ غير معمولي عورت هئي، جنهن سان منوهر دوستيءَ جي ڳالهه ڪندي، ويجهي ٿيڻ جو اشارو به ڏنو هو.

چارو جڏهن پرڻجي آئي هئي ته هن محل جيڏي گهر ۾ هوءَ عام عورت جي حيثيت سان ئي داخل ٿي هئي. تڏهن هر ڪنهن ائين ٿي سوچيو ته ان محل جيڏي گهر ۾ هاڻ ٻار پيدا ٿيندا ۽ ان گهر جو ماحول ٻين گهرن جهڙو ٿي پوندو پر چارو جي قسمت ۾ ڪجهه ٻيو لکيل هو. هن جو مڙس ۽ سهرو گڏجي ڪاروبار هلائيندا رهيا. جنهن ۾ نقصان پوڻ سان ڪيترين ئي مصيبتن اچي منهن ڪڍيو. جڏهن قرض گهٽو وڌي ويو ته چارو سندن مدد خاطر گهر ۾ ڪلينڪ کولي. پر هن جو مڙس اپي همٿ هاري شراب جي نشي ۾ گم ٿي ويو ۽ پوءِ غير عورتن جي صحبت ڪيس تباهه ڪري وڌو.... هن جو سهرو سمورو ڏينهن ڪارخاني تي ۽ رات جو وري جُوئا جي اڏي تي ڪمائي ڪُٽ ڪرڻ لڳو- پر چارو ڪڏهن به همٿ نه هاري ۽ پنهنجي ڏنڌي ۾ جنبي وئي.

اڄ چارو ڏاڍي موچاري موڊ ۾ ويٺي هئي. مريض اچا ڪو نه پهتا هئا. صرف آشيش پنهنجي چاچي سان اچي نڪتو هو جنهن ڪيس خبر ڏني ته هنن جي وچڻ ۾ باقي به ڏينهن وڃي رهيا آهن. آشيش پوريءَ طرح سان صحتياب ڪو نه ٿيو هو. چارو تپاس کان پوءِ سندس چاچي کي چيو: ”هاڻ گهٽو بهتر آهي.... پريشان نه رهو.“

"ڊاڪٽر صاحب! پوءِ بہ جي ڪا دوا آهي تہ ڏئي ڇڏيو جيئن کنگهہ بخار ۽ زڪام تي قابو رهي... اسان جي خواهش آهي تہ هي صحيح سلامت ۽ صحتمند پنهنجي گهر پهچي."

"مان سمجهان ٿي تہ هيءُ اوسيتائين نيڪ رهندو... جڏهن آيو هو تہ چيڙاڪ هوندو هو پر هاڻ بلڪل بدليل آهي." چارو پيار سان آشيش جي گلابي ڳل تي ٿڦڪي هڻندي چيو.

"هي سڀ اوهان جي ڪري آهي." آشيش جي چاچي احسان منديءَ سان وراڻي ڏيندي، فيس ڏيڻ لڳس.

"نہ... نہ... مون تہ هن کي ڏنو ئي ناهي... پوءِ فيس ڇا جي؟!"

"ڪالهہ تائين هي مريض هو پر اڄ صحتياب آهي."

چارو پوءِ ڪيترو وقت مريضن کي ڏسندي رهي. جڏهن فارغ ٿي تہ ڪتاب کڻي پڙهڻ شروع ڪيائين، پر ان ۾ بہ دل نہ لڳيس. نيٺ ڪلينڪ بند ڪري مٿي هلي آئي، تہ فون جي گهنٽي وڄڻ شروع ڪيو.

"مان!... مان! منوهر ٿو ڳالهايان... تنهن ڏينهن اوهان کان موڪلائڻ بنا هليو آيو هُيس، سو پڪ اٿم تہ توهان ناراض هوندئو."

"نہ... انهيءَ ۾ ناراضگي ڇا جي... هونئن اهو ٻڌايو تہ فلائٽ ڪڏهن اٿوَ."

"هتان سڀاڻي شام جو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو وري...." منوهر ڳالهہ بدلائيندي: "اوهان کي هڪ ڳالهہ ٻڌايان ٿو تہ اسان ٻنهي ڪڏهن بہ هڪ ٻئي کي نالي سان ناهي سڏيو. رڳو توهان.. توهان سان سلسلو هلندو رهيو آهي." چارو ڪوبہ جواب نہ ڏنو تہ منوهر وري ڳالهايو. "مهينو گذري ويو خبر ئي ڪانہ رهي.... هاڻي سوچي رهيو آهيان تہ وقت ڪيئن گذرندو.... "

"ائين ٿيندو آهي.... پر جڏهن شيون پنهنجي معمول تي اچي وينديون آهن تہ سڀ ڪجهہ اڳي جهڙو لڳندو آهي." چارو جي جواب تي منوهر جي همٿ وڌي.

"اهو تہ نيڪ آهي، پر هن طرح سان وقت گذرڻ جو احساس........!!"

"ڪهڙي طرح سان!!!" چارو هن جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي وراڻيو

"مطلب تہ ائين فون تي الوداع چوڻ"..... منوهر جي ڳالهہ تي چارو جون اکيون پرجي آيون ۽ آواز لرزڻ لڳس. هُن پاڻ تي قابو رکندي چيو: "اوهان هت موڪلون گذارڻ آيا آهيو يا...... "

"اسان جهڙن ماڻهن جو سفر ائين هوندو آهي، پنهنجي ئي گهر ڏي واپسي.... اها بہ واپسيءَ جي ٽڪيٽ سان."

چارو رسيور ڪن تان لاهي، هٿ ۾ جهليو. مٿيون چپ پڪوڙي ڇڏيائين. هوءَ پاڻ کي دٻاءُ جي شدت ۾ لڙهندي محسوس ڪرڻ لڳي، پر عمر ۽ سماجي رتبي جو خيال ڪيس ستائڻ لڳو.

"اوهان چُپ ڇو آهيو؟!!"

"نہ اهڙي ڪا ڳالهہ نہ آهي.... دراصل مون فون تي ڪڏهن ڪنهن کي الوداع ناهي ڪيو... سوچي رهي آهيان تہ ائين ڪيئن ممڪن آ... "

"انهيءَ ۾ سوچڻ وري ڇا جو؟....." منوهر ڇڻ اهڙي ئي جواب جي انتظار ۾ هو. هن پنهنجي ڳالهه کي اڳتي وڌايو.

"ٻاهر جو ماحول ڏاڍو حسين آهي...... ۽ برسات بہ بند آهي.... هتان کان توهان جي گهر تائين ستن منٽن جو فاصلو آهي...... مان اوهان جي در جي گيٽ تي اوهان جو انتظار ڪريان ٿو. جي ممڪن آهي تہ نڪري اچو..... "

چارو تي هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي وئي. ڪي پل هوءَ سوچ جي ساگر ۾ غرق رهي ۽ پوءِ کيس محسوس ٿيو تہ ڄڻ مڙّ بارن جا دل تان لهي ويا هجنس ۽ صدين جا فاصلا سڀ رڪاوٽون ۽ وسوسا ٽوڙي، منتجي چڪا هجن...... ۽ پوءِ اينڊڙ لمحن جو انتظار ڪندي، هن منوهر کي فقط ايترو جواب ڏنو:"ها! "

*(شريمتي سانيا جديد مراٺي ڪهاڻيڪارن ۽ ناول نگارن ۾ هڪ اهم نالو آهي. پاڻ مهاراشٽرا جي شهر سانگلي ۾ پيدا ٿي، پر زندگيءَ جو وڏو حصو ممبئيءَ ۾ رئي گذاريو اٿس. هن اڪائونٽنگ جي تعليم حاصل ڪئي، پر پاڻ کيس ادب ئي پيو. هن وقت هڪ سماجي ادارو هلائي ٿي، جيڪو عورتن جي حقن لاءِ جاکوڙي ٿو. هن مهل تائين سندس ٽي ناول ۽ پارنهن مجموعا ڪهاڻين جا ڇپجي چڪا آهن. سندس ڪهاڻيون هندي ۽ انگريزيءَ کان علاوه ڀارت جي مختلف ٻولين ۾ ترجمو ٿي ڇپيون آهن- مترجم)*

●●

شاعري زندگيءَ لاءِ اهڙو ئي رويو رکندي آهي، جهڙو باهہ جهنگ لاءِ- اها ان جي اندر مان پيدا ٿيندي آهي، پر سندس ماهيت کي تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. هڪ لمحي، هڪ انتهائي مختصر ڄَراٽيل لمحي ۾ اها پنهنجيءَ باهہ جي جادوءَ سان کيس پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏيندي آهي. پر ان کان پوءِ ڇا ٿو رهجي وڃي؟ خاڪ...بس ايتري ئي تہ آهي زندگيءَ جي حقيقتا
شاعري قدرن جي تبديلي آهي. جيستائيين اها تبديلي ظهور ۾ نہ اچي، شيون اهڙيون ئي رهنديون آهن، جهڙيون اهي اڳ ۾ هيون. ۽ اهي لفظ بہ، جيڪي انهن(شين) جي نمائندگي ڪندا آهن، اهڙا ئي رهندا آهن، جهڙا اهي اڳ ۾ هئا. يعني فقط چند علامتون جيڪي ان ڳالهہ جون منتظر آهن تہ ڪين مناسب طريقي سان استعمال ۾ آندو وڃي، فقط اهو شخص، جيڪو اهڙي جادوگرانہ ڪايا پلٽ جي لياقت رکي ٿو شاعر سڏائڻ جو مستحق آهي، ۽ اهڙا ماڻهو آهن ئی ڪيترا؟!.(فرانسيسی نقاد پيئر روِردي)



# اڇوت

نصير ڪنير

سج ايترو تہ مٿي ڪو نہ چڙهيو هيو پر پنهنجي تپش چڱي پئي محسوس ڪرايائين. چڱو خاصو مال پاڻي پي اوهاڙي مان ٻاهر نڪري، ڪنڌيءَ جي وڻ هيٺان بيٺو هو. پاڻي چڱو خاصو ڪارو هيو پوءِ بہ مال ساهيون ڪائي پي رهيو هو. اونهاري جي موسم جا شروعاتي ڏينهن هيا، پر سڪي گاهہ ۾ سج جي تپش مال کي اچائي وڌو هئو. انهيءَ ڪري جيڪا بہ ٻڪري، رڍ پٽ تان لٿي ٿي تہ ڪوهہ ڏانهن ڊوڙ ڪري اچي پاڻيءَ تي ڪري ٿي پئي. باقي ڍڳيون تہ هونئن ئي ٻٽارو ڏڻ. پنهنجي لوڏ ۾ آيون پئي ۽ پاڻي پي روانيون پئي ٿيون. ڪيليءَ ۾ وهندڙ اُٺ جي ڳنن ۽ ٻغلن ۾ ٿيل ڀڳهر سان گڏ هن جو جسم بہ ڀڳهرجي ويو هو. ڪيلي ڪاهيندڙ ڇوڪرڙي جو حال بہ ساڳيو هو.

هن ڪوسَ ڪپوريئي ۾ خالي ڪري، تڙ ۾ اڇلي، گهرن ڏانهن نظر ڪئي، تہ ماءُ کي ايندي ڏٺائين. ڪڇ جي جاڙيجي ناڪراڻي اچي پوڙهي ٿي هئي، پر ڪڏهن بہ ڳوٺ تہ نهيو پر گهر ۾ بہ اگهاڙي مُنهن هلندي نہ ڏٺي هئائين. هميشہ چُنيءَ جي اوٽ ۾ منهن ڍڪيل. مڙس جواهر سنگهہ کي پرلوڪ پڌارئي ڏينهن ٿيا هئا. هن جي پنهنجي نظر بہ جهَڪي ٿي ويئي هئي. جُهڪيل جسم تي خاڪي رنگ جو پولڪو ۽ پڙو پاتل هيس، پوءِ بہ چهرو ڍڪيل. جڏهن امر ڪوٽ جو نهيل چوڙهو پاتل ۽ زيورن سان سينگاريل هوندي هئي، تڏهن بہ گهونگهٽ انهيءَ ڪان ڊگهو ڪڍيل هوندو هوس. آخر راڄواڙي گهراڻي جي نُنهن هئي. هن ورت کي پوڻ تان اڳتي سرڪائيو تہ ڪوس ڪوهہ جي اونهائي ۾ لهندو تيز ٿيڻ لڳو. هن ٻئي پير ورت تي ڏنا تہ ورت ڪرڙاٽ ڪندي، پيرن هيٺان واريءَ کي اُڏائيندي نڪرڻ لڳي. هن پيرن کي واريءَ ۾ اڳتي پوئتي زور سان گهمائيندي، نمي ورت ۾ هٿ وڌا. ورت جڏهن بہ پُرهہ تي رهي تہ سڪت ڏيئي، قابو ڪندي ورت کي سنڀاليندو وڃي ”ڪوهڙ“ تي پهتو. ڪوس نڪاءَ ڪري پاتال ۾ موجود پاڻيءَ سان لڳو ۽ ورت بہ پنهنجو ضد ڇڏي هلڪي ٿي. بہ ٽي جاڪون ڏيئي، ڪوس ڀرجڻ جي پڪ ڪيائين. ڇوڪرڙي ورت کي اُٺ تي وڌل پلاڻ جي تاڪي ۾ قابو ڪندي، هڪليائين تہ هي آجو ٿيو ۽ ايتري ۾ ماءُ بہ اچي ڪوهہ تي پهتي.

"اندرا..." هن کي سڏ ڪيائين. نالو تہ اندر سنگهہ هيو پر ماءُ ننڍو نالو وٺي سڏ ڪندي آهي.

"جي ماءُ..."

"لاڏي گهٽي ٺيڪ ڪونهي ...هنجهوڀائي چئي ٿي، شهر وڃو هتي ٻار ڪونہ ٿيندو."

"هُون..." هن هونڪار ۾ ها ملائي.

"هائو وارو چڱ، گاڏي ڪاهي اچ. واري جو سرون پيل کي چئو تہ اهو ڪيرائيندو."

"ها اچان ٿو."

"اچان ڪونهي، وڃ، دير نہ ڪر. ماستر جي گاڏي دڪان تي بيٺي آهي، ڪاهرائي اچ تہ جلد شهر وڃون."

هن سرون کي سڏ ڪيو جيڪو اوهاڙي ۾ هٿ هٽي رهيو هيو.

ٿوريءَ دير ۾ ماستر ڪستوري جي گاڏي هن جي گهر جي در تي پهچي ويئي. پوپان سيٽون سڌيون ڪري، هنڌ لڳائي، ڪيسر کي انهيءَ تي ليٽايو ويو. بہ عورتون گڏ ويٺيون. هي ۽ هن جو سئوٽ پوپٽ اڳئين سيٽ تي ويٺا. ٿوريءَ دير ۾ لانگ چيچز جيپ واريءَ تي ٺهيل گاڏين جي چيلهي ۾ ڊوڙڻ لڳي. واريءَ جي رستي ۾ ڪٿي جيپ کي پنهنجا سمورا زور لڳائڻا ٿي پيا، تہ ڪٿي ڊرائيور جي ڪوشش باوجود ڦاسي ٿي پئي. ڪٿي ڪٿي وڏا جهنپ ۽ جهٽڪا ٿي آيا تہ ڪيسر جي اذيت ۾ اضافو ٿِي ٿي ويو. هونئين تہ هن جو ڳوٺ شهر کان پيادل يا اُٺ تي چار کان پنج ڪلاڪن جو پنڌ هيو پر فور ويل جيپ ڪلاڪ اندر پهچي ويندي آهي. پنهنجين ٻنين مان لنگهندي، سوچيائين، اڄڪلهہ ڊليوري بہ ڪيڏي نہ ڏکي ٿي پئي آهي. عام معمول جي ڊليوري ۾ ڳوٺ جون بہ عورتون فوت ٿي چڪيون هيون. باقي جيڪي شهر پهتيون ٿي، اُهي يا تہ جيئريون ئي ڪو نہ ٿي موٽيون، يا سندن مائٽ چڱي خاصي مُوڙي وڃائڻ بعد سندن زندگي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿِي ٿي آيا.

جڏهن اسپتالون ۽ گاڏيون ڪو نہ هيون، تڏهن بہ اهڙي حالت هئي ڇا؟ هن جي ذهن ۾ سوال اڀريو. هن تہ اهڙن واقعن بابت اڳي ڪڏهن ڪو نہ ٻڌو هو جهڙا ٻن ٽئن سال دوران ڏٺا هئائين.

واپس مُڙي ڏٺائين، ڪيسر جو چهرو تڪليف ۾ پيلاڻ مائل ٿي چڪو هو. هن چاهيو ٿي تہ گاڏيءَ کي پَر لڳي وڃن ۽ هو جلد کان جلد شهر ڪنهن ڊاڪٽر تائين پهچن. پر وارياسو رستو جيپ جي اڳيان ڳَر ڪنيو بيٺو هيو. ڊرائيور فور ويل گيئر لڳائڻ بعد ڪوشش ٿي ڪئي تہ جيپ تيزيءَ سان پٽ چڙهي وڃي، پر جيپ دونهين جا لاٽ اوڳاڇيندي ٻليءَ پيرِ پٽ تي چڙهي. ڪلاڪ کن جي اهڙيءَ ڪشمڪش بعد وڃي گاڏي مٺيءَ جي سول اسپتال تائين پهتي. هن جي سئوٽ تڙ تڪڙ ڪري، اسٽريچر هيٺ ڪيو. مريض کي ايمرجنسي وارڊ ۾ کڻي ويا. ڊاڪٽرياڻي عملي کي ضروري ٽيسٽون ڪرڻ لاءِ

چئي، ٻئي ڊاڪٽر کي بہ گهرائي ورتو. دوائن جو پرچو هن ڏانهن وڌائيندي چيائين:"هي ڪجهہ ضروري دوائون ٻاهرئين اسٽور تي ملنديون، اتان وٺي اچو."

"ڊاڪٽر صاحبہ مريض جي حالت ڪيئن آهي"؟ هن جي سئوٽ پڇيو.

"اڃا تہ ڪجهہ بہ نہ ٿو چئي سگهجي، مائي کي ڪمزوري گهڻي آهي. توهان کي رَت جو بندوبست ڪرڻو پوندو."

"رَت!" هن تعجب ۾ چيو" مڊم صاحبہ ڪٿان ملندو؟" وري پڇيائين.

"ڪمپائونڊر رت ٽيسٽ ڪري، اوهان کي گروپ ٻڌائي ٿو. پوءِ اوهين رت ٽيسٽ ڪرايو. اوهان مان ڪنهن جو گروپ ملي وڃي تہ ٺيڪ، نہ تہ ٻيو ڪو بندوبست ڪريو."

"ڪيترو رت کپندو؟"

"گهٽ ۾ گهٽ بہ ٽيلهيون تہ ضرور هجن."

"پر اسان جو تہ هتي ڪو عزيز يا واقف بہ ڪونهي."

ايتري ۾ ٻيو ڊاڪٽر پهچي ويو ۽ ڊاڪٽرياڻي ان سان ڳالهائڻ ۾ مصروف ٿي وئي، ان ڪري هن جي پوري ڳالهہ ٻُڌي ڪونہ سگهي. هي جلدي جلدي ٻاهرئين اسٽور تان ٽيلهيون وٺي آيا. ڊاڪٽرياڻي آپريشن ٿئيٽر ۾ هُئي. ڊاڪٽر ڪنهن سان فون تي ڳالهائي رهيو هو. دوائون هنن سان گڏ آيل مائي اندر کڻي ويئي.

"ڊليوري جو ڪيس اوهان جو آهي." ڊاڪٽر فون بند ڪندي پڇيو.

"جي ها سائين."

"سامهون ليبارٽري ۾ وڃي رت ٽيسٽ ڪرايو ۽ ٻيا ماڻهو ڪٿي؟رت جو بندوبست جلدي ڪرڻو پوندو."

"سائين اسان تہ رت ڪڏهن ڏنو ڪونهي ۽ نہ هتي اسان جا مائٽ يا واقف ئي ڪي آهن."هن چيو.

"بابا نہ ڏنوَ تہ ڇا؟ هاڻي ڏيئي سگهو ٿا. جي مريض جي زندگي بچائڻي آهي تہ جلدي رت جو بندوبست ڪريو." ڊاڪٽر آخري ڳالهہ ڪئي، تہ هنن جا وات ڪليل ئي رهجي ويا.

"ڏسو ڇا ٿا؟ توهان پنهنجو تہ ٽيسٽ ڪرايو. ڪلاڪ جي اندر بندوبست ڪري وٺو." ڊاڪٽرياڻي آپريشن جيِ تياريءَ ۾ رڌل هئي.

ڊاڪٽر آپريشن ٿئيٽر ۾ هليو ويو. هي هڪ ٻئي جي منهن ڏانهن ڏسندا رهجي ويا.

"آپريشن اوهان جي مريض جو آهي." پوڀان بيٺل ڪنهن اجنبي پڇيو.

همراهہ ويجهو آيو."ڪا ڳالهہ ڪونهي، اسان پاڻ رات رت ڏنو آهي. صرف ٻن منٽن جي ڳالهہ آهي. ڪوپ جيترو تہ رت کپي."

اجنبي همٿ ڏياري، سوچيائين، هي بہ ويچارا رات ڪنهن بيماري وگهي آيا هوندا.

چاچي جا چيل لفظ ياد آيس، جيڪو ٻنيءَ جي ڪيس ۾ سال جيل ڪاٽي آيو هو."اسپتال ۽ جيل ۾ ماڻهو هڪ ٻئي جا ساٿي ٿي وڃن ٿا."

” هلو ليبارٽري ۾ خبر ونو تہ گروپ ڪھڙو آهي؟ پوءِ اها سامهون آفيس آهي نہ. اِهي بہ ويچارا رت مفت هٿ ڪري ڏيندا آهن.“ اجنبيءَ جي اهڙيءَ ڳالهہ تي هنن کي بہ ڪجهہ آٿت ملي. هي ٻئي ليبارٽريءَ ۾ ويا. ليبارٽري ٽيڪنيشن رت جا مختلف سيمپل چيڪ ڪندي چيو”ها ادا حڪم، ڪنهن سان ڪم آهي؟“

اندر سنگهہ جو سئوٽ ڳالهائڻ ۾ تيز هو. چيائين: ”اسان کي رت ٽيسٽ ڪرائڻو آهي.“

”ڊليوري ڪيس اوهان جو آهي نہ؟“

” ها هائو....“

”ڇا نالو آهي مريض جو؟“

”ڪيسر.“ هن جي سئوٽ جواب ڏنو.

”بي نيگيٽوَ گروپ آهي، ڏاڍو ڏکيو ملندو آهي.“

”هَان!...“ هي گهبرائجي ويا.

هنن ٻنهين جو رت ٽيسٽ ڪيائين.

”اوهان ٻنهي جو گروپ ٻيو آهي.“

”سائين اسين تہ هتي ايترو ڪنهن کي سڃاڻون ڪو نہ ٿا، هاڻي ڪٿان رت هٿ ڪريون.؟“

”توهان ائين ڪريو اسپتال ۾ اسٽور آهي نہ. انهيءَ جي پٺ ۾ ڪمرو آهي. ايمبولينس بيٺي آهي. انهيءَ آفيس ۾ ننڍي قد وارو همراهہ ويٺو آهي، ’مامو وشنو.‘ انهيءَ سان ملو. اهو توهان کي ڪٿان نہ ڪٿان بندوبست ڪري ڏيندو. تڪڙا وڃو.“ ٽيڪنيشن چپڙي وڃائيندي، ڪين جلد وجهڻ لاءِ چيو.

ٻئي لمحي هي آفيس ۾ پهتا. موجود ڪارڪن هنن جي ڳالهہ ٻڌي، يڪدم فون ڪيو. ٿوريءَ دير ۾ موٽرسائيڪل تي هڪ همراهہ سان گڏ چئن فوٽن جو وڪريل همراهہ لٿو. ڳالهائڻ ۾ تيز وات پان سان ڀريل. ويهندي پڇيائين: ”گروپ بي نيگيٽوَ آهي نہ“.

آفيس ۾ موجود ڇوڪري کي چيائين: ”اڙي ابا، تون آنند کان گروپ جي پڪ ڪري اچ ۽ پڇي اچ ڪيتري دير ۾ ڪپي.“

ٻئي گڏ آيل همراهہ کي چيائين: ”تون سوائي جو نمبر ملا.“ سوائي سان رابطو نہ ٿيو. ”جميل جو بہ بي نيگيٽوَ آهي.“ گڏ آيل ڪارڪن چيو.

”ساگر جو بہ بي نيگيٽوَ آهي“.

”ساگر هتي آهي ڪو نہ.“ هي نالا ٻڌائيندو ويو، فون تي نمبر ڊائل ٿيندا ويا. ائين نمبر کان نمبر، ڪنهن سان رابطو ڪنهن سان نہ– پر پروسو نہ مليو. چپل لاهي، ٻئي پير ڪرسيءَ تي رکيائين. ”اوهين گهبرايو نہ، رت ملي ويندو. پر گروپ ڏکيو آهي. ڪو ورلي انهيءَ گروپ جو هوندو آهي.“ ڇوڪرو معلومات وٺي جيئن ئي آفيس ۾ گهڙيو تہ هن تڪيہ ڪلام ۾ چيو”ها ابا...“

”گروپ صحيح آهي. ڊاڪٽرياڻي چئي تي ڪلاڪ اندر رت ملي. هينئر هڪ ٿيلهي هجي.“ ڇوڪري ٻڌايو.

”هلو پوءِ ڪري ونداسين.“

سگريٽ جا ٻه ڪش هڻي گڏ آيل ڪارڪنن کي چيائين، ”ابا هلو.“

”هاڻي تون ائين ڪر جو وڪرم جي نمبر تي ٽراءِ ڪندو رهه. هو نبي سَر کان نڪتو آهي. ڪلاڪ ٿي ويو آهي. جيئن رينج ۾ اچي، ته چئو مامو چئي ٿو جلديءَ مٺي پهچ. ايمرجنسيءَ ۾ رت کپي ٿو. هو اچي ويندو. آئون ليمون کي ڏسان.“ مامي آفيس جي ڇوڪري کي سمجهايو ”ليمون ڪهڙو؟“ گڏ آيل ڪارڪن پڇيو.

”اڙي ابا ليمون سَروپ جمعدار وارو.“

”انهيءَ جو ڪو نڪاٽو آهي ڪو نه.“

”آئون ڏسان ٿو انهي جا نڪاٽا سُجهن ٿا.“

ماما وشنو اٿيو ته هي به گڏ اٿيا. ”اوهين اتي ويهو. آئون ڪلاڪ اندر ماڻهو هٿ ڪري اچان ٿو.“ ائين چئي ٻئي ڄڻا موٽرسائيڪل تي روانہ ٿيا.

هي ٻئي سئوٽ ٻاهر نِم جي ڇانوَ ۾ ويهي انتظار ڪرڻ لڳا. گڏ آيل ماين مان هڪ ٻاهر آئي ته هن جو سئوٽ اڳتي وڌيو. پاڻي تي گهريائين. پاڻي ڏيئي واپس آيو ته سئوٽ کان پڇيائين ”ڇاڇي ڇا ٿي چئي؟“

”ماءُ چئي تي، ڊاڪٽرياڻي سُئيون هنيون آهن. ٿوريءَ دير ۾ آپريشن ڪرڻي پوندي، ائين ڊليوري ڪو نہ ٿيندي، رت جو پڇي پئي.“

هي وري ماٺ جي کوهيڙي ۾ گهيرجي ويو. سوچيائين، اسان جي ذات جي عورت ڪڏهن به گهر کان پير ٻه ٻاهر ڪو نہ رکيو ۽ نہ ڪڏهن اسان اسپتالن ۽ شهرن ۾ عورتن کي آندو. ڪهڙي مصيبت ۾ اچي ويا آهيون. هتي ته هندو مسلم ڀيل ميگهواڙ جي خبر ئي ڪو نہ ٿي پئي. پنهنجي ڳوٺ جو ماحول اکين ۾ ڦرڻ لڳس، جتي هينئنءَ ذات وارا گڏ کائڻ ته پري، پر هٿ ملائڻ جي به همت نٿا ڪري سگهن. هولي ديوالي تي به ڪيئن پري کان پُرنام ڪندا آهن- ۽ هتي ته عجيب ماحول هو پر مجبوريءَ ۾ ڇا ٿو ڪري سگهجي؟

اڌ ڪلاڪ ۾ مامو وشنو ٻن موٽرسائيڪلن سان اچي پهتو. ٻه شلوار قميص ۾ هڪ ڍگهن وارن سان ڪاري رنگ جي پينٽ شرٽ سان. هنن جي اکين ۾ زندگي موٽي آئي. اميد جو ڪرڻو جاڳي پيو هو. ”اڙي ابا وڪرم سان رابطو ٿيو...“ ڪارڪن کان پڇيائين. ڪارڪن ٻاهر نڪري جواب ڏنو: ”نہ سائين، نمبر لڳي ڪو نہ ٿو.“

”منهنجو رابطو ٿي ويو آهي. يُوفون ڪونهي، ٽيلينور جو نمبر آهي. اچي پيو جلدي“

”ابا هڪ ماڻهو هٿ ڪري آيو آهيان. پيو نئون ڪوٽ جو قلعو مَٺيو آهي، اچي پيو.“ مامو هنن سان مخاطب ٿيو.

”سائين مهرباني.“ هن جي سئوٽ چيو.

”مهربانيءَ جي ڳالهه ڪونهي، ڪنهن جو ڀلو ٿئي.“

اڳيان مامو ڀويان ٿئي همراهه هي سڀ ليبارٽريءَ ۾ پهتا. ”اڙي ابا انهيءَ جو رَت ڪيو.“

”مامي جو خير.“ ليبارٽري اسسٽنسٽ چيو.

”تنهنجو خير...“

”مون هنن کي چيو مامي کان سواءِ مسئلو حل ڪو نه ٿيندو.“

”اصل ۾ گروپ ڏکيو آهي. ورلي ملي ٿو نه ته اسين ته وينا انهي ڪم لاءِ آهيون. بس هر ڪنهن جو ڀلو ٿئي.“

مامي سگريٽ دُکائي، ٻئي پير ڪٽي ڪرسيءَ تي رکيا. ليبارٽري اسسٽنٽ رت جي ٿيلهي ۽ ٻيو سامان لکي ڏنو ”هي ٻاهران وني اچو.“ هن جو سئوٽ سامان وٺڻ ويو.

گڏ آيلن ۾ ڪنهن چيو”مامو يار ڪم وڏو ٿو ڪري. مُئي کي ٻه سئو ماڻهن جا گروپ ياد آهن.“

”اڙي هيڏانهن، هيڏانهن...“ مامي ليبارٽري اسسٽنٽ جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ٻانهن تي ڏڪ هنيو. ليبارٽري اسسٽنٽ پنهنجي معمول جو ڪم ڪندي، ڪنڌ ڌوڻيو. اندر سنگهه به انهن جي ڳالهين تي مامي کي شاباس ڏيئي، دعائون ڏيڻ لڳو. دل ئي دل ۾ ساراهڻ لڳو.

”ٻُڌئي...“ مامي ليبارٽري اسسٽنٽ جو ڌيان ڇڪايو.

”ها ها“ اسسٽنٽ ٿورو نهاريو ته مامي سگريٽ جو ڪش هڻي ڳالهه ڪئي.

”او ڪتي ڀنگين جو پاڙو اُتي پڇا ڪئي، پوءِ تي ايم او آفيس. اتان ڏس مليو ته ايرندي پاڙي واري وڏي گٽر جي صفائي پئي هلي، اُتي آهي.“ اندر سنگهه جو ڌيان انهن ڏانهن ويو.

”ڪوٺ ڪاٺو هجي ته به صحيح.“ گڏ آيلن مان ڪنهن چيو.

”موبائيل به ڪونهي.“ ليبارٽري اسسٽنٽ وڏاءُ ڪيو.

”مُئا انهن ڀنگين جا ڪهڙا نڪاٽا؟“ مامي ڪلندي ٿوڪ هنئي، ته سڀ کِلي پيا.

اوچتو اندر سنگهه لاوي جيئن ڦاٽي پيو: ”هي ڪير آهي؟“

ٿهڪن کي خاموشي کائي ويئي. سڀ واٽڙا ٿي ويا.

”هي ........ هي ڀنگي آهي.“ ڪنهن جواب ڏنو.

”نه، انهيءَ جو رت نه کپي. هي اڇوت انهيءَ جو رَت اسين ڪو نه لڳائيندا اسين. ڀلي مريض مَري ته مرِي وڃي“.

ماحول کي ڄڻ ڪک سنگهي ويو. سيني جا وات ڪليل رهجي ويا.

ليمون ڪاوڙ مان بيڊ تان اٿيو. شرٽ ڇڪي، ٻانهن تان هيٺ ڪيائين ۽ ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

Knaseer36@yahoo.com

••



# باسڪٽ

قاضي اياز مهيسر

ڪچري ۽ ڦٽين سان ڀريل باسڪٽ انيڪ وارتائن جي اينٽي ڪلائيميڪس سان ٽُپ تي وئي هئي. هڪ ٻريل ۽ ٻي سڙي ويل بلب جي روشنيءَ ۽ اونداهيءَ ۾ ڪمري جو منظر ڪنهن قتل جي واردات جهڙو لڳي رهيو هو. سهڻيءَ جون پٽيل اکيون ۽ ڪمري جي ڇت چٻاڙيل چيگم جي ٻن حصن جي وچ ۾ چپڪندڙ لار سان چپڪي ويون هيون. يا شايد اهو ڪنهن ڪوريئڙي جو ڪمال هو جنهن سندس اکيون ڇت سان اٽي ڇڏيون هيون. بند دريءَ جي سخت ٻيڪڙ ۾ ڦٽجي ويل پوپٽ جو ساهه نڪري ويو هو ۽ مردار پکو ٻوسٽ ۾ مري ويل هوا جي ڊانچي وانگر نظر اچي رهيو هو. ڊريسنگ ٽيبل تي رکيل خوشبوئن جي رنگارنگ شيشين مان خوشبو اڏاميل اڏاميل تي لڳي ۽ الڪوهل پارَي وانگر ڄمي اچي ٽري سان لڳو هو. خبر ناهي، صبح کان پوءِ ۽ شام کان ٻهرين ان ڪمري ۾ ڇا ٿي ويو هو جنهن ان جي حيات جا رنگ ٻي رنگ ڪري ڇڏيا هئا.

خبر ناهي اهو قتل هو يا خودڪشي، پر سهڻيءَ جون اکيون ڏسي اهو چوڻ به ته مشڪل هو ته هوءَ مري ويل آهي يا بيهوش. هوءَ سمهندي به ته ائين هئي نه. جو لڳندو هو ڄڻ مري وئي آهي، اکيون پٽيل، ٽِڪ ٻڌل. ائين لڳندو هو ڄڻ پٿر جون پاتل هجنس. پر جڏهن جاڳندي هئي ته سندس اهي ئي اکيون ڪنهن گهري ڍنڍ جي نيري رنگ ۾ رنڱيل نظر اينديون هيون. هوءَ ڪنهن نيروليءَ جو خواب پاسندي هئي. اهڙو نيرولي جيڪو سندس تلاش ۾ خضر ٿي ويو هو. ۽ جنهن کي اها به خبر نه هئي ته هو جنهن جي ڳولها ۾ دنيا جا سڀ پاڻي جهاڳي چڪو هو اها سندس ئي گهر جي سامهون

لتڪيل نيرين چادرن جي پويان رهندي هئي. سهڻي تہ هئي ئي سهڻي، پر ڪيس اها خبر ڪڏهن بہ نہ پئجي سگهي هئي تہ هوءَ ڪنهن جي خواب جي ساڀيان هئي. هوءَ جنهن خواب جي ساڀيان هوندي جڏهن ان سان نہ ملي سگهي هئي، تڏهن هن پاڻ خواب ڏسڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا ۽ توڙي جو هن نيروليءَ وانگر پاڻي نہ جهاڳيا هئا، پر تڏهن بہ هوءَ پنهنجي خواب جي ساڀيان ماڻي سگهي هئي. پر پيار جي پهرئين پهر ۾ ڪيس شايد ان ڳالهہ جو اندازو نہ هو تہ هوءَ جنهن کي پنهنجي ساڀيان سمجهي ويٺي هئي، اهو اصل ۾ سندس ساڀيان هيو بہ يا نہ!

هوءَ جلديءَ ۾ جنهن کي دل ڏئي ويٺي هئي، دلين سان کيڏڻ تنهن لاءِ ڪاٻي هٿ جو ڏانءُ هو. هن جو نالو هيو تہ ميهار. پر هو صرف نيرين اکين واري سهڻيءَ جو ئي نہ پر مختلف رنگن جي اکين وارين انيڪ سهڻين جو ميهار هو. جيتوڻيڪ شروع ۾ ڪيس سهڻيءَ جي نيرين اکين سان پيار تہ ٿي ويو هو. پر ان هوندي بہ هو پنهنجي اکين مان ٻين رنگينين کي ڪڍي ئي نہ سگهيو هو. سهڻي فقط سندس اڌلڻي دنيا جو هڪ رنگ هئي، جنهن کان سواءِ سندس اڌلڻ پوري نہ ٿي سگهندي هئي، پر ان جي تڪميل لاءِ ڪيس ٻين سهڻين جي بہ ايتري ئي ضرورت هئي، جيتري نيرين اکين واري سهڻيءَ جي. پر سهڻيءَ لاءِ سڀ ڪجهہ هو ئي هيو. هيو بہ تہ هو ۽ نہ هيو تہ بہ هو. ڏسندي ئي ڏسندي، هوءَ هن جي ايترو تہ ويجهو اچي وئي جو ڪانئس اهو سوچي ڇرڪ نڪري ويا تہ ميهار تہ اڃا ساڻس شادي ئي نہ ڪئي هئي. پر هوءَ جيڏي نانءَ جي سهڻي هئي، تيڏي ئي سياءَ جي بہ سهڻي هئي. هن ڪانئس ڪڏهن بہ نہ پڇيو تہ هو ساڻس شادي ڪڏهن ڪندو. هن لاءِ بس اهو ئي ڪافي هو تہ هوءَ هن جي آهي ۽ هن جي ئي رهندي، اهو سوچڻ بنان تہ هوءَ جنهن جي آهي، اهو بہ هن جو آهي يا نہ. ائين ئي وقت گذرندو ويو. هفتا مهينا ٿيندا ويا، مهينا سال ۽ سال ڏهہ سال. انهيءَ عرصي ۾ سهڻي پنهنجي ميهار جو اصلي روپ بہ ڏسي ورتو هو. سندس ڪپڙن مان ٻين سهڻين جي مست خوشبو بہ محسوس ڪئي هئائين ۽ سندس وارن ۾ ڇهتيل ٻين سهڻين جا سنهري ۽ وارن جي مختلف رنگن ۾ رنگيل وار بہ ڏٺا هئائين، پر هوءَ اهو سمورو عرصو چُپ ئي رهي هئي، ڪڏهن اف بہ نہ ڪيي هئي-

سهڻيءَ کي اها بہ خبر هئي تہ هوءَ ميهار لاءِ فقط هڪ عام استعمال ۾ ايندڙ شيءِ هئي، هڪ ڊسٽ بِن. جنهن کي هو اڪثر باسڪٽ سڏيندو هو. هوءَ جڏهن بہ اڪيلي هوندي هئي، تڏهن ڪيس لڳندو هو تہ عورت ٽوڪري ئي تہ آهي- هڪ باسڪٽ جنهن کي مختلف ڪمن لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي، هڪ باسڪٽ جنهن ۾ گل سجايا ويندا آهن، هڪ باسڪٽ جنهن ۾ گند ڦٽي ڪيو ويندو آهي، ڪچري ۽ پنين ڦٽي ڪرڻ لاءِ هڪ ويسٽ بِن، ٽافين، چاڪليٽن، چيگمن ۽ پرافليڪٽڪس جي

پنهنجي سان پريل- ۽ ڪائنس اها اميد ڪئي ويندي آهي تہ هوءَ پاڻ ۾ ڦٽي ڪيل سڀ گند صاف ڪري ڇڏي، بدبو کي خوشبو ۾ تبديل ڪري ڇڏي، ذلتن کي عزتن ۾ مٽائي ڇڏي ۽ نفرتن مان محبتن کي جنم ڏئي سگهي. عورت هڪ باسڪٽ، اهو صرف ميهار ئي نہ چوندو هو پر سهڻي بہ محسوس ڪندي هئي. هر دفعي، هر وقت، جڏهن جڏهن بہ سندس پيار سان ريپ ڪيو ويندو هو ۽ هوءَ اهو سڀ ڪجهہ چپ چاپ صرف ان لاءِ سهندي رهندي هئي، جو ان کان سواءِ کيس پنهنجو ڪو ڪارج ئي نظر نہ ايندو هو پر ان ڏينهن کيس ڪجهہ ٻيو نظر آيو هو. عورت کي باسڪٽ ڪرڻ ۾ جيترو مرد جو ڪردار آهي، اوترو خود عورت جو بہ آهي، هوءَ سوچڻ لڳي هئي. عورت انڪار ڇو نہ ٿي ڪري سگهي؟ ڪري سگهي ٿي، هن سوچي ڇڏيو. هن سوچي ڇڏيو هو تہ اڄ کان پوءِ هوءَ پنهنجي پيار سان ريپ ٿيڻ نہ ڏيندي، هن باسڪٽ ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. ۽ اهو ڏينهن اهو ئي هو جڏهن صبح کان پوءِ ۽ شام ٿيڻ کان پهرين سندس ڪمري ۾ حيات جا رنگ بي رنگ ٿي ويا هئا. اها خودڪشي نہ هئي، قتل هو. قتل، جنهن جي اڪيلي شاهدي، ڪمري جي ڪنڊ ۾ رکيل اها باسڪٽ هئي جنهن ۾ سهڻيءَ جي رت ۾ ٻڏل اهو بليڊ ڦٽي ڪيل هو جيڪو ڪجهہ گهڙيون پهرين سندس ساهہ جي رڳ ڪٽي ويو هو-

سهڻيءَ جو قاتل پهرين بہ ميهار هو ۽ هاڻي بہ ميهار، فرق صرف ايترو هو تہ هِن ميهار خار ۾ کيس قتل ڪري ڇڏيو هو ۽ پهرئين ميهار پيار ۾. پر سهڻي نہ تڏهن مُئي هئي ۽ نہ ئي هاڻي. هوءَ جڏهن بہ مرڻ تي هئي، تڏهن نيري ڇٽيءَ واري نيرولي کيس پنهنجي ٻانهن ۾ ڪٽي ورتو هو. اهو نيرولي، جيڪو سندس پيار ۾ خضر ٿي ويو هو.

●●



حليم باغي

## هوءَ منهنجي زندگيءَ جو عنوان بڻجي آئي

ڪنهن گل فروش جا هٿ
مالهڻ سنديون ڪرايون
هن ساڻ پيٽ ڪنهن جي
سرهاڻ ۽ سَرهائي
چڳ چڳ ۾ دائي دائي
مهڪار تي پکيڙي
پونئرن کي تي سهيڙي
هوءَ شاخ گل تہ ناهي
پونرن کي پيڙي ميڙي
رابيل وَل تہ ناهي
صبح بهار ناهي
پوءِ بہ پوپٽن جا
هيڏا ڪٿڪ تا اُڏرن
تارن کي تونس لائي
هرڻن کي پنيلائي
رڻ ۾ رُلائي ماري

هوءَ رُج جي جل پري آ
روزِ ازل کان جيڪا
پنهنجي سفر ۾ پوري
ڪنهن دل جي ساز پرسان
جنهن وقت پيي هُري ٿي
دل جو لهُو گهُري ٿي۔
اي شام جا پکيئڙا
تنهنجو گذر اتان ٿي
چئجان اي جانِ شاعر!
هي هيترا وڇوڙا
منهنجي نصيب ۾ ڇو
درياءَ پار ورستي
جنهن جاءِ هوءَ وسي ٿي
جا ڪنهن زماني دل جي
مهمان بڻجي آئي،
هوءَ منهنجي زندگيءَ جو
عنوان بڻجي آئي.

خليل ڪنڀار

# سنڌو ندي

مهاڻي جيئن جواني ۾،
ندي ايئن آر ڪيٽن ۾،
ندي جا نيڻ جل تل ها،
ندي ڪي نير نيٽن ۾.
ندي ڪي ياڪرن ۾ هئي،
جواني مير بحرن جي،
ندي ڪي چيلهه تي آيا،
سدا هو وار سهڻيءَ جا،
ندي ڪي نينگرين هوڏيو
ندي ڪِيا آر جوين جا،
ندي هئا نقش چورايا،
ندي وٽ پار جوين جا،
ندي وٽ چيلهه سنهڙي ۽،
ندي وٽ موڪريون ڇاتيون،
ندي ڪي آرسون موڙي،
جواني جڙ تہ وئي ٻوڙي!
ندي بي انت هوندي هئي،
ندي هئي ماجري ڇوري،
ندي وٽ سنگ آنيو هئا،
ندي هئي هَر هارياڻي،
ندي وٽ لاڙ سارين سان،
ندي وٽ لال لاهياريون،
نديءَ جو لاڏ ڪوڏاڻا،
نديءَ جو نينهن موهاڻا،
نديءَ ڪي ڇجَ ۾ ڇڙيئون،
نديءَ ڪي وانِريو ڇورين،
نديءَ تي مست هئا ڇورا،
نديءَ ڪي سينڌ ۾ ڳايئون،
وڄايئون واسلي ۾ پئي،
نديءَ ڪي خواب ايندا ها،
نديءَ سان ننڊ مهاڻي جي،
ندي هئي لوڏ ڇورائي،
نديءَ وٽ تنڊ مهاڻي جي،
نديءَ جو سمنڊ نيري سان،
سدا هو سڪ جو ناتو
نديءَ ڪي يرَ، تي ٻيهي،
مهاڻي واهه جو ڳاتو
ندي هئي ماءُ جيجل جيئن،
ندي انصاف سان ڪيڏو
ورهاڻي وانگين ۾ پي،
نديءَ وٽ ڪنوار لاڏا ها،
نديءَ وٽ ڪيئي نکيٽيون،
ندي پئي آرتي لاٿي،
ندي پئي آرتي پاتي،
ندي هئي ٻارڙي وانگي،
ندي لاءِ پينگهه بتيلو
ندي هئي حيدري ميلو
ندي هئي ميٺ ميلاپو
وڇوڙو پر ڏئي گذريس،
ندي تي نيٺ نيئاپو
ٻکيل هئي ٻانهڙين ۾ جڙ،
ندي سا مير مُهاڻن کي،
ڪڏهن جا ڪاڳلن ۾ تي،
سُتي تي ننڊ ٻيڙين ۾،
هينئر سا بند ٻيڙين ۾،
مسافر قيد تي ويئي،
مسافر قيد تي ويئي.

حاجي ساند

## متاعِ حيات

گهڙيءَ جي موڙ کان مُڙندي
ٿيو محسوس ايئن آهي
پرين! سڀ ڪجهه رهيو پٺتي:
”اوهان جي ڪل جي خوشبو
گلن جا ڳل ڀِنا جنهن سان
اها جا لوڏ ٻانهن جي
هزارين من ڳنها جنهن سان
گهڙين کي ڄڻ تہ ڏانوڻ پيا
ڪليون ۾ جي ڪڄيون اڪڙيون
اڱڻ بيهي ٻڳل آرس
اُتر کان ڄڻ اُٿيون وڄڙيون
ڏنڪ آواز تنهنجي جِي
منڊي ملهار جنهن ڇڏيا
اُڏيو ٿي هير تي آنچل
وساورني ڪکر گڏيا!“
اسان جي عمر جِي موڙِي
اِهائي هئي، ٻيو ڇا هو
ڇڏيندي شهر تنهنجي کي
گهڙيءَ جي موڙ کان مڙندي
ايئن محسوس ٿيو آهي
پرين سڀ ڪجهه رهيو پٺتي.

آڪاش عامر

## نظم

هر روز آسارن جي آشا،
هر روز کهاڙين مان گذري،
ڳلهار ڳشادين قبرن سان،
ٿي روز ملي رنگريز ٿئي.

تاريخ حرامي طبلن تي،
پازيب وڄائي ٿي ڇهڪي،
ٿا تال نئين تي سنب وڄن،
ٿو درد بہ نئون دلخيز ٿئي.

هيءَ کهڙي پيهہ پڳي آهي؟
هيءَ کهڙي لوڏ لٿي آهي؟
ٿي ننڊ ٽُٽي تلوارن جي،
ٿي جاڳ بہ حيرت خيز ٿئي.

هر سرد گهٽي ٿي ساهہ کڻي،
ويساهہ مرٽئي ماٺارن ۾،
ڪنهن جهونيءَ ڳڙَتي خيمي ۾،
تلوار پئي ٿي تيز ٿئي.

مون پوڙهيءَ ڇڳ ۾ ڇيڙهہ ڏٺو
سا هيل ڇون ٿا ڳاڙهي آ،
ڪنهن ڪاري وقتَ ڇڪيا ڇوٽا،
يا سار پئي سنگريز ٿئي!!؟

♣

حبدار سولنگي

# صُوفي

خالي ۽ سنسان اڪيلي دڳ تي هو
پنهنجي ڌيان گيان ۾ گم وڃي ٿو وڌندو
اڳتي اڳتي........
وڻ سوچن ٿا:
مانجهي مڙس وڃي ٿو ڪاڏي؟
چُپ چُپ هوءَ هوا سوچي ٿي:
ڪاڏي نڪتو آ سيلاني
گيڙو ويس ڍڪي نيشاني!
پنڇي پيي تعجب ۾ آهن!
هڪ ٻئي سان ٿا هيئن ڳالهائن:
هيڙي مهل اڪيلو گم سُم
ڪاڏي نڪتو آ هي آدمُ!
هو سڀني ڪان لا تعلق آ
هن جي من ۾ جيڪا چِڪ آ
اُن ۾ سچ آ
اُن ۾ حق آ
۽ هو سچ جو ساميئڙو آ
ها هو حق جو پانڌيئڙو آ.

وِڪ سان جيئن ئي وِڪ کڄي ٿي
هن جي دل جي تار وڄي ٿي
۽ اپري ٿو راڳ الستي
جنهن ۾ هن جي ساري هستي
حق جي سرمستي ٻڌجي ٿي
هو وجدان وني ٿو ماڻي۔
منظر لهرون لهرون ٿين ٿا
عڪس عجيب اچن ٿا ترندا
عڪس اهي لافاني آهن
جوت، جمال، جواني آهن
لاثاني لاثاني آهن.

سارا ڪيپ خمار ٽٽن ٿا
الهامي سڀ عڪس اُڏن ٿا
آڏو هڪڙو صحرا آهي
جنهن ۾ خاموشي ڳائي ٿي
هر ذري مان ڪوڪ اٿي ٿي
دل ۾ هڪڙي ڪوڪ چُڀي ٿي
۽ هو سيني کي هٿ ڏيئي
واريءَ تي ويهي سوچي ٿو:
هي بنواس برهه جو ڇو آ
هي احساس ورهه جو ڇو آ
آءٌ اڪيلو ڇا لئه آهيان
من ۾ ڪهڙي بيچيني آ
روح سدا ويراڳي ڇو آ
منُ سدا متلاشي ڇو آ
آءٌ الائي ڪاٿي آهيان
هيءَ چوڌاري واري ڇو آ!
نظرن منجهه سراب به ناهي
هي جيون ڪو خواب به ناهي
پوءِ به هي ڪهڙو طلسم آ
جنهن سان وابسته هر غم آ
۽ هي غم به آخر ڇا هي
ڪنهن پل دل برباد ڪري ٿو
ڪنهن پل دل آباد ڪري ٿو
ڪنهن پل دل جي مٽي ڳوهي
هڪڙو رانديڪو ٿو ناهي
ان کي دنيا ۾ ٿو اڏائي
ڪيڏي، ڪيرائي، اچلائي
بندو بيوس ۽ چپ آهي
ڇا ڳالهائي!
ويٺو گونگا لُڙڪ وهائي!

اڄوڪو ڀورسن پسند آهي
اڄ....!!
ان هجوم مان نڪري اچ.

آئون ڪاسبي جي سمورن
مورن کي پڻ تنهنجي لاءِ
گڏ ڪندس ۽ سڏ ڪندس
پنهنجي اُن ساڻو يار کي
جنهن سان منهنجي آخري ملاقات
تڏهن ٿي هئي
جڏهن هو پکين لاءِ
ٻاجهر جو ڀريل ٿويو کڻي
مندر جي ڪڙهہ تي چڙهي
منهنجي ئي انتظار ۾ بيٺو هو.
منهنجا ڪيترا جنم آهن؟
آئون نٿو ڄاڻان
پر ايترو ڄاڻان ٿو تہ
هيءُ منهنجو پهريون جنم ناهي.
توکي ياد آهي؟
تو هڪ ڀيري مون کان
”وي گهڙا تئڪون ڀن ستان..“
واري اظهار سان شروع ٿيندڙ
ميان صاحبڏني جي گهڙي جي
ڪهاڻي پڇي هئي؟
توکي ان گهڙي جي معنيٰ
ڪيئن سمجهايان؟
اهو سوچي آئون پاڻ
گهڙو ٿي پيو هئس
مٽيءَ جو دڙو ٿي پيو هئس
مون کي اها خبر ناهي تہ
توکي اها معنيٰ سمجهہ ۾ آئي
الاءِ نہ.....!؟
پر آئون ان ڏينهن کان پوءِ
مسلسل ڪنيار جي آويءَ ۾ آهيان.
مڃان ٿو تہ مان ماضيءَ جي
مزارن ۾ جيئان ٿو
۽ تنهنجي اڳيان مستقبل جا
ڪئين روشن پيچرا آهن
ان ڪري آئون توکي
ڪڏهن بہ روڪڻ نٿو چاهيان
وقت جي ان جمي ويل فريم ۾
جنهن ۾ اڄوڪي ڀورسن سان
ڳلي ۾ تنهنجي اجرڪ
۽ نومبر جي سرد شام
اڄ بہ محفوظ آهي.
ظاهر ۾ تہ پنهنجون فقط
ٽي ملاقاتون آهن
پر منهنجي لاءِ اهي
دريافت جا ٽي دؤر آهن-
۽ اها چوٿين ملاقات
جيڪا مهاڻن جي شهر ۾
عالمي ميلي دؤران ٿيڻي هئي
تنهن کان تو لنوايو
۽ پوءِ اڄ ڏينهن تائين الوپ آهين.
ان عالمي ميلي ۾ آئون تنهنجي بدران
سرائيڪي خِطي جي
ان راڳيءَ سان مليو هئس
جيڪو اها ڪافي ڳائي رهيو هو تہ
”عشق جا پنڌ ڏاڍا اوکا
۽ راهون ڏاڍيون طويل آهن.“

اڄ انهن طويل راهن ۾
مون سان گڏ آهن
پراڻا مندر
ويران قلعا ۽ ڪوٽ
هوائون
۽ ان صوفيءَ جون صدائون
جنهن چيو هو:
"گگن محل ۾ بينا باجي."
ها آئون هاڻ ان گگن محل ۾
داخل ٿي رهيو آهيان
جتي بيراڳي بينا جا آلاپ آهن.
هاڻ هيءَ هُجوم نہ پر مون سان گڏ
رڳو منهنجا خواب آهن
ان سفر ۾
آئون پنهنجا سمورا ثواب
نديءَ ۾ لوڙهيان ٿو
۽ پنهنجا سمورا گناهہ پاڻ سان کڻان ٿو
جو ٻُڌو اٿئون تہ
اڳيان هڪ بخشڻهار آهي
يارن جو يار آهي
آئون ان جي بخشش جي واديءَ ۾
ثوابن جي مُصلي سان نہ
بلڪ پنهنجي گناهن جي آڳ سان
داخل ٿيڻ چاهيان ٿو
۽ ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايان ٿو
"مُجهہ سي بُرا نہ ڪوءِ"
توکي پنهنجو احتياط جو دين مبارڪ
۽ اسان کي رُسوائيءَ جون واٽون
پيو جنون، جوڳ، جاٿون.
چڱو پوءِ سدائين گڏ.

♣

*زبير سومرو*

## نثري نظم

درد بي قابو سيلاب وانگر
خوابن جا ڳوٺ لوڙهي ڇڏيا آهن
حسرتن جا شهر ٻوڙي ڇڏيا آهن
۽ وقت، شهزادن جا سپنا ڏسندڙ
محروم ڇوڪرين جي اکين کي
صحرا ڪري ڇڏيو آهي...
تڙپ، گهر ڇڏي ڀڄي ويل
پريمين وانگر بي گهر آهي
۽ هيءَ زندگي،
ها، هيءَ زندگي
غاليچن جي فيڪٽري ۾ ڪم ڪندڙ
ڪنهن ٻورهيت ٻار وانگر
ٿڪ ۾ چُور آهي
پر پوءِ بہ
هُن جي ڇهري تي
وٽندڙ مرڪ آهي!

♣

فراق هاليپوٽو

## فِريز ٿيل زندگي

ريل جي دٻي ۾ پيل هڪڙو بئگ
مون سان پنهنجي لاوارثيءَ جو قصو ٿو ڇيڙي:
هي سئيٽر ان ٻار جو آهي
جيڪو اجا لفظن کي اُچارڻ مس سکيو هو
۽ جڏهن سندس جنازو ڪنيو ويو
تہ سندس قاتل بہ جنازي ۾ شريڪ هيو
هي سرڪاري ڪاغذ هن جي پيءَ جا آهن
جيڪو ڪاليج ۾ تاريخ جو سبجيڪٽ پڙهائيندو هو
ڪالهہ هن تاريخ جي قبر کوٽي
سڀ ’عادل‘ بادشاهہ ان ۾ دفن ڪري ڇڏيا
هيءَ منڊي سندس ان ماءُ جي آهي
جيڪا جڏهن نئين نئين پرڻجي آئي هئي تہ
کيس پلي جو ٻوڙ رڌڻ ڪونہ ايندو هو
پر سياڻ هوءَ درياءَ ۾ حل ٿي ويندي
هي تصويرون هنن تڏهن ڪڍرايون هيون
جڏهن ٽي ويءَ تي بريڪنگ نيوز جي
شروعات نہ ٿي هئي
۽ اسڪول مان موٽندڙ سندن
اڪيلي نياڻيءَ جو نالو بہ
بم ڌماڪي ۾ مارجي ويلن
جي لسٽ ۾ شامل هو
هي چابيون ان ڪمري جون آهن
جيڪو سخت اونهاري ۾ ٿڌو ٿي رهندو هو
(يا سخت سياري ۾ گرم رهندو هو!)
هي جوراب انهن پيرن جا آهن
جن جا نشان ڪنهن بہ تغاريءَ هيٺيان لِڪيل ناهن
هيءَ اجوڪي اخبار هُن عورت
اخبارون وڪڻندڙ ڇوڪري کي خوش ڪرڻ لاءِ ورتي هئي
۽ مون کي هن پاڻ سان ان ڪري گڏ ڪنيو هو
جيئن زندگي سندن انتظار ڪندي رهي!

# غزل

## مظهر لغاري

هر حقيقت لڳي سراب ٿيڻ،
پاڻ چاهيوسين هن جو خواب ٿيڻ!

هر محبت لڳي تي آخرڪار-
آزمائش ۾ پوءِ عذاب ٿيڻ.

هن جِي شهرت ۾ ڪجهه ته ڪم آيو
اسان جو خوار ۾ خراب ٿيڻ.

حُسن؟ بس اقتدار ـ ناز و ادا،
روز آئينا انتخاب ٿيڻ.

عشق؟ منهنجي ئي جنگ مون سان پر
انت ۾ تنهنجو ڪامياب ٿيڻ.

ڏوڙتي وياسين، ياڳ ۾ ئي نه هو
تنهنجي رستي جو ڪو گلاب ٿيڻ.

لڙڪ وانگر لڙي اچي، جَي نٿو-
شاعريءَ کي اچي شراب ٿيڻ.

ٿيڻ هڪڙو ٿئي، ته هاڻ ٿئي،
سنڌ جو بخت بازياب ٿيڻ.

♥

## محسن ڪڪڙائي

فون جي گهنٽي وڳي، دل ٻُل ڏنا،
هُن "هيلو ڊيئر" چئي؛ چڻ گُل ڏنا.

ڪيترا رهجي وياسين پوئتي،
ڪيترا پڇتاءَ توريءَ ٻُل ڏنا.

پنهنجي رت سان عمر ساري جنهن لکيو
موت کان پو، اُن کي ماڻهن ڦُل ڏنا.

ڇوڪريءَ اسٽيج تي ڊانس ڪئي،
ڇوڪرن تاڙيون وڄايون، ٻُل ڏنا.

هُن چيو دل ساڻ "محسن" شڪريو
مون جڏهن هُن کي ڪنن جا ڦُل ڏنا.

♥

رخسانه "پريت" چنڙ

پُر سڪون هي سڄو شهر ڏسجي،
سوچ پنهنجي ئي دربدر ڏسجي!

ماڻهو هڪ ٻئي کي جي بہ چاهن ٿا،
تنهن ۾ دنيا جو ڇا؟ اگر ڏسجي!

سونهن هن جيءَ جي هاڪ آ چوڌس،
چو نہ تنهن کي بہ هڪ نظر ڏسجي.

دل جي ڌڙڪن وڌي وئي آهي،
پيار جو ٿيندو ٿو اثر ڏسجي.

هوُاچي اوچتو ويو آهي،
ڪيس ڏسجي يا هيءُ پڌر ڏسجي.

پريت سنگسار ٿي وري ويندي،
هو جو هٿ، هٿ ۾ ٿو پٿر ڏسجي.

♥

نور محمد سومرو

پنڌ وٺي هل ڳوٺ،
ٿڪ وٺي هل ڳوٺ.

ٿڪجي پيو آهيان،
اُٺ وٺي هل ڳوٺ.

منهنجي آڏيءَ جا،
چنڊ وٺي هل ڳوٺ.

پنڌ نهاري ٿو
ڪنڌ وٺي هل ڳوٺ.

منهنجي گهيڙن جا،
گس وٺي هل ڳوٺ.

♥

# روبينه ابڙو

”مِي رقصم رقصم“ رنگ رَچان تي او داتا،
تي لهرون لهرون آءٌ نَچان تي او داتا.

ڪا رُون رُون رَمز پَري تي گُونجي رُوح اندر،
تي تنبوري جي تارَ وڄان تي او داتا.

هر پيري تنهنجي دُوار اچان تي دَردَ کٽي،
هر پيري توکي دانهن ڏيان تي او داتا.

هِن جُوٺي جَڳ جي ڪاڪِ محل کي ڪيرائي
پئي اُلٽي ساري چالِ چَلان تي او داتا.

تي ڪڏهين آءٌ حقيقت کي پاڪر پَريان،
۽ ڪڏهين پاڇن- پوءِ ڊُڪان تي او داتا.

هَر ماڻهوءَ ۾ هُو موهه رکي تو پنهنجو ئي،
هَر صُورتَ ۾ سُبحانُ ڏسان تي او داتا.

اڄ ذات جي ديوي هيڪاندا پَئي قولَ ڇَتي،
مان مُرڪي پنهنجو پاندُ پَريان تي او داتا.

ڪلهه ڏُوئيءَ جي دنيا کي باهه ڇڏيم ڏيئي،
اڄ وحدت جو سنسارُ پسان تي او داتا.

ڪنهن پارس جهڙي پيارَ هُيو تَنُ-مَنُ ڇُهيو
اڄ تائين سونَ جيان جَرڪان تي او داتا.

ڪنهن رستي تان محبوبُ اچي مان ڇا ڄاڻان
هَر رَستي تي مان قولَ ڇَتيان تي او داتا.

هِن ”چربٽ راجا“ جي نگريءَ جو اَندُ ڏسي
تي ماٺِ وِجان ڪُجهه ڪِين ڪُڇان تي او داتا.

هي ٽاندا ٽاندا گيتَ ڇَتي تي ساڪ ڏيان،
هَر ڪُوڙ جي مُنهن ۾ ڏُوڙ وِجهان تي او داتا.

هيءُ جيون جُوٺا خانو هر ڪو داءُ هَٽي،
سو مان پي دل جو داءُ هَٽان تي او داتا.

ڪا سارَ لهي تي سوچن تي سَتَ رنگيءَ جان،
جڙ پوپٽ ڪنهن جا رنگ ڇُهان تي او داتا.

تي ”ميران“ بڻجي مالها پائي جوڳ وٺان،
مان وِهه جون وَٽيون روزُ پيئان تي او داتا.

هر ڳوٺَ شهر ۽ گهٽي گهٽيءَ تان گهورَ ٿيان،
هِن سنڌ سَڄيءَ تي ساهه ڏيان تي او داتا.

♥

## فياض چند ڪليري

پن ڇڻ رُت جي تنهائيءَ تي شعر لکان،
يا دل پنهنجي سودائيءَ تي شعر لکان.

جنهن جي جهول ۾ آڪيرا هئا جهرڪين جا،
وڻ ويل تاريءَ اُن سائيءَ تي شعر لکان.

رُت منجهڻ سان راهه متي ويو منهنجو ميت،
کهڙيءَ دل سان هرجائيءَ تي شعر لکان.

ڳوڙهن ۾ هر رات ٻڏي هُئي چانڊوڪي،
سات جي پل هڪ سُرمائيءَ تي شعر لکان.

هر ماڻهوءَ جي من ۾ مايا ڏڙڪي تي،
دور جي وحشي سچائيءَ تي شعر لکان.

جنهن کي نينهن نڀايو درد ڏنيون لوليون
”چنڊا“ ويل جي هر وائيءَ تي شعر لکان

♥

## ابرار ابڙو

پيو تو پاڻ کي ڳوليان الئه آهيان، الئه ناهيان،
حياتيءَ جو پنو کوليان الئه آهيان، الئه ناهيان.

عُمر منهنجيءَ مٿان ڏڏَ جا هزارين ٿهه چڙهي ويا هِن،
مِٽيءَ کي هاڻِ ڇاڇوليان الئه آهيان، الئه ناهيان.

نه مُرڪيو ڇانوَ تي جوين، نه پڇريو اُس تي جيون
جواني ڪنهن طرف روليان الئه آهيان الئه ناهيان.

اُڀري عشق جو آخر ڇپن تي ڇو خدا ڇُپ آ؟
خُدا جي ٻاجهه کي ٻوليان الئه آهيان الئه ناهيان.

هوائن جي ڪهاڻي ٿيان سمندر جي رواني ٿيان
ڪتي ڇولي ته ڪا ڇوليان الئه آهيان الئه ناهيان

♥

## بادل

پيار تو کي ڪرڻ ٻہ ڪو نہ آيو
ڏار مون کي ٽيڙڻ ٻہ ڪو نہ آيو.

دور تون رهي هئين، مگر پياري!
دل تہ تنهنجوئي گيت پي ڳايو.

من ۾ سچ جي خبر هوندي،
پاڻ هڪ ٻئي سان ڪوڙ ڳالهايو.

هر دفعي هوئي ڪاوڙي آهي،
هر دفعي مون ئي آهي پرچايو.

وصل جا واعدا ڪري ڪيئي،
هجر تي نيٺ دل کي هيرايو.

♥

اشرف پلي

وري اڄ يادگيرين جا ستا ساڪورجي آيا،
پتنگا نيڻ تي پنهنجا شمع تان گهورجي آيا.

اسان جي آڱرين آهي اُٽيو تن کي وڇوڙن ۾،
چنيءَ تي چِٽ جيئن ڏينهڙا اسان ڏي پورجي آيا.

اسان سمجهيو تڏهن جانان ڪلياهن ڪلپ سڀ تنهنجا،
اکين جي اُپ تي تارا جڏهن گهنگهورجي آيا.

نڪا هئي سُئي نڪو ساڪو نہ ئي توساڻ ڪو ناتو
پلا پوڇو سڳا دل جا اوهان ڏي سورجي آيا.

رکيو ڪنهن يار اکڙين ۾، سمنڊ جو آر اکڙين ۾،
تڏهن ئي خواب جا خيما هُتان کان جهورجي آيا.

وڇوڙي جون سيئي گرميون اسان برسات جيئن پانيون
سيئي غم جڏهن جانان اوهان سان اورجي آيا.

♥

## ذوالفقار گاڏهي

اکيون، مٺيار ڪا هٿ چڙهي
چپ، ريشم سندا پٽ چڙهي

چپن تي ماڪ جا داڻا،
تڏا پاڻيءَ جا ڪي مٽ چڙهي

چُميون، ڳل تي نهي بيٺيون
ستارن جي هجي ڪٿ چڙهي

پيها سوزش تي پئجي ويا،
صدين جا تا چُتن ڦٽ چڙهي

هميشه پيار جي پويان
اسان جو روح آپٽ چڙهي

♥

## جاني اسحاق ملاح

آمد ۾ تو دير لڳائي،
نيڻن ۾ ويراني آئي.

ٻوڙي ساٿُ چڏيو تو ليڪن،
پنهنجي پويان ڏوڙ اُڏائي.

امبر ڪان هُو اچڻو آهي،
تارن ۾ ڪنهن ديد کُپائي.

آئيني ۾ ڏسندي مُرڪي،
نيڻن ۾ آ وينو جائي.

روشن دان مان چنڊ ڏٺائين،
شاور هيٺان هُو شرمائي.

نفرت مان پٽي لوڪ نهاريو
جاني پيار مان نظر ملائي.

♥

## شمشير سيلرو

هٽ منهنجائي ڪپيل ها شهر ۾،
پوءِ بہ ويو هو بانسرِي مون کي ڏئي.

سپ پکي ماري شهر جي چوڪَ تي،
۽ هليو ويو پاجهرِي مون کي ڏئي.

راند پهرين، سپ يڪا مون وٽ هئا،
پوءِ بہ ويو هُو مُمبرِي مون کي ڏئي.

هو ڪنڌن جي راهہ تي اُسهڻ ڪان اڳ،
ويو گلن جي ٽوڪري مون کي ڏئي.

وئي هميشہ لاءِ وڇڙڻ کان اڳي،
بس مٽي هڪ آخري مون کي ڏئي.

♥

## جعفر جاني

ڪو ٽاٽو ٿهڪن جو ڪا ويل ولوڙن جي،
هي عمر ڪٽا ياسي، لمحن جي ٻوڙن جي.

معبود انا هُن جي، هُو نور نسورو آ،
ڳڻ پهہ سو ڪندڙ ڪهڙي مٽيءَ جي پنوڙن جي

روبوٽ رياست ۾ روحن جو ڪجهڻ اهڙو
جڻ تيل ڪڙهائيءَ ۾ سُرہاٽ پڪوڙن جي.

جنهن ڏينهن پرين ملندا، تنهن ڏينهن مري ويندس
آ، هيرَ پيل مون کي اهڙي تہ وڇوڙن جي.

مِس ڪال سندءِ ساڳي ڪنگال اسين ساڳيا،
احساس تي ساڳي آ، هڻ مار هٿوڙن جي.

آقا جي نيت ڇا هي، هر هر ٿو اچي ڪاهي،
ڪا لوڏ لغورن جي، ڪا پيڙ پڳوڙن جي.

جاني تو غزل ڳائي، ڏاهو تو سڙي، سوچي،
هن جٽ ڪٿان آندي، هيءَ ذات ڪروڙن جي.

♥

## نور چنو

وڻن ۾ ترٿلو برپا، هوا جو چا وڃي تنهن سان
پنن جو ساهه مُٺِ ۾ آ، هوا جو چا وڃي تنهن سان

سنياليل پيار پنهنجي جا سمورا خط اُڏري ويا،
گهٽائي راز پڌرا ٿيا، هوا جو چا وڃي تنهن سان

چُني ناهي پڙو ناهي يا پاڻيءَ ۾ گهڙو ناهي
سنيالي پاڻياري جا، هوا جو چا وڃي تنهن سان

اوهان جون آڱريون سارييم اکين ۾ رئي جڏهن پيئي
ٽڏا ڪي ساهه اُڙي پيا، هوا جو چا وڃي تنهن سان

ڇٽيل رابيل ڪئين حسرت منجهان پاسو ورائن ٿا،
نه ٿيا ويڙا نه ٿيا گجرا، هوا جو چا وڃي تنهن سان

رُلي ويندي رڻ ۾ چاهه جي ماريل اها ڌوڙ
اُنن جا پير جو لَٽيا، هوا جو چا وڃي تنهن سان

♥

## مشتاق گبول

تنهنجي هوندي ئي خاص دنيا هُئي،
هونءَ ڪٿي مون ڪي راس دنيا هُئي.

تولئه تنهنجي فرات سڀ ڪجهه هئي
مون لئه منهنجي پياس دنيا هُئي.

منهنجا سالم حواس سارا ها،
ڪيتري بدحواس دنيا هُئي!

ڪا خبر ڪانه هُئي اها اڳ ۾
پنهنجي يي آس پاس دنيا هُئي.

لوڪ سارو خوشيءَ ۾ ورتل هو
پنهنجي ئي چو اُداس دنيا هُئي.

ڪن پيگو ڪن سنياليو پي هو
سڀ جي هٿ ۾ گلاس دنيا هُئي.

ڪيڏو مشتاق هو سچو سڀ سان
ڪيڏي موقعي شناس دنيا هُئي.

♥



# غلام رباني آگري جو وڇوڙو

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

جڏهن علمي ۽ ادبي دنيا ۾ اک کُلي، تڏهن جن مشهور اديبن جو نالو وڄندي ٻڌو، تن ۾ سائين غلام رباني آگرو به شامل هو. ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن جي مشهوريءَ کان سواءِ هر علمي محفل ۽ ادبي رهاڻ ۾ شريڪ شاعرن ۽ اديبن جي گفتگوءَ جو اهم موضوع به هو. ان جو خاص سبب اهو به هو ته پاڻ ملڪ جي ڪيترن ئي اهم علمي ۽ ادبي ادارن جو سربراهه به رهيو. اڪيڊمي ادبيات جي سربراهيءَ واري زماني ۾ ملڪ جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي خوب خدمت ڪيائين. اهي ته هيون هن جون انتظامي صلاحيتن جون ڳالهيون، پر آگري صاحب جي اصل سڃاڻپ علمي ۽ ادبي آهي، جنهن جي ڪري هو نه رڳو سنڌ ۾ پنهنجو هڪ مقام ناهي سگهيو پر سنڌ کان ٻاهر به مقبوليت حاصل ڪيائين. آگري صاحب علمي ۽ ادبي دنيا ۾ افسانه نگار، مضمون نگار، مقالا نگار ۽ تاريخ نويس جي حيثيت ۾ جڏهن به قلم کنيو تڏهن فني ۽ فڪري لوازمات جي حدن ۽ سرحدن ۾ رهندي، موضوع کي جنهن قابليت ۽ خبرداريءَ سان نڀائي وڌو هو، تنهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. آگري صاحب شاگرديءَ واري زماني ۾ مينارام هاسٽل ۾ رهندي، "نئين زندگي" رسالي ۾ فرض نڀائيندي ۽ پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ۾ رهندي، جڏهن افسانه لکيا، تڏهن افسانو پنهنجي نئين ۽ ترقي پسند جنم جي حوالي کان ڀرپور جوانيءَ کي پهچي چڪو هو. ان وقت ادب جي ان اهم صنف تي طبع آزمائي ڪري، نمايان ٿيڻ جيترو ڏکيو هو، اوترو ٻئي ڪنهن به فن ۾ ڪونه هو. آگري صاحب ان الهڙ جوانيءَ ۾ افساني جون فني ۽ فڪري پابنديون برقرار رکندي، جيڪا تخليق پيش ڪئي، ان ادب ۾ وڏي مڃتا ماڻي. 1960ع ۾ سندس مجموعو "آبِ حيات" پڌرو ٿيو ته آگرو صاحب باقاعده مقبول اديبن ۾ نظر آيو. اهو ئي زمانو آهي، جنهن ۾ ڏسجي ٿو ته هو افساني سان گڏ "نئين زندگي" ۾ "سنڌ جي تاريخ" کان سواءِ ڪن ٻين عنوانن تي به علمي مضمون لکندو رهيو. سندس ميل ميلاپ نه رڳو هڪ جيڏن ۽ همعصر لکندڙن

سان هو پر بزرگ اديبن جي صحبت ۽ سنگت ۾ سرهو رهيو. جنهن مان صاف ظاهر آهي تہ هو فقط شهرت ۾ اطمينان نہ پائيندو هو پر علميت جي حُصول ۾ ئي هن جو قلمي قرار هو. پير براداران جي صحبت، جويي صاحب جي سنگت ۽ ٻين اڪابرن جي قُربت ۾ هو مان پرائي، پاڻ کي وڌيڪ ثابت قدميءَ لاءِ پابند بڻائيندو هو.

آگري صاحب ۾ گهٽيون ئي خوبيون هيون، پر هڪڙي خوبي جا هن ۾ وڌيڪ محسوس ڪيم، سا اها هئي تہ هو باخبر رهڻ لاءِ سدائين سرگردان رهندو هو. ڪنهن بہ موضوع، ماڻهو، واقعي، جاءِ يا مذهب توڙي ڌرم متعلق مڪمل ڄاڻ حاصل ڪرڻ تائين سڪون سان نہ ويهندو هو. منهنجي خيال ۾ سندس حاصل ڪيل ڪاميابين ۾ ان خوبيءَ جو بہ وڏو عمل دخل رهيو. اسان کي جڏهن سنڌي ادبي بورڊ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو، تڏهن مون ڏٺو تہ هو ڪيئن علم ۽ آگهيءَ لاءِ پاڻ پتوڙي پاڻ کي مستند محسوس ڪرڻ تائين بيچين رهندو هو. اهو ئي سبب هو جو هو علمي عنوانن تي بہ پختگيءَ سان قلم هلائي سگهيو. ”بر، بحر ۽ پهاڙ“ سندس اهم ڪتابُ آهي، جنهن مان هن جي ڏاهپ جا ڏَس ملي سگهندا. آگري صاحب ان ڪتاب کان علاوه بہ ”مهراڻ“ ۽ ڪن ٻين رسالن ۾ نهايت سُٺا مضمون ۽ مقالا لکيا آهن، جن جي علمي اهميت مڃيل آهي. آگرو صاحب سنڌ ۾ پرڏيهي اديبن کي تاريخي ماڳ ڏيکاري، انهن جي تاريخي پس منظر کان واقف ڪرڻ ۽ انهن ۾ انهن ماڳن لاءِ دلچسپي پيدا ڪرڻ جو بہ وڏو ڏانءُ رکندو هو. ڊاڪٽر اينيمري شمل توڙي ٻين ڪيترن ئي پرڏيهي اديبن ۽ جي اهڙن علمي دورن جا پاڻ احوال قلمبند ڪري شايع بہ ڪرايائين.

آگرو صاحب اسان جي سنڌي علم ۽ ادب جي ميدان جو اهو ماڻهو هو، جنهن کي پنهنجو منفرد اسلوب ۽ انداز هو. جنهن جي وسيلي هن سنڌي نثر ۾ پنهنجو الڳ پيچرو جوڙي، پڙهندڙ پيدا ڪيو. سنڌي ٻوليءَ جي علمي، ادبي ۽ لساني خوبين جي خبر رکندڙ هو ۽ پنهنجي عبارت کي بهترين بڻائڻ، هو مقصد کي واضح ڪرڻ لاءِ لفظن ۽ فقرن کي سهڻو سينگاري، ساهت جي سونهن سرس ڪرڻ ۾ يگانو هو. سندس وفات بيشڪ سنڌي علم ۽ ادب لاءِ وڏو نقصان آهي.

آگرو صاحب علمي ۽ ادبي خوبين کان علاوه شخصي خوبين جو بہ خزانو هو. پنهنجي علمي ۽ ادبي راءِ جي اظهار وانگر سماجي، انتظامي ۽ اخلاقي انداز بہ الڳ رکندو هو ۽ ان جي پابندي بہ ڪندو هو. وقت ۽ مزاج سمجهي، وِک وڌائڻ جو ادراڪ رکندو هو.

سنڌ جي تاريخي تشخص سان چاهہ هوس ۽ ان جي شناسائي رکندڙ عالمن جو مداح هو. وڏو مهمان نواز هو ۽ دسترخوان جو ڪشادو ۽ لذيذ کاڌن جو شوقين هو.

آگري صاحب جي تدبر ۽ تحمل واري شخصيت پنهنجي وقت جي عملي قدمن اختيار ڪرڻ ۽ سنجيدگيءَ سان معاملا اُڪلائڻ ۾ پنهنجي همعصرن ۾ الڳ سڃاڻپ رکندڙ هئي.

[جنم: 5 نومبر 1933ع، ڪنڊيارو- لاڏاڻو: 18 جنوري 2010ع]

□□



# زندگيءَ جي وارتا

## ساقي فاروقيءَ جي آپ بيتي عرف پاپ بيتي

منظور ملاح




رکي رکي جڏهن ڪن سنڌ جي "عظيم" ليکڪن، شاعرن ۽ ڏاهن جي قلم ذريعي يا سندن واتان ٻڌندو آهيان، تہ موجوده سنڌي ادب، دنيا جي جديد ادب سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملايو بيٺو آهي ۽ دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ تخليق ٿيندڙ "عظيم" ادب کان گهٽ ناهي، " تہ هٽ مٿي تي اچي ويندا آهن- پر ڇا ڪجي، مِني بہ ماٺ، تہ مُني بہ ماٺ.

لڳ ڀڳ 90 ڌاري، جڏهن مان ڪاليج ۾ پڙهندو هوس، تڏهن ادب سان بہ لڳاءُ پيدا ٿيو هو. جيستائين "ديسي" لکٽيون ئي پڙهندو هيس، تيسيتائين آئون بہ ايئن ئي سمجهندو هيس، جيئن سڀ همراهہ پر پوءِ سال کن اڳ ۾ دنيا جي ادب ۾ جهاتي پائڻ شروع ڪيم تہ مٿين راءِ تبديل ٿي وئي. ارون ڌتي راءِ، خشونت سنگهہ، اروندا اڙيگا، اورهان پاموڪ، پال ٿيرو وغيره ۾ هٿ وجهڻ کان پوءِ، منهنجي ذهن ۾ ڪي نوان تصور ابريا آهن. تخليقي ۽ پاپولر ادب جو فرق سمجهہ ۾ آيو اٿم. اهو ئي سبب آهي، جو جڏهن بہ ڪراچي ويندو آهيان تہ ڪتب خانن جي ڇاڻ‌ٿ ضرور ڇمندو آهيان.

تازو جيڪو ڪتاب پڙهي ختم ڪيو اٿم، تنهن دماغ ۾ ڪئين ڇِٽ ڇٽيا آهن. هيءُ ڪتاب يادگيرين، زندگيءَ جي وارتائن، ادبي شخصيتن جي مختصر حالن احوالن، سندن شاعري ۽ ادبي تنقيد تي ٻڌل آهي. ڪتاب جو نالو آهي: "آپ بيتي/پاپ بيتي". ليکڪ ساقي فاروقي. پر اصل نالو قاضي محمد شمشاد نبي صديقي. والد خان بهادر هئس. جڏهن تہ سندس ناناڻا فاروقي هئا. جنهن جي پويان هن فاروقي

سڏائڻ شروع ڪيو. چاڪاڻ ته هو پيءُ جي خان بهادريءَ واري خطاب مان خوش نه هئو. پر بقول اردو افسانه نگار اسد محمد خان جي ته "سر" ٽيڻ سان اقبال ۽ سيد احمد خان جي عظمت ۾ ڪا ڪمي نه آئي. اصل ڏاڏاڻ گورکپور، ناناڻا سيوان. ماءُ پيءُ ڪراچيءَ آيا، ته سهرا ويانا ۾ اٿس. 21 ڊسمبر 1935 ۾ گورکپور (هندستان) ۾ پيدا ٿيو. در در جا ڌڪا کائيندو تعليم جي تلاش ۾ بنگلاديش، پوءِ اتان ورهاڱي کان پوءِ سامونڊي سفر ڪندو ڪراچيءَ پهتو جتي سندس خاندان ٽڪاڻو ناهيو. ڪراچي ۽ پوءِ لنڊن ۾ هن وڏن وڏن اديبن ۽ شاعرن سان صحبت رکي. انهن ۾ جديد اردو شاعريءَ جي ٻ وڏن ٿنين ن. م راشد، فيض احمد فيض کان علاوه حبيب جالب، احمد نديم قاسمي، احمد فراز جميل جالبي، جميل الدين عالي، اسد محمد خان، ۽ ٻيا به سوين نالا آهن، جن جي اردو ادب ۾ وڏي حيثيت آهي. هن ريڊيو پاڪستان لاءِ گيت به لکيا، ته مضمونن تي به طبع آزمائي ڪيائين. پر سندس اصل شهرت پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ جا در کڙڪائيندڙ هن جي شاعري ۽ علم سان ڀرپور تنقيد سبب آهي، جنهن جي زد ۾ وڏا وڏا نالا اچي آيل آهن. هي اهو شاعر آهي، جنهن جا ادب ۾ جيترا دوست آهن، اوترائي دشمن. ان هوندي به سڀ سندس شاعري، علم ۽ فڪر جا معترف آهن. سندس ڪراچيءَ جي اديبن جي حلقي ۾ اٿڻ ويهڻ، هوٽلن ۾ ويهي بحث مباحثا ڪرڻ، عشق ۽ جنس جي موضوعن ۽ معاملن سان گهرو سڀنڌ، هن جي زندگيءَ جا تجربا آهن. جن کي هن پنهنجي (پاپ بيتي) گناهن جي ڊائريءَ ۾ بيان ڪيو آهي. 1963ع ۾ ڪراچيءَ جا قرب ڇڏي وڃي لنڊن جا وڻ وسايائين، جتي هڪ گوريءَ سان شادي ٿيس. عجيب اتفاق آهي ته اردوءَ جي ٽن وڏن نامور شاعرن فيض احمد فيض، ايلس، ن. م راشد، شيلا ۽ ساقي فاروقي، گن هلڊ سان شادي ڪئي.

176 صفحن تي هن آتم /جيون ڪٿا ۾ ڪريون حقيقتون، ڪڙيون سچائيون ۽ علم جو درياهه آهي، جنهن ۾ وڏا وڏا اردوءَ جا ليکڪ، "سب ايڪ هي حمام ۾ ننگي هين" جي مثل بحث هيٺ آيل آهن. تورو ڪتاب جي انتساب ڌانهن ڌيان ڪريو. "اپني تمام دوستون اور اپني تمام دشمنون ڪي نام." سندس هيءَ ست ئي گهڻو ڪجهه سمجهائي ٿي.

هندستان جي "خفتي" ليکڪ خشونت سنگهه جي بقول ته "ڪوبه ليکڪ جيترو ڪنٽروورشل هوندو آهي، اها اوتري ان جي ڪاميابي چئبي." اهڙو ئي ڪجهه هن هن همراهه سان به وهيو واپريو آهي. هو جيڪو نام نهاد جدت پسنديءَ بجاءِ حقيقي نواڻ جو قائل آهي. پنهنجيءَ آتم ڪٿا لکڻ جو سبب بيان ڪندي، هو لکي ٿو:" هن دنيا ۾ لکين ڪروڙين اهڙا ماڻهو آهن، جن پنهنجي ڀرپور زندگي گذاري آهي، انهن مان آئون به هڪ آهيان. پر انهن مان صرف چند اهڙا هوندا، جن پنهنجي زندگيءَ جي تجربن

ڪي شيئر ڪيو هوندو. سو منهنجي لکڻيءَ جو هڪ مقصد پنهنجا تجربا شيئر ڪرڻ آهي.“ سندس ٻيو پُر مغز تبصرو پڙهو:”سياست ۽ معيشيت جي جبر ۽ آمريڪي انگريزيءَ جي جارحيت، اهڙو دنيا ۾ بحران پيدا ڪيو آهي، جو لڳي ٿو تہ اردو بہ ڪجھ وقت ۾ علائقائي زبانن نيپالي، مراٺي، پنجابي، بلوچي، سنڌيءَ وانگر پنهنجي پنهنجي علائقن تائين محدود ٿي ويندي. هڪ اندازي مطابق ايندڙ صدين جي اندر انگريزي، چيني، اسپينش ۽ عربيءَ کان سواءِ باقي اڪثر زبانون پنهنجي موجوده حيثيت وڃائي ويهنديون. الله پناھ ڏئي.“ هيءَ آتم ڪٿا لکڻ کان اڳ هن اولھ جي ليکڪن آگسٽين، روسو رسل ۽ سارتر وغيره جي خطن، انٽرويوئن، مضمونن ۽ آتم ڪٿائن کان سواءِ ٻين ليکڪن ۽ دوستن جي لکڻين کي بہ ٻيهر اٿلايو آهي. سعيده بانو، ڪشور ناهيد، انتظار حسين ۽ ٻين ليکڪن جي ڪٿائن کي پڙهيو اٿس. سندس تنقيد ۽ طنز سان ڀريل دلچسپ جملو پڙهندا هلو:”سفيد ڪوڙ لاءِ جوش مليح آبادي جي ”يادون ڪي بارات“ ۽ سياھ ڪوڙ لاءِ قدرت الله شهاب جي ”شهاب نامہ“ تي مٿاڇري نگاھ وجهي ڇڏيو!“ ڏيو منهن!

ائين هو پنهنجي خانداني ننڍپڻ کي بيان ڪري ٿو جنهن ۾ هن دل کي ڇهندڙ واقعن جي نشاندهي ڪئي آهي. اهڙن واقعن سندس شخصيت جي تعمير ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. مذهبي جنونيت جي باري ۾ خيال سندس خيال هي آهن:” هر جنوني مشتعل هجوم پنهنجي وهڪري ۾ نيڪي، ڀلائي، خوف، محبت جهڙيون شيون لوڙهيو ڇڏي، نفرت جو اهو شعلو انسانيت جي اعليٰ قدرن کي ساڙيو رک ڪيو وجهي.“ 1951ع ۾ 15 سالن جي عمر ۾ هن هڪ رسالي ”شاهين “ ۾ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. هن ڪتاب ۾ تنقيد جا ڀيريان تير ڪلاسيڪل اردو شاعرن تي وسايا آهن، جن جي شاعريءَ کي هو ٻيم فول شاعري چوي ٿو. هن ڪتاب ۾ ڏنل هڪ پولش شاعر جو خوبصورت جملو:”تون، جنهن کي آئون بچائي نہ سگهيس، غور سان ٻڌ.. آئون توسان پنهنجي خاموشي ذريعي مخاطب آهيان.“

ترقي پسند شاعرن ۽ اديبن جي باري ۾، سن 2000 ۾ اقوام متحده ۾ اردو مرڪز نيويارڪ جي سري هيٺ، جديد دور جون تقاضائون، جي سيمينار ۾ خطاب ڪندي، هن پنهجي تز راءِ ڏني:”ترقي پسند افسانہ نگارن گوشت مان ٺهيل انسان سان محبت ڪئي، پر اڪثر ترقي پسند شاعرن اصلي انسان جي نہ پر انساني شڪل و صورت جي پوڄا ڪئي. جيڪا سندن روماني ذهنن ۾ ٺهيل هئي “... ۽ شاعريءَ جي باري ۾ سندس راءِ پڙهو:”جيستائين مون شاعري ڪئي آهي يا ان کي سمجهيو آهي، اها ڪنهن بہ مڪمل شخصيت جو اظهار ۽ پنهنجي سر زندگيءَ جو خوشگوار احساس آهي. سچ تہ اهو آهي تہ هڪ شاعر ان وقت جي موجود تاريخي حالتن ۾ جنم وٺي ٿو پر ان کي هڪ جاءِ تي هٽ ٻڌي نہ ويهڻ گهرجي. هن کي هميشہ بدلجندڙ حالتن تي گهري نظر رکڻ کپي. زبان،

تصورن، خيالن ۽ انسپائريشن جي نون نون ذريعن کي تلاش ڪرڻ گهرجي. هڪ شاعر کي هميشه پنهنجو پاڻ کي لاشعور ۽ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ظاهر ڪرڻ کپي. ” تورو سندس شاعريءَ تي نگاهه، جنهن ۾ نواڻ خيالن جي گهرائي ۽ ٻوليءَ جو حسن آهي.

ياگ رها تا جهاگ
ڪ پاني بهت خفا تا،
ساحل پر ڪهرام مچا تا
اور ساحل ڪي دک سواگت ڪو کڙي هوئي تي. “

سندس هيءَ شاعري، هندستان مان سمنڊ رستي هجرت ڪري ڪراچيءَ پهچڻ ۽ اتي ڏکيا ڏينهن گذارڻ جي پس منظر ۾ رچيل آهي.

هندستان کان ڪراچيءَ واپس اچي، جڏهن هن پنهنجي خاندان جي معاشي زوال کي ڏٺو ته ان بابت هي لفظ لکيا: ”غريبيءَ کان نفرت ۽ غريبن سان محبت وڏي وئي. چاڪاڻ ته رت ۾ جاگيرداريءَ جا منحوس ۽ پليت جراثيم هئا، تنهن ڪري طبيعت ۾ عاجزيءَ بجاءِ ڪاوڙ وڌندي وئي. ها، جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ڪاوڙ جا نشانا تبديل ٿيندا ويا. “

سندس ڪتابن پڙهڻ جي باري ۾ راءِ: ” ڪتاب، شخصيت تي ٻن طريقن سان اثر انداز ٿين ٿا. سٺن ڪتابن پڙهڻ سان عاجزي ۽ خراب ڪتابن پڙهڻ سان غرور وڌي ٿو.“ هن ڪتاب ۾ سندس ڪئين ڳالهيون هيئن ۾ هنداڻ جهڙيون آهن. هو مذهبي بنياد پرستن کي هنن پُر اثر لفظن ۾ ننديو ٿو:”سڀ بنياد پرست هڪ ئي ٿيلهي ۾ ويٺا آهن، چاهي مسلمان، عيسائي يا يهودي هجن. صرف مسلمان بنياد پرستيءَ کي نه ڏسو. بنياد پرستيءَ کي بنياد پرستن جي پس منظر ۾ ڏسو... تاريخ يعني لکيل تاريخ، شاهد آهي ته اولهه هجي يا اوڀر، اتر هجي يا ڏکڻ، جڏهن جڏهن، جتي جتي ۽ جنهن جنهن صديءَ ۾ آزاد خياليءَ جو ٻج ڦٽو آهي، بنياد پرست جهَڪ وانگر اڏامي ويا آهن. ڪتا ڀونڪندا رهندا، قافلا هلندا رهندا. اهو ئي سبب آهي جو هر پيغمبر روشن خيال هئو جنهن پراڻين فرسوده رسمن جي مخالفت ڪئي، پر اتان جي اڪثريت مخالف هجڻ باوجود کين ان کان روڪي نه سگهي.“ ان پسمنظر ۾هن مشهور آمريڪي ناول نگار جان اپڊائڪ جا اسلام متعلق معنيٰ خيز خيال حوالي طور ڏنا آهن.

سندس هي اردو نظم وطن يا گهر جي سڪ، اندر جي اداسي ۽ اڪيلائيءَ جي ڪيفيت جي زبردست عڪاسي ڪري ٿو. ”گهر لوٹ چلو اب گهر سي نڪلي دير هوئي، وه دل ڪا چمڪيلا سورج ڀي ڊوب چلا، گهر لوٹ چلو..“ ڪراچيءَ ۾ 1952 کان 1963ع تائين رهڻ دوران هن جيڪو ڪجهه ڏٺو تنهن جون يادگيريون به وڏي ڪمال ۽ آرٽسٽڪ نموني لکيل آهن. جميل الدين عالي کان جميل جالبيءَ تائين، هن سيني جي شخصيت ۽ علم تي تيزڙي نظر وڌي آهي. گڏو گڏ سندس ان وقت جي

غربت ، دوستن تان لاڳاپن، ڪچهرين، ڏکن سکن ۽ علمي ادبي سرگرمين تي ڪافي روشني وڌي اٿس. ان دوران ئي سندس شاعري ان وقت جي جڳ مشهور رسالن ۾ ڇپجڻ لڳي، جنهن جا ايڊيٽر فيض احمد فيض، احمد نديم قاسمي، سيد سبط حسن جهڙا ڳڻتيگ ليکڪ هئا. سندس ڪجهه نظم ريڊيو تي مشهور فنڪار احمد رشدي به ڳايا. اديبن جي لکڻين تي ڪيل سندس پُر مغز پر ڇتين تنقيدن جي ڪري ناصر ڪاظميءَ کان وٺي انتظار تائين، ڪيترن ئي ڪيس "اينگري ينگ مين" سڏيو. هن ڊراما به لکيا آهن ته ڪهاڻيون به سرجيون، پر سندس اصل فن شاعري ۽ تنقيد جي ميدان ۾ ور ڪٽي لتل آهي.

جڳ مشهور عوامي شاعر حبيب جالب جي باري ۾ سندس طوفاني راءِ مان ڪجهه لفظ: "حبيب جالب شاعر گهٽ سياسي ماڻهو وڌيڪ هو. هو تخليقي شاعريءَ بجاءِ سياسي/عوامي شاعريءَ ڏانهن نڪري ويو. هن جي شاعري اڇيو هنن لفظن تي ختم ٿئي تي ته" ايسي دستور ڪو صبح بي نور ڪو مين نهين مانتا، مين نهين مانتا."

هن جا ڪجهه ڏوڏيندڙ خيال: " منهنجيءَ پسند. ناپسند سان ساحر لڌيانوي ۽ ڪيفي اعظمي جي شهرت تي ڪو اثر نه ٿو پوي، پر انهن ماڻهن جو لهجو ۽ لفظ ڪٽي 35 سالن کان پوءِ به حبيب جالب ۽ احمد فراز جهڙا شاعر مشاعرا لٽيندي نظر اچن ٿا." سندس هن ڪتاب ۾ موجود جمالياتي حس کي جهٽ هڻندڙ جملو آهي: "جيڪڏهن جيئرو آهين ته خط ڇو نه ٿو لکين؟ مري ويو آهين ته ان جو اطلاع ڇو نه ٿو ڏين." ساقي فاروقي پنهنجا ۽ ٻين اديبن، شاعرن جا خط به هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا آهن، جن ۾ ٻوليءَ جو حسن، علم، فلسفي ۽ فڪر جو سامان موجود آهي.

صحافت ۽ ادب جي فرق جي باري ۾ سندس وقتائتا خيال: "ادب جي مقابلي ۾ صحافت ٻئين ٽئين درجي جي شئي هوندي آهي. هڪ سنو فنڪار صرف پنهنجيءَ دل ۽ روح جي بادشاهيءَ کي قبول ڪري ٿو پر سني ۾ سني صحافيءَ کي به پنهنجيءَ اخبار جي پاليسي، مالڪ جي مرضي ۽ ايڊيٽر جي خوشنوديءَ جو غلام رهڻو پوي ٿو." جيتوڻيڪ سندس هيءَ راءِ جميل الدين عاليءَ جي پس منظر ۾ لکيل آهي، پر اجوڪين حقيقتن تي ٺهڪي اچي ٿي.

هن ڪتاب جا سڀ کان اهم باب سندس لنڊن ۾ رهائش دوران اردوءَ جي جديد شاعرن ن.م راشد ۽ فيض احمد فيض سان اٿ ويهه، ملاقاتن، سندس شاعريءَ تي تنقيدي راءِ، ڪڙين حقيقتن تي مشتمل آهن، جن سان راشد ۽ فيض جي شاعري ۽ شخصيت جي اهم پاسن جي خبر پوي ٿي. بقول ليکڪ ته "جهڙيءَ طرح سارتر جي فلسفي جو منطقي نتيجو اهو خط هئو جيڪو هن هوچي منهه کي لکيو هئو جنهن ۾ هن آزاديءَ جي جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو هئو. اهڙيءَ طرح

راشد جي زندگيءَ جي عروج جو نُڪتو سندس ميت جو باهہ حوالي ٿيڻ هئو. جڏهن هڪ فرد سڄي زندگي زنجيريون ٽوڙيندو رهندو هجي، تہ اها زنجير بہ ٽٽڻ کان ڇو بچي." هنن سٽن ۾ ساقي، راشد جي شخصيت ۽ طبيعت جو مختصر پر گهرن لفظن ۾ جائزو ورتو آهي، جنهن کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ راشد جون هي سٽون حاضر آهن:"آگ آزادي کا، دل شادي کا نام / آگ پيدائش کا، افزائش کا نام/ آگ وه تقديس، ڌُل جاتي هين جس سي سب گناهہ/ آگ انسانون کي پهلي سانس کي مانند ايک ايسا کرم/ عمر کا اک طول پي جس کا نهين کافي جواب." ان کان علاوه ن.م. راشد جي شخصيت جي مثبت ۽ منفي پهلوئن، ساقي ۽ راشد جي وچ ۾ پيش آيل واقعن، راشد جي شاعري، فن ۽ فڪر، اختلافن ۽ احترام وارن روين بابت بہ گهڻو ڪجهہ ڪتاب ۾ موجود آهي. ڪئين اختلافن جي باوجود هو راشد ۽ فيض کي جديد اردو شاعريءَ جي ان صف اول ۾ بيهاري ٿو جنهن ۾ هو پاڻ بہ بيٺل آهي.

راشد بہ ساقيءَ وانگر اڪيلائيءَ جي احساس ۾ تپ ٿيل هئو جنهن جي اندر ۾ لاهور ۽ لنڊن ٻئي ڇپ هٽي ويٺل هئا. جيتوڻيڪ هو سڄي عمر شاعرن جو شاعر هئو، پر عوام جو شاعر نہ بڻجي سگهيو .... راشد جي پهرين زال شيلا، جيڪا ذهني طور ويسٽرن هئي،، ۽ منجهانئس ٿيل ٻارڙن جي وچ ۾ "مڙس راشد" ۽ "پيءُ راشد" ۾ آخري وقت تائين اها جنگ جاري رهي، پر "شاعر راشد" جي ڪشاده قلبي انهي ٻنهي کان مٿاهين رهي. .... هن بزرگ هوندي بہ آئوٽ آف ڊيٽ رهڻ نہ ٿي چاهيو بلڪ هر وقت ادب جي مرڪزي ڌارا ۾ رهڻ چاهيو ٿي. ماضيءَ سان هن جي دلچسي گهٽ هئي. هو مستقبل جو ماڻهو هئو ۽ حال مان پنهنجو حصو وصول ڪندو رهيو. اهو ئي سبب آهي، جو "اداس نسلين" جهڙو شاندار ناول لکندڙ عبدالله حسين راشد سان ملندي چيو هو: It was a great privilege to know you

ساقي 1952 ۾، جڏهن ڪيس لکڻ پڙهڻ جي تڙپ پيدا ٿي، خاندان جي معاشي زوال باوجود جن ٻن ليکڪن جي ڪتابن کي ڳولڻ لاءِ ڪراچيءَ بوڪ اسٽالن جا ڌڪا کائيندو رهيو اهي هئا فيض ۽ منٽو. ان جي باوجود گهڻ پڙهئي ۽ اپ ڊيٽ رهندڙ ساقي فاروقي، جڏهن باقاعده ادب ۾ ميچوئر حيثيت حاصل نہ ڪئي تہ سندس گڏريل خيالن ۽ تصورن ۾ تبديلي آئي، جنهن جي هڪ جهلڪ هيءَ آهي: "1955 ۾ منهنجو پهريون غزل ڇپجي چڪو هئو. ترقي پسندن جو ساهہ سُڪي چڪو هئو پر نام نهاد ترقي پسند شاعري (يعني اها شاعري جنهن ۾ ٻڌايو ويندو هئو تہ هيءَ رات ڪڏهن ختم ٿيندي ۽ صبح جو سج ڪڏهن نڪرندو) اجا بہ ڪتابن ۽ رسالن ۾ عروج تي هئي، جيڪا سوين شاعرن کي مارينديِ بہ نہ مُئي ۽ اج بہ چند مُردن وٽ زنده آهي. فيض صاحب سحر، شام، مقتل، دار، سنگ، لوح ، قلم، صليب ۽ اهڙن ئي ڪئين لفظن جي قدر و قيمت کي آفاقيت مان ڪڍي،

محدوديت ۾ قيد ڪري ڇڏيو. هيءَ شاعري آسان، جوشيلي ۽ غير ذاتي هئي. هڪ رنگ جي مضمون کي سئو قسم جي ڍنگن ۾ رنگڻ واري هئي." سياست ۽ شاعريءَ جي باري ۾ سندس تصور کي ڪجھ هن طرح سندس ئي لفظن ۾ بيان ڪجي ٿو: "منهنجو سياسي مسلڪ اهو آهي تہ آئون ڪميٽيڊ سوشلسٽ آهيان. بلڪ لنڊن ۾ ديرو ڄمائڻ کان پوءِ وڏيڪ ڪاٻي پاسي سُرڪي ويو آهيان. پر شاعريءَ ۾ صرف هڪ ئي خيال ۽ هڪ ئي جذبي جو قائل ناهيان. ڇاڪاڻ تہ منهنجي ڪمٽمينٽ صحافت نہ پر شاعريءَ سان آهي، جيڪا پوريءَ ذات جو مڪمل اظهار گهري ٿي..." فيض جي باري ۾ اندر ۾ وڍ وجهندڙ هي مختصر پر معنيٰ خيز جملو: "ڇا اديبن مان ڪو اهڙو ناهي بچيو جيڪو فيض کي سياسي اعزاز ۽ ادبي اعزاز جو فرق ٻڌائي سگهي" هن موجب ادب ۾ سوال ڪرڻ، بزرگ اديبن سان اختلاف رکڻ يا انهن جي خامين جي نشاندهي ڪرڻ گستاخي يا بي ادبي ناهي.

بقول ليکڪ جي، هن آخري ڏهاڙن ۾ فيض صاحب کي رک رکاءَ کان سواءِ چٽيءَ ڏنو تہ: "گذريل ڏهن پندرهن سالن ۾ توهان جيڪي غزل ۽ نظم لکيا آهن، اهي توهان جي معيار جا نہ آهن. توهان مان ڪجھ بيون اميدون آهن. اها حقيقت آهي تہ توهان جيڪو "طرزِ سخن" ايجاد ڪيو هئو اهو ئي گلشن ۾ "طرزِ فغان" ثابت ٿيو آهي. پر توهان شاعريءَ کي وقت ڏيڻ بجاءِ ماڻهن کي وڏيڪ وقت ڏيڻ ڪري پنهنجي ليول کان تمام هيٺ ڪري پيا آهيو. ان کان پوءِ توهان جي ڳالھ ٻولھ ۽ لکڻين مان خبر پوي ٿي تہ گهٽ ۾ گهٽ 20 سالن کان توهان ڪو نئون ڪتاب ناهي پڙهيو جيڪا اردو ادب سان وڏي زيادتي آهي."

هو ادبي تنقيد ۾ ڪنهن منافقت جو قائل نہ ٿو ڏسڻ ۾ اچي، پر ان ميدان ۾ سندس قبلو بہ ساڳيو ئي آهي، جيڪو مير تقي مير، حسرت موهاني، ايزرا پونڊ ۽ ڊي ايچ لارنس وارن جو آهي. ۽ ها! فيض جي باري ۾ سندس هيءَ راءِ بہ ٻڌڻ وٽان آهي:" آئون بہ ڏهايون مُڙي ڏسان ٿو تہ فيض جهڙي غير معمولي فرشتہ صفت انسان تي صرف هڪ داغ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ اهو آهي سندس ماڻهن سان تمام گهٽي اٿ ويھ. ان جا ڪئين نظارا منهنجي گناهگار اکين ڏٺا آهن. اهم صحافين سان ناهي رکڻ، ڪجھ بيوقوفن کي بار بار خط لکڻ، هڪ ئي قسم جا مهاڳ لکڻ وغيره وغيره. اهي سڀ سندس سياسي روين جون ڪرامتون هيون. هاڻي سوچيان ٿو تہ اهڙي سهڻي شاعر کي ست خون بہ معاف هئا، هو شاعر هئو ۽ رهندو نہ هن پيغمبريءَ جي دعويٰ ڪئي، نہ پيغمبر هئو."

سندس هن آتم ڪٿا ۾ زندگيءَ جا ڏک سک، محبتون نفرتون، اديبن جا پاڻ ۾ اختلاف، هڪ ٻئي تي جائز ناجائز تنقيد، علمي ادبي بحث مباحثا، خاص طور اردو ادب جي وڏن شاعرن فيض ۽ راشد وغيره جي اختلافن ۽ سندن شخصيتن تي پُر مغز تنقيدي رايا شامل آهن، جيڪي ليکڪ تمام سهڻي نموني بيان ڪيا آهن. گڏوگڏ سندس ٻولي، لفظن ۽ جملن جا تخليقي جهَٽ، دنيا جهان جي اديبن ۽ ليکڪن جا

قول، ڳالهيون، هن ڪتاب جي زينت بڻيل آهن. هو اهڙي قسم جي جديديت جو قائل آهي، جنهن سان ليکڪ نين حالتن ۾ لکڻين بابت اپ ڏيٺ رهندو هجي ۽ نتيجي ۾ نوان نوان خيال تخليق ڪندو رهي. هن پنهنجي زندگيءَ جي لاهن چاڙهن کي قلم جي تکيءَ رَهڙ سان پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي شخصيت جا سيئي پاسا پڙهندڙ اڳيان کولي رکيا آهن. هن ۾ سندس ۽ سندس خاندان جي باري ۾ زندگيءَ جا ڪڙا سچ به شامل آهن. جن مان اها به خبر پوي ٿي، ته انسان صرف انسان ئي هوندو آهي، هو مڪمل فرشتو يا مڪمل شيطان ناهي هوندو. جيتوڻيڪ زندگيءَ جي ڪيترن ئي شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتن پنهنجون آتم ڪٿائون لکيون آهن، پر هن آتم ڪٿا پڙهڻ سان پڙهندڙ جا واڄٽ وڃيو وڃن. جنهن ۾ سچ جو سِچ جرڪندي نظر اچي ٿو ۽ ڪريون حقيقتون بغير ڪنهن "محمود و اياز" جي فرق جي، هر ڪنهن جا ڪنڌ ڪپيندي نظر اچن ٿيون. هن ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ پڙهندڙ اردو ادب خاص طور اردو شاعريءَ جي جهان کان چڱيءَ ريت واقف ٿئي ٿو.

# ڳُهر: پنهنجي نالي وانگر نرالو ناول

میر حسن آریسر



ڪوهيڙي کي اردوءَ ۾ "ڳُهر" چوندا آهن، جيڪو محمد الياس جي ان ناول جو نالو آهي، جنهن جي آغاز کان اختتام تائين، پڙهندڙ هر پل حيرت جي هندي وڏي سمنڊ ۾ ٻُڏندو ۽ ترندو تو رهي.

هيءَ ناول پڙهڻ کان پوءِ پختي يقين سان ڊي- ايچ لارنس جي اها ڳالهه ورجائي سگهجي ٿي ته "ناول، دوربين کان وڏيڪ اهم ايجاد آهي."

پنج سئو چاهتر صفحن تي مشتمل بيحد حسين سرورق ۽ سهڻي ڪاغذ تي ڇپيل هن ناول جي آخري سٽ پڙهڻ وقت منهنجي چپن تي آيل خود ساخته لفظ هئا:

"الامان والحفيظ.." جيڪي ڪتاب جي پچاڙڪي پَني تي تحرير ڪري ڇڏيا اٿم.

اهي لفظ منهنجي لاشعور مان ڪنهن جهنگلي ڪبوتر جيان شايد ان ڪري به پڙڪو کائي چپن تي اچي ويا هوندا، جو هن ناول جو مکيہ ڪردار ذوالقرنين ورهاڱي جي واچُوڙي ۾ ڪک پَن جيئن اڏامي پاري جهڙي سرد پرهہ جو ڪنهن اجنبي بستيءَ ۾ پهتل ماءُ جي هنج ۾ ستل اهو بار هو جنهن لاءِ امن ۽ تحفظ ئي پهرين ترجيح هئا. ۽

ساڳيو ڪردار پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي پنهنجي جنازي نماز ادا ڪندي، پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو گل ڪرڻ جو ارادو ڪري، تڏهن به امن ۽ تحفظ سندس پهچ جي دائري کان ٻاهر ٿيون هجن. نه رڳو ايترو، پر 'ميگي' کان 'معصوم' ۽ 'ڪلثوم' کان 'جلال' تائين، هن ناول جو ڪو به وڏو ننڍڙو ڪردار ڪنهن هڪڙي لمحي لاءِ به پاڻ کي محفوظ نٿو سمجهي.

"ملڪي تاريخ جي چاليهارو سالن جو احاطو ڪندڙ هيءَ ناول تڏهن اڃا به وڌيڪ وضاحت سان سمجهه ۾ ٿو اچي، جڏهن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي ليکڪ جي صاف سُٿري تصوير هيٺان ڇپيل هي سٽون ٿيون پڙهجن ته، "تاريخ ۾ نالن ۽ تاريخن کان سواءِ ڪجهه به سچ نه ٿو هجي، پر حقيقي ادب پاري ۾ پنهنجي دور بابت سچ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو آهي."

ورهاڱي کان ضياءالحق جي زماني تائين ڦهليل هن ناول ۾ هڪ طرف ملڪ جي سياسي، سماجي، معاشي ۽ معاشرتي تاريخ جا هي پرتوا پکڙيل آهن، جن ۾ ملڪي تاريخ جون سموريون مشڪريون ڪنهن جيئري جاڳندي وجود جيان ساهه کڻي رهيون آهن، ته ٻئي طرف محمد الياس جا تخليق ڪيل اهي ڪردار آهن، جيڪي ملڪ ۾ موجود هر قوم، طبقي، سوچ ۽ فڪر جي ڀرپور نمائندگي ڪندي نظر ٿا اچن۔ ۽ اڃا به اهم ڳالهه ته ناول نگار جي اک کان سندس موضوع سان لاڳاپيل ڪا به حقيقت ورلي اوجهل نظر ايندي. حقيقت اها به آهي ته سڄيءَ دنيا جي مهاجرن جي هڪڙي مخصوص نفسيات ٿيندي آهي، جيڪا بوقت ضرورت حافظ برخردار جهڙن چڱن ماڻهن جي حفاظت ۾ هلي ايندي آهي. پاڪڙا پهلوان جهڙن ڪنڌار مڙسن ساوا واسطيداري وڌائيندي آهي. مارگريٽ جهڙين معصوم نياڻين کان ڏيکاءَ واري پيار عيوض ٻارن جي پالنا ڪرائيندي آهي. مظلوميت ۽ همدرديءَ کي وڏي حرفت ۽ چالاڪيءَ سان مال ميڙڻ جي ڪم آڻيندي آهي. "خان هائوس" جهڙن محلن ۾ ويهي پنهنجو طبقو تبديل ڪندي آهي ۽ پوءِ ذوالقرنين جي پيءُ اسلم خان وانگر هر سال حج جون سعادتون حاصل ڪندي، مجلس شورا جي ميمبر بڻجي، ساڻس چڱايون ڪندڙ ماڻهن جي نالن تي ليڪ پائي ڇڏيندي آهي. حقيقت اها به آهي ته حضرت گل جهڙي مخلوق پنهنجي قومي نفسيات تحت مذهب جي الڳ تشريح ڪندي، وياج کي ڪاروبار قرار ڏيندي آهي ۽ خرڪار مان ڦري زدار ٿي ويندي آهي.

حقيقت اها به آهي ته اسلم خان ۽ حضرت گل جهڙن ماڻهن جو اولاد پنهنجي طبقي کان بيزاريءَ ۽ بغاوت جو اظهار ڪندي، ذوالقرنين ۽ جلال خان بڻجي ويندو آهي، محبت جو جهان جوڙڻ جي جستجو ڪندو آهي، روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان جهڙن نعرن جو شڪار ٿيندو آهي. دوکن جي ٻرن مان ڏنگجي ڪڙي پاٽيءَ ۾ پناهه وٺندو آهي. رواجي معنيٰ ۾ ناجائز ٻار جڻيندو آهي. اذيت ۽ اضطراب جي جهنگ ۾ ڀٽڪندو آهي ۽ آخرڪار موت جي مُنهن ۾ هليو ويندو آهي.

حقيقت اها بہ آهي تہ مارگريٽ جھڙيون معصوم 'ميگيون' ذلتن جي ذليل گهڙين ۾ پنهنجن نرم هٿن ۾ پٿر کڻڻ تي مجبور ڪيو وينديون آهن ۽ سندن نازڪ آڱريون پنهنجن محبوبن جا وار سنوارڻ بدران بندوق جي ٽائيگر تي رقص ڪرڻ لڳنديون آهن. ڪلثوم جھڙيون ڪامڻيون خالد صاحب جھڙن مڙسن کي پيرَ ۾ لڳل ٻاھري ڪنڊي وانگر ڪڍي ڦٽو ڪنديون آهن. ريشم جان جهريون بظاهر طوائف عورتون پنهنجي محبوب جي قاتل کي قتل ڪري ساھہ پٽينديون آهن. غلام حسين جھڙا حساس ۽ نفيس ماڻهو ماڻهن جي جهنگ مان ڀڄي ڀهاڙن ۾ پناھہ وٺندا آهن ۽ ان کان سواءِ هر اها حقيقت بہ هن ناول ۾ نظر ايندي، جيڪا اسان مان هر ڪو ماڻهو روزاني پنهنجي آسپاس گهمندي، ڦرندي ڏسندو آهي.

پنهنجي دور کي سمورين چڱاين، مٺاين، ڦرلٽ، ڌيڙ ڌونس، تعصب، اڻ برابري، دغابازين ۽ چالبازين سميت محمد الياس پنهنجي تخليقي آئيني "ڳهر" ۾ جنهن ڪاريگريءَ سان قلمبند ڪيو ڪري، اهو بنا ڪنهن شڪ جي، اردو زبان ۾ ڪمال جو ڪارنامو آهي. هن ناول جي ٻولي، اسلوب، تشبيهون، طنز مزاح ۽ ڪردارن جي ڪنٽينيوٽي ليکڪ جي مشاهدي، مطالعي ۽ نفيس خياليءَ جون آئينہ دار آهن.

نہ رڳو ايترو پر "ڳهر" جي ڪردارن ۾ "شاھہ جي رسالي" وارن ڪردارن سان هڪڙي گهري مشابهت پڻ آهي، جنهن جو احساس ۽ اندازو محمد الياس کي نہ چاڻ ڪيترو هوندو پر شاھہ جي هر پاڙهوءَ کي پروڙ هوندي تہ سهڻي، مومل، ناتر ۽ ليلان سميت ڪجهہ سُورميون ان دور يا گهٽي حد تائين هاڻوڪي دور جي مروج سماجي قدرن سان مطابقت رکندڙ نہ هيون. باوجود ان جي لطيف جي فنڪارانہ پيشڪش رواجي اخلاقي قدرن جي رکوالن کي جنهن نموني بي وسيءَ سان بي زبان بڻائي ڇڏيو ان کان وڌي سچي فن جي فتح ٿي نہ ٿي سگهي.

بلڪل ساڳيءَ ريت هن ناول جا سمورا وڻندڙ ڪردار پڻ پنهنجي دور جي رائج القدر سماجي اخلاقيات جي دائري کان ٻاهر بيٺل نظر ايندا. ذوالقرنين، جلال خان، غلام حسين، پاڪڙا پهلوان، مارگريٽ، ڪلثوم، ريشم جان ۽ مائي مکني سميت ڪنهن بہ ڪردار کي سماج جي مروج اخلاقي سانچي ۾ فٽ نٿو ڪري سگهجي، پر اها محمد الياس جي فنڪارانہ پيشڪش ئي آهي، جيڪا هر پڙهندڙ کي هنن ڪردارن سان پيار ڪرڻ تي مجبور ٿي ڪري- ۽ اها ئي سچي فن جي فتح آهي.

ڏسي ڇڏيو سين ظلمتن جي ڪارخاني سان،
ڪوئي فنڪار وڙهي ٿو تہ پوءِ ڪيئن ٿو وڙهي. (مظهر)

mirhassanarisar@yahoo.com

# سدائين سفر ۾

## اديبن سان سفر جو دلچسپ داستان

علي حسين




يوسف سنڌي پنهنجي تخليقي ۽ علمي سفر جي حوالي سان هميشہ کان گهڻ طرفو رهيو آهي. هن جي شايع ٿيل لڳ ڀڳ 40 ڪتابن ۾ جيتوڻيڪ گهڻو حصو ترجمو ٿيل ڪتابن جو آهي، پر هن ناول، ڪهاڻين، تاريخ، سوانح عمرين سميت ادب جي ڪئين موضوعن تي دل جي سچائيءَ ۽ ڪمٽمينٽ سان ڪم ڪيو آهي. هو گهڻو لکندڙ آهي ۽ مسلسل لکندڙ آهي. اها خامي بہ آهي ۽ خوبي بہ آهي، پر بهرحال هن جي موضوعن جي گهڻ رنگائي هن جي خامين کي دٻائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ۽ پڙهندڙ هن جي سادگيءَ ڀري تحرير مان بہ ڪي دلچسپ ۽ پنهنجيءَ پسند جون ڳالهيون هٿ ڪري ئي وٺي. هن ڀيري هن پڙهندڙن سان پنهنجون سفري يادگيريون شيئر ڪيون آهن، جيڪي هن ان سفر بابت لکيون آهن، جنهن ۾ سنڌ، بلوچستان، خيبر پختونخواهہ صوبي جا اديب شامل هئا ۽ ان سفر ۾ هنن پنجاب جا مختلف تاريخي شهر، علمي ادبي ادارا گهمي ڏٺا تہ اديبن سان رهاڻيون بہ ڪيون. اڪيڊمي ادبيات پاڪستان پاران ڪرايل هن سفر ۾ يوسف سان گڏ سنڌيءَ جا ٻيا بہ ڪئين نامور شاعر ۽ اديب گڏ هئا(۽ ظاهر آهي تہ اهي سمورا اديب اهي ئي آهن، جيڪي اڪيڊمي ادبيات جا پسنديده ۽ سدائين اهڙن سفرن جا شريڪ رهيا آهن. سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اڪيڊميءَ جي سنڌ چيپٽر واري ڊائريڪٽر نور محمد پناڻ کي هيڏي وڏيءَ سنڌ ۾ ٻيا ڪي شاعر اديب نظر ڇو نٿا اچن؟!) انهن سان گذاريل گهڙين، دلچسپ ڳالهين ۽ سفر دوران پيش آيل واقعن سميت هن گهمي ڏٺل شهرن ۽ ادارن بابت ڪافي تاريخي معلومات بہ ڏني آهي. گڏوگڏ ننڍين قومن ڏانهن پنجاب جي ماڻهن ۽ اسٽيبلشمينٽ جي رويي، سرائيڪي يا بهاولپور صوبي جي مطالبي سميت ٻين ڪئين اهم سياسي معاملن تي بہ غير رواجي انداز ۾ روشني وڌي اٿس.

هيءَ سفرنامو جيتوڻيڪ هڪ اديب جي اديبن سان گڏجي ڪيل سفر جو داستان آهي، پر ان کي جنهن نموني يوسف تاريخي ۽ سياسي پسمنظر ڏنو آهي، تنهن سان ان جو دائرو وسيع ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ سفرنامي جي ٻولي بلڪل عام بيانيہ ۽ سادي

قسم جي آهي، پر ان ۾ جيڪو تسلسل ۽ وهڪرو آهي، تنهن منجهس دلچسپيءَ جو عنصر وڌائي ڇڏيو آهي. يوسف جو لهجو ۽ انداز دوستاڻو آهي ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي مصنوعيت ۽ بناوت ڪونهي، نتيجي ۾ پڙهندڙ هن سموري سفر ۾ ساڻس گڏ گڏ هلندو رهي ٿو. هي سفرنامو هڪ قسم جي رپورتاز به آهي ته يادگيريون به آهي ۽ منجهس خاص خوبي اها آهي ته پڙهندڙ هڪ ئي وقت ماضيءَ ۽ حال سان وک وک ۾ ڏئي هلندو محسوس ٿو ڪري. سفرنامي وسيلي اسين قديم سنڌ ۾ به جهاتي پائي سگهون ٿا ته حال جي حالتن سان به مڪاميلو ٿئي ٿو. يوسف لکڻ مهل روايتي رک رکاءُ کان به ڪم ناهي ورتو جنهن سبب سفرنامو وڌيڪ اوريجنل ۽ دلچسپ ٿي پيو آهي. 151 صفحن تي ٻڌل يوسف جو هيءُ ڪتاب "سدائين سفر ۾" ڪل ٻن هفتن ۾ لکيل آهي ۽ نتيجي ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ڳالهين يا جملن جو ورجاءُ به محسوس ٿئي ٿو ته حسن بيان جي ڪميءَ جو احساس به شدت سان محسوس ٿئي ٿو. پر پنهنجي موضوع ۽ ان ۾ آيل ڳالهين ۽ واقعن سبب هيءُ سفرنامو عام سفرنامن کان گهڻو مختلف به آهي ۽ اهم به!

# جت نه پکيءَ پير، تت ٿمڪي باهڙي

منظور ملاح




دنيا ۾ جيڪو شاهڪار ادب تخليق ٿئي پيو ان جو دارومدار ليکڪن جي تجربن، مشاهدن، ڪڙين حقيقتن، خارجي ۽ داخلي ڪيفيتن تي ٻڌل هوندو آهي. ڪن ليکڪن پنهنجي ئي شهر جي گهٽين، رودن، رستن، ماڳن ۽ مڪانن تي پير گسايا آهن، تنهن ڪري سندن لکڻين جو فوڪس به اهي ئي شهر رهيا آهن. ان سلسلي ۾ مصر جي نوبل انعام يافته اديب نجيب محفوظ، جنهن قاهره تي ٽن جلدن تي مشتمل ذهن کي جنجهوڙيندڙ ڪتاب Cairo Trilogy لکيو کان وٺي ترڪيءَ جي نوبل انعام يافته اديب اورهان پاموڪ به شامل آهن، جنهن پنهنجي شهر استنبول جي تاريخ، ثقافت، سياست، آرڪيٽيڪچر وغيره جو خوبصورت نقشو پنهنجي ڪتاب "استنبول" ۾ چٽيو آهي. پر ٻئي پاسي دنيا جا اهڙا گهمڪڙ ليکڪ آهن، جن در در جا ڌڪا کاڌا آهن، ڏکيون مسافريون ڪٽيون آهن، جهر جهنگ، درياءَ، جبل، شهر، ڳوٺ، رڻ ۽ ريگستانن مان پيرن هيٺان مٽي اڏائيندا ويا آهن، جن ۾ آمريڪي ليکڪ پال ٿيرو کان ويندي مستنصر حسين تارڙ جهڙا "ڏاڍا

مڙس“ ليکڪ شامل آهن. اهڙي ئي قسم جي ليکڪن جا پيرا جڏهن اسان سنڌ ڏانهن کڻون ٿا تہ ڪي چند مهم جُو نالا اسان جي اکين اڳيان تري اچن ٿا، جن ۾ بدر ابڙو ۽ انور پيرزادو وغيره شامل آهن، پر انهن نالن کي لکڻين جي معيار تي پرکبو تہ هڪ بيو وڏو نالو اسان جي سامهون ايري ايندو، جيڪو آهي سنڌ جو منفرد ليکڪ اشتياق انصاري. اچڙي ٿر جو ريگستان هجي، سنڌو درياءَ جو سير هجي، کير ٿر جبل جو سلسلو هجي يا هماليہ جبلن جي قطار، سنڌ جا ماڳ ۽ مڪان هجن يا يورپ جا تاريخي ۽ ثقافتي هنڌ، ملهہ جي راند هجي يا بل فائٽنگ واري ويڙهہ، اشتياق انصاري هر جاءِ جو مشاهدو ماڻيندي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن جي وڏي خوبي اها آهي تہ هيءُ ڇڻ پارهو ئي سفر ۾ هجي ٿو. تنهن ڪري ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ سندس ڪونہ ڪو ڪتاب مارڪيٽ ۾ ضرور ڏسجي ٿو. ڪتاب تہ سندس گهٽيئي لکيل آهن، پر هي مضمون لکڻ وقت جيڪو سندس ڪتاب منهنجي اکين اڳيان آهي، سو آهي: ”گورک.“ جنهن ۾ مختلف علمن جا ڪئين رنگ رنگيل آهن. ڪتاب جو مهاڳ بدر ابڙي لکيو آهي. جڏهن تہ ان ۾ ليکڪ جا بہ اکر شامل آهن، جنهن ۾ هن پنهنجو حال احوال اوريو آهي تہ ڪيئن هو نوجوان ليکڪن سان گڏجي، ڪنهن نہ ڪنهن ماڳ مڪان ڏانهن ڪاهي پوندو آهي. پر ان سان گڏ نون محققن لاءِ ڏاڍي زبردست ڳالهہ لکي اٿس تہ اهي ڪهڙي طريقي سان ڪنهن بہ تاريخي ڪوٽ، قلعي، ماڳ مڪان وغيره تي سٺي نموني تحقيق ڪري سگهن ٿا.

هن ڪتاب جو پهريون باب ”کير ٿر جبل“ بابت آهي، جنهن ۾ ان جي طبعي بناوت ۽ مختلف چوٽين جا حال احوال شامل آهن. ائين پوءِ گورک جي جاگرافيائي بيهڪ، نئين گاج، اتي جي آثار قديمن، لڪن لنگهن، قبيلن، ريتن رسمن، روايتن، تاريخ ۽ شخصيتن جهڙوڪ ميان نصير محمد ڪلهوڙو ۽ گاجي شاهہ بادشاهہ تي اثرائتي نموني قلم کنيو اٿس. گڏو گڏ مقامي بيمارين، روايتي ديسي علاجن، شادين جي رسمن، جهنگلي جيوت تي تفصيل سان لکيو اٿس. هن کير ٿر جي جابلو سلسلي ۾ موجود معدنيات جي بہ خبر چار لڌي آهي، تہ لوڪ ادب ۾ لوڪ ڪٿائن بيان ڪرڻ جي صورت ۾ بہ پير پسايا اٿس. اشتياق خوبصورت نموني اتان جي مقامي پهاڪن تي بہ قلم کنيو آهي. آخر ۾ هن پروفيشنل انجنيئر، سياح ۽ ڪميٽيڊ اديب طور گورک هل جي تفريحي ماڳ، ان تي پونڊڙ اثرن، قبضي گير مافيائن ۽ نتيجي ۾ متاثر ٿيندڙ مقامي ماڻهن جي حالت تي بہ ماتم ڪيو آهي. سندس هيءُ ڪتاب زندگيءَ جي مختلف علمن ۽ معلومات جو سهڻو گلدستو آهي. جنهن کي ڇهڻ سان علم جي خوشبو توهان جي اندر ۾ واسو ڪري ويندي. سندس ڪجهہ لکيل ڳالهين سان اختلاف هوندي بہ اهو چئي سگهجي ٿو تہ هيءُ ڪتاب سنڌ جي علم و ادب ۾ بهترين اضافو آهي، جنهن کي پڙهڻ سان گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري سگهجي ٿو.

# ڪئمپس ڪجاريون

عبدالواحد سومرو




تازو شهدادڪوٽ جي نوجوان شاعر بابر جاگيراڻيءَ جو ڪتاب "ڪئمپس ڪجاريون" ڇپجي سامهون آيو آهي. هيءَ ڪتاب قائدِ عوام يونيورسٽيءَ جي هڪ شاگرد بابر جاگيراڻيءَ جي شاعريءَ تي مشتمل آهي، جنهن ۾ هن يونيورسٽي جي ماحول ۽ زندگيءَ کي وڌيڪ فوڪس ڪيو آهي، جيڪا ڳالهه هڪ حوالي سان فطري به آهي. سندس شاعريءَ کي ڏسجي ٿو ته ان ۾ داخلي اظهار سرس موجود ملي ٿو. هن ڪتاب ۾ يونيورسٽيءَ ۾ گذاريل آخري ڏينهن جي خوشبو محسوس ڪري سگهجي ٿي. سگريٽ جي آخري ڪش ۽ آخري نظر جو پنهنجو لطف هوندو آهي، ايئن ئي يونيورسٽيءَ جي آخري ڏينهن کي پنهنجو حسن هوندو آهي، جيڪو هن ڪتاب جي شاعريءَ مان محسوس ڪري سگهجي ٿو.

يونيورسٽيءَ کي الوداع چوندي، وڇوڙي، يادن، ملاقاتن، ٿڌن شوڪارن کان وٺي ڪجهه نازنينن جي نخرن ۽ ادائن، اکين تي چڙهيل ڪارن چشمن جا داستان به رقم ٿيل ملندا. ٽُڪ جي رليءَ جهڙي شاعريءَ تي سعيد ميمڻ لکي ٿو: "اسان جو هيءُ نوجوان شاعر بابر جاگيراڻي به نازڪ جذبن جون تندون جيڪي تخيل جي رنگن سان رڱيل آهن، خوبصورتيءَ سان جوڙي اسان جي سامهون آيو آهي. سندس شاعري ٽُڪ جي رليءَ جيان آهي، پر ها، هيءَ ٽڪ جي رلي ڏسندي اهو احساس ضرور ٿئي ٿو ته ان جي چوڪڙين، ڪنڊن ۽ ماپ ۾ ڪافي جاين تي تناسب، موزونيت ۽ سائيز (وزن) ۾ ڪجهه کوٽ ضرور آهي. پر اڳتي هلي پختگي اچڻ سان اهي هلڪيون ڪوتاهيون دور ٿي سگهن ٿيون." هن پنهنجي آسپاس جي تجربن مشاهدن کي هيئن چٽيو آهي!

اداسـيـن ۾ پـيـي مُرڪـنـدا رهياســين،
اسان جي ادا کي نـہ سمجهي سگهيو ڪو.

بابر پنهنجي داخلي مسئلن کان سواءِ سنڌ جي اجتماعي مسئلن کي به پنهنجي شاعريءَ جو حصو بڻايو آهي. خاص طور غربت جي معاملي تي هن ڪجهه نئين انداز جا شعر لکيا آهن. مجموعي طور تي هن جي اظهار ۾ رس چس ۽ دلڪشي موجود آهي. باقي ظاهر آهي ته هو اڃا تازو تازو شاعريءَ جي جهان ۾ آيو آهي، ڪيس اوس محنت جي ضرورت آهي.

# SARANGAA

HYDERABAD
Regd. No. 5132
www.sarangaa.com




Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.